مڙن مون سين آءُ

سراج

مرڈ مون سین آءُ

(ناول)

سراج

نیو فیلڈس پبلیکیشنس
تنڈو ولي محمد، حیدرآباد سنڌ.
1992ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ چار

چپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڈو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
چپيندڙ	نيو فيمس پرنٽنگ پريس، هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد.
پهريون ايڊيشن	مارچ 1988ع
ٻيون ايڊيشن	ڊسمبر 1988ع
ٽيون ايڊيشن	جنوري 1992ع
ٽائيٽل	فتاح هاليپوٽو
قيمت	● /- ● رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائمر)

MARAY MOON SEEN AAU (Novel) written by SIRAJ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition March 1988. Second Edition December 1988. Third Edition January 1992 . Price Per Copy. Rs. ●/-

ارهان ٿو

سنڌ جي وريامن کي

سوڃ

پہ اکر

"مون سين آءُ" لکل وقت آءُ اڄا جوان مڙس هوس. مائهو چون ٿا تہ هاڻ آءُ ڪُراڙو ٿي ويو آهيان. ان ڪري ممڪن آهي تہ مون کي ايترا سال اڳ لکيل ڪتاب سان سنڌ جهڪو ٿي ويو هجي. ايئن ڪونهي. سنڌ جي تاريخ بہ پيرسن آهي، پر انهيءَ پيرسنيءَ جي باوجود اسان لاءِ، مون لاءِ ايتري ٿي اهم آهي، ايتري ٿي پياري آهي، جهڙي اُن وقت هئي جڏهن جوان هئي.

ڏک رڳو اهو اٿم تہ جيڪي جسي جنگ ۾ اجائي مصروفيت جي بهاني ڪتاب ڏهر سان پيو چڇجي. اها بہ شابس آهي فيروز احمد کي جنهن ٽڙ پيڙ ڪري مون کان نقل ڪرائي چپائي وڏو آهي. نہ تہ اڄا الائجي ڪيترا وڌيڪ سال پيو هجي ها.

ڪهاڻي ساڳي سنڌ جي آهي، جيڪا "پڑاڏو سوئي سڏ" ۾ هئي. پر اوهان کي سڏ بہ بدليل لڳندو، ۽ سڏ جو پڑاڏو بہ مختلف لڳندو. ڪيئن نہ اٿو، سو اوهان تي چڏيل آهي. رسول بخش پليجو جي چوائي جيڪڏهن سراج 'پڑاڏو....' نہ لکي ها تہ ڪيس اسين ردي‌ءَ جي ٽوڪريءَ ۾ ڦٽو ڪري چڏيون ها. الائجي هاڻ سندس کهڙي راءِ ٻهندي.

سواج

(۱)

"ڪچهريون قائم! بادشاهي برقرار!" سڀ نظرون اوپري ماڙهوءَ جي منهن ۾ سچائپ ڳولڻ لڳيون. جيڪو ماڙهو "بادشاهي برقرار" جو سلام ورائي، سو پنهنجو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ سانوڻ خاص طرح اوپري ماڙهوءَ جي منهن ۾ گهور پائي ڏسڻ لڳو. هن جو ويساهه هاڻ ڪنهن ۾ به ڪونه هو. ان ڪان اڳي جو سانوڻ کو ارڏو جواب ڏي، ڪنهن ڏاڍيان چيو: "ابا، پلي ڪري آئين!" هڪ پيرسن سانت کي ٽوڙيندي سلام جي جواب ۾ چيو. پر هن جي آجيان ۾ نه پنهنجائپ هئي، نه گرمجوشي.

"آءٌ مسافر آهيان، رات جا چار پهر گذاري هليو ويندس؛ پريان باهڙي ڏنم ته لڙي آيس. پنڌ پري اٿم ۽ ٻڏو اٿم ته هن ٻيلي ۾ رات وڪڙي لنگهڻ جو ڪم ڪان خالي ڪونهي."

سانوڻ ڪان پوءِ به رهيو ڪونه ٿيو، ۽ رڪائيءَ مان چيائين:

"ڪير مڙس آهين ۽ هت ڪيئن آيو آهين؟"

مسافر پهرين ته ڪو جواب ڪونه ڏنو، پر پوءِ چڙ ته هن کي پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي ۽ هن پڙڪو ڪاڍو:

"چيم نه ته آءٌ مسافر آهيان؛ رات جا چار پهر گذاري هليو ويندس. پلا جي اوهان کي ڪو اعتراض هجي ته پوءِ وري ڇڪيان پنڌ کي!" ائين چئي مسافر وڃڻ لاءِ مڙڻ لڳو.

پيرسن وري به ڌيرج سان چيو: "ابا، اسان وٽ گهر آئي مهمان تي ڪنهن کي به اعتراض نه هوندو آهي، ۽ رات جو وڪڙو آهي. تو پاڻ چيو ته هن ٻيلي مان رات جو مسافري جوکم واري آهي. همراهه ته توکان رڳو سچائپ ٿي ڪرائي؟ پر پائنجي ٿو ته توکي سچائپ تي به اعتراض آهي!"

مسافر گهڙيءَ لاءِ چپ ٿي ويو. هن پنهنجي آس پاس ٿي نظر وڌي: ڏاکو مڙسن جو، ڪانيون هٿيو، باهم جي چوڌاري، گول دائري ۾ ويٺو هو. ٽانڊاڻن جي هلڪي جوت ۾ سندن منهن ۽ ٽانڊاڻن جيان ڳاڙها ٿي لڳا. رڪي رڪي وٽن جي جهنڊ منجهان هوا جا سوسات ٿي آيا، ۽ ٽانڊاڻن جي جوت جهڪي ٽيڙ ٿي لڳي، ۽ ماڻهن بدران پاڇولا نچڻ ٿي لڳا. هن ڪي اها ڳالهه ياد آئي ته جڏهن هو ٻيلي ۾ داخل ٿيو هو ته چهري چيٽ ڪئي هئي. وري جڏهن باهم جو دئو ڏئو هٿائين تڏهن ۽ چهري جي چيٽ جو آواز ڪنن ٿي ٻيو هئس- ۽ جڏهن هو ويجهو پهتو هو، تڏهن ۽ ويٺل ماڻهن مان ڪوبه اٿي نه ٻيٺو. ان جو هڪڙوئي مطلب ٿو ٿي سگهي ته هنن همراهن کي اڳي ئي چتاءِ هو ته ڪو اوپرو ماڻهو ٻيلي ۾ داخل ٿيو هو؛ اهي سموريون ڳالهيون ڪن پل ۾ مسافر جي دماغ ۾ گهمي ويون. هي ڪي عام رواجي ماڻهو نه هئا. لاشڪ هي ئي ٻيلي جا شاهينگ هئا، جن ملڪ ۾ ٽرٽلو وجهي ڇڏيو هو ۽ ڏڪ ڪي اتر ڪان ڌار ڪري ڇڏيو هو..... پر هي مُٺ جيترا ماڻهو، شاهي لشڪر ڪان ڪيئن بچي سگهيا هئا، جن ٻيلي جي وڻ وڻ جي سار لڌي هئي..... متان، هي به واقعي مسافر هجن، ۽ چهري جي چيٽ.....

مسافر ڪجهه سوچي جواب ڏنو: "سچائپ وطن سان ٿيندي آهي: منهنجو ڪو وطن ڪونهي!"

هيءَ جواب نه هو، ڇڻ ته چهڪ هو، جنهن جي شپڪي جو آواز ڪافي دير هوا ۾ ٽنگجي ٻيهي رهيو. انهيءَ چهڪ جو ڏنگ سڀني محسوس ڪيو، پر سانوڻ ائين پائبو ڇڻ ته چهڪ سندس دل ۾ ڏنگي ويو هو. هو اٿي ٻيهي رهيو، ۽ مسافر ڪي ياڪر پائي، وڌي سڏ چيائين:

"ادا، مون کي بخش ڪجاءِ! منهنجو مطلب تو کي رنجائڻ نه هو!"

"پائو، آءٌ رنج ڪونه ٿيو آهيان..... پر جيئن اوهان ويساهم

وڃائي ويٺا آهيو، تيئن آءٌ بہ ويساهہ وڃايل آهيان!"

سيني سان ڪيڪر ڪري، مسافر بہ ڪانپ ٻڌي ويهي رهيو. سانوڻ بہ ساڻس گڏ ويهي رهيو. مسافر خود ئي ڳالهہ چوري: "پاڻو، نالو دلاور اٿر، ذات جو پنوهر آهيان. وينجهرڪي وسيءَ جو ويڙل آهيان. دريا جي ڪپ تي پنهنجو ٻنيءَ ڏکر هٿر: سکيو ٽکر تہ نصيب ڪونہ هو: هر لاباري تـي مغل اچي پنهنجو اڏ ڪٽي ويندا هٿا. جيڪي بچندو هو، تنهن مان ڏ ڪيا سڪيا ڏينهن پيا گذرندا هٿا. دين دنيا ۾ هڪڙي نياڻي هيم، جنهن کي ڏسي پيا جيئندا هٿاسون...."

مسافر جي ڳچيءَ ۾ جڙ ڳنڍ ٻڌجي وئـي. سيني محسوس ڪيو تہ مسافر پنهنجي دل ڪـي ڪوري ڇڇري پيو ڳالهائي. ڏڏو شوڪارو پريندي مسافر پنهنجي ڳالهہ اڳتي وڌائي: "گذريل سانون ۾ اسان جي ڪوٽ ڏاڙو لڳو، آءٌ ڏٽي ويل هٿس. ٻوڏي آيس تہ گهر ۾ ڪاريءَ وارا ڪک هٿا: منهنجي گهر واري ڀڳن جـو ٻک ٽي وٺي، ۽ منهنجي نياڻيءَ کي شاهينگ ٻاڻ سان گڏ زوريءَ کڻي وڃا. منهنجي تہ دنيا ئي اونڌهہ ٿي وئي. عامل وٽ دانهين ٿي ويس. عامل خط ڏئـي ڏٽي موڪليو. امير وٽ دانهن پهچائڻ ۾ ٿي مهينو لڳي ويو. پوءِ هلي تفتيش: ڪوٽ وارن مان ڪن چيو هو، "شاهينگن جون ٻڌيون ٻڌل هيون، انڪري پڪ نـہ هٿي تـہ ڏاڙي ۾ اصل جوابدار ڪير هٿا: پر هنن وڃڻ مهل ڏٽي جـي امير جو نالو اهڙي نموني ورتو هو جنهن مان گمان هو تہ ڪي مغل سپاهي هٿا!

"آخر تفتيش ڪانپوءِ مون کـي چياڻون تہ ڏاڙو سانوڻ جي ٽولي هنيو هـو. شاهي لشڪر اڳي ئي سندن ڪيڙ هـو، ۽ جڏهن ٽولو جهليو، تڏهن منهنجي نياڻي مونکي پهچائي ڏينداٿ!"

سانوڻ جو منهن ٽامٽي هڻي ويو. ڪا گهڙي ڪنهن ڪونہ ڳالهايو. پوءِ سانوڻ چيو: "مغل ڪميٽا ڪوڙ تا ڳالهائين؛ سانوڻ جـي ٽولي ۾ اڃا ڪو اهڙو بيغيرت نہ ٿيو آهـي جو پنهنجي ٿي

نياڻين ۾ هٿ وجهي!" سانوڻ جي لفظن ۾ باهه جون ڇيون آلر ڪري آيون، ۽ سيني ڪي انهن جو سيڪ ٽاڻاڻن ڪان ۽ وڌيڪ محسوس ٿيو. دلاور ڪي ۽ هڪ اچاتو ڊپ ويڑهي ويو. مڃاڻ هي ۽ ڪي سانوڻ جا ساٿي هجن، پوءِ تہ هن جي پنهنجي سر جو ۽ خير ڪونہ هو. هن سانوڻ ۽ سندس ساٿين بابت ٿڌي ۾ جيڪي ڳالهيون ٻڌيون هيون، تن ڪي ياد ڪري هن جي لونءَ لونءَ ڪانڌارجي وئي. مغلن جڏهن سانوڻ جي ڳالهہ ٿي ڪئي، تڏهن سندن منهن تي ڪاوڙ، نفرت ۽ ڊپ جا اهڙا آثار ٿي پيدا ٿيا، جن هنن ڪي بدصورت بڻائي ٿي ڇڏيو. البت اها عجيب ڳالهہ هئي تہ ڪنهن ۽ سنڌيءَ جي واتان هن سانوڻ يا سندس ساٿين جي باري ۾ ڪجهہ ۽ نہ ٻڌو هو. پاڻ اهي سرگوشيون سندس ڪنن تي ٻيون هيون تہ ٿڌي جا مدرسا، مسجدون ۽ يتيمخانا سانوڻ ۽ سندس ساٿين جي مدد تي ٻڌي ڪڳيا. هن اهو ۽ ٻڌو هو تہ ٿڌي شهر ۾ ڪيترا گهر اهڙا هئا، جن ڪي هر مهيني خرچ پکو ڪي اوپرا ماڻهو ڏئي ٿي ويا، جن لاءِ ڇيو ٿي ويو تہ اهي سانوڻ جا ماڻهو هئا.

مسافر هڪندي ڇيو: "ادا، منهنجو مطلب سانوڻ يا سندس ساٿين جي مٽائي ڪونہ هو. مون تہ رڳو اها ڳالهہ چئي، جيڪا ٿڌي جي مغلن ٿي ڪئي...."

سانوڻ ڪيس دلداري ڏيندي ڇيو: "ڀائو، سانوڻ جي نالي ڪٿندڙ مغلن جا ۽ مقصد حل ٿا ٿين: هڪڙو تہ پاڻ جيڪي ڏاڙا هڻن، ڦرون ڪن، سي ڪين ڦهيو وڃن، ۽ ٻيو تہ سانوڻ ۽ سندس ساٿين لاءِ سنڌين جي دل ۾ نفرت پيدا ٿئي ٿي. خير باقي رهي تنهنجي نياڻيءَ جي ڳولا، ان جو ۽ ڪو بلو ٿي پوندو. هاڻ تون پلي آرام ڪر، سياڻي نڻين سڄ، نيون ڳالهيون!"

سانوڻ جي اشاري تي هڪڙو ماڻهو اٿي بيٺو، ۽ گهڙيءَ ڪانپوءِ فراسي، وهاڻو ۽ راسي ڪڻي آيو، ۽ اتي ئي باهہ ڪان ٻورو

پرپرو مسافر کي وڃائي ڏنائين. مسافر کو وقت پريان ويئل همراهن کي اوندهه مان گهوريندو رهيو. هن کي سمجهه ۾ نه آيو ته هي همراهه ڪير هئا، ۽ هت ٻيلي ۾ ڪٿي ٿا رهن. ضرور وٽن ڪا اهڙي جاءِ آهي جتي کاڏي پيتي ڪانسواءِ هنڌ بسترا موجود آهن! ۽ هي همراهه ڪير هو، جنهن سائس ائين ٿي ڳالهايو جڻ ته هو سندس ورهين جو ڄاڻو سڃاڻو هو. ڪيڏي مهل سندس ڳالهائڻ ۾ تلوار واري ڌار هئي ته ڪيڏي مهل ماڪيءَ ڪان ٻه مٺو هو. ۽ سندس ساٿي سندس اڳيان ڪيئن نه سانت ۾ هئا. متان هي سانوڻ جا ڪي ساٿي ته نه هئا! ۽ جي سانوڻ جا ساٿي هجن ها ته هن کي جيئرو ڪيئن ڇڏين ها، يا وري ڪيس پاڻ وٽ ڪيئن ٽڪائين ها! ۽ اوچتو مسافر کي ڊپ ورائي ويو ته ڪ ٿي پڪ سمهڻ ڪانپوءِ ڪيس ڪُهي ڇڏيندا- اهو خيال ايندي ئي هن جي ننڊ پَر ڪري اڏامي ويئي، پر پوءِ رفته رفته جيئن جيئن رات پڇندي وئي، ٺرندي ويئي، تيئن تيئن هن جون اکيون ننڊ کان گريون ٿيندڙيون ويون، ۽ هن کي الائي ڪيڏي مهل ننڊ اچي ويئي. ✱

سانوڻ جڏهن به ٿئي اينڊو هو، تڏهن سندس دل گهري گهري محسوس ٿيندي هئي، پوءِ ڪٿي سوين دفعا ٿئي آيو هجي.....ٿئو، جنهن جي نالي سان ڇڻ سندس روح جڙيل هو: هي ٿئو ٿي ته هو جنهن جي گهٽي گهٽيءَ ۾ سندس وڏي چاچي سوڊي جو نالو ٻڌڻ لڳندو هو، ۽ اڄ به پوڙها پڪا مغل سوڊي جو نالو ٻڌي ڪنبي ويندا هئا. سوڊي جي نالي تي ڪئين ڏند ڪٽائون ڏهي ٻيون هيون. سوڊي جي ساڻي هجڻ جي شڪ ۾ سوين شاگردن ۽ استادن کي ٿئي جي چونڪن ۾ ڦاهيون ڏنيون هٽائون! هو اهي داستان ٻڌي ٻڌي وڏو ٿيو هو: هن جي اکين جي اڳيان اڄ به سوڊيءَ سنگهار جون شڪليون پنهنجي سموري شجاعت ۽ سورهيائيءَ سان روشن لات جيان ٻرندڙ هيون. سندس پيءُ جيسين جيئرو هو، تيسين سندس چپ چپات ڪي فقط سوڊي يا سنگهار جو نالو ئي ٿوڙي سگهندو هو: هن کي صديون اڳ اهو ڏينهن ياد آيو، جڏهن سيوهڻ واري معرڪي ڪانپوءِ سوڊي جو لاش ڳوٺ پهتو هو تڏهن ائين ٿي پاڻيو ته سموري سنڌ اٿلي پٿلي هئي. مغلن کي اهو اچي پوڻ ٿيو هو ته هي هزارين ڪاندڙ متان وري ڪا نئين بغاوت ڪن. هن ماتر جا ڪئين رنگ ڏٺا: ٻيڙا جهور پوڙها هن جي لاش اڳيان لنگهڻ وقت ڇڻ ته مرشد جي پيراندي ۽ ڪان ٿي لنگهيا، جنهن ڏانهن سندن عقيدت گهوڙهن جي روپ ۾ سندن ڏاڙهين کي پنيولي ٿي ويئي. وچولي عمر وارا ۽ جوان تمندڙ اکين سان، خاموش، مبهوت، اوچي ڪاٽ لنگهي، هن جي پيراندي چمي، ڇڻ ته پاڻ سان ڪو عهد ڪندا ٿي وياء هن جي دفن ڪرڻ وقت هزارين اوچنگارون آپ کي وگهاريندين ٿي ويون!

پر هن کي اهو منظر به ياد آيو، جڏهن هن جو پيءُ سوڍي جو آخري ديدار ڪرڻ لاءِ ڪٺ ڏانهن وڌيو هو. هن جي اکين ۾ لڙڪ نه هئا، هن کوبه سڏڪو نه پريو: سانوڻ کي هٿ کان جهلي، هو لاش جي سيراندي ۽ وٽ اچي بيهي رهيو، ۽ سانوڻ جو هٿ جهلي سوڍي جي اکين تان گهمائي، ڪيس مخاطب ٿي چيائين، "سانوڻ، شل تو کي به هڙو سورهيه موت نصيب ٿئي!"

۽ پوءِ هن جو پيءُ جيسين جيئرو هو، تيسين ڪيس سوڍي جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو، سڏ جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو، ٿٽي جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو، ۽ دادن جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو، جنهن کي هيبت خان پاڻ سان گرفتار ڪري آگري وٺي ويو هو؛ سنگهار جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو جنهن جي خبر نه پئي هئي ته ڪٽي هو!

۽ اڄ هو وري ٿٽي آسهيو هو ته هن کي اهي سموربون ڳالهيون ياد اچي رهيون هيون. آن ڳالهه کي ٽيهه ورهيه ٿي ويا هئا. هاڻ ته سانوڻ جي عمر بـ، اچي موت ڪاڏي هئي. ٿٽي جي عمر به موت ڪاڏي هئي: ارغونن ترخانن جي حڪومت بدران هاڻ دهليءَ کان مغلن جي حڪومت هلندي هئي. پر سڏ وارن لاءِ ٿٽي، سيوهڻ، چانڊڪا، سکر ۽ اروڙ وارن لاءِ ڪو فرق ڪونه پيو هو. جي ڪو فرق پيو هو ته اهو ته رفته رفته ماڻهن ۾ هڪ گهر، ڪا نند چائنجندي ٿي وئي جڏ هنن ڪجهه به ياد ڪرڻ نه ٿي گهريو! ائين به نه هو ته ڪا سڏ ۾ مات ٿي وئي هئي. اڄ به راتاها ايندا ها، نديون وڏيون بغاوتون ٿيندیون هيون، پر انهن ۾ اها ڳالهه نه هئي جيڪا اڳي ٻڌبي هئي. ماڻهن ۾ هڪ عجيب اڻ چاڻائي، ڪسمپرسيءَ ۽ بيوسي اچي وئي هئي. سيڪو پنهنجي ڪل بچائڻ جي فڪر ۾ هو. ان ڪل بچائڻ ۾ ڪيترا سنڌي مغلن وٽ پاڻ وڪائڻ لڳا هئا. انهيءَ پاڻ وڪائڻ ۾ نقصان ڪوبه نه هو، فائدو ئي فائدو هو: هونئن جيڪا

گاله چغلخوري سمجهبي هئي، سا عادت بڻجندي ٿـي وئي. مغلن جي نوڪري ڪرڻ ۾ هـاڻ کو عيب ڪونه سمجهيو ويندو هو. مغلن جي مخبري ڪرڻ تي ڪن کي واپار وڙي ۾ فائدو ٿيڻ لڳو هو ته ڪن کـي جائدادون ۽ جاگيرون ملڻ لڳيون هيون. هڪڙن جـي جائدادن ۽ جاگيرن کي ڏسي، پيا انهن جـي ٽنگ ڇڪڻ ۾ مصروف هئا. اڳي مغلن کي سڳ ڏيڻ گناهه کان گهٽ نه هو، ۽ هاڻ ڏاڍ ڏوم سان سڳ ڏنا ويندا هئا. مدرسن جا ڪيترا عالم سنڌيءَ بدران فـارسيءَ ۾ شاعـري ڪرڻ لڳا هئا، ۽ اهڙيون محفلون مچڻ لڳيون هيون، جتي فارسي شاعريءَ جـو داد حاصل ڪرڻ لاءِ پئسا ڏنا ويندا هئا. امير جي درٻار تائين رسائي حاصل ڪرڻ جڻ ته هڪ ڪاروبار ٿـي پيو هو، ۽ چڱا ڏسٽا وائسٽا ماڻهو ڪنهن مغل جـي دوستيءَ جـو دم ڀرڻ لاءِ دعوتون جهلينداهئا. پنهنجي اولاد کـي فارسيءَ جي تعليم ڏيارڻ لاءِ دهلي ۽ آگري موڪلينداهئا ته جيئن مغلن جي درٻارين ۾ کا نوڪري ملي وڃـي. ٽيهن سالن ۾ سنڌي ماڻهن جو نقشو ئي بدلجي رهيو هو: هاڻ آزاديءَ ۽ غلاميءَ جـي گاله ڪنهن بـه ڪرڻ نـه ٿي گهري. هاڻ جيڪڏهن ڪنهن اڙڪي اڙينگ ماڻهوءَ سنڌ جي گاله ٿي ڪئي ته هن کي اهو چئي چپ ٿي ڪرائي ويئي ته سنڌ هـاڻ اسلامي سلطنت جو هڪ صوبو هئي، ان جي آزاديءَ جي گاله ڪرڻ اسلام جي خلاف آهي. سنڌ ته باب‌الاسلام هئي، ۽ هاڻ مٿس سچن پچن مومنن جـي حڪومت هئي. انهن جي مخالفن تي اسلامي تعزيرون لڳنديون ۽ کين اها سزا ملندي جيڪا سزا مرتد جـي هئي. ائين ماڻهو ڦاهيون چڑهندا رهيا؛ اهي وعظ بـه بڌندا رهيا، ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري، ڪلما پڙهندا، ڇڙوڇڙ ٿيندا رهيا!

اندر سنڌ ۾ مغلن جا ڪٽڪ، مغل ۽ اسلامي سلطنت جـي نالي تي، هر شيءِ ڦٻائڻ جو ڪاروبار ڪري رهيا هئا. ڪنهن وٽ کو پلو وهٽ ڏنائون ته شهنشاهه جي اصطبل جي نالي ۾ اهو وهٽ به ضبط ته قيمت کان به آ گوٽو. هـر دڪاندار کـي عامل امير ۽ شهنشاهه جـي نالي تي ٽٽ، چوٽ ۽ ڏهائي ڏيڻي ٿي پئي. سا گهي

ڳالهه زمينن سان هئي: فصل پچي راس ٿيندو هو ته عامل جا عملدار اچي سهڙندا هئا. اڏ بڌي شهنشاهه جي نالي تي، چوڻين پتي امير جي ۽ ڏهون حصو عامل جي نالي ڏوئي ويندا هئا. ماڻهن آن آپائڻ کان ٻاڻ پري چڏي هئي. مالوند ماڻهن سال رکڻ جڏي ڏنو هو. ايترو آپائيندا هئا جو پنهنجي پچن جو قوت ٿئي ۽ باقي وڪڻي، ڪو وکر وڻي سگهن. ٽيهن سالن ۾ پليون زمينون پينگ ٿي ويون هيون. البت جاگيرن تي فصل پلا ٿيندا هئا، مال به مٽيا هوندا هئا. هر هاريءَ کي کائڻ جيترو آن ملندو هو. مال سنيالنيڊڙ کي سال جو قوت ملندو هو. هزارين زمينن جي مالڪن مغل حاڪمن کي پنهنجون زمينون پگڙن مٽ تي وڪڻي چڏيون هيون، ۽ پاڻ هر هاري ٿي ويهي رهيا. ٽيهن سالن اندر هر ٽئين سال اهڙو ڏکر ٽي پيو جو الله پيو پناهه ڏي. هزارين ڪٽنب ڪچ، ڪائياواڙ، جيسلمير، ملتان ويندي دکن تائين لڏي ويا. "جنهن وطن ۾ سک نه هجي، سو وطن ئي گهوريو" - اها هڪ عام چوٽي ٽي وئي. ان جي برعڪس مغلن جا ڪٽڪ اچي لهندا هئا. شهنشاهه جي دربار ۾ سفارشون ۽ رشوتون هلنديون هيون ته سنڌ ۾ ڪا نندي وڏي نوڪري ملي. پنجن سالن اندر ڏنل رشوت کان هزارين دفعا وڌيڪ مال متاع گڏ ڪري دهلي، آگري، لاهور موڪلندا هئا. ڪي ته زمينون خريد ڪري زميندار بڻجي ويهي رهندا هئا. سنڌ جو هاري سڀ کان سستو ٿيندو هو. سنڌ جو پورهيت به سڀ کان سستو: مار موچڙو کر ته ڪم ۾ جاڙد- اها ڳالهه دهليءَ تائين مشهور هئي ته سنڌي فقط موچڙي سان سڌا آهن!

سنڌ جي صورت ئي بدلجي ويئي: سنڌ جا سهڻا ملوڪ شهر ۽ ڳوٺ ويران ٿيندا ويا. پلا شهرن ۽ ڳوٺن سان ڪنهن کي محبت هجي ته سندن اونو به ڪنهن کي هجي. ميڙا ملا ڪڙا بند ٿيندا ويا. ڪائڻ وڃائڻ فقط درباري ميراثين تائين محدود ٿي ويو. ناڪ ۽ ڳچتون فتوائن جو شڪار ٿيندڙ ويون. ماڻهن مان سڀ محبت موڪلائيندي ويئي.

سانوڻ اهو سڀ ڪجهه سوچيندي ڏٺي پهتو هو. ڏٺي ۾ هونئن ته هو چاچي علوءَ جي مسافرخاني ۾ اڇي ترسندو هو. چاچو علو جيسين جيئرو هو، تيسين وڏي وڇوو هو تہ رڳو سوڍي جا گڏ گهائيندو هو، سڏ جي ڪا گهالهه ڪڍارڻ جي انداز ۾ ڪڍندو هو، ۽ پوءِ روئڻ ۾ اچي پوندو هو؛ مرحيات مري ويو، پر ڪنهن ارغون ترخان يا مغل کي مسافرخاني ۾ ترسڻ نہ ڏيندو هوس ۽ سندس مرڻ کانپوءِ سندس نينگر بلاول مسافرخاني کي رڳو روزگار جو وسيلو ڪري ڪم آڻيندو هو. سانوڻ لاءِ پوءِ به سپني کي ڪا خاص آنسيت هئي. هرڪو ڪيس ڏسي ڇڻ اکين ۾ چوندو هو تہ سوڍي ۽ سنگهار وارن جو ڇوڪرو آهي! اڄ اهو ڇوڪرو پاڻ اڇي اڏروٽ ٿيو هو، پر مسافرخاني ۾ ڪيس اهائي عزت ملندي هئي. البت مسافرخاني ۾ مغلن جو به ميڙو متل هوندو هو جيڪي ڪٽان ڪهي اڇي رات جا چار پهر ڪاڻيندا هئا. علوءَ جي مسافرخاني جي اڇي ماڻي به مشهور هوندي هئي. جيڪو هڪڙو پيرو اهو سڏ پي ويو، سو وري پيرو نہ ڇڏندو!

پر سانوڻ اتي نہ ترسيو. رڳو بلاول کي پنهنجي گهوڙيءَ جي پارت ڪري وڃو. بلاول ڪميت کي وڏي جڏهن ڪڙهه ۾ داخل ٿيو، تڏهن ڪميت پنهنجي مالڪ بنان اهڙي بيچين ٿي وئي جو جهل ئي نہ پئي ڏي. سانوڻ جيسين خود اڇي ڪيس ٽپڪي ڏيئي توبرو نہ ڏئي ويو، تيسين سنج لاهڻ نہ ڏنائين. سانوڻ درياهه جو ڪپ ڏيندو، ترخانن جي محلي ۾ داخل ٿيو. ان محلي ۾ هڪڙو به سنڌي گهر نہ هو. يا ترخانن ۽ ارغون سپاهي رهندا هئا جن جا ننڍا ننڍا ڪشادا گهر هڪ ٻئي سان ڀتو ڀت ڳنڍيل هئا، يا انهن کان اڳتي مغل عاملن جون حويليون هيون. انهن کان ب اڳيان مغل سردارن جون ڇوڪحويليون هيون. اهي ڇوڪحويليون دراصل ڇڻ حويلين کي ڳنڍي ناهيون ويون هيون: هڪڙي مردان خانو، ٻي زنانخانو، ٽين مهمان خانو ۽ چوٿين چوبخانو جتي محافظ، چوبدار ۽ حولدار رهندا هئا. اهي حويليون اصل ۾ ارغون ۽ ترخان سردارن

جون هيون ۽ جڏهن سندس اڪبري سلطنت ۾ گڏجي وئي، تڏهن ارغون ۽ ترخان رفته رفته جاگيرون هٿ ڪري سندس جي مختلف ضلعن ۾ آباد ٿيندا ويا. فقط غريب سپاهي رهجي ويا سي مغل لشڪر ۾ شامل ٿي ويا. اهي اڪثر رات جو چوربون ڪندا هئا، يا چنبوخانا هلائيندا هئا. مغل عاملن ۽ سردارن لاءِ ڪنيزون ۽ غلامن کي ڦاسائي آڻيندا هئا. ڪالهه جا جاڪم اڄ جا پڙوا ۽ دادا گير بڻجي ويا هئا!

سانوڻ هيڏانهن هوڏانهن نهارينڊو، هڪڙي گهر اڳيان اڇي بيهي رهيو. ڪڙو ڪڙڪائڻ بدران، هن هلڪي سيٽي وڄائي، جڻ ته ڪو لنگهندڙ پڪي پنهنجي ولر کي آواز ڏيندو هجي. گهڙي ڪانه گذري ته هڪڙي پوڙهي شخص دروازي مان منهن ڪڍيو ۽ سانوڻ کي ڏسي هڪدم دروازو کولي ڇڏيائين. پوڙهي شخص سانوڻ کي ڏسي ڪجهه اهڙي ڏيکائي ڏني، جڻ ورهين جي واقفيت هجيس. سندس وات مان ڪنهي انگوريءَ جي ڏپ پئي آئي. سانڍ ڪيس ڪيڪاريو ۽ ڪونه ۽ رڳو ايترو چيائين ته "ارسلان بيگ آهي؟"

"تنهنجي لاءِ نه هجي ته به حاضر ٿي ويندو. تون اندر ته اچ، باهر ڇو بيٺو آهين؟"

سانوڻ اندر هليو آيو. اندر گهڙڻ سان ڪنهي انگوريءَ جي بانس سانوڻ جي ذهن ۾ چڙ پيدا ڪرڻ لڳي. دالان ٽپي، ورانڊي جي ڇارين واري دروازي کان اندر ڏوڪيندو ويو. ورانڊي جي سامهون ٿي به دروازا هئا. هڪڙي دروازي منجهان دارونءَ جي بانس جا پيڪا اڇي رهيا هئا. ان دروازي کي ڇڏي، سانوڻ ٻئي دروازي کي ڏکو ڏنو.

سامهون هڪ ٽلهو منارو شخص اڏ ليٽيل هو، ۽ هڪڙو گيرو چوڪرو سندس هنج ۾ ليٽيل هو. سامهون ميز تي اڇي انگوري بلوري صراحيءَ ۾ پيل هئي، ۽ هڪڙو جام اڏ پريل رکيل هو. سانوڻ کي ڏسي گيرو چوڪرو چرڪ پري اٿي ويٺو ۽ ڪٽ کان لهي، ڪورنش ڪري هٿ ٻڌي بيهي رهيو. ليٽيل شخص به اٿي ويٺو.

"سردار خان، تون ڪيئن؟ ماڻهو موڪلين ها تہ مان پاڻ اچي حاضر ٿيان ها، پلا ڪا انگوري پيئندين؟ بنهہ تازي آهي. جان من، سردار خان لاءِ به جام ٿاهر!"

"نہ ارسلان بيگ، انگوريءَ لاءِ وقت ڪونہ اٿم. ٿڌي آيو هٿس، سوچيم تہ توسان حساب ڪتاب ڪندو وڃان!"

"سردار خان، حساب ڪتاب تہ اڳئين دفعي ڪيو هوسين. ان ڪانپوءِ حرام جو آءٌ ٻاهر به چريو هجان...." ارسلان بيگ جو منهن لهي ويو. هن جي شهپرن ۾ هلڪي لرزش اچي وئي هئي. سندس منهن جي سرخي پيلاڻ ۾ بدلجڻ لڳي هئي.

"ارسلان، مون تو ڪي چيو هو تہ مغل سردارن، ترخان جاگيردارن تي تنهنجو حق آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن سنڌي گهر يا ڳوٺ تي ڏاڙو هنيو اٿئي تہ پوءِ پاڻ ٿو ڄاڻين.... پر پانڌجي ٿو تہ منهنجي سلاح تي نہ هلئين...."

ارسلان بيگ هاڻ تہ بنهہ ڏڪڻ لڳو: جيڏو مڙس هو، اوتري منجهس رڦاڻي اچي ويئي. ويتر جو سانوڻ خنجر جي دستي ۾ هٿ وڌو تہ هن جي حالت غير ٿي وئي. ڏکندڙ آواز ۾ چيائين: "مون کي قسم آهي الله ۽ پنج تن پاڪ جو، مون ان ڏينهن ڪانپوءِ وري ڪنهن سنڌيءَ جو نالو نہ ورتو آهي .... تون مون تي اعتبار ڪر...."

سانوڻ ڪا گهڙي خنجر جي مُٺي تي هٿ ڦيرينڊو رهيو ڇڻ تہ فيصلو نہ پئي ڪري سگهيو. پوءِ ڏيرج سان چيائين: "گذريل چوڏهينءَ تي وينجهرڪي وسينءَ ۾ ڏاڙو لڳو هو. پنوهرن جو ڳوٺ آهي، درياهہ جي بنهہ ڪپ تي. اتي ڪي ترخان ٻڌون ٻڌي ڏاڙو هٽي ويا، ۽ هڪڙي نينگر به پاڻ سان ڪٽي ويا آهن...."

"قسم آهي قرآن جو، مون ڪي ڪا خبر ڪانهي.... ۽ تو ڪي خبر آهي، مون ڪي تہ نينگرين جو شوق ئي ڪونهي....!" ارسلان بيگ هاڻ بنهہ سهڪي رهيو هو. دارونءَ جو نشو لهڻ جي باوجود هن جي زبان هاڻي ٿيندي وئي.

"مون کي اعتبار تڏهن ايندو جڏهن ڏاڙو لهي ڏيندين. هٿا ترخان يا ارغون، تنهن جي پڪ اٿم. ممڪن آهي ته ڪو مغل ٻه ساڻ هجين.... نينگري سورهن سترهن ورهين جي آهي، نالو نوري اٿس...." سانوڻ اهڙي انداز ۾ چيو جنهن ۾ ڏڪي سان گڏ حڪم ٻه شامل هو. ائين پڻي پانيو ته لفظن کان وڌيڪ سانوڻ جي اکين ۾ ڪجهه هو جنهن ارسلان بيگ جي بدن ۾ ڏڪڻي وجهي ڇڏي هئي.

ارسلان بيگ ڪجهه سامت جو ساهه ڪنيو ۽ چيائين، "چندو خاني جي مهتمم کان ٽا پڇون. ارغون يا ترخان هوندا ته ضرور مال هٿ ڪڻي آيا هوندا ۽ جوا کيڏي هوندائون..... چوڏهين تاريخ ٿي چڪم نه..... پلا تون ويهه، ته آءٌ ٿي ٿو اچان..... پر تيسين جيڪڏهن انگوري پين ته حجاب نه ڪجانءِ...."

سانوڻ رڳو ڪنڌ ڏوڻ ڪئي، ۽ موڙي تي ويهي رهيو. ارسلان بيگ اتان نڪري پاسي واري ڪمري ۾ لنگهي ويو. ان ڪمري جو در کليو ته ماٺهن جو شور، ٺهڪن، گارين ۽ الٽين جي گڏيل گهمسان جو آواز اچڻ لڳو پر وري ڪوئي جو در بند ٿيو ته آواز ٻه بند ٿي ويا.

ٿوري دير کان پوءِ ارسلان بيگ، هڪڙي سنهڙي سيپٽڙي ارغون سان گڏ وري اندر آيو. ان شخص جي خاص ڳالهه سندس شهپر هٿا، جيڪي ايڏا وڏا هٿا، جو ڏاڙهيءَ کان ٻاهر نڪري آيا هٿا، ۽ ڏاڙهي ٻه قلمن کان شهپرن تائين، ۽ شهپرن کان هيٺ ٽين ڪوڙيل هئي جو ڏاڙهيءَ جا وار ٻه شهپرن جو حصو ٻڌجي ويا هٿا. هن ايندي شرط اڳي سانوڻ کي هٿ ڏنو، ۽ ادب سان هڪڙي پاسي ٿي ٻيهي رهيو. ارسلان بيگ پاڻ ٻه ڪٽ تي اڳي ويهي رهيو، ۽ جهيڻي آواز ۾ چيائين، "شهباز خان، مون کي جيڪو ٻڌايئ، سو سردار خان کي سربستو احوال ڪري ٻڌاءِ....."

شهباز خان بي‌خيالو پنهنجي شهپرن تي هٿ لائيندي چيو: "برابر، پندرهين تاريخ ٻه ترخان ۽ هڪ مغل سپاهي ڪافي مال ڪڻي

آيا [illegible] سڄي رات پيئندا رهيا ۽ جـوا کيڏندا رهيا: جڏهن نشي ۾ آي [illegible] ڳالهين ڳالهين ۾ اها ڳالهه کيائون ته هڪ نهايت حسين ڪنيز بـه درياهه جي ڪپ تان کنئي هٿائون؛ ۽ اها ڪنيز سندن سردار قيصر بيگ ارغون وٽ آهي پر قيصر بيگ به ڪنيزن بدران غلامن جو شوقين هي، ان ڪنيز کي ڪنهن مغل امير هٿ وڪٽڻ جي سوچي رهيو هو، ۽ اهو به چيو هٿائين ته سؤ سونين مهرن کان گهٽ نه وڪڻندو....."

سانوڻ نهايت آهستگيءَ سان چيو، "۽ قيصر بيگ ڪٿي ٿو رهي؟"

ارسلان بيگ شهباز خان ڏانهن ڏٺو. شهباز خان ڪنڌ هيٺ ڪري زمين ۾ نهارڻ لڳو. سانوڻ جي آواز ۾ چهڪ پرجي آيا: "مون پڇيو ته قيصر بيگ ڪٿي ٿو رهي؟"

شهباز خان هڪندي چيو: "قيصر بيگ مغل لشڪر جي توشيخاني جو عملدار آهي. سندس ٽولي ۾ اڏو اڏ مغل بـه آهن، جيڪي سپاهي گيريءَ مان عاجز اچي ويا آهن، ۽ ڪجهه نه ڪجهه لالچ ۽ هيڇ ۾ اچي قيصر بيگ جـي ٽولي ۾ شامل ٿي ويا آهن. قيصر بيگ کي رهڻ لاءِ وڏي حويلي مليل آهي، ۽ انهي حويليءَ ۾ هٿ وجهڻ موت کي سڏ ڪرڻ آهي...."

سانوڻ جي منهن تي ارڏي مرڪ اچـي ويئي. ان مرڪ ۾ الائي ڪهڙي ڳالهه هئي، جو شهباز خان تڪڙو تڪڙو چوڻ لڳو: "سردار خان،.... منهنجو مقصد آهي ته انهن حويلين ۾ سخت پهرو آهي- خبرداريءَ کان ڪم وٺو پوندو!"

سانوڻ ارسلان بيگ ڏانهن ڏٺو. ارسلان بيگ انهيءَ نگاهه کان بچڻ کاڻ زمين ۾ گهورڻ لڳو. پر جڏ تـه هن جي پويان به ڪي ا ڪيون هيون، جن سانوڻ جي گهور کي محسوس ڪيو. نيٺ منهنڪ مٽي ڪندي چيائين "سردار خان، آڳ مغلن ۽ ارغونن.... بنهي سان رهائيو ويٺو آهيان. جيڪڏهن آڳ يـا منهنجو ڪو ماڻهو انهن حويلين جي پاسي جهلجي پيو تـه ڏاڍي خراب ڳالهه ٿيندي.... پر

تو کي انڪار ڪونہ ڪندس!"

سانوڻ جي منهن جي مرڪ ڇڻ وڌيڪ ويڪري ٿي ويئي:

"تہ پوء اڄ رات قيصر بيگ جي حويليءَ تي ڏاڙو لڳندو، ۽ ائين لڳندو جڻ مغلن ڏاڙو هنيو آهي.... اوهان کي جيڪو مال هٿ اچي، سو اوهان جو. هن پيري اسان جو حصو بہ توهان کي آيو. باقي ٻانهن آءٌ پاڻهي ڪٽي ويندس."

ارسلان بيگ جي منهن تي بہ مرڪ اچي ويئي. ڏٺي جي شهر اندر مغلن جي ويس ۾ ڏاڙي جا هن گهٽائي خواب لڏا هئا، پر سانوڻ جي ڊپ ۽ حصي جي خيال کان هن کي همٿ نہ ٿي. قيصر بيگ خود بہ وڏو ڏاڙيل هو، ۽ سندس حويلي سنڌين کان لٽيل مال سان ڏڻي پئي هوندي. اهو سمورو مال، ٻنان سانوڻ جي حصي جي، هن کي ٻہ ٽي سال ڏاڙا هٽڻ کان بچائي ڇڏيندو. اهي سمورا انسنا ڏاهيندي، هن مرڪي چيو: "سردار خان، توسان سر لڳي!"

.... ۽ پوء ڪجھ دير هو ان ڏاڙي جي رٽابندي ڪندا رهيا. ✱

جڏهن کان رستم بيگ قندهاري ٺٽي جو عامل ٿيجي آيو هو، تڏهن کان ٺٽي ۾ ڇڻ راکلس گهمي ويو هو. سنڌي ته سنڌي پر ارغون ۽ ترخان به کا رات سک سان نه ستا هئا. رستم بيگ کان اڳي سندس شهرت ٺٽي پهتي هئي: ملتان ۾ هن جيڪي ڪيس ڪيا هئا، اهي خبرون چارون ماڻهن رڳو افواهن طور ٻڌيون هيون. پر ٺٽي پهچڻ کان اڳ ۾، منادي۽ وارا هر محلي ۾ وَر وَر ڪري پڙهو ڏينڌا ويا ته آئيندي شهر ۾ سواء مغلن جي، ڪوبه گهوڙي تي سواري ڪونه ڪندو؛ ڪوبه ماڻهو مغلن سان، اڳواٽ اجازت کان سواء، مخاطب ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪندو؛ مغلن جي حرمن جي ڊولي لنگهڻ وقت، هرڪو ماڻهو کنڊ هيٺ ڪري بيهندو؛ سيدن کانسواء ڪوبه پنهنجي زائفائن لاء ڊولي استعمال نه ڪندو؛ ڪوبه دڪاندار مغلن سان شين جي خريداري۽ وقت قيمت تي تڪرار نه ڪندو ۽ جيڪا قيمت مغل ڏينڌا، سا خوشي سان قبول ڪندو؛ ٺٽي کان ٻاهران ڪوبه ماڻهو شهر ۾ داخل ٿيندو ته مقرر ڪيل چوڪين تي پنهنجي سڃاڻپ ڪرائيندو ۽ پنهنجي ترسڻ جو هنڌ ۽ ڪل وقت درج ڪرائيندو؛ ڪوبه ماڻهو عامل جي منظوري۽ کان سواء، سانجهي۽ کانپوءِ اوطاق کان ٻاهر نه رکندو؛ سڀني مدرسن ۾ فارسي تعليم لازمي ٿيندي ۽ هر مدرسي جو مهتمم ان جو پابند هوندو ته ڪوبه نئون معلم رکڻ کان اڳ، عامل جو اجازتنامو حاصل ڪري؛ هر نڪاح خوان، هر پيش امام، هر هانگو مغل، ارغون يا ترخان هوندو، يا عامل جي منظوري حاصل ڪيل هوندو؛ شادي ۽ غمي۽ کانسواء ڪٽي به ڏهن کان وڌيڪ ماڻهو گڏ نه ٿيندا.....

اهڙن حڪمن سان گڏوگڏ وفاداري ۽ سازشن جي اطلاع

ڏيڻ وارن لاءِ انعامن اڪرامن ۽ مغل حڪومت جي نوڪريءَ جي خاطري ڏني ويئي. مسجدن ۾ هر نماز ڪانپوءِ، پيش امام ماڻهن کي تلقين ڪرڻ لڳا ته اسلام ۽ اسلامي حڪومت جي انحرافي ڪندڙ ٻنهي جهانن جي غضب کي دعوت ڏيندو. خطبي ۾ ظل الاهي شهنشاهه جهانگير سان گڏ رستم بيگ جو نالو ائين ورتو ويندو هو جڻ ته خود شهنشاهِ هند رستم بيگ جو محتاج هو ۽ سنڌ کي اسلامي سلطنت ۾ شامل رکڻ جو بار رستم بيگ تي هو، ۽ شهنشاهه کيس هر شورش، هر بغاوت کي چيڀاٽڻ جو ڪليو پروانو ڏيئي چڏيو هو!

رستم بيگ پنهنجو ڏڪو ويهارڻ لاءِ شهر ٺٽي ۾ ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾ ٽياس کوڙائي چڏيا، جنهن ٽي کو نه ڪو ماڻهو سازش ۽ شورش جي الزام ۾ ڳنگيل هوندو هو، ۽ تيسين اهو لاش ٽياس تان نه لاهيندا هئا، جيسين ان جي بانس ڪن ڏينهن تائين ماڻهن کي رستم بيگ جو نالو وسارڻ نه ڏيندي هئي. ماڻهن ۾ هن جو ايڏو ڊپ ويهي رهيو جو ٽپهريءَ ڪانپوءِ جتي ڪٿي هٿتاڙ ٿي ويندي هئي، ۽ ماڻهو گهرن کي وڏا وڏا تالا هڻي اندر ئي اندر ٻارن کي ٻوٽاڙي ويهاري ويٺا هوندا هئا. سانجهيءَ جي ٻانگ ايندي هئي، تڏهن به دروازا نه ڪلندا هئا، ۽ پيش امام نمازين جي وات ڏسندي اوٻاسيون ڏيڻ لڳندا هئا. ڪن وڏين مسجدن ۾ رڳو مغل، ارغون، ترخان يا مسافر نظر ايندا هئا. وڏي مصيبت ته مسافرن لاءِ هئي: ٽپهريءَ ڪان اڳ جيڪڏهن واندا نه ٽيا ته رات گذارڻ لاءِ ڪوبه مسافرخانو ڪين هٿ ڪٽولو ڏيڻ جو به روادار نه ٿيندو هو ته مبادا مغل سپاهي اچي تفتيش ڪن. مغل سپاهي به اهڙا هريا جو راهه ويندي کي بيهاري پڇاڻون ڪندا هئا ته ڪير آهين، ڪٿان آيو آهين، ڇو آيو آهين، رهين ڪٽي ٿو هل چونڪيءَ تي! چونڪيءَ تي وڃڻ معني سڄو مال متاع ڦرائڻ. ان ڪري هرڪو پنج ڏهه درهم ڏيئي جند ڇڏائيندو هو. ائين ڪو سڀيو گراهڪ نه ملندو هون ته مسافرخانن تي چڙهائي ڪندا هئا، ۽ مسافرخاني وارو ڪجهه ڏيئي جان نه ڇڏائيندو ته مسافرن کان آڏا ايتا سوال جواب ڪري، ڪجهه نه ڪجهه ڦري ماري ايندا هئا!

شام ٿيندي هئي تہ مغل سپاهين جا ٽولا محلن ۾ ڪاهي پوندا هئا. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ملين تہ جڏ ٻيڪهي مڇي وين. هن کي بيعزتو ڪري، جيڪي ڪجهہ گيدي ۾ هوندس، سو ڦري گهر روانو ڪندس. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪا پڳ، ڪا پگڙي يا پٽڪو وڃين تہ اهو بہ ڦريندي ويرم نہ ڪندا. جيڪڏهن ڪا هڙ حاصل نہ ٿين تہ ڪيس ماريندا ڪٽيندا چونڪي تي وڃي ويندا، ۽ تيسين ان جي جان نہ ڇڏيندا، جيسين سندس سڱي واهرو ورين، ڪجهہ ڏئي سندس جند نہ ڇڏائيندا. البت ارغون، ترخان يا دهلي، آگري، فتح پور ۽ پين هنڌن ڪان آيل ماڻهو، جيڪي فرفر فارسي ڳالهائيندا هئا، تن کي هٿ نہ لائيندا هئا، متان ڪو حڪومت جو ماڻهو هجي ۽ دانهن وجي دهلي ۽ يا آگري پهچي.

جيڪڏهن ڪو راهہ ويندو واٽهڙو نہ ملين، ۽ سپاهين جو ڪيسو گرم نہ ٿيو تہ هنن هڪ اهڙو طريقو اختيار ڪيو، جنهن ماڻهن ۾ هڪ اڃاتو خوف وجهي ڇڏيو: بيگاهہ وقت ۾ ڪنهن در تي ڪڙڪو ڪري، پاڻ لڪي بيهي رهندا هئا: اندران ڪنهن ڪڙو کولي، باهر نهاريو تہ جهٽ ڏيئي، ڪيس ڇڪي باهر ڪندا هئا، ۽ نڪا هم نڪا تم، ڏڪن بجن جو وسڪارو لائي ڏيندا هئا. هن جي رڙين تي اوڙي پاڙي جا مڙس ماڻهو باهر نڪرندا هئا تہ مغل سپاهي اهڙي ڏيکائي ڏيندا هئا جڏ تہ ان همراهہ پاڻ مغلن سان ڪوڙس شروع ڪئي هئي. جيڪڏهن اها چال ڪامياب نہ ٿيندي هئي تہ چوندا هئا تہ هن مغلن، مغل شهنشاهہ يا عامل کي گاريون ٿي ڏنيون، ان ڪري هن کي چونڪي ۽ وڃي ويندا. چونڪي تي وڃڻ معنيٰ وڏيڪ مار موڇڑ، سو پاڙي جا چگا مڙس، ڪجهہ سو ڪڙيون پا ڪڙيون پيش ڪري همراهہ جي جان ڇڏيندا هئا!

هڪ طرف عام ماڻهن سان اهو ويل هو، ٻئي طرف ساقي‌خانن جي آس پاس ماڻهن جا هجوم هوندا هئا. گهٽو ٽٽو ارغون، ترخان، مغل يا قندهاري هئا، پر ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ مقامي ماڻهو بہ هوندو هو، جيڪو يا تہ شاهي حڪومت جو ڪو اهلڪار هو يا ڪنهن ارغون،

ترخان يا مغل جو دوست يار. اندر رباب جي ڏن تـي ڪيرو ساقي نچندا، مٽڪندا، انگوريءَ جـا جام پيش ڪندا ويندا هئا، ۽ سندن گراهڪ هڪٻئي کان اڳرا ٿي، کين پـاڻ ڏانهن متوجهه ڪرڻ لاءِ حرفتون هلائيندا هئا. ڪيترن ساقيءِخانن ۾ اندر جاءِ نه هئي تہ رستن تـي موڙا ڪيارائـي، ساقين ۽ انگـورين جـا شوقين ويهي پـاڻ ۾ ڪچهريون ڪنـدا هئا، ۽ جيئن ٿي ڪو ساقـي جام ڪٽي ايندو تـہ کيس پاڪر پائڻ، چمي ڏيڻ، يا چهنڊي هٽڻ لاءِ پاڻ ۾ الجهڻ لڳندا هئا. اڪثر ساقيءِخانن ۾ روزانو ساقين تان جهيڙا ٿيندا هئا، ۽ خنجرن جي مقابلي ۾ ٻہ ٽي قتل ضرور ٿيندا هئا. ڪن ساقيءِخانن ۾ جوا بہ هلندي هئي، پر جوا خانن ۾ فقط اهي اندر وڃي سگهندا هئا جن ڪي ساقي خانن جي مالڪ يا ڪنهن وڏي عملدارجي اجازت ملهل هوندي هئي. انهن جوا خانن ۾ اڪثر ائين ٿيندو هو تہ ڪو ارغون يا ترخان يا مغل سيڪجهه هارائي ويهندو هـو ۽ جوارين جو قرض نـہ ڏيئي سگهڻ تـي پنهنجي جان وڃائـي ويهندو هو. هڪڙي ٻـي ڏڪ سان سندس آندا گجيون ڪيي، ٽنگوٽالي ڪري، رستي تي ڇڏي ويندا هئس جتان صبح جو يا تہ سندس وارث لاش ڪٽي ويندا هئا يـا وري سرڪاري سپاهي ڪيس ڪٽائي ويندا هئا.

جڏهن مـاڻهن ۾ ڊپ ۽ هـراس انتها تـي پهچي ويو، تڏهن وري ڏاڙا لڳـڻ شـروع ٿيا. نماشام مهل، ٻٽون ٻـڏل ڏاهڪو ڪن گهوڙيسوار ڪنهن ڪوٺيءَ، حويليءَ يـا گهر تي حملي آور ٿيندا هئا ۽ دينداستي ماري ڦري، الهه تلهه لٽي هليا ويندا هئا. جبڪڏهن ڪنهن ننديي نيٽي زاڻڻان تي نظر پين تـہ اها بہ زوريءَ ڪٽي ويندا هئا. اڪثر ڏاڙا ارغونن، ترخانن، سيدن يا مغلن جي محلن ۾ لڳندا هئا. سندين جي محلن ۾ ورلي ڪو ڏاڙو لڳندو هو. مغل سپاهين اهو افواهه عام ڪري ڇڏيو تہ اهي ڏاڙا سانوڻ جوٽولو ٿو هٽي، انڪري سندين جي گهرن يا حويلين تي ڏاڙا ڪونہ ٿا لڳن. درحقيقت سندين جي گهرن تـي ڏاڙا انڪري ڪونہ تـي لڳا جـو سندين ۾ دولتمند خاندان ڪي ورلي وڃي بچيا هئا. سندي گهٽو ڪري هٿ ڪاريگر،

ڪمي ڪاسبي، هٿ واڻيا هئا، جيڪي پنهنجي گذر سفر ۾ پورا هئا! اڪثر دولتمند ماڻهو ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ ٿي لڏي ڪڇ، ڪاٺياواڙ، جيسلمير ۽ گجرات ڏانهن هليا ويا هئا، جيڪي بچيا هئا، تن پاڻ وٽ مغل سپاهي پگهاردار رکي ڇڏيا هئا، انڪري مٿن ڏاڙو هٿ ممڪن ٿي نه هو.

پر خوف ۽ هراس ۾ ٿي اهڙو ماحول پيدا ٿيندو آهي جنهن ۾ هڪ طرف افواهن جي بازار گرم ٿيندي آهي، ۽ ٻئي طرف شاهينگن کي جاوا ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي، ۽ ٽئين طرف ڪمزور حڪومت کي پنهنجا پير مضبوط ڪرڻ جو وقت ملي ويندو آهي. سنڌي بہ رفتہ رفتہ اهو يقين ڪرڻ لڳا هئا تہ ڏاڙا سانوڻ جي ٽولي ٿي هنيا. ٻئي طرف مغل سپاهين ۽ لشڪرين کي خدا خدا ڪري اهو موقعو مليو تہ هو هر وات ويندي سنڌيءَ کي سانوڻ جي ٽولي سان لاڳاپيل هجڻ جو الزام هٽي ڪجهہ رقم ڇڏائي وڃندا هئا، ۽ ڪين سنڌين کي بيعزتو ڪرڻ جو بہ دل گهريو موقعو ملي پوندو هو. مغل حڪومت جا پير اڃا پختا ڪونہ ٿيا هئا. مرزا غازي بيگ جي مرڻ ڪانپوء خسرو خان چرڪس هالن ۾ ويهي مرزا باقيءَ جي پوٽي مرزا عبدالعلي جي سنڌ جي تاجپوشي جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ سندس لشڪر آس پاس مغلن جي عملدارين کي ختم ڪندو ٿي ڏانهن وڌندو ٿي آيو. مرزا عبدالعلي اڃا صغير هو. انڪري هن جي نالي ۾ سموري حڪومت خسرو خان چرڪس پاڻ سنڀالڻ جي فڪر ۾ هو. جتي ڪٿي مغلن ۽ ارغون ترخانن ۾ چڪريون پئي لڳيون. ٿٽي ۾ بظاهر تہ مغلن جي حڪومت هئي پر اندران ٿي اندران ترخان ان ڏينهن جو انتظار ڪري رهيا هئا جڏهن خسرو خان چرڪس ٿٽي تي ڪاهي ايندو، ۽ هنن کي وري حڪومت ملندي، جنهن کي هنن پنهنجو موروثي حق ٿي سمجهيو. ڪيترن سنڌين کي هنن ڪجهہ نياپا موڪليا هئا تہ اسان جو ساٿ ڏيو. اسان وري بہ سنڌ ۾ رهي، سنڌي ٿي ويا آهيون: مغل تہ اوپرا ۽ ڌاريان آهن، جيڪي دهلي ۽ آگرہ کان ٿا حڪومت ڪن. اسان جو تہ مڙهہ مقام ٿي هتان جو آهي؛ اسان

جي وڏن جا هڏا ٻ سنڌ جي سرزمين ۾ پوريل آهن ۽ اسين ٻ مري هن مٽيءَ ۾ دفن ٿيندا سون. مغل وري سنڌي سردارن ۽ وڏيرن کي اهو سمجهائيندا رهيا تہ ارغونن ۽ ترخانن سنڌين کي لتاڙي چيپائي ڇڏيو هو. مرزا باقيءَ جا ظلم اڃان تازا تازا هئا. مغلن سنڌين کي انهي ظلم ۽ جبر کان نجات ڏياري هئي، ۽ شاهي حڪومت هيٺ سنڌ ۽ سنڌين کي وڏڻ ويجهڻ ۽ ترقي ڪرڻ جو اوترو ئي موقعو آهي جيترو ٻين صوبن ۽ صوبيدارن کي!

۽ سنڌي جنڊ جي انهن ٻن پڙن ۾ پيسجي رهيا هئا. هنن جون همدرديون ڪنهن سان ٻ نہ هيون: ان ڪري هنن تي ٻنهي ڌرين مان ڪنهن ٻ اعتبار ڪونہ ٿي ڪيو. انهيءَ بي اعتباريءَ جي فضا ۾، جڏهن عام بدامني، ڏهڪاءَ ۽ ڏاڍ جو وايو منڊل چانيو تہ سنڌين کي سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ هو ڇا ڪن، هنن جي سوچڻ جي قوت ٿي ڇڏي تہ ڪيڏانهن موڪلائي وئي هئي. اهي سنڌي عملدار، جيڪي مغل سرڪار جي نوڪريءَ ۾ هئا، سي پنهنجي عملداري بچائڻ ۾ ايترو بيٻنڪا ٿي ويا جو سنڌين کي پاڻ ٻوهي ۾ ڏيڻ کان ٻ نہ ٿي ڪيائون. مغل عامل ۽ عملدار ٻ سنڌن ڪمزوري محسوس ڪري سازش ۽ شورشن جي جاچ سنڌي عملدارن ۽ ڪامورن جي حوالي ڪندا هئا، ۽ سنڌي ڪامورا محض پنهنجي وفاداري ۽ ڪارڪردگي ڏيکارڻ لاءِ بيگناہ سنڌين جا نالا ڏئي ڇڏيندا هئا. مغل عملدارن انهن کي سزائن ڏيڻ لاءِ قاضي بہ سنڌي مقرر ڪيا، ۽ اهي سنڌي قاضي جڏهن قضا جي ڪرسيءَ تي وهندا هئا، تڏهن سنڌي ڏوهارين کي ٽياس تي ٽنگڻ جي سزا ڏيندا هئا ۽ ارغونن ۽ ترخانن کي جلاوطنيءَ جي!

سنڌين ۾ جيڪو واپاري طبقو هو، سو اڳي ئي سهي جي ڪل: اول تہ مغل سپاهين جي آنڪي پري پيا ڪم ٽپائيندا هئا. ڳالهہ آنڪيءَ کان مٽي چڙهي ويئي تہ سنڌ جا وڻ ئي ڇڏي لڏڻ لاءِ تيار ٿي ويندا هئا. باقي سمورو ظلم ۽ جبر سنڌ جي هاري ناري، مالوند، پورهيت، ڪمي ڪاسبي، هٿ ڪاريگر يا گهوڙين تي هو.

هو آهه به نه ڀري سگهندا هٿا ته متان سندن ٽڏي شوڪار جو غلط مطلب ورتو وڃي. البت انهن مان جوانن جو طبقو اهڙو هو، جيڪي اهو ظلم خاموشيءَ سان سهڻ لاءِ تيار نه هو. انهي طبقي ۾ گهٽائي مدرسن جي شاگردن جي هئي. هنن جي اکين ۾ سچ متل هٿا، اندر ۾ کورا ڪاٽل هٿا، ۽ سندن ماڻ ۾ نفرت جي چٽ پٽ هئي. هنن کي رگهو ارغونن ۽ ترخانن يا مغلن ۽ ٻاهرين سان نفرت نه هئي. هنن کي پنهنجن ڪان به نفرت هئي، جيڪي هيترو ظلم سهندي به ماڻ هٿا يا مغلن جي چاڪري ڪندي، پنهنجن تي ظلم ڪندا رهندا هٿا. اهڙائي جوان سانوڻ جي ٽولي ۾ شريڪ هجڻ جي شڪ ۾ ٽياس تي ٽنگيل نظر ايندا هٿا! ✱

سلطاني ساقي‌خانو، هونئن ته عام رواجي ساقي‌خانو هو پر ان ۾ ڪي اهڙيون گالهيون هيون، جن جي ڪري عام سپاهي يا لشڪري يا عتاب ۾ آيل ارغون، ترخان يا مغل ان پاسي ڪونه لڙندا هئا. هڪڙو ته اهو واحد ساقي‌خانو هو، جنهن ۾ ڏٺي جو عامل ٿوري دير لاءِ دل وندرائڻ ايندو هو، ۽ هن لاءِ خاص مسند ٺهيل هئي. ان کانسواءِ ڏٺي جي چوند اميرن، ناظمن ۽ عملدارن جون، پنهنجي حيثيت مطابق، مسندون ٺهيل هيون، جن تي ويهي ڪوبه ڏٺي سگهيو. انهن مسندن جي نگهباني ۽ مهمانداريءَ لاءِ ساقي به عليحده عليحده مقرر ٿيل هئا؛ انهن مان ڪنهن به ساقيءَ کي مجال نه هئي جو ڀڻي ڪنهن امير کي انگوري پيش ڪري يا هن جي ڀي ڪا مهمانداري ڪري. انهن مسندن ۽ ساقين لاءِ اهي امير، ماهيانو ڪجهه رقم ساقي‌خاني جي مالڪ کي گهر ويڻي پهچارائي ڏيندا هئا. اصل ۾ اهو ساقي‌خانو مرزا باقيءَ جي هڪ خاص امير ۽ دوست شمس‌الدين سلطانيءَ کوليو هو. مرزا باقي پاڻ به ان ساقي‌خاني ۾ ايندو هو ۽ پنهنجي مخصوص مسند تي اچي ويهندو هو. چيائون ٿي ته ان ساقي‌خاني ۾ ملا محمد فراخي ۽ مرزا باقيءَ جي پڻ پائيواري هوندي هئي. ساقي خانو درياهه جي ڪپ تي هو ۽ سندس ڀٽين ديوار ۾ هڪ ڪُجهو ته خانو ۽ دروازو هو، جنهن ۾هر وقت به ٻيڙيون تيار ٻڌيون هونديون هيون ته جيڪڏهن امير تي اوچتو حملو ٿئي ته اتان آساني ۽ حفاظت سان ڀڄي سگهي!

ان ساقي خاني جي هڪڙي ٻي به خاص گالهه هئي ته سالياني نوروز جي موقعي تي زبردست جشن ملهايو ويندو هو، ۽ ان جشن جي خاص گالهه ڪنيزن ۽ ساقين جو سالياني نيلام هوندو هو. اميرن

وٽ جيڪي بـ ڪنيزون ۽ ساقي هئا، سي گهٽو ٽٽو ان نيلام مان ورتل هوندا هئا ۽ ساقي بـ فخر سان هـام هڻندا هئا تـ هو سلطاني نيـلام ۾ وڪاڻـل هئا. تاتار، تـرڪستان، اصفهان، شيراز، قندار ۽ هرات کان ڪنيزون ۽ ساقي اچي گڏ ٿيندا هئا، ۽ سندن حسن جي هاڪ ملتان، لاهور، دهلي ۽ آگري تائين پهچندي هئي، ۽ اتان جا امير ۽ سوداگر اهي گهالهيون هڏي جشن ۾ اچي شريڪ ٿيندا هئا، ۽ نيلام ۾ بـولي ڏيندا هئا. نٽي جـا سمورا بـااثر امير جڏهن پنهنجين پنهنجين مسندن تي ايندا هئا، ۽ انگوري ۽ ساقين سان دل وندرائيندا هئا تہ وندر کان سواءِ حڪومت ۽ سياست جا معاملا بہ اتي ئي ٿيڻ لڳندا هئا، ۽ جيڪڏهن کين تخليئي ۽ خلوت جـي ضرورت هوندي هئي تہ خود ساقيخاني انـدر خاص ڪمرن جـو انتظام ٿيل هو. هر ڪمري ۾ بـ بـ حبشي خواجہ سرا پهرو ڏيندا هئا، ۽ ڪنهن جـي مجال نـ هئي جو بنان اجازت جـي ڪنهن ڪمري ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪري. انهن خواجہ سرائن کـي بنان اجازت ايندڙ ماڻهوءَ کي آڦٽ ماري رکڻ جـي اجازت هوندي هئي، ۽ اهڙو پروانو خود وقت جوعامل پنهنجي مهر سان لکي ڏيندو هو. سياست ۽ حڪمرانيءَ جا مسئلا نبيرڻ وقت جاسوسن ۽ مخبرن کان بچڻ خاطر بااثر امير خود پنهنجا ماڻهو پاڻ سان آڻيندا هئا، جيڪي هنن جي درٻارين ۽ صلاحڪارن طور سندن مسندن آڏو اطلسي موڙن تي ويٺا انگوريءَ سان دل وندرائيندا هئا ۽ سندن نظر هر وقت ايندڙ ويندڙ ماڻهن تي هوندي هئي ۽ ڪنهن اوپري ماڻهوءَ جـي اچڻ شرط، هنن جا هٿ پنهنجن خنجرن جي مٺين تي ڦهي ويندا هئا. ائين ڪيترائي جاسوس ۽ مخبر بيموت مري چڪا هئا. پر اهڙا قتل عام رواجي گهالهه هئي، ۽ گهڙي ڪانپوءِ امير ۽ سندس درٻاري پنهنجي وندر ۾ مصروف ٿي ويندا هئا!

ارغونن ۽ ترخانن جـو دور ختم ٿيو ۽ مغل آيا، تڏهن بـ سلطاني ساقيخاني جـي معمول ۽ انتظام ۾ ڪو فرق ڪونہ پيو. خود مغل امير ڪا مسند هٿ ڪرڻ لاءِ مغل عامل کان سفارشون

ڪرائيندا رهندا هئا. پنهنجي خاص ماحول، پنهنجي ذاتي غلامن ۽ ڪنيزن کانسواءِ، مغل اميرن لاءِ بہ سلطاني ساقي‌خاني جي وندر هڪ غنيمت کان گهٽ نہ هئي. مغل اميرن وٽ قرلٽ جو تازو پٽسو هو، ۽ ان کي لٽائڻ ۾ هنن کي ڪو عار محسوس نہ ٿيو. ارغون ۽ ترخان سردارن سان دوستيون ۽ ياريون رکڻ، هنن جي سياست لاءِ ضروري هو. انڪري سلطاني ساقي خانو جيئن پوءِ ٿيئن اميرن لاءِ عيش عشرت ۽ سياست جو هڪ مستقل ذريعو ٻڌجندو ويو.

سلطاني ساقي خاني جي تهخاني ۾ قيصر بيگ جي داخل ٿيڻ سان، اتي اڳ ئي موجود ماڻهن ۾ اوچتو ماٺ چانئجي ويئي. قيصر بيگ کي ڪنهن بہ ڪيڪاريو ڪونہ؛ هڪڙي ٻن همراهن رڳو ڪنڊ جي ٽوڙ سان هن جو ائين آڏرياءُ ڪيو جڙ تہ هو سنڌس اڇ تي خوش تہ ڪونہ هئا، پر لاچار هن ۾ ڪم پيو هون، ان ڪري مجبوراً هن سان گهالهائڻ لاءِ تيار ٿيا هئا. قيصر بيگ جو منهن اها گهالهہ محسوس ڪندي ٽامٽي هٽي ويو، پر هن پاڻ تي ضابطو رکندي، هڪ اطلسي موڙي تي ويهندي چيو: "مونکي ائين سڏائڻ سان اوهان نہ رڳو مونکي خطري ۾ وڌو آهي، پر خود پاڻ وڏو خطرو ڪنيو اٿو!"

گهڙيءَ لاءِ هن کي ڪنهن بہ جواب نہ ڏنو، ۽ هن جي منهن ۾ تڪيندا رهيا. پوءِ هڪ پيرسن اڇي ڏاڙهيءَ واري، هوريان چيو: "شاهہ رخ، تون اسان سڀني پاران گهالهاءِ!"

شاهہ رخ جي ننڍي قد، پريل ٻڌت ۽ معمول کان وڌين گهاڙهين ا کين ۾ اهڙو تيج هو، جنهن قيصر بيگ کي ڪنبائي ڇڏيو. هن کي پاڻ سان سلوڪ تي جيڪا ڪاوڙ هئي، سا ڪافور ٿي وئي، ۽ هن شاهہ رخ ڏانهن سڌو نهارڻ جي همٽ نہ ساري، ا کيون زمين ۾ ڪوڙي ڇڏيون. شاهہ رخ پنهنجي موڙي تان اٿيو، ۽ لاپرواهيءَ سان ڇڪ ڏئي خنجر جي آبنوسي گن ۾ هٿ وجهي، ڇڪي ڪڍي ورتائين ۽ خنجر جي ڌار کي آڱر سان تپاسيندي، قيصر بيگ تائين

وڏي آيو. قيصر بيگ نہ چاهيندي بہ ڏڪڻ لڳو. سندس ڏڪڻيءَ کي محسوس ڪندي، شاهہ رخ اڳين ڏيکائي ڏني، جڏ تہ هن کي قيصر بيگ تي کهل اچي وئي هجي.

"قيصر بيگ، تون اسان سڀني کي سڃاڻين ٿو. اڳين نہ سمجهہ تہ هاڻ ترخان حڪومت پر نہ آهن تہ منجهن طاقت نہ آهي. اسين اڄ بہ چاهيون تہ تو جهڙن کي ماکوڙيءَ وانگر چيلاڻي سگهون ٿا. مغل بہ تو کي اسان جي قهر کان بچائي نہ سگهندا. انڪري اسين تو کان جيڪي پڇون، تنهن جو صحيح صحيح جواب ڏيندين تہ تنهنجي حق پر بهتر ٿيندو!"

قيصر بيگ ڪاڇي جهڙي ٿيت. لفظن کان وڌيڪ شاهہ رخ جي بيپرواهيءَ هن کي احساس ڏياريو تہ هن جيڪڏهن هڪڙو لفظ بہ غلط وات مان ڪڍيو تہ شاهہ رخ خنجر سان سندس سسي ڪپي ڇڏيندو. هن جي وات مان هيڪندي رڳو لفظ "جي!" نڪتو.

شاهہ رخ پنهنجي خنجر جي ڌار سان کيڏندي وري چيو:

"اسان کي اها خبر آهي تہ تو ڏاڍا هٿي گهٽوئي مال گڏ ڪيو آهي، ۽ مغل اميرن کي رشوتون پهچائي، توشي خاني جي عملداري هٿ ڪئي آهي. اها عملداري کهڙي ڪم جي، جيڪڏهن تون پنهنجن کي ڪم نہ اچي سگهين ــ ڪيئن؟" وري بہ قيصر بيگ جي واتان لفظ "جي" نڪتو.

"شابس، اسان کي تومان اهائي اميد هئي." شاهہ رخ جي لهجي ۾ نرمي اچي وئي.

"اوهين جيڪو حڪم ڪندؤ تنهن جي پوئيواري ٿيندي،" قيصر بيگ ڪجهہ همت ڪندي چيو.

"تہ پوء اسان جي چوڻ تي هڪڙو ٻيو ڏاڙو هٿو پوندئي!"

"جي؟"

"هاڻ سپاهي هڪڙو مغل جٽو، حضور مرزا غازي بيگ مرحوم و مغفور جي اهل و عيال، ۽ مرزا عبدالعلي ۽ خسرو خان چرکس کي گرفتاريءَ هيٺ، آگري ونڻي ويندو. قيدين سان گڏ

شهنشاهه هند لاءِ ڪجهه سو ڪڙيون پا ڪڙيون ۽ ٻه لک درهم پڻ آهن. ڏاڙي وقت تون ۽ تنهنجا همراهه سنڌين وانگر، سنڌي پوشاڪن ۾ ٻڌون ٻڌل هوندا. جيڪو مال متاع ۽ نقدي هٿ اچي، سا اوهان جو حصو باقي قيدي اسان جي حوالي ٿيندا ! مغل لشڪري سمجهندا ته سنڌين شورش ڪري راتاهو ڏنو آهي. تنهنجي ٽولي تي ڪنهن کي به شڪ نه پوندو!"

"پر، مغل لشڪرين سان وڙهڻ موت کي دعوت ڏيڻي آهي، ۽ تنهن کانسواءِ مون وٽ ايترا ماڻهو به ڪونهن!" قيصر بيگ کي هڪ ٽئين ڊپ اچي ورايو. هن جي پنهنجي ٽولي ۾ ڪيترا مغل لشڪري هٿ، اهي ڪڏهن به ٻين مغل لشڪرين سان نه وڙهندا، تنهن جي هن کي پڪ هئي.

مرزا شاهه رخ چڙ ته هن جي خيالن کي پروڙي ورتو، ۽ ڏيرج سان چيائين: "ڏاڙي ۾ هن پيري تنهنجي مغل ساٿين سان اسان جا سڀ ڪن چونڊ سوار توسان هوندا. قيدين جي سنيال ۽ هنن کي اسان وٽ پهچائڻ هنن جي ذميداري ٿيندي، باقي مال متاع اوهين ڪٽي وڃجو."

"جيڪڏهن کي مغل مونکي يا ڪن ترخانن کي سڃاڻي وڃن ته پوءِ....؟" قيصر بيگ ڏڃندي ڏڃندي اعتراض ڪيو.

"اسان کي يقين آهي ته تون ايترو احمق نه آهين...." شاهه رخ جي آواز ۾ وري سختي اچي وئي.

"۽ ها، ياد رک، جيسين قيدي ڪاميابيءَ ۽ حفاظت سان اسان وٽ پهچن، تيسين تنهنجا ٻئي پٽ- طغرل بيگ ۽ مظفر بيگ ـــ تنهنجي سنڌي ڪنيز نوريءَ سان گڏ اسان جي حفاظت ۾ رهندا !"

قيصر بيگ جي دل ۾ چڪ پئجي ويو. گهڙيءَ لاءِ هن جي دل ۾ اهو خيال آيو هو ته هو سربستي گاهه مغل عامل رستم بيگ يا ديوان معموريءَ سان ڪري، ان مصيبت مان بچي ويندو ۽ سا گهڙي وقت انعام اڪرام جو به حقدار ٿيندو. پر هاڻ ته هن جون سڀ

واهون بند ٿي ويون. هن کي يقين هو ته جيڪڏهن هو ڏاڙي ۾ ناڪام ٿيو ته مرزا شاهه رخ سندس معصوم ابهم پٽن کي انهيءَ خنجر سان هوڻي هوڻي ڪري، ڪتن کي ڪارائي ڇڏيندو!

هن وري بـ همت سارينديءَ چيو: "اوهان کـي منهنجي وفاداريءَ ۾ شڪ ڪرڻ جي ضرورت نه هئي!"

"برابر، تون صحيح ٿو چوين! پرهي معاملو تنهنجي وفاداري ۾ ڪرڻ تائين محدود نه آهي. سنڌ تي ترخانن جـو موروثي حق آهي. مغل بـرمار ٿي هتي آيا آهن. اسان کي هر قيمت تي کين هتان کڏڻو آهي. سنڌ جي تاج جو حق مرزا عبدالعليءَ جو آهي. اسين اهو حق هن کي وڻي ڏينداسين، پوءِ پلي اسان کي شهنشاهه هند سان مقابلو ڇو نـ ڪرڻو پوي. ارغونن ۽ ترخانن ۾ اڃا ايتري مردانگي آهي تـ پنهنجو حق تلوار جي زور تي وڻي سگهن!"

مرزا شاهه رخ هاڻ جڏ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو. پر اوچتو هن وري قيصر بيگ جي ا کين ۾ نهارينديءَ چيو: "تنهنجي وفاداري ڪرڻ جو اڃا ڪو پيو موقعو ايندو. آخر تنهنجي رڳن ۾ به تـ ترخاني خون آهي. اسان کي اميد آهي تـ تون پنهنجي خون کي ڪونـ لڄائيندين. وقت اچڻ تـي اسين تنهنجي هن "احسان" کي هرگز نـ وسارينداسين. اسين پاڻ ان جو انتظام ڪنداسون تـ توشيخاني جي عملداريءَ کان بهتر پيو ڪو عهدو توکي ڏيارون!"

مرزا شاهه رخ خنجر کي وري ميان ۾ وجهندي، وري پنهنجي موڙي تي وڃي ويٺو، ۽ اڃي ڏاڙهيءَ واري ترخان کي هلڪو اشارو ڪيائين. پيرسن قيصر بيگ کي وڻي دروازي تائين آيو. دروازي تي ٽي دفعا ٽڪ ٽڪ ڪيائين تـ دروازو ڪلي پيو، ۽ هڪڙو حبشي خواجہ سرا ادب سان الڳ هٽي بيهي رهيو.

"قيصر بيگ، هن ڪاهي هٽ واري ڪمري ۾ تنهنجو ساڪي موجود آهي. جيڪڏهن ڪجهه ونڊر ڪرڻ گهرين تہ تنهنجي مرضي، نہ تہ ڪيس پاڻ سان وڻي، واپس پنهنجي مسند ڏانهن وڃي سگهين ٿو. ساڪي خاني ۾ موجود امير ا گهي ٿي اهو ٽـا سمجهن تہ تون پنهنجي

ساقيءَ سان ڪجھ ديـر اڪيلائيءَ ۾ ونـدر ڪرڻ لاءِ خلوتگاھ ڏانھن ويو ھئين!"

قيصر بيگ جڏ شڪرگذاريءَ مان پيرسن جي ڪلھي تي ھٿ رکندي چيو: "مھرباني آغا جان. آءٌ ڪجھ ديـر آرام ڪري ٻوءِ نڪرندس!" ❁

(٥)

ٿو سنڌ وانگر دريا دل هو. ملوڪ بـ اهڙوئي هو، جهڙي سنڌ. پر جڏهن ڪان سنڌ جـي سينڌ ۾ غلاميءَ جـي ڏوڙ وسي هئي، تڏهن ڪان ٿئي جي جواني به ڇڻ موڪلائي ويئي هئي. ا ڳي نماشام ٿيندي هئي، ته هڪ طرف سنڪ وڃندا هئا ته ٻئي طرف ٻانگن جـو پُرسوز آواز سڃي وايومنڊل کي ننڍا ڪرو ڪري ڇڏيندو هو. ماڻهو جڏهن مندرن ۽ مسجدن مـان موٽندا هئا تـ چوپارين ۾ ورهائجي، خاص ٽهيل ٽلهن تي اچي ويهندا هئا. اهي ٽلها، ڪي ڳاڙهي پٿر مان، ته ڪي اڇي سنگ مرمر جا ٽهيل هئا. هر ٽلهي جي مٿان هڪڙو وڏو شمعدان ٽنگيل هوندو هو. ڪن جـي مٿان وري ڏيئن سان سجايل فانوس ٻاربا ها. انهن ٽلهن تي ويهي ماڻهو اوپاريون لهواريون ڪندا هئا ۽ سڃي ڏينهن ۾ جيڪي وهيو واپريو هو، ان جي سڌ ٻڌ هڪ ٻئي کي ڏيندا هئا. جوانڙا وري پنهنجون مجلسون محفلون دريا جي ڪپ تي مچائيندا هئا. ڪي ته دنگين ۽ ٻيڙين ۾ چڙهي لهندڙ سج جو نظارو ڪندا هئا. ڪي وري درياهه جي ڪپ تي ٽهيل گلشن ۾ ٽهيل پنج-درين ۽ ڇهه-درين ۾ ويهي درياهه کـي ۽ دريا ۾ موٽندڙ سج جي شفقي ليڪ کي تڪيندا هئا. ماڻهن جـو عقيدو هو ته دريا ۾ لهندڙ سج کي تڪڻ سان مَن جون مرادون پوريون ٿيندیون. ارغونن کـان ا ڳـي ڇهر جـا اناس مبلن تـائين پکڙيل هئا. پر ان غريب گاهه کي ارغونن جي گهوڙن جي سنبن ائين چڇري ڇڏيو هـو جـڻ مٽن کنهن هر هلائي، کيڻ ڏئي ڇڏئي هئي. ڪجهه وقت ڪانپوءِ دريا جـي پاسي سنڌين جـي وڃڻ تـي ٿي بندش پئجي وئي ۽ ڪاڻ ته دريا جي ڪپ ڪان ٽورو ٿي پرپرو ارغون ۽ ترخان سردارن جون حويليون هيون، جن جون ڏڇڻيون، دريا جـي پاسي ڪنديون

هيون ۽ ارغون ۽ ترخان ٻيٻيون، دريا جو نظارو ڪرڻ لاءِ، اطلسي موڙا ۽ مسندون وڇائي، دالانن ۾ اچي وهندون هيون. هونئن تہ ارغون ۽ ترخان جوانن جي دريا جي ڪپ تي گلگشت ڪرڻ تي منع ڪانہ هئي، پر جڏهن ڪان ڪن ترخان ٻيٻين ۽ ڪنيزن جي عشق جا داستان مشهور ٿيا، تڏهن ڪان ان پاسي وڃڻ جي ڪنهن کي بہ همٿ نہ ٿيندي هئي. البت ٻنهي پٽڻ تي اڃا بہ ماڻهن جا هجوم نظر ايندا هئا.

مغلن جي حڪومت آئي تہ ڪيترين حويليون مغل اميرن والاري ورتيون. مغلن کي شهرن سينگارڻ جو شوق هو. انڪري هنن وري دريا جي ڪپ تي چمن ۽ گلشن ٺاهڻ شروع ڪيا. نئين سر نئون گاهہ هٿائڻ تي بہ ڏيان ڏنائون. البت شهر جي اندر مغل اميرن جو خير ڪو گذر ٿيندو هو. انڪري شهرجي ٻڪ- سرين گهٽين ۽ رستن جي مرمت ڏانهن گهٽو ڏيان ڪونہ ڏنائون. فانوسن ۽ شمعدانن کي هارڻ جو انتظام نئين سر شروع ٿيو. پر مغل سپاهين ۽ لشڪرين جي ڏهڪار جي ڪري بہ ماڻهن ٽلهن ۽ درڪن تي وهڻ ئي ڇڏي ڏنو هو. ماڻهو سانجهي هانگ اچڻ تي پنهنجن گهرن ۾ ئي ٻوٽاڙجي ويهي رهندا هئا.

پر جڏهن مغل لشڪرين گهرن تي اچي زوريءَ ماڻهن سان ڏاڍايون شروع ڪيون تہ سيني ۾ چوپول ڦهلجي ويو. ڪجهہ تجربيڪار پيرسن ۽ بزرگ ماڻهن ڪجهہ جوانن جي مدد سان ان جو ڪو بلو ڪرڻ جو سوچيو. رڻ اها ٻيٿي تہ آخوند صالح واري مدرسي ۾ ڪي ڇڳا مڙس گڏ ٿي صلاح ڪن تہ ان جو ڪهڙو بلو ڪجي؟ آخوند صالح وارو مدرسو ڏٺي جي دل هو. جڏهن آخوند صالح ڪي ارغونن ٻياس تي ٽنگايو هو تڏهن ڪان تہ جيڪو بہ ماڻهو ان مدرسي وٽان لنگهندو هو، سو دل ئي دل ۾ شوڪارا پريندو، تعظيم ۾ ڪنڌ جهڪائي لنگهي ويندو هو. هاڻ ان مدرسي جو مهتمم حافظ بلال سومرو هو. هن جي بہ ٻيڪو عزت ڪندو هو. خود ارغون ۽ مغل سردار بہ هن جي علم ۽ ڏاهپ جو مان ڪندا هئا ۽

هو صفا گوشہ نشين ماڻهو هو. ڪنهن جي شادي مرادي ۽ ۾ نہ ويندو هو. ٿور- گهاڻائو ته هونئن ئي مشهور هو. ٿئي جي عامل جي سڏ تي وڃڻ کان به لهرائيندو هو. سندس فتوائن جي هاڪ سموري سنڌ ۾ هئي، ۽ مغل مولوي به ان ۾ کو نقص ڪڍي نہ سگهندا هئا.

سڀ نينڊ ڏنل ماڻهو، هڪ هڪ ٿي حافظ بلال جي حجري ۾ پهتا، ۽ نڪن تي ويهندا ويا. حافظ بلال نماز کان فارغ ٿي، سيني سان خوش خير عافيت ڪري پاڻ مصلي تي ئي ويٺو رهيو. هن جي اکين ۾ کو اچاتو غم چوليون هڻي رهيو هو، ۽ دل چوندي به هن جي اکين ۾ نهارڻ محال هو جڏ ته ڏسندڙن کي اهو ڊپ هو ته هن جي اکين جو اهو غم ڏسندڙ جي وجود ۾ نہ گهڙي اچي. اڪثر ماڻهو سوچيندا هئا ته حافظ بلال کي کهڙو غم هو؟ هو کهڙي گوندر ۾ گرفتار هو؟ ان سوال جو جواب حافظ بلال وٽ به نہ هو. هن گهٽائي پيرا چاهيو هو ته هن جو غم به عام انسانن وانگر اکين جي لڙکن ۾ وهي، ڪي قدر گهٽجي وڃي. پر هن کي ياد نہ هو ته هن جي اکين کڏهن رنو هجي. جڏهن آخوند صالح جو لاش مدرسي ۾ آندو هئائون، تڏهن حافظ بلال سمجهيو هو ته هن جي دل ڦاٽي پرزا پرزا ٿي. هن جي پاسرائين جي وٽين مان نڪري ايندي. پر ان جي بدران فقط هن جون ميون پيڙجي ويون هيون، ۽ هن پنهنجي چپ کي چڪ هڻي ڏٽي وڏو هو. کو عرصو هن ڪنهن سان گهاڻايو به نہ هو. ڪيترن استادن ۽ شاگردن اهو به محسوس ڪيو هو ته حافظ بلال نماز پڙهڻ به ڇڏي ڏني هئي. فجر جو دؤر ڪرڻ به ڇڏي ڏنو هئائين. هڪ ٻن استادن نماز لاءِ ڪيس چيو هو ته ذري گهٽ ڪين ڇڙپ ڏئي چيو هئائين "نماز؟ ڇو؟ ڇالاءِ؟.... ها، ها، نماز!"

۽ پوءِ هن نماز وري شروع ڪئي هئي. شروع شروع ۾ هن امامت ڪرڻ کان بنهه نهڪر ڪري ڇڏي، بلڪ باجماعت نماز کان ئي لهرائيندو هو. ان جو اصل سبب اهو هو ته پهريون ئي سجدو اڏو ڊگهو ٿي ويندو هو ڇو ٻين سجدن ۽ رڪعتن جي گنجائش ئي نہ رهي هئي. پر رفته رفته هو پنهنجي پاڻ ۾ موٽي آيو هو. باقاعدي

نماز پڙهڻ سان گڏ امامت ۾ شروع ڪيائين ۽ دُور ۾ شروع ڪيائين. دعا گهرڻ وقت جماعتين کي ائين محسوس ٿيندو هو ته جڏ هو ڪنهن صحرا ۾ ڪنهن بيوس لاچار مسافر جي اڪيلي صدا ٻڌي رهيا هئا، "اي ستن آسمانن جا خدا، پنهنجي حبيب جي صدقي، سندّ تان هي ڏرت ۽ ڏاڍ ڏور ڪر! هاڻ اسان ۾ سهڻ جي طاقت ڪانهي! تون ته مظلومن ۽ مجبورن جو اجهو آسرو آهين، ٻوءِ..... ٻوءِ اسان کي پنهنجي پناهه ۾ رک، يا اسان کي سڃهه ڏي ته سمجهي سگهون ته هي سڀ اسان جي آزمائش آهي!.... پر اي منهنجا مولي، هيءَ آزمائش به آخر ڪيستائين؟ آخر ڪيستائين؟ آخر ڪيستائين؟...."

دعا گهرندي هن جو آواز ڳوڙو ٿي ويندو هو ۽ نمازين جي ڏاڙي ۾ ڳوڙها اٽڪي پوندا هئا، سڏڪا اپرندا هئا ۽ لفظ "آمين" ۾ هڪ سڏڪو ٻڏجي، مسجد جي گنبذن ۾ اٽڪي پوندو هو. حافظ بلال جي دعا جا لفظ جڏ ته ستن آسمانن سان ٽڪرجي، شڪايتن ۽ شڪون ۾ بدلجي، ماڻهن جي دلين ۾ گهڙي پوندا هئا ۽ ماڻهو دعا لاءِ ڪنهل هٿ پنهنجي منهن تائين آڻڻ وساري وهندا هئا، فقط هڪ ٽڏو شوڪارو اٽندو هو، ۽ هوا ۾ تحليل ٿيڻ وقت هوا کي ٻه لهسيندو ويندو هو!

سيني پاڻ جا چڳا مڙس ۽ مُڪي اُڇي گڏ ٿيا هئا. سندن منهن تي عجيب بيوسي ۽ لاچاريءَ جا اولڙا هئا جڏ ته هو ڪنهن وڏي بيابان ۾ بييار و مددگار ٻڏڻ ڪانپوءِ ڪنهن وسنديءَ ۾ پهتا هئا. ۾ ڪين پڪ نه هئي ته اتي به ڪين مصيبتن کان پناهه ملندي. سيني جون اکيون حافظ بلال تان هٽنديون، حجري ۾ موجود ماڻهن جي منهن ۾ اميد جو ڪو ترور تلاش ڪري رهيون هيون، ۽ اوچتو جڏهن ڪنهن سان اکيون ٽڪريون ٿي ته جڏ ڪجهه شڪي ٿي هيٺ جهڪي ٿي ويون: جڏ ڪين هڪٻئي جي اکين تي اعتبار نه هو. ڪي ماڻهو انهيءَ بي‌اعتباريءَ کان بچڻ لاءِ تسبيح جا داڻا سورڻ ٿي لڳا، ۽ انهن داڻن سورڻ ۾ يڪسوئيءَ بدران ڪنهن ڳالهه کي لڪائڻ جو رنگ وڌيڪ هو. ڪهڙو ٽڙو سڀ پوئتي موٽندڙ عمر

جا هئا. ڪي ته بنهه پيرسن هئا. البت هڪ ٻه ڇڻا جوانيءَ جي حدن ۾ هئا پر انهن جوانن ۾ ڇڻ وقت کان اڳ گنيرتا لهي آئي هئي.

حافظ بلال ڪي پنهنجي هنن ديس واسين تي رحم اچڻ لڳو: هي ويچارا پنهنجي ئي وطن ۾ ڪيڏا بيوس ۽ بيواها ٿا پائنجن. ڇا هاڻ سنڌ جي ماڻهن جي اهائي تقدير آهي ته پنهنجي ئي وطن ۾ پاڻ کي ايڏا اڻاٽڪا سمجهڻ لڳن؟ سنڌ، جنهن هر ڪنهن ڪي محبت، پيار ۽ پاڻپوهه ڏني ائين ڇو بيوس ٿي محسوس ڪري. اهو سوچيندي ئي حافظ بلال جي اکين ۾ سختي موٽي آئي، ۽ هن ڪنگهڪار ڪندي چيو: "ڇاڇا يار محمد، ڇا صلاح ٻيٺي؟"

ڇاچو يار محمد شايد سيني ڪان وڌيڪ پيرسن هو. سندس منهن‌تي عمر ڪان، وڌيڪ تجربي جا گهنج هئا. هن جي اڇي ڏاڙهيءَ ۾ هڪڙو به ڪارو وار نه هو، پر تڏهن به سندس منهن ۾ ڪا اهڙي ڏيا هئي جو ڏسندڙ جو ڏيان هن جي اڇي ڏاڙهيءَ ڏانهن وڃڻ بدران ان گنيرتا ڏانهن ٿي ويو، جيڪا هن جي اکين ۾ ٿي وسي. هن پنهنجا جهور هٿ، پنهنجي منهن تي ڦيرائيندي چيو: "ابا، صلاح وري ڪهڙي ٻيهندي؟ سنڌين ۾ ڪڏهن ڪا صلاح به ٻيٺي آهي؟ انڪري ته تو وٽ لنگهي آيا آهيون ته من تون ڪا راهه ڏسين، جيڪا سيني ڪي وٽي!"

حافظ بلال جو منهن حياءَ حجاب کان ڳاڙهو ٿي ويو. ڪجهه هٻڪندي چيائين: "اوهين سڀ مونکان وڏا آهيو. اوهان جي وڏي نظر آهي، وڏو تجربو آهي. آءٌ ٻلا ڪهڙي راهه ڏسي سگهندس؟"

"ابا، عقل عمر سان هجي ها ته آءٌ برابر سيني ڪان ڏاهو هجان ها، پر جڏهن عقل ٿي ورهايو تڏهن اسان جي ابن ڏاڏن پرڙ جهليو هو. تڏهن ته ڏارين جي هٿان موچڙا ڪائيندي، اڇي ڏاڙهي ٿي آهي." چاچي يار محمد اها ڳالهه ڪجهه ماڻهن کي ڪلائي، بار هلڪو ڪرڻ لاءِ ڪئي، پر سندس آخري لفظن ڪلائڻ بدران ماڻهن کي وڌيڪ گنيير بنائي ڇڏيو.

"جي حڪم هجي ته آءٌ ڪوشش ڪري نئين امير رسم

بيگ سان ملي، مغل لشڪرين جي حرڪتن بابت ڪيس ٻڌايان: من ڪو بلو ڪري وڃجي!"

"ابا، امير ٽنگون ٽيڙيون آهن، تڏهن ته لشڪرين جو مٿن وڌيو آهي. امير تائين دانهن ته ڪڏهوڪو پهچائي اٽائون پر امير کي نه ڪا جوڻ نڪي ليڪ ــ پاڻ آکرو ته سندي شورشون تا ڪن، انڪري سندن چڪاس ضروري آهي!" چاچو يار محمد هاڻ ڪاوڙ ۾ اچي ويو هو.

"ته پوء ته پنهنجو ئي ڪو بلو ڪرٽو پوندو....." "حافظ بلال ڪجهه سوچيندي چيو.

"ابا خيرل، تو جيڪا گالهه ٿي ڪئي، سا ڪري ٻڌاء ته سڀ سڻن،" چاچي يار محمد هڪ همراهه جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو.

خيرل بنهه سنهڙو سيپٽڙو همراهه هو، جنهن جي منهن مان سندس عمر جي ڪا خبر نٿي پئي. سندس شهپرن ۾ ڪو اڇو وار ڪونه هو. البت لوٽن وٽ وارن ۾ اڇا پوڻ شروع ٿيا هئس. سندس هڪڙي ڳل تي هڪ ڊگهو گهاءُ هو، جيڪو تازي سيرب جي ڪري ائين ٿي پائنيو جڻ ته حجر ڪيس ٽڪو ڏئي وڌو هو ۽ رتائجي ويو هو. سندس اکين ۽ نڪ جي ٻيهڪ انهيءَ گهاءُ جي ڪري وڌيڪ نمايان ٿي پئي هئي، ۽ خاص ڪري گهرا گهاڻا پرون سندس منهن ۾ حشمت پري رهيا هئا. هن جي جسر جي سنهائپ سندس منهن مان بنهه ڪانه ٿي لڪائي ۽ ائين ٿي پائنيو جڻ ته ان بت تي اهو منهن نٿي ڏهکيو.

هن گلو صاف ڪندي چيو: "مون اها گالهه ٿي ڪئي ته هر پاڙي ۾ ٻه ٽي ماڻهو سانجهي نماز ڪانپوء پنهنجي پاڙي ۾ چونڪي ڏين، ۽ لشڪري اچن ته ڪين سمجهائين ته پاڙي ۾ ڪنهن اوپري ماڻهوءَ کي ڏسي هو پاڻ ڪيس لشڪرين جي حوالي ڪندا. ڪين سانجهيءَ ڪانپوء گشت ڪرڻ جي ضرورت ڪانه رهندي."

"صلاح ته سٺي آهي پر لشڪري مڃيندا ڪونه،" هڪ ڪي

آهي پنهنجو پاڻ پرٿو، سي مرگهو چونڪيءَ وارن همراهن کي ئي ٻڌي وڻي ويندا.....» هڪ همراهه وچان آواز ڏنو.

سيني لوٽا ڦيرائي ان همراهه کي ڏنو. هي همراهه به ڪراڙو هو. سندس منهن مسان اڌين پٽي پاڻيو ته ڪافي ڊنل هو. هن جي ڳالهائڻ وقت ئي سندس بدن جي ٽڙڪٽي ظاهر هئي. چاچي يار محمد کيس ڏسي چيو: «حاجي نور محمد سچ ٿو چوي. اڄان ڪالهه سندس ٻنهي ڇوڪرن کي لشڪري وڻي ويا، ۽ حاجي لشڪرين کي وڃي اشرفيون ڏيئي، سندن جان ڇڏائي آيو....»

حافظ بلال حاجي نور محمد کان پڇيو: «حاجي، پلا تنهنجي ڇوڪرن کي ڇو جهليائون؟ تنهنجا ڇوڪرا ته ڏاڍا سلجهيا ۽ سدورا آهن.....»

«پائو، راهه ويندي ٽوروئي جهليا. اندر گهر ۾ ويٺا هئا. در تي ڪڙڪو ٿيو: ننڍو ڇوڪرو علي محمد ٻاهر نڪتو ته لشڪرين جهٽ وجهي ڪٽي ڪيس قابو ڪيو، ۽ ڇوڪنيو ڪٽي ٻڌائونس. سندس رڙين تي وڏو ڇوڪرو صالح نڪتو ته ان سان به سا گهي ڪار ڪيائون ــ چي «توهان سانوڻ جي ٽولي سان شامل ٿي ڏاڙا ٿا هڻو. هلو چونڪيءَ تي!» پوءِ ته ٻنهي کي مارينداڪٽيندا، گهليندا وڏي چونڪيءَ تي وڻي ويا. آءٌ ڇڏائون ڪندو اتي پهتس، ۽ مس مس پنج اشرفيون وڻي ڪين ڇڏيائون. پنج اشرفيون به نه پيا وڻن، پر جڏهن ڪين ٻڌايم ته مون وٽ ان کان وڌيڪ پائي به ڪانهي، تڏهن ڇڏيائون....» حاجي نور محمد جو ڊپ هاڻ ڇڄي ڇيو هو، پر يڪي ساهيءَ ڳالهه ڪندي، سهڪي ۾ پئجي ويو.

«ابا حافظ، رڳو حاجي نور محمد سان اها تعدي ڪانه ڪئي اٿن. هي جيئندو ويٺو آهي، ان جو ڪڙوڪڙڪائي، ڪيس ٻاهر سڏي، چونڪيءَ تي وڻي ويا ۽ هڙ ۾ جيڪي هوس، سو ڦري ڪيس ڇڏيائون. سونهاري جي ننڍڙي معصوم ڇوڪر کي به وڻي ويا ۽ جيسين ڪجهه ڏنائين نه، تيسين ته ٻڌائين ئي نه ٻيا ته ڪو ڇوڪر وڻن هو. هر پاڙي ۾ اهڙا روز واقعا ٻيا ٿين، هاڻ ته هٿ رهڻ ئي

جنجال ٿي پيو آهي....."

"غلام قومن سان ائين ٿي ٿيندو آهي، چاچا!" حافظ بلال اهي لفظ ڪجهه اهڙي انداز سان چيا، جو سيني جي بدن ۾ سياڻو پئجي ويو. اهي لفظ نوان نه هئا، اهي لفظ هنن پنهنجي دل ۾ محسوس ڪيا هئا، پر اهي لفظ جڏهن حافظ بلال جي زبان مان ادا ٿيا تہ انهن ۾ هڪڙي نئين معنيٰ پرجي آئي، جنهن هنن کي پهريون ڀيرو ان حقيقت جو احساس ڏياري، سندن بدن ۾ سيءُ وجهي ڇڏيو.

"هائو ابا، سچ ٿو چوين: غلام نہ هجون ها تہ اها کار ٿوروئي ٿئي ها! هاڻ تہ ڪاروبار ڪرڻ به ڏکيو ٿي پيو آهي: جيڪي لٽهاٽا، ميمڻ ۽ ڪتري لڏي ويا آهن، انهن جي ملڪيتن تي ارغون، ترخان ۽ مغل زوريءَ قبضا ڪندا وتن. امير ۽ عامل کين عام اجازت ناما ۽ پروانا پيا ڏين. جٽ تہ اها آهي تہ جن دڪانن ۽ جاين جي مسواڙ پيا پريون ۽ پيڙهين کان اتي ويٺا آهيون، اهي دڪان ۽ جايون به ارغون، ترخانن ۽ مغلن جي نالي پيا ٿين. حڪم وري اهو تہ مسواڙون انهن نون مالڪن کي ڏيو نہ تہ خالي ڪريو! اجهو هي خالقڈنو ويٺو آهي. ابي ڏاڏي کان ويرسي مل جي جاءِ ۾ مسواڙ تي ويٺا آهن. ويرسي ويو، پر پٽن کي همت چڏي ويو. سندن ڪوٺي اڃا وڏي بازار ۾ آهي. هاڻ ان جاءِ جي ملڪيت هڪ مغل معموري بيگ جي حوالي ٿي آهي، ۽ مسواڙ اهو پيو وٺي. ويرسيءَ جا چوڪرا دانهين ٿي ويا تہ مرڳو بيعزتا ٿي آيا. امير جي عملدارن کين دڙڪو ڏنو تہ ماڻ ڪري ويهن نہ تہ ان ڪوٺيءَ تان به کين اٽاريندا جو اها به لڏي ويل ويرسيءَ جي ملڪيت آهي. مُٺي به ماڻ، مُٺي به ماڻ ڪري ويهي رهيا. هاڻ وري مغل خالقڈني کي چوائي موڪليو آهي تہ مسواڙ وڌائي ڏي نہ تہ آڪ جاءِ مان! ڪيئن ابا خالقڈنا، سچ ٿو چوان نہ؟"

"هائو چاچا، مون واري جاءِ تہ ويئي، پر هاڻ تہ دڪان جي پويان پيا آهن تہ دڪان اسان کي وڪڻي ڏي! آءٌ ڇڙيوال ان دڪان مان ٿي روزگار ويٺو ڪمايان، سو ڪيئن دڪان چڏيان؟ امير کي

عريضي موڪليم پر ڪجھ نہ ٿيو. هاڻ وري هي عريضي آ گري موڪلي اٿم. منن اتان کو انصاف ٿئي!" خالقڏنو ڳالھ ڪندي اچي سڏڪن ۾ ٻيو سندس پر ۾ ويٺل هڪ همراھ ڪيس ڪلھن ۾ ٻاڪر وجھندي، دلداري ڏني تہ ما ڳھين اچي اوچنگارن ۾ ٻيو.

حافظ بلال جو منھن ڪاراڻجي ويو، پر ھن پاڻ تي ضبط ڪندي چيو: "ھاڻ تہ پانڌجي ٿو تہ مغلن ۽ ارغونن ۽ ترخانن وانگر فيصلو ڪري ورتو آھي تہ شھرن جي ملڪيتن ۽ واپار وڙي تي قبضو ڪندا ويندا تہ سندن حڪومت قائم رھندي. شھرن تي قبضو مڪمل ٿيو تہ پھراڙيون خودبخود سندن قبضي ھيٺ اچي ويندیون!"

"ابا، پھراڙين تي تہ ھونئن ئي سندن قبضو آھي. زمينون يا تہ جاگيرن طور ارغون اميرن ۽ مغل سردارن کي مليل آھن، يا وري ننڍن ننڍن زميندارن کان ڦڪڙن مٽ تي زمينون وٺندا وڃن! محصول ايترا آھن جو ھر ھاري ۽ مالوند ماڻھو فقط ايترو ٽا اپائين جو سال جو قوت بچي. اناج کي شھرن ۾ پھچائڻ جا گھٽ بہ سپ ھن جي ھٿ ۾ آھن. سو پھراڙيون بہ ھاڻ ھن جي قبضي ۾ آھن...."

چاچي يار محمد حافظ بلال جي ڳالھ کي ٽيڪو ڏيندي چيو.

"پر ھي جو شھرن ۾ لشڪرين ٻاٽيتال مچايو آھي، ان جو ڪھڙو مقصد تي تہ سگھي...." ڪنھن همراھ جن ٻنھنجي ٻاڻ سان ڳالھائيندي چيو.

"ان جا گھڻائي مقصد آھن: ھڪڙو تہ سنڌي پاڻ کا شورش يا بغاوت نہ ڪري سگھن. ننگ سلامت نہ ھوندا تہ ڪير شورشن جو سوچيندو؟ ٻيو تہ سنڌي ارغونن يا ترخانن کي شورشن ۾ مدد نہ ڪن. ٽيون تہ سنڌي عاجز اچي، شھرن مان لڏي وڃن تہ ملڪيتون ٻاھران ايندڙن لاءِ خالي ٿين، واپار وڙو بہ ٻاھرين جي ھٿ ۾ اچي، جن جو دھلي، آ گري، فتح پور ۽ ٻين ھندستاني شھرن سان ڳانڍاپو ھجي، ۽ جيڪي ان ڳانڍاپي جي ڪري مغل شھنشاھت سان وفادار رھندا اچن. باقي رھندا ڪمي، ڪاسبي، ھٿ ڪاريگر، سي جيڪو مال ٺاھيندا سو سستن اڳھن تي خريد ڪري، اھي ٻاھريان واپاري

ڏيساور موڪليندا، يا دهليءَ ۾ آگري جي بازارن ۾ وڪري لاءِ موڪليندا. ظاهر آهي ته ڪاريگر ۽ ڪمي ڪاسبيءَ جو روزگار هنن جي هٿ ۾ هوندو ته انهن تي سندن ئي حڪم هلندو!" حافظ بلال جي آواز ۾ پڑاڏو پيدا ٿيندو ويو— نفرت جو پڑاڏو، احتجاج جو پڑاڏو!

ڪا گهڙي مان تي ويئي. ماڻهن کي پنهنجو ساهه ڪٿ بي محسوس ٿيڻ لڳو. ان نفرت جي لهس سندن ان احساس کي هيڪاندو ڪري ڇڏيو. پر گهڙي ڪانپوءِ ڪنهن جي ڪنگهڪار تي، ڇڻ سپ حال ۾ موٽي آيا.

"منهنجي صلاح آهي ته اسين ٻه چار ڇٽا گڏجي شهر جي عامل سان يا ڪوتوال سان ملي، هر ماهه لشڪرين جي لاءِ هڪ مقرر رقم ڪين ڏيون. اها رقم ڦوڙي ڪري ڪين پهچائجي. لشڪرين جو ٻيڙ ٻڏو ته هو ڏاڍائي ڪرڻ ڪان ڪيبائيندا!" اهي لفظ هڪڙي ٽلهي متاري همراهه چيا، جيڪو سيني ڪان ٻڌيان پٽ کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو. هن جي بت بدن مان ائين ٽي پاڻيو ڇڻ ته هو پنهنجي ٽولهه مان پاڻ بيزار هو. سندس منهن تي ٻه ٽولهه جي ٽوٽر چڙهيل هئي. سندس چپ ٽلها، نڪ نسبتاً سنهو هو. ٽوٽر جي ڪري سندس اڪبون نندڙيون ٽي نظر آيون، ۽ سندس پيشاني ائين هڪدم پوئتي موت ٽي ڪاڏي، جو سندس پرن ۽ وارن ۾ تمام ٿورو فاصلو هو. جيترو هو ٽلهو هو، سندس آواز اوترو ئي سنهو ۽ تقريباً زنانو هو. هن گالهه کي جاري رکندي چيو: "ڪڙي بازار ۾ ڪجهه لشڪري ائين هريا هٿا، جو مال ڇڪائي هليا ويندا هٿا، ۽ پوءِ هڪڙو لشڪري ڪپڙو سودڙ جي ڀهاني سان دڪاندار سان اڪي پوندو هو، ۽ سڄي بازار جي اکين اڳيان اهو دڪاندار لشڪرين جي هٿان ڏاڍي مار کائي، ڪپڙو ٻه ڏيندو هو ته تاوان طور هڪ ٻه اشرفيون ٻه ڏيڻيون پوندیون هئس. جڏهن اهي واقعا روز ٿيڻ لڳا، ته سيني گڏجي، ڪپڙي بازار جي چونڪيءَ جي عملدار کي ان گالهه تي راضي ڪيو ته سندس چونڪيءَ جي لشڪرين لاءِ مهيني درمهيني ويهه اشرفيون ڏيندا سون:

اهـو ڏينهن اچوکو ڏينهن، وري کو لشکري ڪپڙي بـازار ۾ ڪونہ آيو آهي!"

"بروبر، وري ڪنهن سپاهيءَ جو پاڇو بہ ڪپڙي بازار نـ آيو آهي،" هڪڙي ٻئي همراهہ هن جي ڳالهہ کي ٽيڪو ڏنو.

"پر اهو تہ پُڻگ ڏيڻ ٿيو: اڄا اهڙا بہ ڪمزور نہ ٿيا آهيون جو ظلم خلاف پُڻگ ويڻا ڏيون! اڄ هڪڙن لشڪرين کـي پُڻگ ڏنوسون، تہ سڀاڻي وري ٻيا ميڙائبا!" خالقڏني چئي ڏنو.

"نہ نہ، ائين ڪونہ ٿيندو.... اهو تہ هٽ وڻي هنن کي حرام تي هيرائڻ ٿيندو! پوءِ تـ هر بازار مان، هـر محلي مـان، پُڻگ وڻڻ شروع ڪندا!" چاچي يار محمد خار وچان چيو.

حافظ بلال سڀني جون ڳالهيون ٻڌندو رهيو. هن جي منهن تي هڪڙو رنگ آيو تي، هڪڙو ويو تي. جڏهن پُڻگ جي ڳالهہ تي بحث مباحثو ختم ٿيو، تـڏهن هـن موجـود ماڻهن تـي سرسري نظر وجهندي چيو: "اڄا بہ ڪنهن کي ڪا تجويز ڏيڻي هجي تہ پلي ڏي."

هڪڙي نوجوان ڪنگهڪار ڪندي سڀني جـو ڌيان پاڻ ڏانهن چڪايـو. نـوجوان پنجويهن ڇهويهن سالـن جـو ٿـي لڳو. سندس منهن ۾ پـورهيتن واري سختـي هئـي. سندس سنهيون مڇون ڪـڪي رنگ جون هيون ۽ تہ ساهہ جي تـو ۽ جي ڪري ڪاڙهسريون ٿي ويون هيون. مضبوط جسم، ڊگهو قد، ويڪرا ڪلها، جن ۾ ڪا اڃاتي آڇل ٿي پائئي. هن جي آواز ۾ هڪ عجيب گونج هئي: ائين ٻئي پانيو ڇڻ ايترن ماڻهن جي اڳيان ڳالهائيندي آواز سندس نڙيءَ جي پويان ٿي آيو.

"آڃ اوهان سڀني کان شايد ننڍو آهيان، اندڪري وڏن اڳيان مونکي ڳالهائڻ تہ نہ گهرجي: پر ڳالهہ ئي اهڙي آهي جو جهل نہ ٿي ٿئي. مـون هيل تائين ماڻـڙي ڪري ويٺي وڏن جـون ڳالهيون ٻڌيون. ائين ٻيو پانيان ڇڻ سيکو ائين ٿو سمجهي تہ مغلن جو بلو يا منٽ ميڙ سان ڪجي يا پُڻگ ڏئي جند آزاد ڪجي. سڄي چمار سنڌين پنگ ڏئي گذاري آهي! يا ڪهڪائيندي، ٽمندي، نياز نڙت

سان، پاڻ تان ڏارين جـون هلائون واري ڇڏيون آهن. ڪڏهن اهو ڪنهن نه سوچيو آهي ته مڙس ٽي مقابلو ڪرڻ سان به مغلن جو بلو ڪري سگهجي ٿو....»

نوجوان پاڻ ۾ گهٽوئي ڏيرج پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ٽي ڪئي، پر سندس آواز ۾ نفرت وڌندي وئي. هن گهڙيءَ لاءِ پنهنجي آس پاس نهاريو، ۽ هن تي نااميديءَ بدران بيزاري اچي وئي. «سو جي سيني جي صلاح نه به ٻيئي تـ، اسان ڪجهه ننڍن نيٽن سوچيو آهي ته مغل سپاهين کي اهڙي سيکٽ ڏيون جو سندين جـي پاڙي ۾ اچڻ کان ٽي بان پري ڇڏين....!»

هن پنهنجي ڳالهه اهڙي نموني ڪئي، جـڻ تـ هن چوڻ تـ گهٽوئي ڪجهه ٽي چاهيو، پـر ڪنهن سندس وات تي هٿ رکي، ڪيس ڳالهائڻ کان روڪي وڌو هو! ڪا گهڙي ڪنهن بـ ڪجهه ڪونه ڳالهايو، جڏ تـ هو هن همراهه جي ڳالهه کي تورڻ تڪڙ ۾ مصروف هئا. پوءِ چاچي ياروءِ هوريان ڪنگهڪار ڪندي چيو: «ابا، تون علو وادي جو چوڪرو وريام آهين نه؟ جزاڪ الله! ڏٽي وڏي جمار ڏينئي! ڳالهه تـ منهنجي دل وٽان ڪئي اٽئي، پر رڳو هڪڙي ڳالهه ٽي ماري. جيڪڏهن مغل سپاهي عنمل وٽ دانهين ٽي وڃا تـ پوءِ ڪهڙو حشر ٽيندو، سو ڪـو سوچيو اٽئي؟ اوهين تـ جهلجي ويندؤ، پر هر پاڙي تي اهڙا ڏنڊ ۽ تاوان وجهندا، جو پريندي حال اٽئون!»

پيرسن جي ڳالهه سيني کي دل سان لڳي، پر ڪنهن به وچ ۾ ڳالهائڻ مناسب نه سمجهيو. حافظ بلال کي چوٽو پيو: «وريام، ابا، ان اعتراض جو ڪو جواب ڏيندين؟»

وريام حافظ بلال سان ا ڪيون ملائيندي چيو: «پنگ ڏيڻ کان تہ اهو ڏنڊ ڏيڻ ڇڪو ٽيندو! تنهن ڪانسواءَ مغل امير وٽ ڳالهه پهتي تـ، خود لشڪرين جـي ڏاڏاين جي ڳالهه به نڪرندي. ڳالهه آگري تائين پهچڻ جو به خيال ٽيندن!»

«بروبر»، «واهه جي ڳالهه ڪئي اٽئي،» «اها چڱي صلاح

ٿي....” اوچتو ماڻهن وچ وچ ۾ پنهنجو پنهنجو خيال ڏيکارڻ شروع ڪيو. نيٺ حافظ بلال چيو: ”هاڻ هيئن ٿا ڪريون ته هر محلي مان پنج پنج جوان گڏجي چونڪي ڏين. مغل لشڪرين کي اطلاع ڏيڻ لاءِ آڳ پاڻ ٿو عامل وٽ وڃان ته لشڪرين کي ڏاڍاين ڪرڻ کان روڪين نه ته جهيڙو ٿيندو ۽ گهالهه آگري تائين پهچندي. ابا وريام، هرو پرو مغل، لشڪرين سان ڪوبه نه ڪجو. ارغون سردارن ا گهي ئي مغلن کي ميڙ ڏني آهي ته سندي وري شورش ڪرڻ وارا آهن. ارغون ۽ ترخان پاڻ ڪجهه ڪرڻ وارا آهن، متان اهو الزام به اسان تي لڳي! چاچا يار محمد، هاڻ هر پاڙي ۾ چونڪي جا جوان مقرر ڪرڻ توتي ۽ وريام تي ٿا چڏيون. آڳ سپائي ئي عامل سان گهالهه ڪندس. مون کي هونئن ئي مدرسي جي ڪم لاءِ سڏايو اٿن!”

حافظ بلال گهالهه ڪئي، معني فيصلو ٿي ويو. ماڻهن مان کي اڃان به ڏني ڏپ کان ان گهالهه سان متفق نه هئا، پر حافظ بلال ا گهيان اعتراض ڪرڻ جي حجت ڪنهن به نه ڪئي. سڀ اها دعا گهرندا اٿيا ته خدا کو مغلن کي ساڃهه ڏي! ✱

ڏڪي جي رات کهاڙيءَ جي ڏاڪ جيان ڏري پئي هئي. هوا ۾ ڪنهن اهنج، ڪنهن ايذاءَ کان ڦوڪون ڏيڻ لڳي هئي. سوسات ائين ٿي ٿيو جڏ تہ وٽن جي بدران ماڻهن جي دلين مان شوڪارا ٿي ڦٽي نڪتا. سهڻيءَ جي هانگ جي آواز انهن شوڪارن کي وڌيڪ دردیلو بڻائي ڇڏيو، جڏ تہ هانگي جڏهن "حي علي الصلواة ، حي علي الصلواة"، ٿي ورجايو تڏهن سندس دل مان دانهن ٿي نڪتي؛ ۽ جڏهن هن پنهنجي پُرسوز آواز ۾ "حي علي الفلاح ، حي علي الفلاح" جو سڏ ڏنو، تڏهن ۽ هن جي دل جي درد اها شهادت ٿي ڏني تہ نماز لاءِ ڪوبہ نہ ايندو، پلائي لاءِ ڪوبہ نہ ايندو! ظلم جي چوڏيواريءَ اندر ويچارڙا ماڻهو الله جي سڏ تي لبيڪ چوڻ کان ۽ سراپجي ويا هئا، متان مغل لشڪري مسجد ۾ ان نڪرندي ڇتن ڪتن وانگر ورائي وڃن!

سانوڻ ڪميت کي سيڊن واري مسجد جي ٻڙ جي اوٽ ۾ ڇڏي ڏنو، ۽ آهستي سندس ڪن ۾ سرهاڻ ڪندي چيائين: "مڙي، منهنجو اتي ئي انتظار ڪجان!" ڪميت جڏ تہ سندس نياپو سمجهي، ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهي، ۽ سانوڻ لغام ورائي سندس ڳچيءَ مان آڪاريندي، هٿي ۾ هٽي ڇڏيو. مغلاڻي پڳ جو پلاند ورائي، ٻُٽ ٻڌندي، مسجد جي پٺ وٽي، ترخاڻن جي محلي جي پهرين چوٻُرجيءَ جي اوٽ وٽي بيهي رهيو. چوٻرجيءَ ۾ ان وقت ڪوبہ نہ هو: شايد چوڪيدار نماز پڙهڻ لاءِ مسجد هليو ويو هو، يا پنهنجي ڪنهن ساڻيءَ سان ٻُٽ شُٽ هٽڻ لاءِ حويلين مان ڪنهن حويليءَ جي ڏيڏيءَ ۾ مصروف هو. مغلن جي بهروپ ۾ جيڪڏهن ڪو ترخان هن کي ڏسي ها تہ بہ مڙيوئي خير هو، پر تڏهن بہ احتياط

سان، پنهنجي آس پاس جو جائزو وٺندي، هو اڳيان وڌيو. هڪ ٻيرسن ترخان مسجد ڏانهن وڃڻ لاءِ رستي تي ملياس: هڪ مغل سردار کي ڏسي، ادب سان ڇاتيءَ تي هٿ رکي، آڇيان ڪندي اڳتي وڌي ويو. سانوڻ کي پڪ ٿي ته سندس پهروپ هروپرو ايترو واڪو نه هو جو ڪير سندس اصليت سمجهي وڃي. ٿي ڇوٻرجيون ٿيو، جڏهن هو هڪ وڏي ڏيڏيءَ وٽ پهتو ته هلڪي پڪيءَ جو آواز ڪن تي پيس. هن به هوبهو ان پڪيءَ جي ٻولي ۾ جواب ڏنو ته ڏيڏي جي اوٽ مان هڪڙو مغل ٻاهر اڇي سائس مليو.

"سردار خان، هن ڏيڏيءَ ڪان اڳيان واري حويلي قيصر بيگ جي حويلي آهي. منهنجي جاسوسن خبر ڏني آهي ته قيصربيگ پاڻ موجود ڪونهي. البت پهرو اڳي ڪان وڌيڪ آهي. اٽڪل پندرهن سورنهن سپاهي آهن: انهن جو ٻلو اسين پاڻ ڪنداسين؛ باقي زنانخاني ۾ سندي ڪنيز ــــ منهنجو مطلب آهي ته ــــ نينگريءَ کي ڪٽڻ توتي عڏيل آهي!"

"چڱو، پر مال لٽڻ وقت هروپرو خونريزي نه ٿئي، نه ته آس پاس جي حويلين جا پهريدار نه گڏ ٿي وڃن!"

سانوڻ ٻوءِ ڪجهه سوچيندي چيو: "ءِ ارسلان، خاص طرح زائفائن ڪان زيور وغيره لهرائڻ ٻه مون کي پسند ڪونهي."

"سردار خان، تون ڇٽو آهين. جيڪي ڪجهه مال خاني واري ڪوٺي ۾ اندر وارين ڪجهين ڪوٺين مان مليو، فقط سو ڪٽنداسين...."

اڃين چٽي ارسلان وڙي هڪ پڪيءَ جي ٻولي ٻولي ته آس پاس مان، ڏهاڪو همراهه، مغلن جي ويس ۾، ٻٽون ٻڏل، پاڇولن جيان ڏيڏيءَ اڳيان نمودار ٿيا: ارسلان جي اشاري تي، سڀ گڏجي قيصر بيگ جي حويليءَ جي دروازي تائين اهڙي نموني پهتا ڇڻ سپاهين جو جٿو، ڪنهن عملدار جي حڪم تي، کو خاص پيغام ڪٽي پهتو هو. سندن جٿين جي آواز ۾ به سپاهين واري تنظيم هئي. سانوڻ، ارسلان جي ماٺهن جي هن چال جو خيال اينديءَ ٿي، مرڪڻ

لڳو. ارسلان بيگ برابر چڱي تيار ڪري آيو هو. ڏيڏيءَ جي چوبي دروازي تي پهچي، ارسلان جا ماڻهو، سپاهين وانگر هڪ آواز ٿي ٻيهي رهيا. ان آواز تي چوبي دروازي ۾ هڪڙي ننڍڙي دري کلي ٿي، ۽ هڪ پهريدار سسي باهر ڪڍي پڇيو: "اوهين ڪير؟"

"ٿئي جي عامل عاليجاهه رستم بيگ جو خاص پيغام توشيخاني جي عمال، مرزا قيصر بيگ لاءِ آندو اٿون، هڪدم ڪيس جاڙ ڪيو وڃي!"

"پر حضور مرزا صاحب جن ته موجود ڪونهن!" پهريدار هيسجي چيو.

"ته پوءِ اسين انتظار ڪنداسون. سپاهيو، توهين اتي ٽي ٻيهجو، ۽ تون مهمانخانو کولاءِ ته اسين انتظار ڪنداسون!" ارسلان بيگ ڪڙڪي سان چيو.

"پر.... پر حضور...." پهريدار کي سمجهه ۾ ٽي نه پئي آيو ته هو چا ڪري.

"گستاخ، اها پَر پَر چاجي لڳائي اٿئي؟ اسين تو کي عاليجاهه حضور رستم بيگ جي نالي تي حڪم ٿا ڏيون ته اسان جو آدرياءُ ڪيو وڃي.....!"

"حضور، آءٌ چا ڪريان، مون کي ته اهو حڪم...."

"حڪم جا سَڪا...!" ارسلان بيگ غضبناڪ ٿيندي. ڪٿي پهريدار جي مُنڊيءَ ۾ هٿ وڌو. پهريدار جون ا ڪيون باهر نڪري آيون، ۽ هن هيڪندي چيو: "جيڪو حڪم.... جيڪو حڪم....!"

ارسلان اوچتو هن جي مُنڊي ڇڏي ڏني، ۽ پهريدار ٽاپڙجي وڃي پويان ڪريو، ۽ ٿوري دير ۾ دروازي جي لوهي تاڙي کلڻ جو آواز ٿيو. دروازو کليو ته ارسلان، ۽ سانوڻ جي پٺيان ارسلان جا همراهه به ڏوکيندا اندر داخل ٿيا.

"سپاهيو، گرفتار ڪريو هنن گستاخن کي! هنن مغل اميرجي حڪم عدوليءَ جي جرأت ڪئي آهي...."

پهريدارن کي سمجهه ۾ نه آيو ته هو چا ڪن، جيسين هو

هٿيار سنڀالين، تيسين ارسلان جي همراهن ترارن جي نوڪ تي سمورن ڏهاڙن پهريدارن کي رسن سان چوڪنيو ٻڌي ڇڏيو. احتياط طور هنن سندن واتن ۾ سندن ئي پٽڪن جو وَرُ ڏيئي، رڙين کرڻ کان روکي ڇڏيو. اڳتي جيڪي پهريدار ملين، تن سان به ساڳي ڪار ڪيائون. ارسلان ۽ سندس ساٿي مهمانخاني مان ٽيندا، مردانخاني ۾ داخل ٿيا، ۽ سانوڻ زنانخاني ڏانهن رخ ڪيو.

زنانخاني جي دالان ۾ به ديو جيڏا خواجه سرا هڪ اوپري مغل کي حڪما حڪمي اندر ايندي ڏسي، گهڙيءَ لاءِ وساجي وياَ. پر هوءَ جڏ نند مان سڃاڻ ٿي، آدمبوءِ ٿي، پنهنجا خنجر ڪڍي، سانوڻ تي آلر ڪري آيا. سانوڻ کي گهڙيءَ لاءِ ٻاڻ ٿي ڪاوڙ اچي وئي ته هن پهرين ڇو ڪونہ سوچيو ته زنانخاني ۾ خواجه سرا پهرو ڏيندا هوندا! ان کانسواءِ هن هروڀرو خوندي ڪرڻ نہ ٿي ڪهي. پر هن دنوں، مان اڄ جان ڇڏائڻ ۾ رهيل هئس. هو ڪجهہ سوچيندي، ٻي ڏٺي ٿي قدم ڏنل هليو ويو. خواجه سرا ا.ست هاڻي جيان جهوليندا، اڳيان وڌيا، ۽ هو اڃان ٻي ڀرڻ قدم پوڻڻي هليو ويو. ان کي اڃان پوڻڻي هٿندو ڏسي، خواجه سرا اهو سمجهہ لڳا نہ سندن شڪار خوف کان پڄڻ جي نيارين ۾ هو. اڳرين ڏو هڪ ٻئي پويان ڏوڪيندا آيا. تيسين سانوڻ خنجر بدران، پهچي ڪمربند ۾ لڳل رسو ڏولي، سرڪساهيءَ کي ڪجهہ وڪرو ڪندي، پهچي مٿان ڦيرائيندي، هڪڙي ديو ڏانهن اڇليو. رسو خواجه سرا جي ڳلهن تائين آيو تہ سانوڻ ڇڪ ڏيئي قابو ڪري ڇڏيو. ان ڇڪ تي خواجه سرا منهن ڀر اچي ڏاڪن تي ڪڪو ڪيو. جهٽ هٽي سانوڻ سندس هٿ مان خنجر ڦري ورتو، عين ان وقت ٻيو خواجه سرا مٿس آلر ڪري آيو. سانوڻ ڦرتيءَ سان پوڻڻي نہ هٽي ها تہ خنجر سندس ڳلهي کان دل تائين کپي وڃي ها. خواجه سرا جو وار خالي ويو تہ پنهنجي ئي زور ۾ به ٽي قدم اڳتي نڪري ويو. جيسين هو پنهنجي ٻانهن وري مٿي ڪري، ان کان اڳ سانوڻ خواجه سرا کي ڪسيل خنجر سان، سندس ان ئي ٻانهن تي ڪنهن باز وانگر

لامارو ڏنو. خنجر خواجہ سرا جي ٻانهن کي ڏوري کان ڪرائي تائين ڪپي ويو، ۽ سندس خنجر هٿ مان ڇڏائجي اچي فرش تي ڪريو. سانوڻ الائي ڇوهن کي مارڻ نہ ٿي چاهيو. انڪري جيئن ٿي خواجہ سرا ڏڳي جيان رنبہ ڪري، ڪرندل خنجر کڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سانوڻ هڪ زوردار لٽ چيلهہ تي ڦهڪائي ڪيس، ۽ هو منهن ڀر اوندو ٿي ڪري ٻيو. خنجر سندس ٻئي ۽ وب آئيندي، سانوڻ فارسيءَ ۾ چيو: "انڪ جي ڪوشش ڪئي انڪي تہ هي خنجر دل جي پار هوندو.....!"

خواجہ سرا هڪ ڏڳهي "هون" ڪري، اتي ٿي ٻنجي رهيو. سانوڻ ان خواجہ سرا کي ٻہ رسي سان چوڪنيو ٻڌي، وري ٻئي خواجہ سرا جون ٻہ ٽنگون ٻانهون ٻڌي، ٻنهي کي وري ڪڍ ٻڌي ڇڏيو، جيئن هڪٻئي جا بند ڇڏائڻ جي ڪوشش نہ ڪن!

سانوڻ جڏهن زنانخاني ۾ داخل ٿيو تہ گهڙيءَ لاءِ ترخانن جي دولت ۽ عيش عشرت جي سامان ڏسڻ ۾ محو ٿي ويو. بلوري شمعدانن ۾ هرندڙ شمعن زنانخاني کي ڏينهن جهڙو روشن ڪري ڇڏيو هو. اطلس ۽ ڪيمخواب سان سجايل پلنگن ۽ مسندن، شمعن جي چرندڙ روشنيءَ ۾، عجيب جهرمر لائي ڏني هئي. هو ان خواب مان تڏهن سجاڳ ٿيو جڏهن ٻہ ڪنيزون سندس قدمن ۾، سندس ٻيرن کي جهلي چئي رهيون هيون: "رحم آقا! رحم! الله، الله جي رسول جي صدقي، رحم!"

الائي ڇو هن جي دل کي جهوپو اچي ويو. هي زائفائون ڪيتريون نہ لاچار ۽ مظلوم هيون! هن ڪجهہ پوئتي هٽندي چيو: "اوهان ڏچو نہ، مون کي رڳو اهو ٻڌايو تہ سنڌي نينگر نوري ڪٿي آهي؟" هن ڪنيزن کي اتارينديچيو.

"اسان کي ڪا خبر ڪانهي، آقا! قسم آهي خدا جو، اسان کي ڪا خبر ڪانهي...." ٻنهي ڪنيزن ڀڳ آواز ٿي چيو.

سانوڻ ڪجهہ سوچيندي خوابگاهہ جي ڪمري ڏانهن وڌيو، ۽ ٻيو سان زور ڏنائين تہ دروازو کلي ٻيو. اندر هڪ وڏي شاهي

پلنگ تي هڪ قداور زائفان، جڏ تہ هن جي منتظر هئي. هوءَ هڪدم اٿي بيٺي ۽ هن ڏانهن ايندي چيائين: "خدا جي واسطي، منهنجا معصوم ٻچڙا مون کي واپس ڏيو، نہ تہ.... نہ تہ مون کي بہ پاڻ سان وٺي هلو!"

سانوڻ هن جملي لاءِ بلڪل تيار نہ هو. هو سمجهي ويو تہ هيءَ قيصر بيگ جي زال هوندي، پر هن جي معصوم ٻارن کي ڪير ڪٿي ٿو سگهي؟ متان هنن جي اچڻ کان اڳ، ٻيا کي مغل سندس ٻارن کي ڪٽي ويا آهن. هن ڪجهہ سوچيندي چيو: "خانم، مونکي تنهنجي ٻارن جي ڪا خبر ڪانهي. آءٌ تہ هڪ سنڌي نينگري، نوريءَ جي تلاش ۾ آيو آهيان.... مهرباني ڪري، ٻڌاءِ تہ اها ڪٽي آهي؟"

"ها، ظالم ان ڪنيز کي بہ منهنجي جگر گوشن سان گڏ وڍي ويا!" زائفان سڏڪندي چيو.

"ڪير وڍي ويا آهن....؟"

"مرزا شاهہ رخ ۽ سندس حواري.... ٻيو وري ڪير؟" زائفان اهڙي انداز سان چيو جڏ تہ ڪيس يقين ئي نہ پئي آيو تہ هڪ مغل سردار کي اها خبر ئي نہ هوندي.

"پر ڇو؟" سانوڻ ڳالهہ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

"اسان کي تہ ڪا خبر ڪانهي! لاشڪ حضور مرزا قيصر بيگ سان حسد جي ڪري! هن اوهان مغلن جي ملازمت اختيار ڪئي تہ سمورا ارغون سردار هن سا ڪاوڙجي پيا آهن— پر ان ۾ اسانجي معصوم ٻڌن جو ڪهڙو ڏوهہ....؟ يا خدا هو الائي ڪٽي آهن؟ الائي ظالمن، هنن سان ڪهڙا ظلم ڪيا هوندا؟....." ۽ هوءَ وري اچي سڏڪن ۾ پئي.

"اها ڪڏهن جي ڳالهہ آهي؟" سانوڻ ڏيرج سان پڇيو.

"ڪالهہ رات جو.... ارغون سردارن پيغام موڪليو تہ حضور جن پنهنجن شهزادن کي نئين سنڌي ڪنيز نوريءَ سان گڏ، مرزا شاهہ رخ جي حويليءَ تي گهرايو آهي.... مون بيعقل عورت، هن تي اعتبار ڪري، پنهنجا ڪيلڙا نوريءَ سان گڏ، هن جي ماڻهن

سان گڏ موڪلي ڏنا.... حضور جن جڏهن صبح جو آيا تہ مون سان گهالهه ڪيائون تہ منهنجا شهزادا مرزا شاهه رخ جي بنديخاني ۾ آهن! هنن حضور جن تي ڪو ڪم رکيو آهي، جيڪو نہ ٿيو تہ هو ظالم ڪين ڇڏيندا.... يا الله، مان ڪيئن ڪريان....!" هاڻ تہ هو اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي.

سانوڻ جي دل چيو تہ هن مظلوم عورت کي ڪا دلداري ڏي، پر هن کي ڪجهه سمجهه ۾ نہ آيو. هن رڳو ايترو چيو تہ: "خانم، الله تي رک، زندگي ۽ موت الله جي وس آهي، مرزا شاهه رخ جي وس ڪونهي....!"

ائين چئي هو تڪڙو باهر نڪري آيو. ويندي ويندي هن زائفان جو هيٺو آواز ٻڌو.... "پر توهان.... ڪير....؟"

هو باهر نڪتو تہ هن ٻنهي خواجه سرائن کي ائين ئي پيل ڏٺو. هو سمجهي ويو تہ ارسلان بيگ جا همراهه اچان زنانخاني ڏانهن نہ آيا هئا. هنن کي شايد مردانخاني ۾ ئي گهربل دولت ملي وئي هئي. هن ڪجهه سوچي، پڪيءَ جي هولي هولي تہ مردانخاني مان ٻہ سا گهيو جواب ملیس. هنن کي مال لٽيندو ڇڏي هن ڏيڏيءَ ڏانهن رخ رکيو، ۽ باهر نڪري آيو. ❋

نٽي جو آسمان ظلم ۽ جبر جي دونهاڻيل ڇت وانگر ڇڻ ته هيٺ لهي آيو هو. تارن ۾ به اها جوت نه هئي، ۽ نه چنبه ۾ اها چانڊوڪي هئي، جيڪا سنڌ جي سدا ملوڪ آسمان ۾ هوندي هئي. وريام مٽي آسمان ۾ نهاريندي سوچيو ته آزاديءَ جو آسمان ڪيترو نه آجرو ۽ روشن هوندو آهي، ۽ هي غلام آسمان ڪيترو نه گدلو ۽ دونهاڻيل دونهاڻيل ٿو لڳي! تمام پريان ڪٿن جي اوڙ هن جي احساس کي هيڪاري جهوري وڌو، ۽ هن جي دل پرجي آئي: سنڌ، منهنجي مٽي جيجل، اڄ تنهنجي سوچاري ڌرتيءَ تي انسانن جي گيتن جي گونجار بدران رڳو ڪتن جون اوناٽيون وڇيون بڇيون آهن. الائي هن کي ڇو اهو خيال آيو ته شايد سنڌ تي خدا جو ڏمر آهي، جو ان کڏهن به گهٽو وقت سک نه ڏٺو آهي. هن جي اکين اڳيان تاريخ جا اهي دور اچي ويا، جن ۾ سنڌ تي اتر، ڏکڻ، اوپر، اولهه کان ڪاڪن جا ڪٽڪ آيا، ۽ سنڌ کي تاراج ڪري، سنڌين جي خون جا دريا وهائي هليا ويا: ڪي ڪاڪو رهجي ويا ۽ صدين تائين سنڌ جو رت چوسيندا رهيا، تان جو سنڌ سندن قبرستان بڻجي ويئي. هن کي اهو دور به ياد آيو جڏهن سنڌ ڏارين کان آجي هئي، ۽ پري پري تائين سنڌ جي شادابيءَ جي هاڪ هوندي هئي. پر ان شادابيءَ جي هاڪ ٻي سنڌ تي ڏولاون جا ڪڙ آندا. جڏهن به سنڌي پنهنجي ڌرتيءَ جي لڄ رکڻ ۾ ناڪام ٿيا، جڏهن به نفرتن جو ڪارو پاڻي، مذهبن جي نٿرتا ۽ ڪترپٽو، سنڌين ۾ سجاڳ ٿيو، تڏهن سنڌ جو آسمان اونداهو ٿي ويو، ۽ سنڌ جي مٿان پري ڌرتي، رڪ ۽ ريتيءَ جو بيابان بڻجي ويئي! ۽ اڄ جڏهن مغل پرمار سنڌ جون هوٽيون پٽي رهيا هئا، تڏهن سنڌ جو آسمان تارن ۽ چنڊ هوندي

ٻ اونداهو هو- ڏرتيءَ تي گلن ۽ گاهن جي ساوڪ بدران سينور جي ساواڻ ڦهليل هئي. غلاميءَ جو ڪنو پاڻي، ماڻهن جي حياتين ۾ زهر ڀري رهيو هو!

"وريام پاڻو، ڪهڙن خيالن ۾ گم آهين؟" سندس سنگتي ڏاترڏني کيس ٽونڪ هڻندي پڇيو.

"ڏاترنا، اهو پڻي سوچيم ته اڄ آسمان ڪيترو نه دونهاڻيل دونهاڻيل ٻيو لڳي!" هن جي نڙيءَ ۾ ڪا گنڊ اٽڪي پئي هئي. هن کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو ته هو پنهنجي سنگتيءَ کي ڪهڙو جواب ڏي.

"غلاميءَ جو آسمان هميشه دونهاڻيل هوندو آهي، وريام!" ڏاترڏني چئن ته سندس دل جي ڳالهه جهڙي ڏرتي هئي.

"اهو دونهن هنائن اسانجي وس ۾ ڪونهي ...." سندس ڪڙي ٻڌي غلاموءَ وچ ۾ چئي ڏنو.

"پنهنجي وَس ۾ ڇو ڪونهي...؟ اڄ ٻ ڪڏهن سنڌي ٻڌي ڪ ريي، الله ٽوهر ڪن، ته معلن کي آگرو ٻ هٽ ڪونه ايندو!" هڪڙي ٻني همراهه ڳالهه ۾ شامل ٿيندي چيو.

"جڪرا، چئين سچ ٿو.... هڪڙي سانوڻ ارغونن ۽ ترخانن ڪانسواءِ مغلن کي بـ ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا آهن! جي اسين گڏجي همٽ ڪريون ته اهڙا سوين سانوڻ سنڌ ۾ ملي پوندا- ڦڙي ڦڙي تلاءِ وانگر! پوءِ ڏارين کي ڏڪ ڏ ڪيو نه ٿيندو!" وريام جي منهن تي هڪ نئين جوت اچي ويئي.

"پويان ابو امڙ نـ هجي تـ آءٌ ته ڪڏهوڪو وڃي سانوڻ سان شامل ٿيان...." جڪري حسرت مان چيو.

"ادل، هر ڪنهن سان 'ابو امان' لڳو ٿيٺ ٻيو آهي! ڪنهن کي ابو امان آهي ته ڪنهن کي اولاد آهي، ننگ آهن، ملڪيت آهي همٽ آهي، هڙ هڙلو آهي، زمين آهي، مال آهي .... اهي ٻ ته ابو امان آهن. جيڪڏهن ائين سوچهو ته پوءِ سنڌ لاءِ ڪير اٽندو؟ اسان جو سپ ڪان وڌيڪ ابو امڙ ته سنڌ جي ڏرتي آهي: جنهن متيءَ ۽ پاڻيءَ مان

جڙيا آهيون، ان جو به تہ کو حق آهي! سنڌ آزاد آهي تہ ابو امڙ به آزاد آهن، اولاد به آزاد آهي، هر هڪڙو بہ آزاد آهي. غلام ابي امڙ کي ڇا ڪندا سون!؟" وريام چڙ تہ پنهنجي پاڻ سان ٽي ڳالهايو.

اوچتو هو خاموش ٿي ويو، ۽ اشاري سان پنهنجي همراهن کي بہ هوشيار ڪري ڇڏيائين. سامهون ڪجهہ مغل لشڪري گشت ڪندي محلي ۾ داخل ٿيا هئا. وريام ۽ سندس ساٿين کي ڏسي، لشڪري پاڻ ۾ ڪجهہ سُس پُس ڪرڻ لڳا، ۽ پوءِ اڳتي وڌندا آيا. جڏهن وريام جن جي ويجهو پهتا، تڏهن هڪ وچولي عمر جي مغل ڪڙڪي سان فارسيءَ ۾ پڇيو: "توهين ڪير؟"

وريام جواب سنڌيءَ ۾ ڏنو: "اسين هن محلي جا پهريدار آهيون."

"پر پهرياريءَ جو ڪم اسان مغلن جو آهي: اوهين ڪير ٿيندا آهيو پهرياري ڪرڻ وارا؟" مغل ٽورو شڪي ٿيندي چيو.

"محلي وارن اهو فيصلو ڪيو آهي تہ مغل سپاهين کي محلي جي ماڻهن سڃاڻڻ ۾ تڪليف ٿي ٿئي، سو محلي جي پهرياري خود محلي جا جوان ڪندا...." وريام تحمل سان چيو.

"ان لاءِ اوهان کي شهر جي ڪوتوال کان اجازت وٺي پوندي،" مغل رُکائيءَ مان چيو.

"ڪوتوال ان جي اجازت حافظ بلال کي روبرو ڏيئي ڇڏي آهي،" وريام وري به ڏيرج سان جواب ڏنو.

"اسان کي ڪنهن به حافظ بلال جي خبر ڪانهي. کڙي خبر اوهين سردار خان جي ٽولي جا شاهينگ هجو،" مغل اڃان ٿي سختي سان چيو: "اوهان کي اسان سان گڏ چونڪيءَ تي هلڻو پوندو!"

"سردارخان جي ٽولي جا هجون ها تہ ائين ٽلهي تي ڪونہ وينا هجون ها. رهي چونڪيءَ تي هلڻ جي ڳالهہ، سو اسين ڪونہ هلنداسون،" وريام پنهنجي ڪاوڙ روڪيندي چيو.

"گستاخ، تنهنجي اها همت...." ائين چئي جيئن هن هٿ

وڏائي وريام کي ٽڦ هڻڻ جي کوشش ڪئي، تہ وريام سندس هٿ کي ڪرائيءَ وٽ ڪئي جهليو. مغل محسوس ڪيو جڏ تہ سندس ڪرائي رڪ جي چنبي ۾ جڪڙجي ويئي. ٻيا ست مغل هيلتائين ملڪ ڪري ٻيٺا هئا، تن پنهنجي همراهه جي ٻيوسي ڏسي، وريام تي ٻاهوڙ ڪئي. پر تيسين وريام جي همراهن پنهنجي چيلهن مان خردم چوڙي، مغلن تي وسڪارو لائي ڏنو. جنهن مغل جي پٺيءَ، ڪلهي يا ٻانهن تي خردم جو چمڙو ٽسي ٻيو، تنهنجي دانهن خردم جسي شپڪي سان گڏ ريهه ٻڌجي ٽي ويئي. مغلن پنهنجي همراهه جي پڇر ڇڏي پاڻ بچائڻ شروع ڪيو، ۽ خنجر ۽ ترارون ڪڍي ٻيهي رهيا. وريام مغل مهندار جي ڪرائيءَ کي ٽورو موڙو ڏيئي، زور سان گوڏو سندس ٻيٽ ۾ کوڙي ڇڏيو. مغل کان دانهن نڪري وئي ۽ ٻيٽو ٽي ويو. وريام سندس ڪاڑيءَ تي پنهنجي هٿ جي پٽ سان اهڙو ڏڪ هنيو، جو مغل جي دانهن اڏ ۾ ڪپجي ويئي، ۽ فقط "اوهم" جو آواز سندس ناسڻ مان ٽيندو، هوا ۾ ڦهلجي ويو، ۽ هو ٻوٽ ۾ اچي وريام جسي پيرن ۾ ڪريو. وريام پنهنجي چيلهه مان خردم چوڙي پنهنجي ساٿين جي مدد کي پهچي ويو. هڪڙي پاسي ترارون ۽ خنجر هئا، ٻئي پاسي خردم! خردم جي شپڪي سان مغلن ريهه ٽي ڪئي ۽ انهن رڙين تي پاڙي وارا ۽ آهستي آهستي در کولي، وڏندا آيا. مغلن جو هيترن سندين کي وڏندو ڏٺو، سو جڏ کين موت نظر آيو، ۽ هن "يا معافي، يا معافي" چئي هٿيار ڦٽا ڪيا.

وريام پنهنجن همراهن کي اشارو ڏنو، جن مغلن جا خنجر ۽ تراريون ڪڍي، پنهنجي قبضي ۾ ڪيون، ۽ ٻوءِ وريام مغلن جي مهندار کي ڪٽر کان جهلي، ڏند پڪوڙيل آواز ۾ حڪم ڏنو: "جيڪڏهن وري هن محلي ڏانهن رخ ڪيو اڏو ۽ تہ ٻاڻ تا چاٽو....! وڃو ڪتي جا....!"

جيڪي مغل پٽ تي ڪريا هئا، سي به ڪپڙا چنڊيندا اٿيا، ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري، پنهنجي پنهنجي چونڪين ڏانهن روانا ٿيا، ۽ وريام محلي وارن کي چيو: "پاڻو، هي ڪتا موچڙي سان سڏا آهن."

اوهين هاڻ بي‌اونا ٿي گهر وڃو. سپائي ڏينهن شينهن آهي، ڏسون ته مغل چا ٿا ڪن؟"

پاڙيوارا پاڻ ۾ چميگوئيون ڪندا چڙوچڙ ٿي ويا، ۽ وريام پنهنجي ساٿين سان وري اڇي ٽلهي تي ويهي رهيو.

اهو سڄو مهينو سنڌين سک سان سمهي ننڊون ڪيون. اهو سڄو مهينو مغل لشڪرين ڪٽي نه ڪٽي موچڑا ڪاڌا. لشڪرين جون ليلڙائيون، پڌي، خود سنڌين کي کل ٿي آئي. جن مغل لشڪرين کي هنن ديو ٿي سمجهيو، سي ته بنهه ڪي جيتامڙا هئا، جن کي پيرن هيٺان چيپائڻ ڏکيو نه هو. بشرطيڪ سنڌين ۾ پڌي ۽ تنظيم هجي! اهي خبرون آس پاس کان ٽيندين سيوهڻ ۽ بکر ٽائين پهتيون، ۽ جتي ڪٽي شهرين ۽ ڳوٺائڻ پنهنجي بچاءَ لاءِ جوانن جا جٿا ٺاهي ورتا. سنڌين جو خاص هٿيار خردم هو. ڪن جوانن ڪهاڙيون ۽ تراريون به سنياليو ورتيون.

سنڌين جو مَنُ وڌي ويو هو. هاڻ ته هو اهو به سوچڻ لڳا هئا ته ٻڌيءَ وقت اڏڪان وڏيڪ سرڪاري عملدارن کي چوٽ ۽ ڏهائي ۾ ڪين ڏيندا. شهرن ۾ واپارين آنڪي پرڻ ڪان لهرائڻ شروع ڪيو. ماڻهن ۾ خوداعتمادي موٽي آئي. تانجو ٺٽي ۾ اهو هڪل هلي ويو ته ارغون شاهي قافلي تي حملو ڪري، شاهي قيدين— مرزا عبدالعلي، خسرو خان چرکس ۽ مرزا غازي بيگ جي حرم— کي ڇڏائي ويا آهن، ۽ عنقريب ارغون ٺٽي جي مغل امير رستم بيگ خلاف اعلان جنگ ڪرڻ وارا آهن! ❁

رستم بيگ پنهنجي چوڌاري اڳهاڙن جسمن جو جائزو ورتو، ۽ انهن جسمن تي چهبڪ جا نيل ڏسي، هن جو وات پاڻي سان ڀرجي ويو، ۽ هڪڙي چپ جي ڪناري کان، واڇ مان رڳ رڳ وهڻ لڳيس: شڙڪو ڪري هن اها گڏ واپس پنهنجي وات ۾ آندي، ۽ سندس اکين ۾ هوس جا ڏورا وڏيڪ گهاڙها ٿي ويا. هڪڙي ڪنيز جي اڳهاڙن ڏڍن تي نيل ڪجهه رڳائجي آيا هئا. هن نڙي انهن نيلن تي هٿ ڦيريو ته ڪنيز کان سيسرات نڪري ويو ۽ هن جي وات مان آواز چڇرجي نڪتو: "رحم، آقا، رحم....!" رستم بيگ جي نڙيءَ مان به لذت جو سيسرات نڪري ويو، ۽ پوءِ هو جلدي جلدي پنهنجو ڪمربند کولڻ لڳو..... عين انوقت سندس خاص خواجه سرا، تاشي خان، اندر اچي ڪنڌ نوڙائي بيهي رهيو. رستم بيگ پنهنجي اوگهڙ ڏيکڻ جي ڪا ڪوشش نه ڪئي، ۽ فقط ايترو چيائين "تاشي، ڏسين نٿو ته اسين مصروف آهيون! اهڙي ڪهڙي قيامت آئي آهي جو اسان جي آرام ۾ خلل‌انداز ٿيو آهين؟"

"حضور جو سر سلامت هجي: هينئر هينئر خبر آئي آهي ته ارغون سردارن، سنڌين جي مدد سان شاهي قافلي تي حملو ڪري، شاهي قيدي آزاد ڪرائي ورتا آهن!" تاشي بنان ڪنهن هيڪ جي چيو. هو اهڙن نظارن ۽ اهڙن واقعن جو عادي هو.

"چا؟ هنن جي اها جرأت؟! پر.... پر پوءِ آءٌ ظل‌الاهيءَ کي ڪهڙو جواب ڏيندس؟ چا قافلي سان مغل سپاهي ننڍ ۾ هئا؟" رستم بيگ، جڏ ته پنهنجي پاڻ سان گالهائي رهيو هو.

"سپاهين سان گڏيو ارغون سردارن کان وڏيون رقمون وٺي چڪا هئا، ۽ وقت اچڻ تي ميدان ڇڏي ڀڄي ويا! قاصد ته اهو

نياپو آندو آهي، حضور!" تاشي خان ائين ڳالهه ڪئي جڏ هن کي اڳي ئي ان ڳالهه جو خدشو هو.

"تاشي..... تاشي، تون گستاخ ٿيندو وڃين! اسان جي غضب کي سڌ نه ڪر، پنهنجي حيثيت سڃاڻ: مغل سپاهي ائين بئسن تي ڪيئن نا وکامي سگهن؟" رستم بيگ غضبناڪ ٿيندي چيو.

"حضور جو سر سلامت هجي: جيڪڏهن حڪم هجي ته اڄ پنهنجي زبان بند رکان!" تاشي خان جواب ۾ اهڙي ڏيکائي ڏني، جڏ هن هاڻ مسئلي ۾ پوڻ نه ٿي گهريو.

رستم بيگ پنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ آ گريون وجهندي، ڪٽيءَ وانگر هيٺ لاهيندي، پنهنجي آس پاس جو جائزو ورتو ۽ پوءِ بيد جي لڪڻ سان ٻنهي ڪنيزن کي چوڪ ڏيندي چيو: "اٿو، هاڻ وڃو، وڃي پنهنجي ڪمڪار سان لڳو، ۽ هان، هي اشرفيون پاڻ ۾ ورهائي ڪٽو.... تاشي، اسان جا شاهي ڪپڙا ڪڍ، اسين ديوان خاص وڃڻ گهرون ٿا!"

ڪنيزون ٽڪڙيون ٽڪڙيون آڻندي، پلنگ تي پيل پنهنجا ڪپڙا سنياليندين، ٻاهر نڪري ويون. تاشي خان دربار ۾ وڃڻ وارا ڪپڙا آڻي پلنگ تي رکيا، ۽ هٿ ڪڇن ۾ وجهي ادب سان هڪ پاسي بيهي رهيو.

رستم بيگ ڪپڙن پائڻ کان اڳ، بيد جو لڪڻ پنهنجي ٻئي هٿ تي هڻندي، ڪمري ۾ ڪجهه وقت اڇ وچ ڪندو رهيو. اوچتو هو هڪ شاهي آئيني اڳيان اڇي بيهي رهيو، ۽ غور سان پنهنجي پاڻ کي ڏسڻ لڳو. هن جي نظر پنهنجي اوگهڙ تان ٿيندي، ڇاتيءَ تائين پهتي، جتي ڇاتيءَ کان ٽورو مٿيرو هڪ ڏگهو ڇهڪ هو، جڏ ته ڪنهن خنجر سان ڪچيءَ جي ملس ڪورڙ جي ڪوشش ڪئي هئي، ۽ اهو گهاءُ پرجي نه سگهيو هو. هن جي نظر منهن تي پئي: سندس ڏاڙهي تقريباً ڇوڪنديءَ هئي. خضاب جي ڪري ان جي ڇوڪنديءَ صورت هيڪاري واضح ٿي وئي هئي، ۽ سندس منهن کي هٿرادو ويڪراڻ ڏئي رهي هئي. سندس اکيون ائين اندر

ڪنل هيون ڇڻ ته مثل ماڻهوءَ جون اکيون هيون، جيڪي اوچتو جيئريون ٿي ٻيون هيون. هن کي پنهنجي چهري کان پڙ ٽپڻ لڳو، ۽ هن رڙ ڪندي چيو:

"تاشي، الله سائين اسان کي ايترو بدصورت ڇو خلقيو؟ ڇا اسين حضرت شاهه اسماعيل صفويءَ جا پڙڙپوٽا نه آهيون؟ ڇا اسان جو والد بزرگوار حضرت سلطان حسين مرزا قندار جو حسين ترين ماڻهو نه هو؟ ۽ مون کي جواب ڏي ته ظل‌الاهي اسان کي محض اسان جي بدصورتيءَ جي ڪري ڇوٽو تنبيهه ڪري؟ ڇا اسان ملتان جي صوبيداريءَ جي وقت مغل شهنشاهت کي مضبوط نه ڪيو؟ ڇا اسان ظل‌الاهيءَ جي هڪڙي هڪڙي مخالف کي هاٿيءَ جي پيرن هيٺان، گهوڙن جي سنبن ۾، اذيت خانن ۾ چيلائي نه ڇڏيو هو؟ ٻڌاءِ، تاشي خان، جواب ڏي، تون ته اسان سان هميشه گڏ رهيو آهين؟ ڇا بدصورت هجڻ گناهه آهي؟!" مرزا رستم جي وات مان گيف وهڻ لڳي، ۽ هن بيد جو لڪ زور سان آئيني تي وهائي ڪڍيو. آئينو وڃان پڇي، ٽي ٽڪر ٿي ويو، ۽ پڳل جاين تان مرزا رستم جي شڪل، وڏيڪ ٽيڙي ٿي، نهايت ڀيانڪ ٿي پئي.

تاشي خان اڳتي وڌي مرزا جي هٿ مان لڪ ائين ڇڏايو ڇڻ ڪنهن هار جي مٽ کولي، سندس ضد پڇي رهيو هو، ۽ ڪيس ڪلهن ۾ هانهن وجهي، پلنگ تائين وٺي آيو. "ڪير ٿو چوي ته حضور جن، منهنجي وات ۾ شڪل ڪنڊا پون، بدصورت آهن. مردن کي خوبصورتيءَ جي نه پر مردانگيءَ جي ضرورت هوندي آهي، ۽ اوهان پنهنجي مردانگي ثابت ڪري ڏيکاري آهي. قندار ۾، ملتان ۾، ۽ وقت آيو آهي ته ڦٽي ۾ پنهنجي مردانگي ثابت ڪري ڏيکاريو! ظل‌الاهي جي دشمنن کي اهڙي سيکت ڏيو جو وري ڪنهن کي آڱر چوڻ جي به همت نه ٿئي!" تاشي خان نهايت دلداري ۽ پاڻپوهه مان اهي لفظ به چوندو ويو، ۽ مرزا کي ڪپڙا به پارائيندو ويو.

جڏهن مرزا ديوانخاني ۾ آيو ته سڀ امير امراءَ اندر ٽي اندر ڪنبڻ لڳا. اڄ وري مرزا جي ڪاهي واڇ ڦڙڪي رهي هئي. سندس

اکيون ڇڻ ته ڇنڇڙ وساري ويٺيون هيون. مسند تي ويٺو ڪان اڳ هن عبدالرزاق معموريءَ ڏانهن ڏٺو، جيڪو اڳڙي ڏيکائي ڏئي رهيو هو ڇڻ ته ڪجهه ٽيو ٽي ڪونه هو. معموريءَ کي اهو به خيال هو ته مرزا مون کي ڪجهه به نه ڪري سگهندو، ڇاڪاڻ ته، هن کي شهنشاهه جهانگير پاڻ ڏٺي جو ديوان مقرر ڪيو هو، ۽ ظل‌الاهيءَ جي مقرر ڪيل ڪنهن ماڻهوءَ تي هٿ کڻڻ جي مرزا رستم جهڙي ظالم ۽ نود کي به همت نه ٿيندي! اوچتو معموريءَ کي مخاطب ٿيندي، مرزا رستم ڏاڍي ڏيرج سان چيو: "معموري، مون کي خبر آهي ته ظل الاهي پاڻ تو کي ديوان مقرر ڪيو آهي. مون کي اها به خبر آهي ته شاهي قيدين کي حفاظت سان لاهور پهچائڻ جو ڪم به ظل الاهيءَ پاڻ توتي رکيو هو. هاڻ ڏاءُ ته آءُ ظل الاهيءَ کي ڪهڙو جواب موڪلياڻ؟"

مرزا جي ڏيرج تي سيني کي حيرت ٿي ٿئي. اڄ جو مرزا رستم ڪالهه جي مرزا رستم کان بلڪل مختلف هو. معموري به ڪجهه نه سمجهندي، ڪنهن اچاتي خوف کان، هڪندي چيو: "حضور مرزا صاحب جن کي خبر آهي ته آءُ پاڻ سڄو انتظام ڪري ويو هوس، پر پائنڊجي ٽو ته جن جڻن جو بندوبست مون ڪيو هو، سو اوهان کي پسند نه هو ۽ اوهان جيڪي جڏا موڪليا، سي سڀ لشڪري ميدان ڇڏي ڀڄي ويا!"

"معموري....! تو کي جيڪڏهن اسان جي قهر جو ڊپ نه آهي ته گهٽ ۾ گهٽ خدا جي قهر کان ڊڄ! اسان تي تهمت هڻڻ کان اڳ ڪجهه ته سوچين ها!"

معموريءَ کي رڦٽي ٿي ٿئي. هن کي ته اهوئي ڏڏايو ويو هو ته مرزا رستم بيگ پاڻ مغل لشڪرين بدران ترخان سپاهين کي مقرر ڪيو هو. هن ترخان سپاهين جي سپهه سالار مظفر بيگ ڏانهن معنيٰ ڀريل نظرن سان ڏسندي چيو: "حضور، گهٽ ۾ گهٽ مظفر بيگ ته اڳين ٽي چيو...."

مظفر بيگ سڄو پيلو ٽي ويو. هن پنهنجي جاءِ تان اٿڻ جي

ڪوشش ڪئي، پر هو سڃو ٽڙڪي رهيو هو. مظفر بيگ حد کان وڌيڪ ٽلهو مڙس هو، انڪري هو پنهنجي ڏڪٽيءَ کي روڪي نه سگهيو. هن کي موت مرزا رستم جي اکين مان پاڻ ڏانهن گهوريندي نظر آيو.

مظفر بيگ، توکي ڇا چوٽو آهي؟" مرزا رستم احسان تائين ڏيرج سان ڳالهائي رهيو هو، جيتوڻيڪ سيني کي اهو نظر اچي رهيو هو ته مرزا جون ٽيون مسند جي ٽين تي پڪوڙجي ويون ۽ ممڪن هو ته هن جا هٿ ڦٽجي پيا هٿا!

"حضور، مون کي هي پروانو اوهان جي خاص معتمد قيصر بيگ ارغون موڪليو...." ائين چئي ڏڪندڙ هٿن سان هن پنهنجي چوغي مان پروانو ڪڍي اڳيان وڌايو، ۽ ڏڏي اک سان قيصر بيگ جي خالي مسند ڏانهن نهاريائين.

تاشي خان اڳتي وڌي پروانو مظفر بيگ جي هٿن مان رتو، ۽ ادب سان مرزا رستم جي اڳيان جهليائين. مرزا ڪيس اشارو ڪيو. تاشي خان پروانو کولي پڙهڻ کان اڳ مهر ڏانهن ڏٺو، ۽ هڪ هلڪي مرڪ هن جي چپن تي اچي وئي. هن ٽورو اڳتي وڌي مرزا کي ڪن ۾ ڪا ڳالهه چئي. مرزا جي منهن تي ڪوبه نئون رنگ نه آيو. جڏهن تاشي خان پوئتي موٽي، پنهنجي جاءِ تي بيهي رهيو، تڏهن مرزا پهريون ڀيرو خفگيءَ مان چيو: "۽ اڄ قيصر بيگ ڪٽي غرق ٿي ويو آهي؟"

قيصر بيگ جي نائب پائنده خان، ادب مان هٿ ڇاتيءَ تي رکندي چيو: "حضور، قيصر بيگ جي طبيعت ٻن ڏينهن کان ناساز آهي، انڪري حاضر نه ٿي سگهيو آهي!"

"چ چ چ.... طبيعت ناساز ٿي پئي آهيس يا ڪو نئون ساقي ملي اٿس؟" مرزا رستم بيگ غضبناڪ ٿيندي چيو.

پائنده بيگ خاموش رهيو، پر هن کي ڪ ٿي ته قيصر بيگ جو خير ڪونهي. انڪري موقعو ڏسي هن چيو: "گستاخي معاف ٿئي ته بندو ڪجهه عرض ڪري!"

"چڱو، چڱو...." مرزا بيزاريءَ مان چيو.

"حضور، نئين ساقيءَ جي ته مون کي خبر ڪانهي. البت هڪ نئين سنڌي ڪنيز حاصل ڪئي اٿس، جيڪا ايتري حسين آهي جو هن کي شاهي حرم ۾ هٿ گهرجي!"

عين انوقت قيصر بيگ ديوانخاني ۾ داخل ٿيو، ۽ ڪورنش ڪري، پنهنجي مسند ڏانهن وڌيو. مرزا رستم جڏ ته هن کي ڏٺو ئي ڪونہ، ۽ جڏ ته پنهنجي منهن چوڻ لڳو هو: "هون! شاهي حرم جي لائق ڪنيز! پر قيصر بيگ وٽ ايتري دولت ڪٿان آئي جو اهڙيون ڪنيزون ٿو خريد ڪري؟!"

قيصر بيگ، جتي هو آٿي ٽي جمي ويو. هن پهرين ٽڪڙي نظر پنهنجي نائب پائنده خان تي وڌي، ۽ پوءِ مرزا رستم بيگ ڏانهن مهاڙ ڪري چيائين: "حضور جو اقبال بلند هجي! مون کي پاڻ اها سنڌي ڪنيز تحفي ۾ ارسلان بيگ ڏني هئي، ۽ سندس حسن ڏسي موڪ حضور جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ ٿي گهري ته جيڪڏهن ظل الاهيءَ جي لائق هجي ته ڪيس لاهور موڪلڻ جو فيصلو اوهان حضور پاڻ ڪريو، ۽ جيڪڏهن اوهان جي حرم لائق هجي ته حضور جن اهو حقير تحفو پاڻ قبول ڪن.... باقي، مون لاءِ؟ سو ته حضور جن کي اهو معلوم آهي ته منهنجي وٽ ساڻين سان آهي، ڪنيزن سان منهنجي ڪا دلچسپي ڪانهي!"

سمورا امير قيصر بيگ جي همٿ جو داد ڏيڻ لڳا. حيرت ان ڳالهه جي هئي ته مرزا جي طبيعت مان واقف نه هوندي به قيصر بيگ اها ڳالهه ڪئي هئي!

"اسان کي تنهنجي ذوق جي خبر آهي، قيصر بيگ! پر تو اها ڪنيز پاڻ وٽ لڪائي ڇو ويهاري آهي؟" مرزا ٽورو سختيءَ سان پڇيو.

"حضور جو اقبال بلند هجي، ظل الاهيءَ جي حڪومت ۾ شينهن ٻڪري گڏ پيا پاڻي پيئن، پر هتي، گستاخي معاف، حضور جن جا پنهنجا امير به دستبرد کان محفوظ نه آهن!"

قيصر بيگ اهڙي گالهه ڪئي جوسپ امير، منهون پکوڙي، اڀا ٽي ويهي رهيا.

"تون ڇا ٿو چوڻ گهرين، قيصر بيگ؟"

"حضور جو اقبال بلند هجي! شهر جي ڪوٽوال کي خبر آهي: ڪالهه رات، ڏاهاڪو ڪن مغل منهنجي گهر آيا، ۽ حضور جن جي پيغام جو بهانو ڪري، اندر داخل ٿيا، ۽ منهنجن پهريدارن کي رسن سان ٻڌي، منهنجي ٻن معصوم پٽن ۽ سندي ڪنيز کي پاڻ سان ڪڍي ويا، ۽ مردانخاني جي ڪوٺين ۾ جيڪو مال متاع هو، سو لٽي ڪڍي ويا!"

قيصر بيگ ڪجهه دير ترسندي، هٿ آسمان ڏانهن ڦهلائيندي، وري چيو: "حضور، مون کي پنهنجي مال متاع لٽجڻ جو خيال ڪونهي. حضورجي بخشش ۽ عطا مان ان کان به وڌيڪ هن وفادار کي ملي پوندو. پر آڻ.... حضور جن جي اڳيان التجا ٿو ڪريان ته منهنجي معصوم پٽن جي جان بچائي وڃي!" قيصر بيگ اوچنگار ڏيندي چيو.

مرزا رستم پنهنجي مسند تان آپو ٽي ويو. هن ٻئي هٿ کٽي پنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ وڌا، ۽ وڌندو ڪوٽوال وٽ آيو، ۽ سندس ڳچي ۾ هٿ وجهي ڏونڊاڙيندي چيائين: "مون کي اڃا آئي مهينو به ڪونه ٿيو آهي ته هڙيون سازشون شروع ٿي ويون آهن؟! تون شهر جو ڪوٽوال آهين! تنهنجي سامهون منهنجي امير جا پٽ ۽ ڪ اغوا ڪيون ٿيون وڃن، مال لٽيو ٿو وڃي، شاهي قيدي ڇڏايا وڃن ٿا، ۽ تون ايترو بيغيرت آهين جو دربار ۾ اچڻ جي جرأت ٿو ڪرين! جيڪڏهن امير سان ائين ٿو ٿئي ته خدا ڄاڻي عام مغلن سان ڇا ٿيندو هوندو؟"

ڪوٽوال ڪچي جهڙي پيت. هن کي پگهر اچي ويا. هن جي هٿن ۾ به اهڙي ڏڪڻي شروع ٿي وئي، جڏ ته سيئو تپ چڙهي آيو هوس.

"حضور، آڻ وعدو ٿو ڪريان ته قيصر بيگ جي پٽن ۽

ڪ ڪي اڄ ٿي هٽ ڪري ڏيکاريندس!"

پائنده بيگ وري اٿي بيهي رهيو. هن ڪي ڪوتوال ٿي ب
بابون هيون: "حضور، جان جي امان ملي ته آءُ ڪجهه عرض
ڪريان!"

"ها ها، پائنده بيگ، چئه: تون وري ڪنهن جي شڪايت
ڪرڻ وارو آهين؟"

مرزا پائنده بيگ ڏانهن اهڙين نظرن سان نهاريو، جو گهڙيءَ
لاءِ هن ڪي خيال آيو ته گهالهه نه چوري ته چگو. پر پوءِ ڪجهه
سوچيندي چيائين: "حضور، ترخانن ۽ ارغونن جون سازشون هڪڙي
پاسي آهن، ٻئي پاسي سنڌين جون شورشون آهن. مغل لشڪري ٽئي
جي شهر ۾ پهرو ڏيندا ڏٺي سگهن. سنڌين پنهنجا هٿياربند جوان هر
محلي ۾ بيهاري ڇڏيا آهن. جيڪو مغل لشڪري لنگهي ٿو، ان
ڪي مارڪٽ ڪري پڇي ٿا وڃن. پڇي ڏسو ڪوتوال ڪان؟" ائين
چئي پائنده بيگ، ڪوتوال ڏانهن ڏسندي، هلڪي مرڪ مرڪندي،
بيهي رهيو.

مرزا اڇ وڇ ڪندي، پنهنجي مسند جي ا ڳيان بيهي رهيو.
هن جي ڪاپي واڇ وري ڦڙڪڻ لڳي، ۽ گڏ سندس چپن جي ڪنڊ
۾ جمع ٿيڻ لڳي. پر اڃا به هن پنهنجي پاڻ تي ضابطو رکندي، فقط
قهري نگاهن سان ڪوتوال ڏانهن ڏٺو. ڪوتوال ڪي هاڻ ته سڏو
سٺون پنهنجو موت نظر اچڻ لڳو.

اوچتو هن ۾ الائي ڪٿان همت اچي وئي، اٿي بيٺو، ۽ چيائين:
"حضور جو اقبال بلند هجي! مغل لشڪري ڏاڍا شهزور ٿي ويا آهن:
رستي هلندي، سنڌين ڪي ڦرندا وتن. ماٺهن جي گهرن ۾ گهڙيو پون.
ڪين جهل پل ڪرڻ وارو ڪير ڪونهي. وڏي مدرسي جو مهتمم
مولانا حافظ بلال مون وٽ دانهين ٿي آيو، ۽ حضور.... هن ٿي چيو
ته جيڪڏهن اسان ان گهالهه جو بلو نه ڪيو ته هو ظل الاهيءَ وٽ
دانهين ٿي ويندا. سو خدا جي خلق تان آزار لاهڻ لاءِ مون ڪين
اجازت ڏني ته هو پنهنجي پنهنجي محلي جي پهريداريءَ لاءِ نوجوان

مقرر ڪن. اسان کي به آخر عدل جهانگيريءَ جو مثال قائم ڪرڻو آهي. خدا جي خلق تان آزار لاهڻ لاءِ ئي الله تعالي حڪومت اسان جي حوالي ڪئي آهي. جيڪڏهن ان ۾ مونکان ڪا خطا ٿي آهي ته آءٌ هر سزا ڀوڳڻ لاءِ تيار آهيان!"

ڪوتوال جي انهيءَ جرأت ۽ سچ چوڻ تي اميرن کي حيرت ٻه لڳي، ۽ کي ته ڪنڌ ائين دوڻ لڳا جڻ ته هو ڪوتوال سان ان ڳالهه ۾ متفق هئا ته سنڌ ۾ ٻه عدل جهانگيري جو مثال قائم ڪرڻ گهرجي.

پائنده بيگ پنهنجي سڄي ڪئي ڪمائي رائيگان ٿيندي ڏٺي ته وري اٿي ٻيهي رهيو: "حضور، اهو حافظ بلال اهو آهي، جنهن پنهنجي مدرسي ۾ فارسي لازمي طرح پڙهائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. سردار خان جو ٽولو ملڪ ۾ ڏاڙا هٿندو وتي، سو ان حافظ بلال جي مدرسي ۾ اچي، حافظ بلال کي لٽيل مال ڏئي ويندو آهي ته جيئن مدرسي جو خرچ هلائي. اهڙي ماڻهوءَ جي چوڻ تي ڪوتوال صاحب مغل لشڪرين تي تهمتون ٿو هڻي!"

مرزا رستم بيگ اوچتو اهڙي رڙ ڪئي جو سڀ هيسجي ويا: "بس ڪريو، خدا جي واسطي بس ڪريو! هاڻ مون ۾ وڌيڪ برداشت ڪرڻ جي قوت ڪانهي! اڄ کان پائنده بيگ ڏٺي جو ڪوتوال آهي. ڀل ڏينهن اندر سمورن سازشين ارغون هجن يا ترخان، امير هجن يا لشڪري، ڪي گرفتار ڪيو وڃي؛ سنڌي باغين جا سر قلم ڪيا وڃن؛ سنڌي پهرو بند ڪيو وڃي؛ قيصر بيگ جي پٽن ۽ شاهي ڪنيز کي اغوا ڪرڻ وارن کي اهڙي سزا ڏني وڃي، جو وري اسان جي ڪنهن امير جي مال دولت يا اهل و عيال ۾ هٿ وجهڻ جي همٿ ڪنهن کي نه ٿئي! ۽ پائنده بيگ اسان حڪم ٿا ڏيون ته قيصر بيگ جي سنڌي ڪنيز، شاهي ڪنيز طور، ظل الاهيءَ جي حضور ۾ اسان جي طرفان پيش ڪئي وڃي، ۽ شاهي قيدين واري قافلي سان گڏ روانه ڪئي وڃي.... پر.... پر اسين پاڻ هن کي ڏسڻ گهرون ٿا. هن کي سفر تي موڪلڻ کان اڳ اسين تصديق ڪرڻ

گهرون ٿا تہ هوءَ واقعي شاهي حرم جي لائق آهي! ۽ شاهي قيدين کي واپس حاصل ڪرڻ سپهہ سالار جي ذميداري آهي: جيڪڏهن ٻن ڏينهن اندر شاهي قيدي واپس نہ مليا تہ ڪنهن جي بہ سر جو خير ڪونهي.... هـاڻ وڃو: فقط سپهہ سالار، مظفر بيگ، پائنده بيگ ۽ قيصر بيگ هتي ترسن. ٻين لاءِ دربار برخواست!"

امير هري هري ٽي، پنهنجي جان بچي وڃڻ جا شڪرانا بجا آڻيندا، ڪمرڪ لڳا. قيصر بيگ ذري ذري پائنده بيگ ڏانهن اهڙين اکين سان ٽي ڏٺو جن ۾ نفرت سان گڏ حسد جي باهہ پڙڪي رهي هئي. پائنده بيگ اهڙي ڏيکائي ڏني جڻ تہ ڪوٽوالي هن جو حق هو. هو سوچي رهيو هو تہ هر چونڪيءَ تان جيڪڏهن ڏهہ اشرفيون بہ روز اچن تہ هارنهن چونڪين تان هڪ سو ويهہ اشرفيون گڏ ٿيندیون، ۽ ٿورن ڏينهن ۾ هن کي توشي خان جي مال ۾ گهوپين هڻڻ ۽ قيصر بيگ سان حصو پتي ڪرڻ کان وڌيڪ ملڪيت ملندي. ان کانسواءِ ارغونن ۽ ترخانن کي هڪ طرف تہ سندين کي ٻئي طرف سازش جي الزام هيٺ گرفتار ڪري ڪائنڪ چگي خاصي رقم حاصل ڪري سگهبي، ۽ پوءِ ظل الاهي جي خدمت ۾ سو ڪڙيون پا ڪڙيون موڪلي، نئي جي صوبيداريءَ جو خواب ضرور پورو ٿيندو! البت تاشي خان کي پنهنجي پاسي ڪرڻو پوندو. هن کي خبر هئي تہ تاشي خان ظل الاهي جو مخبر ۽ خاص اعتماد وارو ماڻهو آهي، ۽ هو هر گهاهہ جي مخبري سڏو سنئون شهنشاهہ هند وٽ ڪندو رهي ٿو. اهو سوچيندي هن تاشي خان ڏانهن نهاريو، ۽ پوءِ ٻنهي جـي اکين هڪ ٻئي کي سڃاڻي ورتو!

قيصر بيگ ان ٻڌڻ ۾ هو تہ هاڻ جڏهن گهاهہ ڪلي ٻئي آهي تہ مرزا شاهہ رخ وارن جو نالو ڪٽي يا نہ. هن کي اها گهاهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ جڏهن هنن شاهي قيدين کي ڇڏائڻ جو ڪم مٿس رکيو هو تہ پوءِ هاڻ هن جي پٺن ۽ سندي ڪنيز کي اڃا ڇو هن جي حوالي نہ ٿا ڪن؟ هاڻ تہ رستم بيگ کي بہ شڪ پئجي ويو آهي. هن کي وري پنهنجي پٺن ۽ سندي ڪنيز نوريءَ جو خيال آيو. هن

پاڻ سوچيو هو ته سندي ڪنيز ڪي ظل‌الاهيءَ جي خدمت ۾ موڪلي ڏيندو ته جيئن توشي خاني‌جي عملداري قائم رهندي اچي. هوءَ هي به ته شاهي حرم جي لائق: چا نڪ چا نقشو: ائين ٿي ڄاڻيو جڻ ته خدا ڪيس واندڪائيءَ ۾ ويهي ٺاهيو هو. شاهي ڪپڙن ۾ هو نورجهان بيگم کي ٻـ مات ڪري ڇڏيندي. جيڪڏهن هن کي پاڻ ڪنيزون وٺنديون هجن ها ته هو هن کي پاڻ وٽ رکڻ لاءِ بغاوت ڪرڻ کان به ڪين ڪيهائي ها، پر هن کي ته پنهنجي ساڻين کانسواءِ گهڙي پل به سک نٿي آيو! ۽ هن جا معصوم پٽ؟ شاهه رخ وارن وٽ چوکرن کي باندي رکڻ جـو کهڙو جـواز هو؟ شاهي قيدي ملين تـ پوءِ منهنجي پٽن کي پـاڻ وٽ ڇو جهليو وينا آهـن؟ ترخان اميرن مرزا غازي بيگ جي وقت ۾ مون کي کهڙيون پگهون ٻڌايون، جيتوڻيڪ هو پاڻ به ته مرزا باقي بيگ جـي اولاد مـان هو. سندس ماءُ ڪنيز هئي ته چا ٿي ٻيو! ائين تـ مرزا شاهرخ به...! مرزا رستم سان مرزا شاهرخ وارن جي ڀالهه ڪرڻ مناسب ٿيندي يا نه؟ جيڪڏهن هنن کي ڪو شڪ پئجي ويو ته ٻنهي چوکرن کي قتل ڪرڻ کان ڪونه مڙندا! بهتر ائين ٿيندو ته پهرين آءٌ پاڻ ساڻن ڀالهائي ڏسان.... نہ نہ.... ائين دير ٿي ويندي، ۽ چوکرن کي ڪجهه نقصان پهچڻ جو انديشو ٿيندو. مرزا رستم سان ڀالهه ڪيڻ سان مغلن سان وفاداري به ظاهر ٿي پوندي ۽ چوکرن جي جان به بچي پوندي. مغلن سان ستوسئون وڙهڻ جي مرزا شاهرخ وارن کي به همت نه ٿيندي. مون کي پهرين ئي اهو سوچڻ گهرجي ها پـر ٻـن لکن درهمن جـي لالچ مون کان پنهنجا پٽ به وسارائي ڇڏيا. ته چا مرزا مظفر بيگ منهنجي پٽن کي ڇڏائڻ ۾ ڪامياب ٿيندو؟ هـن مظفر بيگ ڏاڍهن نهاريو. عين ان وقت مظفر بيگ به ڏاڍهس نهاريو. ٻنهي جي اکين هڪٻئي جو نيايو سمجهڻ کان اڳ زمين ۾ ڪجهه ڳولهڻ شروع ڪري ڏنو!

مرزا مظفر بيگ کـي پنهنجي سپهه سالاري خطري ۾ نظر اچڻ لڳي: جيڪڏهن شاهي قيدي حاصل نـ ٿيا ته مرزا رستم بيگ سندس جڙ ٻچو کهائي ڇڏيندو. پـر شاهي قيدين کـي ڇڏائڻ مان

ارغونن جو کھڙو مطلب ٿي ٿو سگھي؟ سواءِ ان جي ته هڪ پيرو وري هو مرزا عبدالعليءَ کي تخت نشين ڪري، مغلن خلاف کو محاذ قائم ڪن. پر قيصر بيگ جي پٽن ۽ سندي ڪنيز جي اغوا جي واقعي جو شاهي قيدين سان کھڙو سٻنڌ آهي؟ متان قيصر بيگ به ڪا چال کيڏي رهيو آهي؟ هن وري قيصر بيگ ڏانهن نهاريو، جيڪو اڃا تائين زمين ۾ گھوريءَ رهيو هو!

تاشي بيگ ٽنهي ڏانهن واري واري سان ڏٺو، ۽ دل ئي دل ۾ ظل‌الاهيءَ کي مڪمل احوال لکڻ لاءِ مضمون سندس دماغ ۾ هڻڻ لڳو. پائنده بيگ صوبيداريءَ جي شوق ۾ يقيناً هر ڪاڪھ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو. قيصر بيگ جي پٽن جي اغوا جو معمو البت هن کي بـ سمجھ ۾ نٿي آيو، ۽ مظفر بيگ پنهنجي سڀھ سالاري قائم رکڻ لاءِ ارغونن سان جنگ ڪرڻ کان به نه ڪيڀائيندو. پر ڇا هن وقت ارغون سردارن سان ڦٽائڻ مغل شهنشاهيت لاءِ فائديمند ٿيندو؟ ڇو نه سمورو ڏوھ سندين جي شورشن تي هڻجي! ۽ هن جي نظر مرزا رستم تي پئي، جنهن پنهنجي هيئين چپ کي چڪ هڻڻ شروع ڪيو هو، ۽ تاشي خان سمجھي ويو تـ هن کي وري ڪنيزن جو اگھاڙو جسم ۽ بيد جو لکڻ ياد اچي رهيو هو! ❁

سانوڻ جڏهن به ٻيلي ۾ داخل ٿيندو هو تہ هن کي هميشہ ائين محسوس ٿيندو هو، جڻ تہ وڻ ٻہ هن سان گڏ هلڻ لڳا هئا ۽ هن سان ڳالهائڻ ٻڌڻ ۽ سرگوشيون ڪرڻ لڳندا هئا؛ جڻ چوندا هجن تہ اسين سڀ جي ڏرتيءَ جو سهاڳ آهيون، جنهن کي لٽڻ لاءِ سوين ڀيرا راتاها لڳندا رهيا آهن، ٻہ اسين اڏول آهيون. سڀ جا وڻ، سڀ جي ڏرتيءَ وانگر سدورا ۽ سدا حيات آهن. هي ٻڌ جا وڻ، هي ٻہ جا وڻ، هي سهانجڑي جا وڻ، هي تاليون، هي لٽيون، هي ٻہ، هي ديويون ـــ انهن سڀني ۾ هڪڙي خاصيت عام آهي تہ انهن کي وڍي چڏيو تہ وري اسري ايندا. اها خاصيت دنيا جي ٻئي ڪنهن به وڻ ۾ ڪانهي. شايد اهوئي "آواگون" جو ڪرشمو آهي جو سڀ جا قديم ماڻهو به وڻن جي پوڄا ڪندا هئا. بڑ ۽ پيپر، ديوي ۽ سهانجڑي جي وڻن تي اڄ بہ ماڻيون، سُہ ۽ وَريتيون سهاڳيون، آ ڪا وجهن ٿيون، ڏيا ٻارين ٿيون ۽ باسون باسين ٿيون، ڇاڪاڻ تہ اهي وڻ پراچين وقت کان تخليق جي ديويءَ جو اهڃاڻ آهن! سانوڻ جي دل سندس سيني ۾ ڦندجڻ لڳي: جڻ تہ ٻاهر نڪرڻ تي هئي، جڻ تہ وڻ وڻ کي ٻاڪر ٻاڻي، ڳراٽيون وجهڻ لاءِ آتي هئي. اوڏي مهل ڇانهن ڪين جو هڪڙو ولر، هڪڙي وڻ تان اٽي، سانوڻ جي اکين اڳيان، ٻئي وڻ تي وڃي ويٺو. پرن ۽ ڪنين جي ڦڙڦڙ تي هن مٺي نهاريو: الا، منهنجي سڀ جا پکي بہ ڪهڙا نہ سهڻا آهن: ست رنگا سهڻا، سيبتا، جڻ تہ بهشت جا پکي هجن! سانوڻ کي پڪ ٿي تہ بهشت ۾ بہ اهڙا سهڻا پکي نہ هوندا. پويان تلورن جي هوڪار ٻڌي هو ٻيهي رهيو. هنن جي جواب ۾ ڪاروڙي تتر بہ ٻولي ٻولي، ۽ سانوڻ جي اکين ۾ ٻاڻي ڀرجي آيو: هن ائين ڪانيو جڻ تہ ان تتر

جي تنوار هن جي دل کي لوڏي ويئي. "يا الله! تو بيشڪ سنڌ کي نوازيو آهي، پر هي سدائين ڏورانهن ڌارين جو ڏرت سنڌ تي ڇو مڙهيو اٿئي؟ سنڌ کي سڪ سمهڻ ڇو نٿو ڏين؟" هن پنهنجي پالٿهار سان شڪايت ڪئي. هن کي پنهنجي پيءُ جو هي گفتو ياد اچي ويو: "سانوڻ، سنڌ آهي تہ پاڻ ۾ آهيون، نہ تہ تہ مولا جو ٻيو ٻہ ملڪ گهٽو ئي ٻيو آهي ساهہ کڻ لاءِ!" هن کي پنهنجي مستاني پيءُ جون مستانيون گالهيون هڪ ري آيون، ۽ وري هن جي دل ڀرجي آئي. نڙيءَ ۾ ڳنڍ پئجي ويس.

اوچتو هن جي ڪميت جا ڪن ڪڙا ٿي وياء ۽ هن جي چال ۾ آڻ لکو فرق پئجي ويو. سانوڻ خوابن جي دنيا مان موٽي آيو. گهڙي دير ڪانپوءِ، چهري جي چيٽ سان گڏ گهوڙن جي ٽاپڙٽاپڙ جو آواز هن جي ڪن تي ٻيو. هن ڪميت کي هلڪي هٽ جي ٽپڪي هنئين تہ ڪميت پاڻهي جاڻ، ڪهڙن جي ڏگهن ٻوڙن ۾، منهن وجهندي لکي ٻيهي رهي. سانوڻ ڪمربند سان ڪتارو ڪيڙي، ٻوڙن جي جهنڊ ۾ اوکڙون ويهي رهيو. هن جي ڪنن هن کي ٻڌايو تہ اگهيان ٻہ سوار هئا، جن جي ڪيڙ ڏاهکو سوار مينهن واءُ ڪندا پئي آيا. هن کي اهو ٻہ يقين هو تہ مغل يا ترخان وس پچندي ٻيلي جو رخ ڪونہ ڪندا. هن اندازو لڳايو تہ مغل سپاهي ڪنهن سنڌي همراهن يا ترخانن کي جهلڻ ٿي آيا. هن جي همراهن جي چتاءَ مان هن کي اها پک ٿي وئي تہ ٻيلي ۾ گهڙندڙ ماڻهو سڄڻ ڪونہ هئا. ۽ جيڪڏهن ويري ڪن سنڌي همراهن جي پويان آهن تہ پوءِ.... اڃا هو انهن خيالن ۾ هو تہ اگهين سوارن مان هڪڙي جي گهوڙي جي ڏگهي ۽ ڏنل هڪار مان هن کي پک ٿي وئي تہ گهوڙي جي پٺ ۾ ٻالو يا تير ڪپي ويو هو. سا گهڙي وقت اگهين سوارن جي گهوڙن جي سنبن جو آواز اوچتو بند ٿي ويو.

هن جي سرلن ڪنن، پري جو هڪڙو آواز جهتي ورتو.... "ڏاترنا، او هنن ڪهڙن جي جهنڊ ۾...." ٻن همراهن جي ڏوڙن ۽ سهڪڻ جو آواز هاڻ چتو ٻڌڻ ۾ پئي آيو. سانوڻ جتي لڪل هو،

ان جي پٺين پاسي، ٻہ همراھ گسکندا، سھکندا، کپڑن ۾ گھٹو اندر پيھي آيا. سانوڻ محسوس ڪيو تہ همراھ پنھنجي ساھ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رھيا ھئا، ۽ ھنن جي ناسڻ مان آواز سسکندو ايئن ٿي نڪتو، جڻ ڪو ٻڌندڙ ماڻھو اوچتو پاڻيءَ مان ٻاھر نڪري شڙڪا ڪري ساھ ڪڍندو آھي.

گھڙي نہ گذري تہ ڏھاڪو ڪن مغل لشکرين ٻہ کپڑن جي جھنڊ وٺ اچي پنھنجا گھوڙا جھليا. ھڪڙي مغل ڪڙکيدار آواز ۾ چيو: "تيمور خان، نامراد سنڌي ھتي ٿي ڪٽي لڪل آھن: تون ھي پاسو وٺ تہ آءٌ ھن پاسي ٿو ڏسان. اچو، توھين مون سان اچو...."

سانوڻ وري سرٻاٽ ٻڌو: "وريام، ٻر منھنجي ڪري....."

"شش....."

کپڑ ڪافي گھاٽا ھئا، پر سانوڻ ڪي پڪ ھئي تہ جيڪڏھن مغل ھن جي پاسي آيا تہ ڪميت جي ٻوء ٿي مغلن جا گھوڙا ضرور ھٽکندا، ۽ نہ رڳو مغل ھن کي ڏسي وڃندا، پر پوء ھنن ٻن ھمراھن جو ٻہ خير ڪونہ ٿيندو. ڪجھ سوچيندي ھن وات تي مٽ ڏيندي، ڳيري جي ڏگھي "گھون....گھون...." جو آواز ڪڍيو. گھڙي نہ گذري تہ چوڏاري کپڑن ۽ ٺئين مان ڳيرن جي ڏگھي "گھون.... گھون" جو آواز اچڻ لڳو. سانوڻ وري سرٻاٽ ٻڌو: "ٻر، اھو آواز ٻڌ.... بنھ ھنن کپڑن مان ٻيو اچي...."

اوچتو ھڪ چٽو آواز الائجي ڪٽان ٻڌيو: "مغل سپاھيو، .... اوھين گھيري ۾ آھيو.... پنھنجا ھٿيار ڦٽي ڪريو.... نہ تہ...."

مغلن جي گھوڙن جي سنبن جو آواز بيھي رھيو. لغامن ڇڪڻ جو آواز ٻہ چٽو ٻڌڻ ۾ آيو. مغلن جي مھندار جي آواز مان ٿي سانوڻ سمجھي ويو تہ مغلن جو ڏپ ڪان ساھ سڪي ويو ھو.

مغل مھندار چئي رھيو ھو .... "تيمور خان.... ھاڻ ڇا ڪجي؟"

"شھباز خان.... ھي سنڌين جي ڪا چالبازي ٿي ڏسجي.... مجال آھي ڪنھن سنڌيءَ جي جو مغلن جي...."

اوچتو هن جو آواز بند ٿي ويو، ۽ ان جي بدران هڪ دل ڏارينڙ ريڙهه وايومنڊل ۾ ڦهلجي وئي، گهوڙن جي سنجن تان، ڪنهن ماڻهو جي گسڪي، ڪرڻ جو آواز، سانوڻ جي ڪنن جهٽي ورتو.

هن جي چپن تي هلڪي مرڪ ڦهلجي وئي. ۽ ان وقت ئي فضا ۾ آواز ٻرڻ لڳو.... "مغل سپاهيو.... اڄان به جيڪڏهن هٿيار ڦٽي نه ڪيو ته...."

اڄان اهو جملو پوروئي نه ٿيو ته ٻالن ۽ ترارن ۽ خنجرن جي زمين تي اڇلجڻ جا آواز اٽيا. ۽ آس پاس کان ڪهڙن مان، لئين مان ۽ ٻيلن جي وڻن تان ويهارو مڙسن جو مغلن جي چوڌاري نمودار ٿيو. سانوڻ به ڪميت جهلي، ڪهڙن مان ٻاهر نڪري آيو، ۽ وڌندو اڇي مغلن ا گيان ٻيهي رهيو. هن ڏٺو ته هڪڙي گهوڙي جي سنبن وٽ تيمور خان اوندو پيو هو ۽ هڪڙو ٻالو سندس پٺ ۾ ڪتل هو.

"شهباز خان، توهان کي خبر ڪانهي ڇا ته هن ٻيلي ۾ مغلن ۽ ترخانن کي گهڙڻ جي اجازت ڪانهي....!" سانوڻ جي آواز ۾ رُڪ جهڙي سختي هئي.

".... جي جي.... نه، اسان کي اهڙي خبر ڪانه هئي.... هن ڀيري معافي ڏيو...."

"خير ڏٺو ويندو..... جڙيا، هي هٿيار ميڙيو، هنن گهوڙن کي ڪڙهه ۾ موڪليو، ۽ هنن مغلن کي مهمانخاني وٺي هلو...، ۽ هن لاش کي ائين جو ائين کٽائي هلو...."

اهو حڪم ڏيئي، هو وري کهڙن جي پٽين ۾ هلي آيو، ۽ چيائين: "ياڻو، هاڻ ڪو جوکم ڪونهي. يلي ٻاهر اچو...."

ڪا گهڙي چپ ٿي وئي. ۾ پوءِ به جوان مڙس کهڙن مان ٻاهر نڪتا. انهن مان هڪڙو گهٽو هيسيل هو. البت هئي جي منهن تي هڪ عجيب اردو رنگ هو.

سانوڻ ڪا گهڙي هنن جوانن کي گهوري ڏسندو رهيو. جوان هن جي ان گهور کان ڪيهائڻ خاطر زمين ۾ نهارڻ لڳا: سانوڻ جي منڪ تي مرڪ اچي ويئي: هلڪي، معنيٰ-ڀري ۽ شرارت

سان پرپور. هن جي دل چيو ته هنن جوانن کي ٻاکر ۾ ڀري وٺي؛ پر هن پنهنجي آواز ۾ سختي آڻيندي چيو: "ڪير مڙس آهيو؟ ۽ هن پاسي ڪيئن آيا آهيو؟"

کا گهڙي چپ ٿي وئي. پوءِ هڪڙي همراهه هلڪي لاپرواهيءَ سان چيو: "منهنجو نالو وريام آهي. ننگر ٺٽي جو آهيان. بابو علي محمد وادڪو ڪم ڪندو آهي. هي منهنجو سنگتي ڏاترڏنو آهي. هي بـ ٺٽي جو آهي، رازڪو ڪم ڪندو آهي. باقي هت ڪيئن آياسين، سو تنهن ۾ ٻئي ڪنهن جو ڇا؟ اسان کي اها خبر ڪانهي ته هي ٻيلو ٻ ڪنهن مغل يا ارغون ترخان ملهه گنهي ورتو آهي جو ان کان گوشو ڪريون!" نوجوان جي ڏيرج ۽ لاپرواهي سان ائين ڪالهائيندو ڏسي، سانوڻ جي دل ڦندجڻ لڳي. ٻيلي، ايڏا سنڊي بنهه ويل ٻ ڪونه هئا!

پر هن وري ٻ حشمت سان چيو: "سچي ٺٽي کي خبر آهي ته هي ٻيلو سردار خان جو ڳڙهه آهي. اوهان کي ڊپ ڪونه ٿيو ته متان....."

هن اڌا جملو ٽي پورو ڪونه ڪيو ته همراهه سندس ڳالهه ڪپيندي چيو: "سردار خان ٻ ماٺهن جهڙو ماڻهو هوندو، کو مٽي تي سڳ ڪونه هوندس جو ڪانئس ڊڄجي...."

سانوڻ ڏٺو ته هن همراهه جي سنگتيءَ کيس ٺونڪ هڻي مات ڪرڻ جو اشارو ڏنو، پر همراهه ٿوري دير هيڪي وري چوڻ لڳو: "مڙس مڙس جو مٽ آهي.... اها سا پڪ اٿون ته راهه ويندن واٽهڙن سان هٽ چراند ڪونه ڪندو هوندو، نه ته پوءِ سردار خان ۽ عام مغلن ۽ ترخانن ۾ ڪهڙو فرق رهندو. هونئن ٻ...."

اوچتو همراهه چپ ٿي ويو. هن جيڪي چوڻ ٿي چاهيو، سو مناسب ڪونه هو، وريام سوچيو: آخر ٻ ته هن همراهه سندن جان بچائي هئي.

سانوڻ ٻ سمجهي ويو ته نوجوان هن کي ڪو طعنو مهڻو ڏيئ ٿي گهريو سو چيائين: "هونئن ٻ ڇا....؟"

وريام سانوڻ جي اکين ۾ نهاريندي چيو: "اوهان اسان سان ڀلائي ڪئي آهي، اسان جي جان بچائي اٿو، سو ان لاءِ اوهان جو ٿورو، خدا ڪندو ته لاهي وجهنداسون. هاڻ جيڪڏهن اجازت هجي ته اسين ڇڪيون پنڌ ڪي!"

سانوڻ سمجهي ويو ته همراهه گهاله ڪائي ويو، سو هن به گهاله ستائڻ خاطر چيو: "ڀلا، هي مغل اوهان جي پويان ڇو پيا هئا؟"

"اهو مغلن کان پڇو!" وريام وري به لاپرواهيءَ سان چيو.

"پر به، ڪا ته گهاله هوندي؟"

"ادا، گهاله هيءَ آهي ته...."

وريام جي سنگتيءَ اڃا گهاله چوري مس ته نه وريام ڏهمان ڏيندي چيس "ڏاترنا، تون مات ڪر.... مون کي گهاهائڻ ڏي؛ مغلن ۽ اسان جو مامرو اسان جي مٿي جو سور آهي. ڪنهن اوپري ماڻهوءَ سان ڪرڻ جهڙي گهاله ڪانهي."

سانوڻ کي "اوپري" لفظ تي چڙ به آئي ته ٿورو ڏڪ به ٿيس. هن وري به وريام کي گهوريندي چيو: "سنڌي هڪ ٻئي لاءِ اوپرا ڪڏهن کان ٿيا؟"

وريام ڏهه پهه جواب ڏنو: "مغل ۽ ترخان ته ڏريان ئي ڏاريا آهن— پر سڀ سنڌي به هاڻ "پنهنجا" نه رهيا آهن. مغلن جي نوڪري ڪندڙ يا سنڌين سان لاتعلق ٿي، هيلن ۽ جهنگن ۾ گهاريندڙ سنڌي "اوپرا" نه چئبا ته پلا ٻيو ڪين چا چئبو؟" وريام جي لفظن ۾ هاڻ سختي نه هئي، پر انهن ۾ اڪل مهٽي هٽي وڃي هنڌ ڪيو. سانوڻ جي دل ڪي جهوبو اچي ويو.

"ٻاڪو، تون سچ ٿو چوين، جيڪو سنڌي ٻين سنڌين سان ڏک ڏولاوي ۾ ٻاڏيوار نه آهي، سو برابر 'اوپرو' ئي سڏبو...." هن جو آواز ڏکارو هو، پر وريام ڏنو ته هن ترت ئي پنهنجي پاڻ تي ضابطو رکي ورتو، ۽ ڏيرج سان چيائين: "آڃ بروبر اوهان جي لاءِ اوپرو آهيان. نالو سانوڻ اٿم. هي ٻيلو منهنجي....."

سانوڻ گهٽو ڪجهه چوڻ ٿي چاهيو پر سندس نڙيءَ ۾ گنڊ

پڄي وئي. هن جون اکيون اڃاتن لڙکن سان پوسڙ لڳيون. هن کي پنهنجي ڪمزوريءَ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي، پر عين انوقت وريام اڳتي وڌي اچي ڪيس پاکر وڌو، ۽ ٻوڏ ٻڪندي چيائين "پاڻو، بخش ڪجانءِ.... منهنجو مطلب توکي ڏکوئڻ جو ڪونہ هو.... اسين تہ تنهنجو نالو ٻڌي، هيڏانهن ٽپي آياسون.... تون ٽي تہ هڪڙو آسرو وڃي سندءِ سنڌين لاءِ بچيو آهين...."

سانوڻ ٻہ ڪا گهڙي وريام کي پاکر ۾ جهلي ٻيٺو رهيو. سندس دل ڀرجي آئي هئي.... سنڌ جو اڪيلو آسرو.... هن کي پنهنجي پاڻ تي شرمساري ٿيڻ لڳي. جڏهن سنڌي هڪ ڦوروءِ، هڪ رهزن، هڪ ڏاڙيل کي پنهنجو آسرو سمجهڻ لڳن، تڏهن چئبو تہ سنڌين جي ٻيوسي پنهنجي پاتار کي وڃي پهتي هئي.... هن کي جڏهن ٻاهو خيال ايندو هو تڏهن هن کي پنهنجي پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳندي هئي.... پر هن کي ان نفرت جو مٽُ ڪو ٻيو جذبو ٻہ ڪونہ سُجهندو هو.... هو ڪنهن سان اندر جو حال ٻہ تہ بيان نٿي ڪري سگهيو.... اوچتو هن کي اهو خيال آيو تہ ان شرمساريءَ کان بچڻ لاءِ، هو هنن همراهن کي سچي ڳالهہ ڪري ٻڌائي.....

"ادل.... تون ٻليو آهين.... آءٌ سانوڻ سان گڏ سردار خان ڏاڙيل ٻہ آهيان.... هڪڙو ڦورو، رهزن ۽ ڏاڙيل.... مون جهڙا ٻيا ٻہ مون سان آهن.... سنڌ جو آسرو اسين نہ، پر اوهين نوجوان آهيو .... اسين تہ.... اسين تہ...."

هو پنهنجي ڳالهہ پوري نہ ڪري سگهيو. وريام کي هن جي دل جي ڏک ڏک صاف ٻڌڻ ۾ پئي آئي. هن کي ائين محسوس ٿيو جڏ تہ سانوڻ جي دل سڏڪا ڀري رهي هئي. هن کي ان سڏڪا ڀريندڙ دل تي ريس ٿيڻ لڳي.... اهي سڏڪا هڪ درد مند دل جا سڏڪا هئا، سنڌ جا سڏڪا هئا .... جيسين کا دل سنڌ لاءِ ائين سڏڪندي رهندي، تيسين سنڌ سدا حيات رهندي.

هن سانوڻ کي پاکر مان ڏيندي، سندس ٻورين اکين ۾ نهارينديچيو.... "اسان کي خبر آهي پاڻو سانوڻ.... اسان کي اها

ٻ خبر آهي تہ تون اهي ڏاڙا ڇوڙو هڻين ـــ نفرت جو اهو روپ ٻ سنڌ لاءِ غنيمت آهي ڀائو....!"

سانوڻ کي ڇڻ کو ڏڍ ملي ويو. هن جي شرمساري ڇڻ تہ کي قدر گهٽجي وئي. ان جي بدران هڪ نئون احساس هن جي سموري جسم ۾ ڦهلجي ويو.... اڃاتو احساس، جنهن جو هو ڇيد ڪري نہ سگهيو.... جنهن جو ڇيد ڪرڻ هن نٽي گهريو.

اندر جي ان ڇڪتاڻ کان بچڻ لاءِ هن چيو.... "اچو تہ هلون، منهنجا همراهہ الائي ڇا سوچيندا هوندا تہ اسان کي وري الائي ڇا ٿيو...."

سانوڻ وريام ۽ ڏاترڏني کي وٽي جڏهن مڏيءَ تي آيو تہ تڏي تي ويٺل همراهہ اڃي بيهي رهيا. هرهڪ سان سانوڻ سندن واقفيت ڪرائي. جيسين خوش خيرعافيت ۽ ڪيڪرون ختم ٿيون، تيسين ٻ همراهہ ساڻي بہ ڪٽي آيا. ڳاڙهن چانورن جي ماني ۽ ٻرهن جي هن ٻوڙ ماڻ وريام ۽ ڏاترڏني کي جيڪو مزو آيو، ان کان وڌيڪ هنن همراهن جي پيار ۽ پنهنجائپ هنن جي دل موهي وڌي. ماني ٽڪيءَ کان واندا ٿي، همراهہ کانپون هڏي ، حال احوال وٺ ويهي رهيا. جڏهن وريام ڳالهائڻ شروع ڪيو، تڏهن اڻين ٿي پانيو ڇڻ تہ ٻيلي جا وڻ ٻ هن جي ڳالهہ ٻڌڻ کان ماڻ ٿي ويا!

"ادا، ڪهڙا سور روئي ڪهڙا روئجن. سنڌي محلن ۾ مغل لشڪرين جڏهن ري گناهہ آئي وٽي کي ستائڻ شروع ڪيو، تيسين ٻ اسين ماڻ هٿاسون؛ پر جڏهن گهرن ۾ گهڙي، ڪنهن نہ ڪنهن کي ڪٽي ٿي ويا، ۽ مارڪٽ ڪري، ڏوڪڙ وٺي ڇڏڻ جو ڏنڏو ٻڌائي ڇڏيائون، تڏهن اسان کان ٻ رهيو نہ ٿيو. چڱن مڙسن تہ اهو ٿي چيو تہ جيئن بازارن ۽ منڊين ۾ سيني واپارين ۽ هٽائين گڏجي هر هفتي هڪڙي مقرر رقم حد جي مغل چونڪيءَ تي ٿي پهچائي، تيئن محلن ۾ بہ اڻين ڪجي، ۽ هر چونڪيءَ جي عملدار کي مغل لشڪرين لاءِ هفتي جي آنڪي پري ڏجي. اسان ننڍن کي اها ڳالهہ نہ وٽي، ۽ اسان پنهنجون تولين ٺاهي، محلن ۾ چونڪي ڏيڻ جو

بندوبست ڪيو ۽ حافظ بلال شهر جي ڪوتوال کي اهڙو چاڻ ٻه ڪري آيو....»

وريام گهالهه ائين ٿي ڪئي، جڏ ته هو ڪنهن اچاتي ڪاوڙ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. سندس نرڙ تي هڪ دائمي گهنب پئجي ويو. هن عمر ۾ اهو گهنب جڏ هن کي جوانيءَ جو داغ ٿي ملیو هو. هن هڪ اوٿهو ساهه ڪڍي گهالهه کي اگتي وڌايو.

«ڪجهه ڏينهن تہ ٺاپر اچي وئي. هن چئن هندن تي مغل لشڪري پنهنجي شڪار جي گهولا ۾ نڪتا، پر اسان جي همراهن کين ڪا حرڪت ڪرڻ ڪانہ ڏني. ٿي چار جهڙپون ٻہ ٿيون، جن ۾ ٻنهي ڌرين جا ماڻهو ڏکجي ويا. پر نيٺ جڏهن ڏٺائون تہ محلن ۾ ڪا کيچل ڪرڻ مهانگي ٿي پين تہ اڇڻ جي پچر ڪٽي ڪيائون.... پوءِ اوچتو الائي ڇا ٿيو، جو مرزا پائنده بيگ، توشي خاني جي نائب عامل کي ڪوتواليءَ جو منصب ملیو، ۽ اگهون ڪوتوال ڪنهن تهخاني جي حوالي ٿي ويو. مرزا پائنده بيگ ايندي شرط باهم هاري ڏني آهي. سنڌين جي محلن ۾ اسان جون چونڪيون بند ڪيون ويون آهن. اسان جي ويهارو ڪن همراهن کي راتو رات گهرن مان اٺاري ڪٽي ويا آهن. ٻين جي پويان آهن. محلن جي چڪن مڙسن ۽ مڪين کي چونڪين تي گهرائي بي عزتو ڪيو وڃي ٿو.... چي، اوهان سنڌين مغلن خلاف سازش ڪئي آهي. دهليءَ ڏي کي ارغون قيدي ٿي موڪلیائون، تن کي ٻہ کي سنڌي شاهينگ حملو ڪري ڇڏائي ويا آهن، جيسين اهي هٿ نہ آيا آهن، تيسين جيڪي سنڌي جهليا اٿن، سي ترنگ ۾ هوندا! ممڪن آهي تہ ٻين کي عبرت ڏيڻ لاءِ انهن کي ڦاسي تي ٽنگين. اسان جي پنهنجي چونڪيءَ ۾ اسين ڇهه ڇٽا هٿاسين. رات جي پيٽ ۾ هڪڙو گهوڙيسوار دستو محلي ۾ داخل ٿيو. انڪل ويهارو ڪن مغل لشڪري جڏ جنگ لاءِ تيار ٿي آيا هٿا. اسين ٻہ سمجهي وياسون تہ اڄ خير ڪونهي.... دوبدو ٿيڻ سان ٻہ ڪا هڙ حاصل نہ ٿئي ها.... سو انڪل سان مون ۽ هن ڏاترڏني هنن کي پاڻ سان مصروف رکي، ٻين همراهن کي ٻري وڃڻ لاءِ اشارو

ڪيوسون. همراهه جڏهن صحيح سلامت نڪري ويا تہ پوءِ اسان به رکيو ڪڙين تي زور....“ ائين چئي وريام مرڪي ڏنو. پر ان مرڪ مان ظاهر هو تہ هو پاڻ تي ڪلي رهيو هو.

”پر مغلن اسان جي پڇر نہ ڇڏي.... جڏهن هي ڪا واهہ نہ ڏيسون، تڏهن هيلي ڏانهن رخ رکيوسون.... هيو مڙئي خير. اجهو اوهان تائين اچي نڪتا آهيون....“ وريام گالهہ کي مختصر ڪندي چيو.

ڪچهريءَ ۾ مات ٿي وئي. ائين ٿي ڀانيو، جڻ تہ وڻ به گهڙيءَ لاءِ مات ٿي ويا هجن. آها مات سيني کي ڏاڍي ڏکي پئي لڳي، پر گالهہ به اهڙي هئي. مغل لشڪرين تي ۽ سندي محلن ۾ ڪهڙو ٻائيتال وڌو هوندو، تنهن کي خيال ۾ آڻي، سيني کي مات لڳي وئي. پوءِ سانوڻ ئي مات کي ٽوڙيو: ”پوءِ تہ مغل لشڪرين جو ڪجهہ بلو ڪرڻو پوندو.... يڪا وريام ارغون قيدين جي باري ۾ ڪا سڻس؟“

”ڪجهہ ارغون ڇوڪرا، جيڪي مدرسي ۾ ٽسا پڙهن، تن جي واتان هڪجي ٽو تہ اهو ڪم خود ارغونن جو آهي، پر نالوسندين جسو پيا ڪٽن.... ارغونءَ ترخان سڏوسنئون مغلن سان ڪٽونسڻ نٽا گهرن.... گهڻن گالهين ۾ هو هڪ ٻئي سان همراهي بہ ڪن پيا.... آخر سيوهڻ، چانڊڪا ۽ بکر تي اڄا سندن راڄ آهي، جيتوڻيڪ آنڪي دهليءَ جي پرين پيا. رڳو نٽو ئي آهي جتي مغل سڏوسنئون حڪم ويٺا هلائين.... ۽ هو ڀانئين تہ مغلن کي ايترو بدنام ڪن جو دانهن دهليءَ تائين وڃي، ۽ شورشون ڪري مغلن کي زير ڪن، ۽ پوءِ دهليءَ ۽ آگري جي وڏي سرڪار کي سوڪڙين پا ڪڙين سان راضي ڪري، سندن آنڪي پري، ٽٽي تي وري راڄ ڪن. ڪجهہ وقت تائين قصو هلي تہ پوءِ شهنشاهہ جو ڳٽ ڳچيءَ مان لاهڻ سولو ٿا سمجهن!“

سانوڻ کا گهڙي وريام کي گهوريندو رهيو: ”جيڪڏهن سندي نوجوان سياست جي اهڙي سمجهہ رکن ٿا تہ پوءِ اڄان بہ گالهہ هٿان ڪانہ وئي آهي. پر اهڙا وريام سنڌ ۾ آهن ڪيترا؟!“

"ٻلا هينئر جيڪڏهن ڪا شورش ڪجي ته نتيجو ڪهڙو ڏکرندو.... ڏٺي جي ماڻهن جـو سات ملندوسون يا نه؟" هڪڙيءَ ڪنڌ مان هڪڙي همراهه ڳالهه اڇلائي ٻڙ ٻڙ ڪري وڏي.

"ادا، اها ڳالهه ڏاڍي ڏکي آهي.... نوجوانن مان ته شايد ڪافي سات ڏيندا، سواءِ انهن جي، جن جي ماڻڻن ڪي مغلن نوازيو آهي، ۽ ڪانئن ان جي عيوض وفاداريءَ جا پروانا لکائي ورتا اٿن. ٻيا اهـي جـن ارغـونن ترخانن ۽ هـاڻ مغلن سان سڳابنديون ڪيون آهن، سي به اسان جي ويجهو ڪونه لڙندا. هو ڏسندا ته اسان جو پاسو زور آهي ته وات ٽڪائي اسان سان ڪندا، پـر جيڪڏهن مغل زور ٽيا تـه وڏي واڪي چوندا تـه سنڌي اچي چتا ٽيا آهن، ظل‌الاهي جي اسلامي حڪومت سان ٽڪر ڪائڻ بيوقوفي سان گـڏ ڪفر آهي! ان لاءِ هو چار آڻ ملان به اهڙا آ ڳيان آڻيندا، جيڪي سندن پٽيرائيءَ ۾ فتوائون بـه جاري ڪندا. اسان جا ماڻهو ويچارا هڪڙو ته ستايل گهٽو آهن، ۽ سائن ڪان سڪ نصيب نه ٽيو اٿن، ۽ ٻيو ته اهوجهه اهڙا آهن جـو شل نه ٻڌن ته ڪنهن ملان فتو ڏني آهي؛ اصل اهڙا ونڻن ويندا جڏ ته ڏريان ٽي ڏاريا آهن! اهي ماڻهو، جـن ڪي واپار وڙي جـون ڪوٺيون آهـن، ۽ جن جا ٻلاوٽا سورت، دهلي ۽ آگري تائين آهن، يا جن ڪي بندرن جي اوگاڙيءَ جا ٽيڪا آهن، سي مغلن جـي چانئٽ جا ا گهي بـه سلامي هٿا ۽ هاڻ به ٽيندا. باقي رهيا ڪمي ڪاسبي، وادا، لوهر، رازا، ڪوري، هـاري ناري؛ سي بلاشڪ اسان جو سات ڏيندا؛ هنن جو روز ته الله تي آهي پـر هنن جو الله ۽ اسان جو الله سا گيو آهي!"

"منهنجو پنهنجو به اهوئي خيال آهي،.... پر هن وقت مغلن ۽ ارغونن ۾ جيڪو جهيڙو آهي، ۽ خلق ڪي جيڪي آزار پهتا آهن، تنهن مان سمجهان ٿو ته هاڻ ڪجهه نه ڪيوسون ته، پوءِ ويل هٽان نڪري ويندي. دوبدو مقابلي لاءِ شايد اڃا وقت ڪپي.... پر گهٽ ۾ گهٽ اهو ته ڪجي ته مغلن ڪي ترخانن جـي حرفت جـو جاڻ ڪجي جيئن اسان جي خلق تان ڪجهه ته بار جهڪو ٿئي...."

سانوڻ جڏ تہ پاڻ سان گهالهائيندو گهالهائيندو ڪنهن اونهي ليهءَ ۾ پڄي ويو. سڀ همراهہ ملڪ ٿي ويا. هنن ڪي خبر هئي تہ جڏهن سانوڻ ائين، پنهنجي پاڻ ۾ غائب ٿي ويندو آهي تہ پوءِ.... تہ پوءِ ڪوڇ ڪرڻ جي هڪل ضرور ٿيندي آهي.

جڏهن سانوڻ وري گهالهايو، تڏهن ائين ٿي پانيو، جڏ هن ۾ ڪو نئون روح وارد ٿيڻ لڳو هو. هن جي آواز مان پاڻهہ ۽ نرمي پَر ڪري آڏامي ويئي! هو گچ وقت پنهنجي همراهن کي، هڪ هڪ ڪري، هدايتون ڏيندو ويو، جن مان ڪجهہ وريام ڪي، سمجهہ ۾ آيون، تہ ڪجهہ بنهہ ڪونہ آيون.

اوچتو هن سانوڻ جو آواز بدو، جنهن ۾ اهڙي حجت هئي، جيڪا فقط پنهنجن سان ٿي ڪري سگهبي آهي، پر جنهن ماں اها گالهہ بہ بکندي آهي تہ اها حجت حڪم جو درجو رکي ٿي.

"وريام، توکي ۽ ڏاترڏني کي موٽي نٿي وڃڻو پوندو.... اهو ڪم توتي آهي تہ مغلن جي ڪَن تي اها گالهہ پوي تہ شاهي قمدين کي سنڌين نہ، پر ترخانن ڀڃايو آهي.... ۽ شورش سنڌي نہ پر ترخان ڪرڻ وارا آهن.... ۽ اهو بہ تہ ترخانن جو وڏو لشڪر سيوهڻ کان نٿي تي چڙهڻ وارو آهي تہ جيئن خسروخان جرڪس، مرزا عبدالعلي، جي نالي ۾ نٿي تي قبضو ڪري!"

سانوڻ گهڙيءَ لاءِ وريام جي اکين ۾ نهاريندي، وري چيو: "۽ وريام، پائو! سنڌ لاءِ رڳو بهادري نہ، پر عقل ۽ سَت بہ ڪم آڻڻي پوندي....! هاڻ سنڌ کي پرتئو!"

وريام جي دل ۾ عجيب احساس ڪَر موڙڻ لڳو تہ سانوڻ جڏ تہ هن کي اعتبار جي امانت ڏيئي ڇڏي هئي، ۽ ان امانت جي سنڀال ڪرڻ لاءِ هن کي جيڪڏهن پنهنجو ساهہ گهورڻو پيو تہ بہ سنڌ تان صدقي ٿيڻ جو بهانو ملي پوندو. ✱

رات جي ڪنڪ ۾ ڪهرام متل هو. هري هري ٿي سمورا تارا جهرندا جهڪا ٿيندا ويا. آڪاس جي اوندهه ۾ ڪا باڪ ڦٽڻ لڳي هئي. نوري آسمان ۾ ڪيون وجهي، پرهه ڦٽڻ جو انتظار ڪندي ٽڪجي پئي هئي، پر نند هن جي نيٽن کان ڪوهين دور هئي. هن جون ڪيون ڇڻ ته نند وڃائي ويٺيون هيون. هن کي اوندهه کان ايترو ڊپ نٿي ٿيو، جيترو نند کان! اوندهه هن کان پنهنجي جيجل ڪسي ورتي هئي، ۽ نند هن کي انسانن جي اندر لڪل وحشي بگهڙن جي وجود کان واقف ڪيو هو. ٿورن ٿي ڏينهن ۾ هن جي اکين جيڪي ڏٺو هو، سو ٿوهر ٻڌي هن جي ماڻڪين ۾ ڏنبجي پيو هو، ۽ جڏهن اکيون ٽڪجي بند ٿيڻ لڳنديون هيون تہ وري ڪنهن نئين واردات کان آڪاڪ پٽجي ويندیون هيون. هن وري ڪڙندڙ جهڪي ٿيندڙ تاري جي مرندڙ ترورن جي پويان ڪجهه گولڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان وقت ۾ واري ڪٽ تان ايندڙ سڏڪن جي آواز هن کي چرڪائي ڇڏيو....

"امان جاني.... امان جاني!" نندڙي ٻالڪ نند ۾ سڏڪندي ٻڏ ٻڏ ڪئي.

هو پنهنجي ڪٽ تان آٿي، پر واري ڪٽ تائين آئي، ۽ بارڙي جي چاتيءَ تي ٽڪيون ڏئي، هن کي سمهارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. پر هن جي اوپرن هٿن کيس هيڪاري جا ڳائي وڏو، ۽ وڏي آواز سان ڏيڏکڻ لڳو.

"امان جاني.... امان جاني!"

هن جي روئڻ تي، هن جي پر ۾ ستل نينگر ٻه جا گهي پيو. نينگر اڻ نون سالن جي عمر جو هو، پر بدن ۾ اهڙو پريل هو جو

تيرهن ورهين جو ڇوڪرات ٿي لڳو.

"ڪنيز، هن کي چپ ڪراءِ، اسان جي آرام ۾ خلل ٿو ٿئي! ۽ هن کي سمجهاءِ ته حضور مرزا فيصر بيگ جا نهزادا روئندا نه آهن!" ڇوڪري پنهنجي آواز ۾، ننڍا ڪرائي هوندي ٻڌي، رعب تاب آڻڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

نوري کا گهڙي هن کي ڏسندي رهي. هن پنهنجي ڳوٽ جا هار ٻڌا هئا، جيڪي روئندا ٻڌا هئا، ڪلندا ٻڌا هئا، کيڏو ٻڌا ڪندا هئا، تنگ ٻڌا ڪندا هئا، ڪپڙي لٽي پائڻ ۾ ماڻڻ يا پيئرڻ کي تنگ ٻڌا ڪندا هئا، هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏهمان ٻڌا ڏيندا هئا، کيڏندي ڪلندي ڪڏندي وڙهندا ٻڌا هئا، پر منجهن هڪ خاص گهالهه هوندي هئي، جنهن جو احساس هن کي فقط هاڻ ٿيو هو: منجهن معصوميت هئي، اڻ لکو پرمنهن تي بکندڙ ماڻهپو هو؛ هنن ۾ هاراڻي هئي جيڪا قدرتي هئي، جنهن کانسواءِ هوءَ هنن کي تصور ۾ ٻه آڻي نٿي سگهي. ان جي برعڪس، هي ٻه هار هئا، پر منجهن هاروٽڻ نه هو، منجهن معصوميت بدران بناوٽ هئي، سندن کيڏو ۽ ضد ٻه بناوٽي ۽ نرڇائيءَ وارو هو، هنن جي منهن مان ماڻهپو نٿي بکيو، سندن منهن تي کوٻه احساس قدرتي نه هو؛ جيڪي پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي اڳيان ٻه هار نه هئا، جيڪي پنهنجي ماءُ پيءُ جي اڳيان انگل ڪرڻ وقت ٻه هار نه هئا. هي هار نوريءَ جي آزمودي جي دائري کان ٻاهر هئا. انڪري هو هن کي سمجهڻ، سمجهائڻ ۽ پرچائڻ کان لاچار هئي.

ان مهل پري کان فجر جي هانگ جي صدا آئي ته ڇوڪرو هڪدم ٽپ ڏيئي هيٺ لٿو.

"ڪنيز، اسين وضو ڪرڻ ٿا گهرون.... اسان حضور ابا جان کي ٻڌائڻ گهرنداسون ته سندن حڪم جي تعميل ۾ اسين ڪابه ڪوتاهي نٿا ڪريون، ۽ اسين نماز لاءِ هنن سان گڏجي هاڻ لاءِ تيار آهيون!"

نينگر جي آواز تي هارڙي اوچتو پنهنجو روئڻ بند ڪري ڇڏيو. نوري آٿي ٽي ويئي رهي. نينگر جي وڏي آواز گهالهائڻ تي، هڪڙو ڪاري ڏيو جهڙو حبشي اگهاڙي خنجر سان درکولي اندر

هليو آيو. هن نهايت خونخوار نظرن سان نينگر کي گهوريندي چيو: "ڪنيز، هنن کي خاموش رهڻ سيکار، نه ته هنن سان گڏ تنهنجي سر جو به خير ڪونهي!"

حبشي جي آواز ۽ اگهاڙي خنجر جي اولڙي هيڪاري نوريءَ جو ساهه سڪائي ڇڏيو. هن ٿورن ئي ڏينهن اندر همکي ڪجهه ڏنو هو، ان مان کي سيکاري ڇڏيو هو ته اگهاڙو هٿيار ٻنهنجي اڄ لاهڻ کانسواءِ، واپس ميان ۾ موٽي نه ويندو آهي. حبشيءَ جي ڏاڪي ۽ خنجر ڇوڪرن، کي به هيسائي ڇڏيو، ۽ هو ٻئي نوريءَ کي چنبڙي ٻيا. روڄ همن جي نڙ گهٽ اندر ئي گهٽجندو رهيو. ٻئي ٻار ڪرڙيءَ وانگر ٻئي ڪنبيا. وڏي ڇوڪري جو رعب تاب ۽ حشمت به ڀُر ڪري آڏامي ويا.

نوريءَ به ڪنبندي، هيسيل آواز ۾ چيو: "هاڻ هي نه روئندا، آڻ هنن کي مات ڪرائيندين. اوهين وري آواز نه ٻڌندا."

حبشيءَ پهريون پيرو نوريءَ کي چتائي ڏٺو، ۽ الائي ڇو هن جي دل پنهنجو ڏڪ گسائي وئي. يا الله، تو هن ڇوڪريءَ کي ڪيڏو نه حسن بخشي ڇڏيو آهي. هن سوچيو ته هن سموري عمر ارغون سردارن جي حرمن جي نگهباني ڪئي آهي، پر ههڙو حسن، ههڙي سونهن، ههڙي دلڪشي هن ڪڏهن به نه ڏٺي هئي. ڇا غلام به ايڏا دلڪش ٿي سگهن ٿا؟ هن کي بصري جي بازار ۾ وڪامڻ وقت، پنهنجي ڏاڏي جا ڇيل لفظ ياد اچي ويا: "اسين ڪوجها انهيءَ ڪري آهيون، جو غلام آهيون. جڏهن غلاميءَ جا زنجير ڪٽجي ٿا وڃن، تڏهن قومن ۾ حسن ۽ دلڪشي به موٽي ايندي آهي!"

حبشيءَ جي اکين ۾ ڪوڪهنو ڏند لهي آيو. هن کي اهو وقت ياد آيو، جڏهن هن کي ٻين سان گڏ زنجيرن ۾ جڪڑي، جهاز ۾ سوار ڪيو هٿاڻون. هن جهاز ۾ پنهنجي ساڻي غلامن سان پنهنجي ڏاڏي جي ٻڌايل ڳالهه ڪئي هئي. هن جي ڳالهه جو هن جي ساڻين تي عجيب اثر ٿيو هو. هنن مان ڪنهن چيو هو ته پوءِ ڇو نه اسين

ـــ آزادي ماڻيون ۽ حسن ۽ دلڪشي ماڻيون! ۽ پوءِ هنن سيني گڏجي، جهاز تي بغاوت ڪري، آزادي حاصل ڪري ورتي هئي. وڙهندي وقت هن ڪي ائين محسوس ٿيو هو، جڏ تہ سڄ جا ڪرڻا هن جي رت ۾، پنهنجو سمورو حسن اوتي رهيا هئا. جيئن جيئن هو پنهنجي آڳاٽن ڪي ڪپيندو، ويو ، ڪيرائيندو ويو، تيئن تيئن هن جو اهو احساس وڌيڪ اونهو ٿيندو ويو تہ هن جي بدصورتي هن جي جسم تان، ڪنهن پراڻي ڪل وانگر لهندي ٿي ويئي، ۽ هڪ نئين خوبصورت ڪل ان جي جاءِ وٺندي ويئي. سڄ جا ڪرڻا هن ڪي پنهنجو حسن بخشي رهيا هئا. هن جي ڪوجهائي تبديل ٿي رهي هئي.

جڏهن هن ۽ هن جي ساٿين جهاز تي قبضو ڪري، آزادي حاصل ڪئي هئي، تڏهن جهاز جي عرشي تي بيهي، هن وشال سمنڊ مٿان سج جي ڪرندڙ شعاعن ڪي مخاطب ٿي رڙ ڪندي چيو هو:

"اي سمنڊ، ڏس اڄ آءٌ بہ تو وانگر آزاد آهيان! اي سج، ڏس اڄ آءٌ بہ تو وانگر آزاد آهيان! ۽ آءٌ ايڏوئي خوبصورت آهيان، جيترو تون خوبصورت آهين!" هن ڪي پنهنجا سمورا ساٿي ايترائي سهڻا لڳا، جيترو هو پاڻ سهڻو هو.

۽ پوءِ هنن گڏجي هڪ گيت گايو هو؛ جنهن جا لفظ، اڄ تائين نہ هوندي بہ، پاڻمرادو هنن جي ويڪرين چاتين مان، گونجي اٿيا هئا:

"سج سهڻو آهي،
ـــ چاڪاڻ تہ آزاد آهي!
سمنڊ سهڻو آهي،
ـــ چاڪاڻ تہ آزاد آهي!
ٻڪي سهڻا آهن،
ـــ چاڪاڻ تہ آزاد آهن!
جبل سهڻا آهن،
ـــ چاڪاڻ تہ آزاد آهن!
ٻيلا سهڻا آهن،

— چاکاڻ تہ آزاد آهن!
درياسهڻا آهن،
— چاکاڻ تہ آزاد آهن!
اسين سهڻا آهيون،
— چاکاڻ تہ اسين آزاد آهيون!
— چاکاڻ تہ اسين آزاد آهيون!"

پر پوءِ، جڏهن هو بصري پهتا، ۽ هنن جي آقائن ۽ خريدار جي محافظ آقائن، پنهنجي پين غلامن ۽ لشکرين جي مدد سان، هنن کي وري غلام بنائڻ جي کوشش ڪئي، تڏهن هو ائين وڙهيا هئا، جڻ پهاڙ وڙهي رهيا هئا، جڻ سج وڙهي رهيا هئا، جڻ سمنڊ وڙهي رهيا هئا! هڪ هڪ ٽي هن جا ساٿي ڪرندا ويا. لشکرين جي ڪٽڪ اڳيان هي آ گرين تي ڪٽڻ جيترا، سنگن وانگر لڏجندا ويا!

جڏهن هن کي وري زنجيرن ۾ جکڙي امير جي اڳيان آندائون، تڏهن هن کان پڇيو هئائون: "تو بغاوت چو ڪئي؟"

"غلام بغاوت ڇو ڪندا آهن؟" هن جڻ پاڻ کان سوال ڪيو هو.

"اهوئي تہ تو کان پڇون ٿا تہ غلام ٿي ڪري تو ڇو بغاوت ڪئي؟"

"مون سونهن حاصل ڪرڻ ٿي گهري، ۽ مون ٻڌو آهي تہ آزاديءَ سان ڪوجهائي ختم ٿي ويندي آهي!"

۽ پوءِ هن کي هميشه لاءِ ڪوجهو ڪرڻ لاءِ جڏهن هن جي مردانگي هن کان کسي ورتائون، ۽ کيس خواجہ سرا جو لقب ڏنائون، تڏهن هن کي هيڪاري وڌيڪ يقين ٿي ويو تہ آزادي سونهن آهي، آزادي مردانگي آهي. آزادي کسڻ سان انسانن کي هميشه لاءِ اندران توڙي باهران، ڪوجهو بنائڻ آقائن جو دستور آهي!

۽ هن وري هن سنڌي غلام نينگريءَ ڏانهن ڏٺو: شايد

سنڌي واحد قوم آهن جيڪي غلام هوندي بہ سهڻا آهن! هن جي دل چيو تہ هن چوڏينهنءَ جي چند کان بہ خوبصورت وينگس کان پڇي تہ تون غلام هوندي بہ ايڏي سهڻي چو آهين؟

ڀ پوءِ هن خنجر وري پنهنجي ميان ۾ وجهي ڇڏيو، ۽ هوريان چيائين "تون هنن کي ماڻ ڪراءِ، نہ تہ...." هن جي ڏڪي ۾ هاڻ اها ڪاٽ نہ هئي، اها خنجر جي اگهاڙي ڌار نہ هئي، ۽ هو ائين ئي، پڙ پڙ ڪندو ٻاهر هليو ويو.

نوري کا گهڙي، هن حبشيءَ کي ويندي ڏسندي رهي. ٻپ کان هن جي بدن جي رڦي جڏهن جهڪي ٿي، تڏهن هن وري چوڪرن ڏانهن نهاريو، جيڪي اڃان تائين هن جي ٽنگن سان چنبڙيا پيا هئا. هنن ٻارن سان هن جو ڪوبہ رشتو ناتو نہ هو، پر تڏهن بہ حبشيءَ جي خنجر ۾، هنن جي موت جا امڪان ڏسي، هوءَ ڏهلجي ويئي هئي، ڏڄي ويئي هئي، ۽ ڪهاڙ کان هن کي پنهنجي ٻاکر ۾ پناهہ ڏيڻ جو جذبو الائي ڪٿان ۽ ڪيئن هن جي دل ۾ پيدا ٿيو هو. اهو ان جي باوجود ٿيو هو تہ اهي چوڪر مرزا قيصر جا بٽ هئا، جنهن جي اشاري تي، هن جي ماءُ ۽ هن جا سوٽ سمات مالن جو ڪٽڪ ٿيا هئا. هن کي اها رات ياد آئي، جڏهن هن جي ڳوٺ تي ڏاڙو آڳو هو..... ❁

هنن جي دنيا ڏاڍي مختصر، ڏاڍي مائيٽي، ڏاڍي ساجهه واري هئي. اٽ ڏهه گهر مس هئا، جيڪي ڏاڏاڻي يا ناناڻي سڱ سان پاڻ ۾ موتين وانگر پوتل هئا. هنن جون خوشيون به گڏيل هيون، هنن جا غم به گڏيل هئا. هنن جون محبتون به گڏيل هيون ته دشمنيون به گڏيل هيون. رڳو ننڍن نيٽن جي دشمنين ۾ هڪڙي نئين دشمنيءَ نئين سر منهن ڪڍيو هو، اها دشمني هئي مغلن جي خلاف. اها دشمني هڪ اڳين دشمنيءَ جو نئون روپ هئي. اڳين دشمني ترخانن لاءِ هئي، ۽ هاڻ ان جو روپ مغلن جي دشمنيءَ ورتو هو. پر اها دشمني به ڇڻ ته ذاتي به هئي خانداني به: جنهن ۾ اها ڳالهه وڌيڪ نمايان هئي ته جڏهن به ترخانن يا مغلن جي ڳالهه نڪرندي هئي ته پنهنجا ذاتي جهيڑا جهٽا ۽ تڪرار ختم ٿي ويندا هئا.

نوريءَ کي ياد آيو ته سندس ماسات خيرل جي گهوڙي، "چنبيليءَ" جي هاڪ سڄيءَ سنڌ ۾ ڦهليل هئي. ڪٽان ڪٽان جا ماڻهو رڳو گهوڙيءَ کي ڏسڻ لاءِ اچي مهمان ٿيندا هئا، ۽ پوءِ اوطاقن ۾ گهوڙن جي نسلن ۽ خاص طرح سنڌ جي گهوڙن تي سگهڙ سڄيون سڄيون راتيون پيا بيت ۽ پرولين ڏيندا هئا. سڪندر جي گهوڙي "بوسيفل" کان دولهه دريا خان جي گهوڙي "ملوڪ" تائين، گهوڙن جا شجرا بيتن ۾ بيان ٿيندا هئا. خيرل ته پنهنجي گهوڙيءَ جو مٽ جٽي گهوڙن کان به مٿاهون پائيندو هو، ۽ جڏهن هو نٽي جي پير سڪندريءَ واري گوءِ ڪني آيو، تڏهن ته هيڪاري هن جو مان ايڏو مٿاهون ٿيو، جو ماڻهو پوڳ ڪري چوندا هئس ته خيرل ته شايد شادي به چنبيليءَ سان ڪندو، جو رات ڏينهن پيو چنبيليءَ جي ٽهل ٽڪور ڪري!

پوءِ جڏهن نٽي جي عامل جـا ماڻهو شهنشاهه جهانگير لاءِ گهوڙي ڏسڻ آيا، تڏهن ته هنن جـو گهوٽ جڙ تـ سنڌ جو مرڪز بڻجي ويو. سيوهڻ مـان ترخانن، بکر مـان سيدن، ۽ چانڊڪا مـان اميرخانين ايلچي موڪليا تـ گهوڙي اسان کي ڏيو ته شهنشاهه کي پيش ڪريون؛ قيمت جيڪا خيرل چوندو، سا کيس ملندي. نٽي جي عامل ته پنهنجو خاص ماڻهو ـ قيصر بيگ ـ موڪليو ته گهوڙي کاهي اچي. خيرل اصـل، ڪنهن جي ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار نـ هو. ڳالهه کا وڃي لاهور پهتي. جهانگير جا خاص ماڻهو گهوڙي ڏسڻ آيا. وڏي درٻار ٿيگي. پنوهرن جـي چگي مـڙس جنهن اهو مامرو پٽنچائٽ جـي ا ڳيان اڇلي وڏو، ته به خيرل اصل 'ها' نـ ڪئي. پنهنجي پير مرشد سائين چگي ڏني شاهه جو به چيو نه ڪيائين. نيٽ نٽي جي عامل مغل سپاهين جو شاهي دستو موڪلي ڏنو تـ خيرل قيمت وٺڻ تي راضي نه ٿئي، ته گهوڙي زوريءَ کاهي اچن.

ان رات سڄي گهوٽ جـو ساهه سٽ ۾ هـو. چوڌاري گهوٽ کي مغل لشڪرين گهيرو ڪري ورتو هو. ڪنهن کي به گهوٽ مان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت نـ هئي. نه وري ڪو گهوٽ ۾ اندر داخل ٿي ٿي سگهيو. خيرل کي سمجهائڻ لاءِ وري پٽنچائٽ ويٽي. مرشد جو خليفو ٻاڻ به هلي ملي آيو مغلن جي سفارش لاءِ؛ پر خيرل وٺ گهوڙو ڇڏ نه ڏنو. مغلن دڙڪو ڏنو ته اسين گهوٽ کي باهه ڏيئي، حملو ڪري، گهوڙي کاهي ويندا سون! پر ان جو خيرل تـي اثر خيرڪو ٿيو. هن فقط ايترو ئي چيو ته "گهوڙي منهنجي آهي، زوريءَ يا لالچ سان گهوڙي هرگز نه ڏينداس!"

مغلن کـي ڪاوڙ تـ ڏاڍي هئي. هو سنڌ جـا حاڪم هئا، سنڌي هنن جي رعيت هئا. رعيت جي اها مجال جـو پنهنجي وهٽن کي، مغلن جي حڪم جي باوجود، سندن خدمت ۾ پيش نـ ڪن! پر چيائون ٿي ته گهوڙيءَ جي هاڪ ٻڌي خود ملڪه اعظم نورجهان ضد ڪيو هو ته گهوڙي ڪيس پيش ڪئي وڃي.

جڏهن پٽنچائٽ جي فيصلي تي به خيرل نه ٻيٺو، تڏهن مغلن

آخرڪار گھوڙي زوريءَ ڪاهڻ جو فيصلو ڪيو. سڀ ڪن مغل لشڪرين، نما شام جو، پالا آلارينڊا گوٺ ۾ داخل ٿيا. هنن جي اڳيان ڪابہ رنڊڪ نہ هئي. مغل ڪجھ شڪيا تہ ضرور ڪا ڪيڏ رٿيل هئي. هنن جي تجربي هنن کي ٻڌايو هو تہ ڪنھن بہ سنڌي گوٺ تي چڑھڻ سولو نہ هو. ننڍا نيٽا جوان مئي مارائي ڪانسواءِ ڪوڻن تي قبضو ڪرڻ نہ ڏيندا هئا. تعداد ۾ ٿورا هوندي بہ ائين وڙهندا هئا، جڻ بکئي شينھن پنھنجي ڇَر جي حفاظت ٿي ڪئي. ۽ اڄ گوٺ جا سمورا مرد پنھنجي پنھنجي ويڑھي اڳيان خاموش بت بڻيا بيٺا هئا. ڪنھن بہ مغلن سان اڪيڙ جي ڪوشش نہ ڪئي، ۽ هو سڌا اچي خيرل جي ڪَڙھ تي بيٺا. خيرل جي ڪَڙھ ۾ بہ مڪمل مانڪ هئي. خيرل بہ آتي ڪونہ هو، نہ ئي ڪو سندس سنگتي ساٿي موجود هو. البت چنبيلي آتي موجود هئي، پر سندس خوبصورت منڊي، ڏڙ ڪان ڏار هئي ....!

مغل جيئن آيا، تيئن واپس ورڻا. هنن کي سنڌين جو هيءُ ضد ٻنھ سمجھ ۾ نہ آيو. شھنشاھ جي حڪم تي خيرل کي اشرفين جي خرزين جي آڇ ڪئي وئي هئي، پر خيرل اشرفين جي خرزين وٺڻ بدران پنھنجي اھڑي سونھاري گھوڙيءَ کي پنھنجي ھٿن سان ڪھي ڇڏيو. هي سنڌي پڪ ئي پڪ عقل جا انڌا آھن! پر ھاڻ ھو نورجھان بيگم کي ڪھڙو جواب ڏيندا؟ ان تي سوچيندا، مغل موٽي ويا!

ان جي ٽئين ڏينھن گوٺ تي ڏاڙو لڳو. ٻڙن ٻڌل ويھارو مڙسن جو، گوٺ تي ڪاهي آيو. گھوڙن جي ھڪارن، ڪھاڙين، ٻالن ۽ بڙڇين جي آوازن تي نوري ۽ سندس ماڻ ڇرڪ ڀري آتي ويٺيون ھيون. نوريءَ جي اکين آڏو، ھڪڙو ٻالو ماڻس جي ڇاتيءَ کي ڇيھون ڪندو ويو، ۽ ھن جي جيجل ماڻ جي وات مان ڪلمو بہ ڇيرجي نڪتو ھو. ھوءَ ٻوڙي ماڻ تائين آئي، ۽ ڪئي ڪيس ياڪر ۾ پريائين: "امان.... منھنجي جيجل امان!" ھوءَ سڏڪن سان ماڻ کي ھنج ۾ لوڏيندي رھي. پر پوءِ ھڪڙي مڙسالي ھن جي ھانھن ۾ ھٿ وجھي، ھن کي ڇڪي اتاريو، ۽ ٻئي ھٿ سان خنجر

جي چهنب هن جي نڙيءَ تي ڪٽي رکيائين. ان وقت به هن کي پنهنجي مرڻ جو ڪو خيال نه هو. هن ڇڪ ڏيئي، پاڻ ڇڏائي، وري پنهنجي جيجل ڏانهن موڙي گهريو. ان ڇڪ ۾ هن جي نڙيءَ ۾ خنجر جي چهنب سان ڇهڪ اچي ويو، ۽ رت لار ڪري، هن جي چولي کي پسائڻ لڳو. پر هن کي ان زخم جو به ڪو احساس نه ٿيو. هن جو دماغ هر احساس کان وانجهو هو، سواءِ ان احساس جي ته هن جي مڙي امڙ هن جي اکين اڳيان، ڪُسي وئي هئي. هن وري ماءُ ڏانهن رومڙ ڪئي، ۽ ائين ڪندي هن مڙسالي جي هٿ ۾ خنجر آيو ٿيندي، پاڻ ڏانهن ايندو پاڻيو، پر ان وقت پريان ڪنهن فارسي ۾ رڙ ڪري ڪجهه چيو، جيڪو هوءَ سمجهي نه سگهي. آلاريل هٿ روڪجي ويو. خنجر ميار ۾ هليو ويو، ۽ ان جي بدران، هن مڙسالي، هن جي وارن کان ڇڪي، هن جي منهن ۾ ڏنو. ڪهڙيءَ لاءِ، هن جي هيسيل اکين، انهيءَ مڙسالي جي منهن ۽ اکين ۾ نهاريو: ٻٽ ٻڌل هجڻ ڪري، فقط هن جون اکيون ئي نظر آيون. انهن اکين ۾ ديد ڪنهن بگهڙ جي ديد هئي: انسانن جي اکين ۾ هن ڪڏهن به اهڙي ديد نه ڏٺي هئي. شيرين اکين جي وچ ۾، نيرين پتلين ۾، رت جاڏورا ڇڻ ٻاهر نڪرڻ تي هئا. انهن اکين ۾ جيڪي ڪجهه هو، تنهن کي ڏسي پهريون پيرو نوريءَ جي نس نس ۾ ڊپ ويڙهجي ويو، ۽ هوءَ ان ڊپ کان ڏڪڻ لڳي. ڪنهن اجاتي آمالڪ احساس هيٺ، هن مڙسالي کي ڏکو ڏنو. هو آڙجي پويان ڪريو، ۽ هوءَ دروازي ڏانهن ڀڳي. پر در تي پٽون ٻڌل ٻ ٻيا مڙسالا، خنجر هٿن ۾، ڇڻ هن جي انتظار ۾ بيٺا هئا. اُن وقت نوريءَ پهريون پيرو رڙ ڪئي، اهڙي رڙ، جيڪا هوءَ ڪڇ وقت تائين وساري نه سگهي. اها رڙ، هن جي روح مان روڙجي نڪتي. ان رڙ ۾ ڪي به لفظ نه هئا، پر اها رڙ سڄي ڪوٽ جي رڙ بڻجي ٻُرڻ لڳي.

هن جي ٻنهي ٻانهن کي رسي سان ٻڌي، هن جي چيلهه ۾ به ڪٽي رسو ٻڌائون، پر هن ائين ڀانيو ڇڻ ته هن جو سڄو بدن ساٿو ۽ سُن ٿي ويو هو. هن کي ڪنهن به ايذاءُ جو احساس نه هو. هن جي

ڪچيءَ جي زخم ۾ رڳو ڏنئون ڏنئون پئي ٿي، پر ان ۾ ٻ ايذاءَ جو احساس نٿي پانيائين. هاڻ تہ هن کي پنهنجي مٿي جيجل ٻ ياد نہ هئي. جيڪڏهن ڪو احساس هوس تہ اهو تہ پرايل مڙسالن جي اکيان هوءَ مٿي اڳهاڙي هئي، ۽ هن جي ڇاتي گنديءَ سان ڍڪيل نہ هئي، ۽ رکي رکي اهي پرايا مڙسالا هن کي گهور پائي ڏسندا ٿي رهيا، پاڻ ۾ سُس پُس ڪندا ٿي رهيا، جن جي هولي هن نٿي سمجهي. ڏارين جي انهن اڳهاڙين نظرن ۾، هن پاڻ کي ننگو ٿي محسوس ڪيو. جڏهن هڪڙي مڙسالي هن کي ڪلهن وٽان ڪٿي گهوڙي تي ويهاريو، تڏهن تہ هيڪاري هن جو اهو احساس ڪيس وڌيڪ ڪاٽڻ لڳو. گهوڙي تي وهڻ ڪان ڪچ وقت ڪان پوءِ ٻ، هن کي اهي ڏاريان هٿ پنهنجي بدن ۾ ڪتل ٿي محسوس ٿيا.

جڏهن هن کي نٿي آندائون ۽ قيصر بيگ جي سامهون، سندس رسا ڪوليائون، تڏهن هن سندن گفتگوءَ جو فقط هڪڙو لفظ سمجهيو، جيڪو قيصر بيگ، هن جي ڪاڏي مٿي ڪندي، سندس منهن ۾ گهوريندي چيو: "سبحان الله!"

جڏهن ٻيا هليا ويا، تڏهن وري قيصر بيگ، آٿي ٻيلو، ۽ ڪڏهن پري کان، ڪڏهن ويجهو اچي، هن کي جاچيندو، نهاريندو رهيو. هن جي منهن تي سرهائيءَ سان گڏ حيرت ٻ هئي، ۽ هن وري هڪڙو ٻيرو چيو: "سبحان الله!" ٿوري دير کانپوءِ تاڙي وڄايائين تہ هڪڙي هن جيڏي ڇوڪري، اندر اچي ادب سان بيهي رهي. قيصر بيگ هن کي فارسيءَ ۾ ڪو حڪم ڏنو، ۽ هن ڇوڪريءَ فقط "بلي آقا!" جا لفظ اچاريا.

ڇوڪريءَ هن کي پاڻ سان هلڻ جو اشارو ڏنو، ۽ هوءَ بنان ڪجهہ سمجهڻ جي هن سان گڏ هلي آئي. هوءَ هن کي هڪڙي سجايل ڪمري ۾ وٺي آئي. هن سڄي ڄمار اهڙو ڪمرو ڏسڻ تہ ڇا تصور ۾ ٻ نہ آندو هو. هتي تہ هر شئي جڻ بخمل ۽ ريشم جي ٺهيل هئي. پٽ تي غاليچو وڇايل هو، جنهن ۾ هن جا پير اندر گهڙندا ٿي ويا، ۽ هوءَ ٽاپڙجندي بچي. سامهون هڪ شاهي پلنگ هئي ڪيمخواب

جي طول وهائي تي ٽيڪ ڏيو، هڪ مائي ويٺي هئي. هن جو سمورو بدن گلابي ريشم جي پهراڻ سان ڍڪيل هو، جنهن مان هن جو بدن پئي نظر آيو. ٻه ننڍيون نيٽيون چوڪريون، هن جي پلنگ وٽ، گوڏا کوڙيو ويٺيون هيون. پلنگ جي سيراندي ڪان، هڪڙي ٻي جوان چوڪري، ريشمي جهالر وارو پکو جهلي رهي هئي.

هن جي اچڻ تي، مائيءَ رگهو ا ک جي اشاري سان هن سان گڏ آيل چوڪريءَ کان ڪجهه پڇيو. چوڪريءَ فارسيءَ ۾ ڪجهه چئي، ادب سان پوئتي هٽي بيهي رهي. ان وقت مائي آٽي ويهي رهي ۽ گهور ڪري هن کي ڏسڻ، جاچڻ لڳي. هن جي ا کين ۾ ڪابه سرهائي نه هئي، البت حيرت ضرور هئي. اوچتو مائيءَ ڪجهه چيو، پر نوريءَ کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو. مائيءَ هيٺ ويٺل چوڪرين مان هڪ "يءَ کي ڪجهه چيو. هن چوڪريءَ هن ڏانهن مهاڙ ڪري چيو: "خانم پچي ٿي ته فارسي نٿي اچئي چا؟" هن رگهو ڪنڌ ڏوٽي نهڪر ڪئي.

"نالو چا اٿئي؟"

هوءَ منجهي پئي. هنن کي چا ٻڌائي ته فقط چار پهر ا گ هوءَ نوري هئي، جنهن جي هڪ ماءُ هئي، جيڪا هن کي ايترو پائيندي هئي، جو جڏ ڪيس دل ۾ جاءِ ڏيڻ ٿي گهرياٿين، جنهن جو هڪ پيءُ هو، جيڪو هن جي وک وک تان ٻلهار ٿيندو هو، هن کي ٻنهنجا سوٽ ماسات هئا، جن سان انگل آرا ڪري، هوءَ ڏينهن رات وساري وهندي هئي، هن جو پنهنجو ڳوٺ هو، جنهن جا لا کيٽا ماڻهو پيار محبت ۽ ماڻهپي کانسواءِ ڪجهه ڪين ڄاڻندا هئا. اڄ هوءَ اها نوري ٿي ڪانه هئي. اڄ هوءَ بنديائي هئي، جنهن جو سيڪجهه کسجي چڪو هو. هوءَ ڪيئن چوي ٿي هن جو نالو نوري هو! نوري نالو ته انهن سمورن رشتن ناتن جو نالو هو. انهن کانسواءِ ته هوءَ ڪجهه به نه هئي.

هن ڪوبه جواب ڪونه ڏنو.

"تون گونگي آهين چا؟"

هن وري، به ڪو جواب ڪونه ڏنو.

مائيءَ جي نظر هن کي ڳهوربندي رهي، ۽ ٻوءِ هن ڇوڪريءَ کي وري ڪجهه ٽڪڙو ٽڪڙو ڇيو.

هوءَ ڇوڪري وڏي هن وٽ آئي، ۽ ڪاڏيءَ کي مٽي ڪري، هن جي ڳچيءَ تي زخم کي ڏٺائين. هن جي ڇولي جو ڇاتيءَ وارو سڄو حصو ڇڇ ڳاڙهي رت سان رڱو ٿي، هن جي بدن سان چنبڙي ٻيو هو.

"آئي، تنهنجي ته سڄي سسي وڍي پئي آهي!"

ان وقت جيڪي ڪجهه هن سان ٿيو هو، هڪ واڇوڙي وانگر هن جي اکين، پرن ۽ لوڻن ۾ پوسڙ لڳو. هڪڙو سڏڪو هن جي اندران، الائي ڪٿان، ڪنهن اونهائيءَ مان اٿيو، ۽ هن جي ڳچيءَ جي زخم ۾ ٽڪ ٽڪ لڳو. هن جي اکين اڳيان ڪارا ڳاڙها ساوا ترورا، پاڇولن وانگر ترڻ لڳا، ۽ انهن ترورن ۾ هن کي پنهنجي جيجل ماءُ جي پالي سان چڇريل سسي نظر آئي. هن جي مغز ۾ ٻهرين رڳو هلڪي گهومات محسوس ٿي، ۽ هن هٿ وڌائي، ڇوڪريءَ جي ڪلهي کي جهلي، پاڻ سنيالڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هوءَ ٻوءَ ۾ پاڻ سنيالي نه سگهي، ۽ اتي ئي ڍرڪي پئي ۽ ڏنڊڻجي ويئي.

جڏهن هوءَ هوش ۾ آئي، تڏهن هن ائين سمجهيو ته هوءَ ڪنهن اڻڄاڻ هنڌ پئي آهي، جتي مختلف پکي چرچر لاءِ وبنا آهن، اڻڄاڻ پکي جن جون لاتيون هن لاءِ بلڪل اوپريون هيون. هري هري ٿي، هن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته اهي پکي نه، پر زائفائون هيون، جيڪي اوبري هوليءَ ۾ ڪنهن ڳالهه تي بحث لايو ويٺيون هيون. جڏهن هن اکيون کوليون، تڏهن هن جي ٻهرين نظر اُن ڇوڪريءَ تي پئي، جنهن هن سان سنڌي ڳالهائي هئي. ڇوڪريءَ به هن کي سڄا ڳ ٿيندي ڏسي ورتو، ۽ هوءَ ٽپ ڏيئي اچي ونس پهتي.

"مائي، اسان ته سمجهيو ته هاڻ وڃي الله کي پرتيئن!"

"توهين ڪير آهيو؟" هن جهيڻي آواز ۾ پڇ پڇ ڪئي. هن جي آوازتي سموريون ڇوڪريون اچي هن جي ڪٽ تي ڳاهٽ ٿيون. هن اهو پاڻيو نه هو هن کي عجيب نظرن سان ڏسي رهيون هيون:

انهن نظرن ۾ حسد هو، نفرت هئي، حيرت هئي، پر هڪ اڻ-لکي حسرت به هئي.

"اسين حضور مرزا قيصر بيگ جي حرم جون کنيزون آهيون!" سندي ڪالهائڻ واري چوکريءَ چيو.

"کنيزون چا ٿيندیون آهن؟"

"کنيزون؟.... ها، شايد سندي ۾ انهن کي ٻانهيون چئبو آهي."

"ٻانهيون ته راڻين وٽ هونديون آهن...." هن کي ياد آيو.

"ها، راڻين وٽ به ٿيندیون آهن....!" چوکري پاڻ به منجهي پئي.

"پوءِ اوهين کيئن ٻانهيون ٿيون....؟!" هن معصوميت منجهان سوال کيو.

ڪا گهڙي هوءَ نينگر چپ ٿي ويئي. هن جي اکين ۾ هڪ عجيب ڏک جو پاڇولو لهي آيو: جڏهن کي ڪا ڪالهه ياد اچي ويئي.

"حضور مرزا صاحب اسان کي قندار جي بازار ۾ خريد ڪيو هو .... سو هاڻ اسين هن جي ملڪيت آهيون. جيڪي ائين وڪامنديون آهن، تن کي کنيزون چئبو آهي!"

هن ڪان چرڪ نڪري ويو. هوءَ امالڪ آڻي ويهي رهي.

"چا بازارن ۾ ماڻهو به وڪامندا آهن؟ انسان انسانن کي کيئن وڪڻندا هوندا؟!" هن جڏ ٻنهنجي پاڻ ڪان سوال کيو.

هن نوريءَ کي چتائي ڏٺو پر هن جي اکين ۾ بي‌اعتباري ۽ معصوميت ڪانسواءِ ڪجهه ڪونه هو. هن سوچيو ته هن کي کيئن سمجهائي سگهندي. هن جي هوليءَ ۾ شايد اهڙا لفظ ئي نه هجن، جنهن سان هوءَ پنهنجو مطلب هن کي سمجهائي سگهي. پر پوءِ هن کي هوريان هوريان غاصبن ۽ سوداگرن، جنگين ۽ مال غنيمت جا داستان ويهي ٻڌايا. هيءَ ان زماني جي ڪالهه هئي، جڏهن هڪڙن انسانن جو پورهيو، بين انسانن جي ملڪيت بڻجي ويو، ۽ انساني رشتن ۾ آقا ۽ غلام جو تصور پيدا ٿيو، ۽ پوءِ جڏهن انسانن انهيءَ نئين رشتي، نئين تصور کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو، تڏهن

نئين طاقت جي نشي ۾ چور آقائن، چند سڪن، چند غلامن، چند ڪنيزن جي ڏکڻا ڏيئي، پنڌتن، پروهتن، پادرين ۽ ملن کان اها فتويٰ ورتي، اها سند حاصل ڪئي ته انسان ازل کان آقا ۽ غلام جي رشتي ۾ ٻڌل آهي، ۽ انهيءَ رشتي کي قائم رکڻ ۾ ئي خدا جي خوشنودي آهي. انهيءَ تصور جا مخالف خدا سان بغاوت جا ڏوهاري آهن. هنن جي سزا ٽياس تي ٽنگجڻ آهي. جڏهن ٽياس ته ٽنگجڻ وارا گهٽجندا ويا، تڏهن انهيءَ نئين رشتي ڦهلجڻ شروع ڪيو، ۽ هڪ ماڻهوءَ کان هڪ ڪتب، هڪ ڪتب کان هڪ قوم تائين آقائن ۽ غلامن جي ورهاست ٿيڻ لڳي. انسان وڪامڻ لڳو، ۽ انهيءَ وڪري جو ڪنيو ڪائيندڙن وري به پنڌتن، پروهتن، پادرين ۽ ملن جي فتوائن جي مدد سان فاتح ۽ مفتوح، حاڪم ۽ محڪوم قومن جي نئين رشتي جو نئون سرشتو قائم ڪيو. جيڪو ڏاڍو سوگابو ته ويو، پر ان گابي کي ڏائڻ وارن هميشه ڏاڍن جو ساٿ ڏنو. ائين جڏهن يونانين ايرانين کي فتح ڪيو ته ايراني غلام ۽ ڪنيزون بازارن ۾ وڪامڻ لڳا. جڏهن عربن ايران ۽ سند کي فتح ڪيو، تڏهن بغداد ۽ دمشق جي بازارن ۾ ايراني ۽ سندي غلام ۽ ڪنيزون وڪامڻ لڳا. جڏهن تاتارين بغداد کي تاراج ڪيو، تڏهن عرب غلام ۽ ڪنيزون وڪاڻيون ۽ پوءِ جڏهن شهنشاهه هند جي نالي ۾ قندار کي مرزا غازي بيگ تاراج ڪيو، تڏهن هوءَ پنهنجي سموري قبيلي جي نوجوان ڇوڪرين سان گڏ قندار جي بازار ۾ ارغون سوداگرن جي هٿ وڪاڻي، فقط ويهن اشرفين جي عيوض! ۽ پوءِ هن کي ڪنڌي جي بازار منجهان مرزا قيصر بيگ چاليهن اشرفين ۾ خريد ڪيو هو، ۽ هوءَ هاڻ هن جي حرم جي ڪنيز هئي! هن جي جسم، جان ۽ روح جو مالڪ مرزا رستم بيگ هو. جيئن وٽيس، تيئن هن کي هلائي، جيئن وٽيس، تيئن هن کي استعمال ڪري!

"۽ شڪر ڪر ته توتي فقط اهو ڪم آهي ته تون خانم جي خاص ڪنيز آهين، ۽ تنهنجي حوالي، حضور جي فرزندن جي خدمت

چاڪري آهي! جيڪڏهن هنن کي خوش رکندئين ته انعام اڪرام سان نوازيئن. پر جيڪڏهن کا شڪايت ٿي ته پوءِ تنهنجي ڪل سلامت نه هوندي!"

"تہ چا ٿئي پر ٻہ ٻانهين جي بازار آهي، جتي زائفائون وڪامن ٿيون؟!" نوريءَ کي اعتبار ئي نٿي آيو.

"هائو، هاڻ تہ ارغون سوداگرن سان گڏ مغل سوداگر ۽ غلام ۽ ڪنيزون وڪڻ ٿي ايندا آهن، ۽ وڏا واڪ لڳندا آهن..." ڪنيز هن کي يقين ڏيارهو.

"زائفائن سان گڏ مڙسالا ٻہ وڪامندا آهن چا؟" هن جي حيرت جيئن پوءِ تيئن وڌندي ويئي.

"تون تہ صفا کا ٻالي پولي آهين. ما، هي کارا ديون جهڙا خواجہ سرا، ۽ ڪپرو ساڻي ٻہ ائين ئي وڪامندا آهن، جيئن اسين وڪامنديون آهيون.... تون پنهنجو سوچ تہ حضور مرزا صاحب تو کي پاڻ وٺ ٿو رکي يا بازار ۾ نيلام ٿو ڪري. يا وري سو ڪڙيءَ طور ٿئي جي عامل مرزا رستم بيگ کي ٿو ڏينئي.... مرزا رستم بيگ وٺ وئينءَ تہ پوءِ.... تہ پوءِ...." ڪنيز ڳالهہ ڪائي وئي.

"تہ پوءِ چا؟" نوريءَ کان رهيو نہ ٿيو، ۽ سوال ڪري ويٺي. هڪ ٿئون ڊپ هن جي سنڈ سنڈ ۾ اوتجي آيو.

"ڏس نہ، ڪنيزون مالڪن جي ملڪيت آهن، هنن جي حرم ۾ شامل آهن. مالڪ جيڪي وٺين، ساڻن ڪن. جيڪڏهن کو آقا خدا ترس آهي، شريعت جو پابند آهي تہ پوءِ ڪنيزن مان ٿيندڙ ٻارن کي ٻہ نوازي چڏيندا آهن!" ۽ پوءِ آواز کي جهيڻو ڪندي چيائين: "اسان جو آقا مرزا قيصر بيگ ٻہ حضور آنجهاني مرزا باقيءَ جو، هڪ ڪنيز مان جاول اولاد آهي ۽ هن کي جيڪا عزت ۽ مرتبو مليو آهي، سو ٻہ انهيءَ ناتي جي ڪري....! پر تون کو فڪر نہ ڪر، حضور مرزا صاحب جن ڪنيزن سان گهٽ دلچسپي ٿا رکن!" ۽ پوءِ هن وڏو ٽهڪ ڏنو. هن جي ٽهڪن ۾ ٻيون ڪنيزون ٻہ شامل ٿي ويون.

"پر هاڻ تون پنهنجي ناري ۾ ٻه ڪجهه ٻڌاءِ.... تو جهڙي چوڏيهن جي چنڊ ڪي شهنشاهه هند جي حرم ڪي سينگارڻ گهرجي. تون هتي ڪيئن؟ ۽ هي زخم تو ڪي ڪيئن لڳو؟"

هن جڏهن سڏڪي سڏڪي سڄي روداد ڪنيزن ڪي ٻڌائي، ڏڏهن هن ڏڏو ته هنن جي اکين ۾ ٻه لڙڪ هڻا. ڪا گهڙي ماڻ ٿي وئي. ۽ پوءِ سندي ڀالهائيندڙ ڪنيز، هن ڪي گهاڙڻي پائيندي چيو: "ٻيڻ، غلام قومن سان ائين ٿيندو آهي.... توسان جيڪي ٿيو آهي، اهو اسان مان هرهڪ سان ٿي چڪو آهي. تو ته رڳو پنهنجي جيجل وڃائي آهي، اسان جي اکيان ته اسان جا سمورا قبيلن جا قبيلا، پيءُ مائ، پاڻ، ڀينرون، پوڙها، ابهم ٻارڙا— ائين تارين ۽ پاڻ جو بک ٿيا آهن. اسان ايترو خون وهندي ڏٺو آهي، اسان جي اندر جي انسان ٿي ايترا گهاوَ رسيل آهن، جو هڪڙو هڪڙو گهاءُ هڪ داستان ٻڌجي سگهي ٿو. تنهنجي ڪچيءَ تي خنجر جو ڇهڪ آهي، پر اسان جي ته روح تي هزارين خنجرن جا ڇهڪ آهن...."

هوءَ ڀالهائيندي رهي. آواز ڇڻ ته هن جي ڇپن مان نه پر هن جي ڇڇرندل روح مان ٿي نڪتو. هن جي اکين مان لڙڪ ساڻون جي مينهن وانگر ٿڌي ٿيءَ. پر هن جي روئڻ ۾ ڪوبه سڏڪو نه هو، ڪابه اوچنگار نه هئي— فقط هڪ رڙ هئي، هڪ ڏهڪندڙ چيٺ هئي، جنهن ڪي ڪو آواز ڪونه هو، فقط لهس هئي، فقط احساس جي چٽنگ هئي، جيڪا هن جي لڙڪن سان به آجهاي نه سگهي. نوريءَ کي پنهنجو غم به- ڇڻ وسري ويو. هيءُ هڪ نئين غم جو احساس هو: پاڳي پائيوار غم جو احساس، شريڪ غم جو احساس!

هن هڪ ڏڏو ساهه ڪڍي چيو: "مون ته الائي ڇا ڇا ڏٺو، پر هن کي ڏس!" هن پنهنجي ڀر ۾ ويٺل هڪ ڪنيز کي گهرائي پائيندي چيو. "هيءَ هڪڙي قبيلي جي مڪيءَ جي ڏيءَ هئي. نئين نئين شادي ٿي هئس. سال ڪن مس ٿيو هوس. به- جاڙا پٽڙا ڇٽيائين. اڃا سهاڳجو به پورو ڪونه ڪيو هٿائين ته- سندن ڳوٺ تي مرزا غازي بيگ جي سپهه سالار رونشي خاطر حملو ڪيو. هن جي اکين ۾ ڳيان

هن ... گهوٽ کي، هن جي سهري ۽ سس کي، پالا ٽنبي ماريائون.... ۽ پ... س ڏانهن وڌيا....»

گهڙيءَ لاءِ هوءَ وري ماڻ ٿي ويئي: ائٽن ٽي پانبو جڏ ساهه جو ڪو گولو، هن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو هو، جنهن کي ڪيت ڏيئي، هيٺ لاهڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين.

«.... ۽ پوءِ هن ڏانهن وڌيا.... هن جا معصوم ڌيءَ ائٽن ڏينهن ۽ نون راتين جا ابهر جيتاڻا نديڙي پينگهڙي ۾ ستل هئا. هيءَ انهن ڏانهن پڳي.... ۽ جيسين هوءَ آتي پهتي، تهن کان اڳ... سڀ سالار ٽهڪ ڏيندي، هڪڙوئي پالو بنهي ۾ ٽنبي ڏنو، ۽ هو ٻئي جيتاڻا، بنان باڪاڙ جي،.... ها، هن چون ٿ ڪائه ڪئي.... پالي ۾ ائيس ٽنبيل هئا جمئن سيڃ ۾ ڪباب ٿجائن لاءِ ويون ٽنبيل عونديون آهن!.... اهو سيڪجهه هن بنهنجي اکين سان ڏٺو: هوءَ بي‌اعتباريءَ ۾ رڙ ٻ ڪري نه سگهي، ٻوءِ جڏهن هن کي اعتبار آيو، ۽ هن جي روح مان ريهه نڪتي، تڏ اها ريهه ٻ هن جي چپن ۾ ٿي چيائجي ويئي.... ۽ ٿي لشڪري، ڳهڙن وانگر هن کي چنبڙي پيا.... ڪلندي، ٽهڪ ڏيندي، هن جي بدن تان ڪپڙا زوريءَ لاٿائون، ۽ پوءِ.... هن الف ننگي، نئين ويائيل زخمي ماءُ تي.... ٽنهي جڻن بنهنجي مردانگيءَ کي ائين آزمايو.... جو جڏهن هن کي اسان جي قافلي ۾ آندائون تڏهن رت جا لوٽڙا هن جي ستڻ، گوڏن ۽ مُرين تي ڪِنا ٽيڻ لڳا هئا؛ رت هن جي پيرن جي آ گرين جي وٽين ۾ جمي ويو هو....! ان وقت کان اڄ ڏينهن تائين هن وري هڪ لفظ به نه ڳالهايو آهي، ۽ مشهور آهي ته هيءَ گونگي آهي!»

هن پهريون پيرو اوچنگار ڏني، بنهنجي پر ۾ ويٺل ان ڪنيز کي ياڪر ۾ پڙي ڇڏيائين. ۽ بنهي جي اوچنگارن نوريءَ جي دل ۾ نئين سر پالا ٽنبي ڇڏيا. هن کي الائي ڇا ٿيو، هن وڏي بنهي ڪنيزن کي بنهنجي ياڪر ۾ پريو، ۽ هن جا بنهنجا سڏڪا، بنهنجون اوچنگارون هنن جي اوچنگارن ۾ ملي، هڪ گڏيل مشترڪ ماتم ٻڌجي ويون.

اها رات، هو ڪيڏ وقت روئنديون، سڏڪندون، هڏڪنديون رهيون. پوءِ ڪمر هڪ عجيب ڪاهه ڪئي، جنهن ڪاهه نوريءَ جي دل ۾ ٽوان ولوڙا وجهي ڇڏيا.

"چري، تنهنجي نه قسمت ڇڏي آهي جو حضور مرزا صاحب کي ڪنهن سان ونڊڻ جو شوق ڪونهي.... تون نديي آهين، ڪنواري آهين! الله سائين توکي جڏ نه فرصت ۾ ويهي ٿاهيو آهي. جيڪڏهن حضور مرزا صاحب ٻاڻ ونڊرائڻ جو سوچي ها ته تون پهنجن جا منهن خوابگاهه کان ٻاهر جي روشني ڏسڻ ڪان سڪي وڃين ها!

"تنهنجي ٻي خوشقسمتي اها آهي ته توکي نٿي جي عامل مرزا رستم بيگ کي سوڪڙيءَ طور ڏيڻ بدران اهو سوچيو اٿن ته سوکي شهنشاهه هند جهانگير جي خدمت ۾ ڪنيز طور موڪليو وڃي. آٿي ته تون راڄ ڪندينءَ راڄ! اها ٻي ڳالهه آهي ته تنهنجو حسن ڏسي، ملڪه هند نورجهان بيگم توکي انارڪليءَ وانگر پٽ ۾ چڻائي ڇڏي يا شهنشاهه جي خوابگاهه ۾ پهچڻ کان اڳ تيزاب سان تنهنجي شڪل ئي بگاڙي ڇڏي....!

"پرجيڪڏهن جهانگير جي نظر توتي پئي ته پوءِ....ڪهڙي خبر.... تون هن جي دل جي ملڪه بڻجي وڃين ۽ ملڪه هند بڻي وڃين.... پوءِ اسان ساهيڙين کي نه وساري ڇڏجانءِ! راڄ راڻيون رعيت تي نظر وجهڻ وساري ويهنديون آهن، منهنجي ٻيڻ!"

نوريءَ اٿين پانيو، جڏ هو هن تي ٽٽولي ٻيون ڪن. پر ڪا ڳالهه هئي، جنهن هن جي هنئين ۾ هڪ وجهي ڇڏيو. ۽ هن سندس وات تي هٿ آڻيندي چيو: "ادي، اهڙي واڻي ته نه ڪر! اوڙاهه ۾ وجهه راڄ راڻين کي! دعا ڪر ته الله سائين وڃڙيا ملائي يا موت ڏئي وطن جي مٽي نصيب ڪري!.... مون کي ته ڪو اهڙو ڏس ڏيو جو هن ڪوٽ مان پار ڪري ادامي وڃان. الا، منهنجي ابي جو ڪهڙو حال هوندو؟! ٻانهن ۾ چڪ وجهي امان لاءِ سڏڪندو

هوندو.... الائي، آ؟ ياد ۾ ته آهيانس ڪين نه! نه نه مون کي ڪيئن وساريو هوندائين....”

هوءَ پنهنجي پاڻ سان گهالهائيندي رهي. هن جي اکين ۾ ڏکن جي ڪينجهر ڇلڪي پئي هئي. آبي جي ياد هن کي وري جهوري وڌو. سڏڪا هن جي ڇاتيءَ ۾ ويرون پيدا ڪندا رهيا، ۽ ڪنيزون هن جي هيانءَ ۾ متل طوفان کي پنهنجي ڇاتيءَ ۾ محسوس ڪرڻ لڳيون. هڪڙي انسان جو ڏک ٻين جي دفن ٿيل عذابن کي ٻ جا گهائي وجهندو آهي!

ڪنيز وري ڪيس گهرائڙي پاتي، ڪا گهڙي هن کي ڇاتيءَ سان لائي، جڏ هن جو درد پنهنجي دل ۾ محسوس ڪندي رهي. پوءِ سندس اٽاهه اونهين اکين ۾ نهارڻ لاءِ، سندس ڪاڏيءَ کي هن آگرين سان مٿي ڪڍندي، چيائين: ”چري متان دل لاٿي اٿي.... اسان کي ٻيڙ ڪيو اٿي ته اسين ٻ توکي ٻيٽر ٽي ڏيکاريندیوسون. تو تان قربان ٿي ويندیوسون.... جي ڪو وجهه ملیو ته توکي هن بنديخاني مان ڪڍي، اسين اهو سمجهندیوسون ته حياتي ثاب پئي! پر توکي ٻ تيسين هن حويليءَ ۾ ڪنيزن وانگر گهارڻو پوندو. متان ڪنهن کي شڪ نه پئجي وڃي.... خانم، توکي اميرزادن جي سنپال سڙي جو حڪم ڏي ته قبول ڪجانءِ.... پوءِ رک الله تي.... ڏٽي مڙئي چڳي ڪندو.“

۽ ائين هوءَ اميرزادن جي ڪهل ڪور لاءِ خاص ڪنيز ٻڌجي ويئي. پر اجا ٿورائي ڏينهن ٿيا ته خانم هن کي چيو ته شهزادن کي حضور مرزا قيصر بيگ پاڻ وٽ سڏايو هو، ۽ هنن سان گڏجي وڃي. پهرين ته اها گهالهه ٻڌندي ئي، هن جي ٻيٽ ۾ ڊپ ولوڙا وجهي چڏيا. هوءَ پراين مڙسالن وٽ ڪيئن ويندي؟ ۽ خبر ناهي ڪير هوندا آتي؟ ۽ جيڪڏهن هن کي رستم بيگ جي حوالي ڪيائون ته پوءِ....؟ ان ”پوءِ“ هن جي بدن ۾ نئين ٽڙڪٽي وجهي چڏي. هن کي ڪنيزن مرزا رستم بيگ جي خصلتن بابت اهڙيون گهالهيون ٻڌايون هيون، جو مرزا رستم بيگ جو تصور ئي هن جا وار ڪانڌاري

چڏيندو هو. پر جي ٿي انڪار ڪري ته پوءِ هن جي هتان بچي نڪرڻ جو به ته آسرو ڪونہ هو! اهو سوچي، هوءَ جڏهن ڏولي‌ءَ ۾ اميرزادن سان گڏجي، حويلي‌ءَ مان نڪتي، تڏهن هن دل ئي دل ۾ اها دعا گهري ته "يا الله، تون ٻي‌واهن جو واهرو آهين، منهنجي واهر ڪجان‌ءِ!"

جڏهن ڏولي‌ءَ وارن ڏولي‌ءَ کي زمين تي رکيو، تڏهن ئي هن کي اوچتو خيال آيو ته مرزا قيصر بيگ پنهنجي پٽن کي اهڙي ويران ريگستان جاءِ تي ڪيئن گهرايو هوندو. هوءَ جيسين ان بابت سوچي، تنهن کان اڳ ٻه حبشي، اگهاڙين تراورين سان ڏولي‌ءَ ڏانهن وڌي آيا، ۽ هن کي لهڻ جو اشارو ڪيائون.

هيٺ لهي وڌي اميرزادي هڪڙي حبشي‌ءَ کي ٽرشي‌ءَ مان چيو: "اسان کي هڪدم حضور ابان جان جي خدمت ۾ وڃي هل....!"

حبشي کا گهڙي هن اڙهنگ اميرزادي کي ڏسندو رهيو، ۽ پوءِ لاپرواهي‌ءَ سان چيائين: "ڪنيز! هنن ٻنهي کي اندر وڃي وچ.... پر ياد رک ته جيڪڏهن تو يا هنن چورن ڪوڪوڙ مچايو ته مون کي اهو حڪم مليل آهي ته هنن جون سسيون ڏار ڪرڻ ۾ ويرم نہ ڪريان!"

نوري‌ءَ حبشي‌ءَ جي اکين ۾ نهارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر آتي سواءِ خونخوار بگهڙ جي نهار کانسواءِ ڪجهہ نہ هو، ۽ هن کي يقين ٿي ويو ته جيڪڏهن هن جو وَس پچي ته هوند هينئر ئي هو هنن کي اگهاڙي تلوار جو بک بٽائي چڏي.

هن اشاري سان وڌي اميرزادي کي مات ڪرائي، ۽ کين وٽي اندر آئي. هن کي پاڻ ٿي حيرت هئي ته هن کي پنهنجي جان جو ڪوبہ ڊپ ڊاڪ ڪونہ هو. پر هن کي هنن ابهم هارن جي حياتي‌ءَ جو ئي اونو هو. هوءَ ته سمجهي ويئي هئي ته مرزا قيصر بيگ جي نالي تي، سندس دشمنن هن جي پٽن کي هتي آندو هو. چالاءِ؟ اهو هن جي سمجهہ جي حدن کان ٻاهر هو. *

سنڌ رنگن جو ديس آهي. شايد دنيا ۾ سنڌ اڪيلو ملڪ آهي، جنهن جي ڌرتيءَ توڻي آسمان ۾ ڪائنات جا سمورا رنگ سمايل آهن. وريام جڏهن نماشام جو آسمان ۾ نهارينڊو هو تہ هن کي اٿين محسوس ٿيندو هو جڻ تہ اندلٽ جا ست ئي رنگ هن جي اکين ۾ اندر گهڙندا ٿا وڃن. هن کي اهو حسن ڏسي پنهنجي دل ڦندجندي، ويڪري ٿيندي محسوس ٿيندي هئي. سنڌ جي آسمان جي سونهن ئي پنهنجي هئي. اهو ساڳيو احساس هن کي فجر مهل ٻيلي مان ٻاهر نڪرندي مهل ٻہ محسوس ٿيو. سج جي اپرندڙ ترورن ۾ هن آسمان ڏانهن نهاري، وري پنهنجي آس پاس نهاريو. هر وڻ جو رنگ پنهنجو هو. هر وڻ جي پن ۾ رنگ جڻ تہ جيئرا ٿيندا ٿي وياڻ ساوا، پيلا، ڳاڙها پن سج جي ترورن مان جڻ نوان رنگ ڇڻيندا ٿي وياڻ ايترا رنگ جو ڪنهن نيروڻيءَ جي تصور کان ٻہ گهٽا هئا. هن کان رهيو نہ ٿيو، ۽ اوچتو ڏاتر ڏني جي هانهن ڏونڊاڙيندي چيائين:

"ڏاترنا، هي رنگ تہ ڏس!"

ڏاتر ڏني مٿي نهاريو؛ هن ان کان اڳ ڪڏهن ٻہ اهڙو منظر نہ ڏٺو هو. وڻن جي پنن مان اولڙا ڪندڙ ترورا هر پن، هر ٽاريءَ ۾ اندلٽ جا رنگ جا ڳاڻيندا پئي ويا. انهن ترورن جي پرٿين ۾، سج جي ٽالهي، پنهنجي گهيري ۾ ڦرموڻيءَ وانگر ڦرندي، جڻ تہ رنگ ولوڙي رهي هئي. هن جي دل ۾ ڪو اهڙو آڏمو اٿيو، جنهن هن جي بدن ۾ سياڻو وجهي ڇڏيو. هن جي اکين ۾ الائجي ڇو پاڻي پرجي آيو، ۽ انهن لڙکن جي ڏنڊ مان پنهنجي سنگنيءَ کي ڏسڻ چاهيائين:

"ادل، تون سچو آهين. پر انهن رنگن ۾ آزادي جو رنگ الائي ڪڏهن ڏٺو!"

هن جو آواز ڳوڙو ٿي ويو. ورياڻ ڪٽي ڪيس پاڪر وڌو.

"رک ڏڻي ٿي! انهن رنگن ۾ آزادي جو رنگ ٻه اوس اپرندو.... سڄ اپريو آهي ته آزادي ٻه ڄاڻ آپري!"

"شل، مون ۾ ٻه تو وانگر ويساهه موڻي اچي، ورياڻ!"

ڊاترڏني ڪان سڏڪو نڪري ويو. ورياڻ ڪيس پاڻ ڪان ٽورو پرپرو ڪندي، سندس اکين ۾ نهاريندي چيو:

"ڊاترنا، سسي ۾ جيسين ساهه آهي، تيسين اهو ويساهه قائم رهندو. مري وياسون ته ٻه ان ويساهه تان صدقي ٿيندا سون....!"

"سانوڻ ۽ تو کي ڏسي ته مون جهڙي ڪانئر ۾ ٻه ويساهه ساهه ڪٽڻ ٽــو لڳي، ورياڻ! پر الائي ڇو.... منهنجي دل ۾ نا اميدي سرجڻ ٿي لڳي.... ڏس نه: سڏ ٿي روز نت نئون ظلم ۽ ڏاڍ ٿو ٿئي، پر ماڻهن ۾ ماڻ لڳي پئي آهي. حافظ بلال وٽ ٿو ماڻهن جو حال ڏٺو: پٽنگ ڏيئي جيئيدان وٺڻ لاءِ هرڪو تيار هو! سيني ڪي پنهنجي ڏنڊي ڏاڙي، گهر يا دڪان جو فڪر هو: الي لٽي جو فڪر هو. ڪنهن ٻه سڏ جي ڀالهه ڪانه ٿي ڪئي. آڻ ته اڄن ٿو پانيان تــه جيڪڏهن مغل ترخانن وانگر ظلم نه ڪن، ۽ ماڻهن ڪي سانهن ستي سان پيٽ گذر ڪمائڻ ڏين تــه هوند سڏ ڪنهن کي ٻــه ياد ڪانه ايندي....! سڏي قسوم هــاڻ اهــا قوم نه رهي آهي، جنهن ۾ دولهه دريا خان جهڙا ماڻهو پيدا ٿين، جيڪي پــاڻ سان اهو وچن ڪن ته جيسين سڏ آزاد نه ٿي آهي، تيسين سٽيو گرهه نه ڪاڍبو، ٽانڊو ۾ پاڻي نه پيبو، ۽ چيلهه سنڌين ڪرڻ ڪاڻ ٻه ڪٽ ٿي نه سُمهبو!"

ڊاتر ڏني ا گهي ڪڏهن ٻه انهن ڀالهين جو چيڊ نه ڪيو هو. پر سانوڻ وٽ مهماني ۾ ڇڻ ته هن کي جا ڀائي وڌو هو!

"۽ تــون پــاڻ ڏس تــه سانوڻ ۽ تــو جهڙا گهٽا ڇٽا آهــن، جيڪي آڻندي وهندي سڏ جــي آزادي لاءِ ٽا سوچين....؟ سچي ڀالهه تــه اها آهي تــه تنهنجي سنگت نه هجي تــه آڻ ٻه جيڪر، ٻين

وانگر ظلم سهي سهي، "نڏڪا گهوڙا، غيباڻا هسوار" واري گاله وانگر، ترخان نه ته مغلن جي سواري قبول ڪريو ويئو هجان ها!"

وريام ڪا گهڙي ماٺ ميٽ ۾، ڏاتر ڏني سان گڏ هلندو رهيو. پوءِ چڙ پنهنجي پاڻ سان گاله ائيندي چوڻ لڳو:

"ڏاترنا، ائين ٻه هروپرو ڪونهي! رڳو اسان جي ڏسڻ ۾ باهه ٻرندڙ ڪانهي. سنڌ جا واهرو جتي ڪٿي دونهين ڏکايو ويٺا آهن: شورن جو راڄ مغلن کي گنجي ٽڪر ڪان لنگهڻ نٿو ڏئي. اڪبر جي سڀ سالارن شورن جا سوين ڪوٽ نڏڪا ڪري ٽياس تي ٽنگي ڇڏيا، پر شورن پوءِ به ڪين ٽڪ لنگهڻ نه ڏنا. متي سيوهڻ، چانڊڪا، بکر ۾ ٻه مغلن توڙي ترخانن کي سنڌي سڪ سمهڻ ڪونه ٿا ڏين. دونهين ڏکندي، ڏکندي نيٺ وري ٻيڙ ٿيندي، ۽ اهو ڏينهن پري ڪونهي، جڏهن ترخانن کي قندار ۽ مغلن کي لاهور ۽ آگري جا وڻ ڏسڻ به نصيب ڪونه ٿيندا! يادرڳ ته سنڌي شل پنهنجا ويري پاڻ نه ٿين، باقي آزاديءَ کي، هن انڊلٽ جي رنگن جهان، اسين پاڻ اکين ڏسنداسون—— اهو منهنجو ويساهه آهي!"

ڏاترڏنو ڪا گهڙي، پنهنجي هن يار جي اکين ۾، آتساهه ۽ ويساهه جون ڏيائيون ڏسندو رهيو، ۽ پوءِ وڏي ڪٽي ڪيس پاڪر وڏائين. ٻني مان ڪنهن به ڪجهه نه ڪڇيو. ماٺ ميٽ ۾ هلندا رهيا. جڏهن ٽٽي جا وڻ ويجها ڏٺائون، ۽ درياجي لهرن جو سانتيڪو سرلو سڏ ٻڌائون، تڏهن چڙ ته سندن پيرن ۾ ساهه پٽجي ويو، ۽ اهي هٿيلا پير نئين سئين پوڻ ڪي بسم‌الله چوندا اڳتي وڌڻ لڳا.

اوچتو ڏاتر ڏني ڪٽي هانهن ۾ هٿ وڌس. وريام جا ويچار هن کان گهڻو اڳ ٽٽي جي سدا ملوڪ گهٽين ۽ چؤنڪن ۾ وڃي پهتا هٿا، سي آتسي ٿي جمي ويا. هن رڳو اکين ۾ سوال آڻي پنهنجي ساٿيءَ کي ڏٺو، ۽ چپن ۾ ڪا سرگوشي ڪندي چيائين:

"ڏاترنا، خير ته آهي؟"

"ادل، سانوڻ جا لفظ ياد ڪر نه. آزاديءَ لاءِ هاڻ رڳو جوش جي نه، پر هوش جي ضرورت آهي. مغل، چؤنڪ چؤنڪ تي

اسان لاءِ آتا ويٺا هوندا. هنن جي خاطر ڪي رڳو سُٽس پوڻ جي ويرم آهي. ڪجهن وانگر لامارا ڏيئي، اسان جو ماس پٽي چڏيندا— سو ڪو سوچيو اٿئي؟"

وريام کي به جڙ ته پنهنجي اڀرائيءَ تي پشيماني ٿيڻ لڳي. پر پوءِ مُرڪي چيائين: "مون به سڃي وات پٽي، انهن لفظن تي سوچيو آهي. رک ڏٽيءَ تي!"

"پر به، مون کي به ته ڪجهه ٻڌاءِ نہ! آءٌ اڳي ئي عقل جو اڪابر، متان ڪا اهڙي حرڪت ڪري وڃان، جو ٻئي ويٺا کاڻ ۾ چَپرون گهوليون!"

وريام کي ٻه ڪل اچي ويئي. ڏاترڏني ڳالهه ته ڪيل جهڙي ڪئي هئي، پر ان ۾ جيڪو سچ سمايل هو، تنهن هن کي هيڪاري ششدر ڪري چڏيو.

"ڏاترڏنا، ڌڻ ته ٻڌايان ها! مون اهو سوچيو آهي ته ترخان هن وقت مغلن جا ترا ڪيڻ ۾ مصروف آهن. پر خبر ناهي ته هو ڪٽي ۽ ڪهڙي وقت ڏڪ هٺندا. سوسوچيو اٿر ته مدرسي ۾ جيڪي ترخان شاگرد پاڻ سان پڙهندا هئا، انهن مان ڪو انت ڪيڄي. من کا اهڙي ڳالهه، جي سڏ پٽجي وڃي جو جنهن مامري لاءِ نڪتا آهيون، ان جو ڪو سماءُ سانوڻ تائين پهچائي سگهون يا پاڻ ڪو ان جو بلو ڪري وڃون!"

"ڳالهه ته بروبر سڀي سوچي اٿئي. پر انهن ترخانن تي ٻيلي پنهنجو ته ڪو اعتبار ڪونهي. متان، ڪو نئون گٻڙ گڇيءَ ۾ پٽجي وڃي! باقي، تون جاڻ: ڏاهو به تون، سردار به تون، تون ا گهان، آءٌ پويان.... پر جي ٻوءِ آءٌ ڪٽي ڪڙين تي زور رکان ته مون کي ميار نہ ڏج!" ڏاترڏني ٽهڪ ڏيئي، وٽي ڪڙين تي زور رکيو.

وريام به ڪلندي سندس ڪنڌ ڏکندو آيو. پٽ آکري، جڏهن اڇي مسجد وٽ پهتا، تڏهن وريام ڪيس هلڪو اشارو ڏنو. ڏاترڏنو گُهٽ هٽي، مسجد جي پٺين پر هليو ويو. وريام پٽڪي جي پير کي ٽورو موڙو ڏيئي، مسجد جي در مان اندر لنگهي، حجري ۾ اندر ڏوڪيندو ويو.

حجري ۾ مولوي صاحب چٽن پنجن ڀارن کي ڏور ڪرائي رهيو هو.

"السلام عليڪم يا حضرت مولانا!" وريام خالص ترخاڻن واري لهجي ۾ چيو.

مولويءَ منهن ٽي خفگي آڻيندي چيو: "عليڪم السلام، عليڪم السلام...."

وريام مولويءَ جي اکين ۾ اهڙيءَ طرح نهاريو، جڻ ڪجهه چوڻ گهرندو هجي، پر ڀارن جي موجودگيءَ جي ڪري هيڪي رهيو هو. مولويءَ ڪجهه سوچي ڀارن کي چيو: "بس بس، اوهان کي هاڻ موڪل آهي، مون وٽ هي مهمان آيو آهي، باقي سبق وري سيائي پڙهنداسون....!"

ڀارن جو موڪل جو ٻڌو، سي ٽپ ڏيئي اٿيا، ۽ سيپارا رحلن تي ٽي ڇڏي، خوشيءَ مان ٽينگ ڏيندا، حجري کان ٻاهر ٻگا.

مولويءَ وريام ڏي، ڪجهه شڪي نظرن سان ڏسندي چيو: "ها، هاڻ ٻڌاءِ ته اوهين پاڻ ڪير آهيو، ۽ مون وٽ ڪهڙي ڪم سان آيا آهيو....!"

وريام ڪجهه به جواب نه ڏنو. هن اکين ڏيکائي ڏني، جڻ اڃا ٽائين دل سٽ پئي هنيائين ته گالهه ڪيان يا نه. گهڙيءَ گهڙيءَ، حجري جي در کان ٻاهر پئي ٽپڙيءَ اک سان ڏٺائين.

مولويءَ وري چيو: "بي‌خوف ٿي گالهاءِ. ٻاهر ڪير بہ ڪونهي، ۽ نه ٿي کو اچڻو آهي!"

وريام کنگهڪار ڪري چيو: "جي، جي! اوهين درست ٿا فرمايو.... پر ڏسو نه، معاملو ٿورو ڳنڀير آهي. پتين کي به ڪن آهن.... مون کي پنهنجو ته ڪو فڪر نه آهي، پر آڻ توهان کي ڪنهن تڪليف ۾ وجهڻ نه ٿو گهران!" اکين چٽي هن وري، هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. ۽ پير پوئتي وڃي، حجري کان ٻاهر نظر وڌائين، ۽ وري موٽي آيو.

"دراصل حضرت، گالهه هيءَ آهي ته آڻ سڏو سيوهڻ کان

ٻيو اچان. سون حضور مرزا شاهرخ لاءِ ارغون سردارن جو پيغام آندو آهي.... پر ڏٺو منهنجو ڏنل ڪونهي، ۽ ٻي ڪالهه ته ڪي ڪالهيون اهڙيون آهن، جو مغلن کي ڪڙڪ پٽجي ويئي ته ٻوءِ.... ته ٻوءِ...."

وريام پهنجي منهن تي ٻَپ ڪَ، آڻ ٽڻ ۽ رازداريءَ جا اهڙا ٻاوَ آندا، جو مولويءَ کي جهڪڙهن کو شڪ شبهو هو، سو بس ڪافور ٿي ويو.

"ها، جڏهن ڪان شاهي قيدي غائب ٿيا آهن، تڏهن ڪان مغل بنهه چٽا ٿي پيا آهن.... اسان کي ته هٽ ڪونه ٿا لائين پر شڪ اسان پر به اٿن.... البت سنڌين سان ويل هاري ڏنو اٿن.... ڪوگهرخالي ڪونه چڏيو اٿن جتان کو سنڌي نسر جهليو هجين.... پائنده بيگ مغلن کي بس خوش رکندو اچي، ۽ سنڌين کان آنکيون پرائيندو پنهنجو گهر به پريندو وڃي.... مغل هن جي ڪوٽواليءَ کان خوش آهن جو مغل لشڪرين کي نڪا آهي جهل نه پل: سنڌين وٽ جيڪو مال چگو ٿا ڏسن سو جڏ پنهنجو ملڪ سمجهي ڦريندا وٽن.... اچان ترخانن پر هٽ وجهڻ جي همٽ ڪانه ٿي ٽٽيس، پر ا ڪ سيني تي اٽس. آڻي وڻي کي، ڪٽي ڪو ارغون ترخان ڇو نه هجي، چونڪين تي حاضري ضرور پرڻي ٿي پوي...."

"ٻلا، شاهي قيدين جي هاري پر ڪا خبر....!" وريام ڏاڍي رازداريءَ مان چيو.

مولوي ڪا گهڙي چپ ٿي ويو. پر پوءِ چڻي ويٺو: "سڄو شڪ سنڌين تي اٿن.... سو في‌الحال مڙبوٽي خير آهي!"

"يا حضرت، پوءِ ته اوهان کي منهنجي مدد ضرور ڪرڻي پوندي.... ڏسو نه، ڪالهه اصل پر اها آهي نه...."

"ها ها، چئو!"

"هي پيغام ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان حضور مرزا شاهرخ تائين ضرور پهچائڻو آهي ته مغلن کي ڪنهن خانبروءِ خبر ڏني آهي ته شاهي قيدي ڪٽي آهن، ۽ مغل کو قدم ڪڻ وارا آهن....!" وريام

اڃان ٿي رازداريءَ مان اونداهه ۾ تير اڇلايو.

"نا ممڪن.... ناممڪن! خود قيصر بيگ به اهڙي حماقت نه ڪندو.... سندس هٿي نالائق چوڪرا ٽوٽي سندس سنڊي ڪنيز اسان جي قبضي ۾ آهن، ۽ ڪيس خبر آهي ته مغلن کي ڪجهه ٻڌايائين ته پوءِ انهن جو خير ڪونهي!"

"سو ته اوهين برابر ٿا چئو، پر اسان جا ڪجهه ماڻهو مغلن جهلي وڌا آهن.... ۽ انهن کان سچي ڪرائڻ کو ڏ ڪيو ڪرڪونهي .... انهيءَ کان اڳ جو ڦاٽ ڦالي، شاهي قيدين کي.... ۽ خاص طرح...."

وريام گهڙيءَ لاءِ ماٺ ٿي ويو. سندس چهري ٿي پريشاني، رازداري ۽ آهرائپ جو تاثر اهڙو هو، جو ڏاترڏنو ڪيس ڏسي ها ته يا ته ڪل کي روڪي نه سگهي ها، يا وري هن کي وريام بدران ڪو سچو پڪو اڳوڻ ترخان سمجهي ها!

"اوهان جو اشارو حضور مرزا عبدالعليءَ ڏانهن آهي...."

مولوي به هاڻ مڪمل طرح سان هن سان راز وندي رهيو هو.

"جي، بلڪل.... ڏسو نه، حضور مرزا عبدالعلي ٿي اسان جو آخري سهارو آهي.... جيڪڏهن هن کي ڪجهه ٿي ٿيو.... شل منهنجي زبان ۾ ڪيڙا پون.... ته پوءِ...."

"توهين دل نه لاهيو.... شاهي قيدين تي ڪنهن پڪيءَ جو پاڇو به ڪونه پوندو.... ها باقي، احتياط وري به لازم آهي.... اوهين پيغام مون کي ڏيو ته آءٌ مرزا شاهرخ تائين پاڻهي پهچائيندس.... اوهان جو ائين ٿڻي ۾ داخل ٿيڻ شڪ جو باعث بڻجندو...."

وريام مولويءَ جي حرفت کي سمجهندي به ائين ڏيکائي ڏني جڻ ته هن کي ڪوبه شڪ نه ٿيو هو.

"انهيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ڳالهه ٿيندي جو پيغام به حفاظت سان پهچي، ۽ ڪنهن کي شڪ به نه ٿوي....!"

۽ ٿوڪ هن آخري ڏکو هنيو: "پر نه حضرت، اوهين جيڪڏهن سلطاني ساقي خاني ڏانهن وهندا ته هيڪاري وڌيڪ شڪ

پوندن ته هڪڙي عالم دين جو ساڻي خاني ۾ ڪهڙو ڪم....!"

هن جي انهيءَ ڏڪي هڻي وڃي هنڊ ڪيو. مولوي پنهنجي ڏاڙهيءَ کي مٺ ۾ ونڊي چيو: "ڳالهه ته اوهان سياڻپ واري ڪئي آهي.... مرزا شاهرخ جي حويليءَ تي به نگهن پنهنجا جاسوس بيهاري چڏيا آهن، جيڪي آئي وئي تي نظر رکندا اچن. ٻيا ارغون سردار به عتاب هيٺ آهن....!"

مولوي ڪجهه وقت خاموش ٿي ويو. هو شايد اهو دل مٿي هڻي رهيو هو ته هن اوپري ترخان سان اهي راز جون ڳالهيون ڪرڻ بگهر جن يا نه. هن کي آهي زمانا ياد آيا جڏهن ارغونن جي حڪمراني هئي؛ تڏهن هن جي ڪهڙي نه پذيرائي ٿيندي هئي. شهر جي سڀ کان وڏي مسجد جو پيش امام هو: سندس شاگرد سمورن اميرن جا صاحبزادا هئا. خود اميرن جون گهر واريون هن کان تعويذ لکائڻ، پاڻي پڙهائڻ ۽ دعائون ڪرائڻ ايندڙون هيون، ۽ هن کي اميرن جي بدعتن ۽ ساڻين سان ونڊر بابت قصا ڪهاڻيون ٻڌائي، پنهنجي عشقن ۽ محبتن جا راز ٻڌائي ويندڙون هيون. پوء اهي ٿي ڳالهيون، هو خوابن جي تعبير ٻڌائڻ، فال وجهڻ، ڪوڙو ڦيرائي ساڻين، ڪنيزن ۽ خود اميرزادين جي بيوفائين جي ڪشف ٿيڻ جهڙن معجزن لاءِ استعمال ڪندو هو. ارغون امير سڀني سندس سلامي هوندا هئا، ۽ وڃڻ وقت اشرفين جون ٿيلهيون هن جي حجري ۾ ڇڏي واڻي وساري ويندا هئا. هن اهو مشهور ڪري چڏيو ته انهن ديني ۽ خير جي ڪمن لاءِ هو ڪوبه آجورو قبول نه ڪندو. فقط فتويٰ ڏيڻ لاءِ ديني معاوضو يعني ادائي اشرفيون هن جو حق هو. اميرزادا جڏهن هن وٽ پڙهڻ ايندا هئا ته پنهنجي حويلين جا ڪيترا راز ٻاراڻين ڳالهين ۾ هن کي ٻڌائي ويندا هئا، ۽ هو ڪنهن نه ڪنهن ذريعي سان واسطيدار ماڻهن تائين اهي راز پهچائي، مٿن پنهنجي احسان جي مُهر هڻي چڏيندو هو، ۽ اڻين سمورا امير هن جي اڳيان پويان ٻيا ڦرندا هئا؛ ڪي ڊپ کان، ڪي دشمنيون پاڙڻ کان، ته ڪي وري سچ پچ هن کي الله جو برگزيدو ٻانهو ۽ ولي الله سمجهي

احترام خاطر!

۽ پوءِ جڏهن مغل آيا ــ نامراد، بدبخت، ملعون ــ تڏهن پهرين ته ڪيس هتائي، هڪڙي مغل مولويءَ کي وڏي مسجد جو پيش امام ڪيائون. ان کان پوءِ هن جو مدرسو بند ڪيائون جيڪو هن جي علم ۽ خبرچار جو سڀ کان وڏو ذريعو هو. ۽ پوءِ هڪڙي رات مغل لشکري، رات وڳڙي اشرفين سان ڏئيل هن جون صندوقون کڻي هليا ويا ــ ڏينا داستي، ڏني وائٽي، هن سان مشڪري ڪندي، ٿهڪ ڏيندا غائب ٿي ويا. ان ڏينهن کان هن کي مغلن لاءِ شديد نفرت هئي. جيڪي بدعتون ۽ برائيون هو ارغونن ترخانن ۾ نظرانداز ڪري ڇڏيندو هو، سي مغلن ۾ ڏسي، هن جو ديني جذبو جوش ۾ اچي ويندو هو. اڳي ته ڪنهن سنڌيءَ کي ڏسندو هو ته ڏاڙيڪان منهن ٻئي پاسي موڙي ڇڏيندو هو؛ ۽ هاڻ سنڌين کي زوريءَ بيهاري ڪين مغلن جي غير شرعي حرڪتن کان آگاهه ڪندو هو، ۽ چوندو هو ته "هي مغل رڳو نالي ۾ مسلمان آهن: ڏسو نه، هنن هندن مان شاديون ڪيون پر ڪنهن به رائيءَ کي مسلمان ڪونه ٿا ڪن. انهن جو اولاد وري مسلمان ڪيئن چئبو؟ اهي شاديون حرام آهن: اهو اولاد حرامي آهي. سنڌ تي هاڻ حرامين جي حڪومت آهي. اسين ارغون ترخان وري به مسلمان آهيون، سنڌ ۾ رهي سنڌي ٿي ويا آهيون. اوهان ۽ اسين ٻئي مظلوم آهيون، اچو ته گڏجي هن غيراسلامي ڪافر حڪومت کي ٽڙا هڻي ختم ڪريون....

هن کي سنڌين جي رڳو هڪڙي گالهه سمجهه ۾ ڪانه ايندي هئي: سنڌين سان جڏهن به هو اهي گالهيون ڪندو هو، تڏهن سنڌي کلڻ لڳندا هئا. "بروبر، مولوي صاحب بروبر، پر جيڪڏهن مغلن کي هتان ڪيون ته حڪومت ڪير ڪندو؟!" هن جي دل ته چوندي هئي ته ڪين چئي ڏي ته "بدبختو مغلن حڪومت اسان کان ڪسي هئي، ان ڪري حڪومت تي حق وري به اسان ارغونن ترخانن جو آهي، پر متان سنڌين کي اها گالهه ڏکي لڳي، ان ڪري

چوندو هو ته بابا، توهان ۽ اسين، پراڻا سنڌي ۽ نوان سنڌي، هنن ڏارين کي هتان کيون، پوه پيا اهي فيصلا ڪنداسون ته حڪومت ڪير ڪري!" اها ڳالهه ٻڌي، سنڌي هيڪاري وڌيڪ ڪاوڙ لڳندا هئا، ٿهڪ ڏيڻ لڳندا هئا، ۽ چوندا هئا: "مولوي صاحب، عرب سڳوري ۽ آڻ واري ڳالهه ٻڌي آئو....!"

پر اڄان به مولوي صاحب سنڌين مان نا اُميد نه ٿيو هو. هن سانوڻ ۽ سردار خان جون ڳالهيون ٻڌيون هيون. جيڪڏهن سانوڻ جهڙو سنڌي، ۽ سردار خان جهڙو ترخان همت ڪن ته مغلن کي پڇاڙ ڪا وڌي ڳالهه هرگز ڪانه هئي. ان لاءِ هن پنهنجي ڪن پراڻن ترخان شاگردن کي به تيار ڪيو هو ته هو سنڌي مدرسن جي شاگردن سان ياربون دوستيون رکي، ڪو اهڙو انسئو ٽاهين جو سنڌين کان بغاوت ڪرائجي، ۽ پوه جڏهن سنڌي مغلن کي ڏوڙائي ڪين، تڏهن سيوهڻ کان ترخانن جو لشڪر ڪٺي پهچي، امن امان قائم ڪرڻ جي بهاني، حڪومت پنهنجي هٿ ۾ آڻي! مولوي صاحب ارغون ۽ ترخان اميرن کي اهي صلاحون ڏيندو هو، ۽ هو به ان ڳالهه ۾ هن کان پري ڪونه هئا!

پر هاڻ ته خود ارغونن جي تاج جي واليءَ مرزا عبدالعليءَ جي سر جو سوال هو. هن کي اهڙو موقعو وري ڪونه ملندو ته پنهنجي قوم جي خيرخواهيءَ ۾ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي، مرزا عبدالعلي ۽ خسرو خان چرکس جي جان بچائي وجهي. هو انهن ٽورن ماڻهن مان هو، جن کي مرزا شاهرخ وٽ عزت ملندي هئي. هن شاهرخ کي مختلف ڳالهين لاءِ مختلف تعويذ لکي ڏنا هئا. وڏي ڳالهه ته هن شاهرخ کي سچن موتين جي معجون جي دهلي پيش ڪئي هئي، ۽ هاڻ شاهرخ وري ڪيرو ساڻين ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو هو، ۽ هن جي گهر واريءَ ۽ ڪنيزن سان هن جي صحبت ۽ مردانگيءَ جا نوان قصا هن کي ٻڌايا هئا. هن کي خبر هئي ته شاهرخ اڃا تائين قيصر بيگ جي پٽن کي رڳو ان ڪري ڪونه آزاد ڪيو هو، جو سنڌي ڪنيز "نوري" هن کي پسند اچي ويئي هئي. هو روز سنڌي

ڪنيز ڪي ڏسڻ لاءِ لال حويليءَ ويندو هو، ۽ آڏسي ٿي شاهرخ سان هيءَ گهالهه ڪرڻ وڏيڪ مناسب هٿي. اڳين هن ڪي نه حويليءَ تي وڃڻو پوندو ۽ نه ٿي سلطاني ساقيخاني جي تهخاني ۾!

اڳين پسار ڪندي، مولويءَ وري هڪ پيرو هن نوجوان ترخان کي ٻڌيءَ ا ڪ سان ڏٺو، ۽ دل من هٿندي چئي ويٺو: "نوجوان، ٻڌ! توتي ۽ مون تي ترخان قوم جو وڏو بار آهي، آءُ تو کي پاڻ لال حويليءَ وٺي ٿو هلان: شاهرخ جو سمورو وقت آڏي ٿو گذري. هڪڙي پاسي هو حضور مرزا عبدالعلي ۽ خسروخان چرڪس تي پاڻ ذاتي طرح نگهباڻيءَ جو فرض پيو نياڻي ته هٿي طرف قيصر بيگ جي سنڊي ڪنيز هن جي دل تي ڏاڙو هڻي چڪي آهي، اها به آڏي ٿي آهي. قيصر بيگ جا پٽ ان جي حوالي آهن ۽ شاهرخ کي صحيح رخ ٿي نٿي ڏئي، وڏي کا بدبخت آهي جو مرزا شاهرخ جهڙي امير جي ڪنيز ٽيڻ نٿي گهري. قيصر بيگ ۾ ڇا رکيو آهي؟ ۽ خيال رکجانءِ، قيصر بيگ جي ڪنيز واري گهالهه ڪنهن سان نه ڪجانءِ.... ۽ هڪڙي گهالهه وري به ڪٽن ۾ ٿو ٻڌايانءِ....!"

"يا حضرت، هي کهڙي گهالهه ٿا ڪريو.... مون کي قسم آهي اوهان جي ڏاڙهي مبارڪ جو، جيڪڏهن اوهان وري اهڙي گهالهه ڪئي ته آءُ هينئر جو هينئر سيوهڻ روانو ٿي ويندس، ۽ پنهنجي ٿي خنجر سان پنهنجي زبان ڪپي ڇڏيندس. مون تي اعتماد...." وريام کي فارسي ته ترخانن جهڙي ايندي هٿي، پر هن کي اها خبر نه هٿي ته ترخانن ۾، مغلن وانگر، هٿي جي ڏاڙهيءَ جو قسم کڀو آهي يا نه!

"نه نه.... مون کي تو ۾ اعتماد آهي.... پر احتياط لازم آهي...." مولويءَ ته ان قسم کي پنهنجي عزت افزائي سمجهو هو. "چڱو، تون اتي ٿي ويهه ته آءُ پنهنجي حويليءَ تان ٿي اچان. جاڻ ڪري ڇڏيان متان کا ٻچا گاڇا ٿي....!"

مولوي وريام کي ڪٽن ۾ ڪجهه گالهيون ٻڌائي، ڪيس اتي ٿي وهاري، هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هڻندي، مسجد مان نڪري ويو.

گهڙيءَ کانپوءِ، ڪارڙي تتر جي ٻولي ٻولي، ڏاترڏنو حجري ۾ اندر هليو آيو.

وريام هن کي ڪهاڻيون تفصيل سان سمجهائيندي چيو: "ڏاترنا، پاڻو، ٻلائي ڪج، ٿورو عقل کان ڪم ونج، مغلن تائين اها ڪهاڻ هينئر جو هينئر پهچائڻي آهي نه شاهي قيدي مرزا شاهرخ جي قبضي ۾ آهن، ۽ مرزا قيصر بيگ جا پٽ ٻه ان وٽ آهن، ۽ ترخان مرزا عبدالعليءَ جي نالي ۾ خسروخان چرکس کي حڪومت ونڊي ڏيڻ لاءِ وڏي شورش ڪرڻ وارا آهن، ۽ اڄ ٽهريءَ ڏاري شاهي قيدين کي لال حويليءَ مان ٻئي ڪنهن هنڌ وڻي ويندا...."

"ٻر وريام، مون ٻي ڪير اعتبار ڪندو... الائجي آڳ سڄو ڪم مرڪو بگاڙي نه ويهي رهان... ۽ تو کي اڪيلو هن بگهڙن جي ڇڙ ۾ گهڙڻ آڳ ٻه ڪونه ڏيندس. آڳ ٻه توسان...."

"ادل، منهنجو فڪر نه ڪر... جمڪڙهن مون کي ڪجهه ٿيو ٻه ته گهڙي وڏي ڪهاڻ ٻي ٿيندي؟ مون تو جهڙا سندي ته روزانو سوين راهه ويندي ٻيڏوهيا ٻيا مارجن. آڳ ته وري ٻه سنڌ جي ڪنهن ڪم ته ايندس.... ڏاهو ٿي، هوڏ نه ڪر. اهو منهنجو توسان وچن آهي نه اڪيلو آڳ ٻه ڪونه مرندس. آڳ هن مولويءَ کي سڃاڻان .... فقط هن جي ذريعي ٿي آڳ سانوڻ جي سياست کي ڪارائتو ڪري سگهندس.... ها ٻڌ، تون مظفر بيگ واري ڇوري قاسم سان ڇگو ڪهرو آهين، ۽ مظفر بيگ رستم بيگ ۽ مغلن جو سڀهه سالار ٻه آهي ۽ اعتبارجو ڪو ماڻهو ٻه. ان کي ڪنهن طرح سان نياپو ڏي پٽس تائين اها خبر ڪج!.... ڇگو، هاڻ الله کي پرتين، سنڌ کي پرتين! حياتي هوندي ته...."

ڏاترڏني ڪٽي وات ٿي هٽ ڏنس: "تڏهن ته چيم ٿي ته تو کي اڪيلو ڪونه ڇڏيندس: پر، مون جهڙي ڪائنر تي ايڏو ڪم رکي، تون مرڪو پاڻ ٻه مارائيندين، ۽ مون کي ٻه آپگهات ڪرائيندين...."

"چريو نه ٿي.... ۽ ها، پنهنجا اٺ ڏهه سڱني لال حويلي جي چوپاسي ٻيهاري ڇڏجان، متان ڪا اوچتي ضرورت پوي.... ٻر

ڪ... هتيار نه ڪنجو، جو ڏنا ٽي پئو.... پاڻ وارو هتيار خردم
پ ... جي هيڻان چيلهه سان هجي ته پلو.... چگو، هاڻ تون وچ....
مولوي ايندو هوندو. تون هوندين ته هن کي شڪ پئجي ويندو....
ڏاهو ٿي.... چگو، ٻڙا ٿي پار!"

ڏاترڏني جي دل ته نٿي چيو، پر وريام ۾ هن کي آڻ ميو
ويساهه هو، ۽ سچ پچ ته جيڪڏهن لال حويليءَ ۾ پهريدارن سان
جهيڙڻو پيو ته اسين به جڏاچا ڪري سگهنداسون، ڏاترڏني سوچيو.

هن وريام کي پاڪر ۾ ٻڌي، سندس ا کين ۾ گهوري چيائين
"وريام، متان ابهرو ٿين! سنڌ کي اڄا تنهنجي گهرج آهي!"

ائين چئي، هو ٽڪڙو ٽڪڙو حجري کان ٽڪري ويو*

پائنده بيگ کي کوتوالي ڇا ملي، جڻ ته راکاس وانگر مٽي تي سگ جمي پيس. ماڻهن کان رستم بيگ جو ٿي نالو وسري ويو. ٽهڪري ۽ کانپوءِ جتي ڪٽي ڪڙوکون لڳي ويندي هئي. ٻن هفتن ۾ حالت اتي پهتي جو ماڻهن ڏٺي جي عملداريءَ مان لڏڻ شروع ڪيو. پر لڏڻ وارا وڃن ته ڪيڏانهن وڃن: اڇا اٺ پلاٽي يا ڏکي گاڏين ۾ پنهنجو سامان سڙو پري نڪرندا هئا ته مغل لشڪري ڪڇهن وانگر لامارا ڏيئي، هڙ ڪٽي ويندا هئن. وڏي ڪالهه ته عزت آبروءَ جي هئي. شل نه ساڻن کا جواڻ جماڻ ٻيڻگري هجي: مغل حڪما حڪمي ٻانهن ڪٽي ويندا هئا. لڏي پلاٽي فقط اهي سگهيا، جن پنهنجي لاءِ محافظ ٻه مغل رکيا: ڪين اشرفين جون ٿيلهيون ڏيئي جان ۽ عزت آبروءَ جي امان حاصل ٿي ڪياٿون. ميمڻ، شيخ، لهاڻا، پٺي ۽ پاڻيارته پنهنجا سمورا محلا خالي ڪري پڇڻ جي تيارين ۾ هئا، پر سيدن جا پاڙا، جيڪي هونئن ارغونن ترخانن جي ڏينهن ۾ امن امان ۾ رهيا، سي به پنهنجي عزيزن قريبن ڪي نياپا سنيها موڪلڻ لڳا ته ٻيلي، امان جو ڪو بلو ڪريو، نه ته اسين جاڻ ٻنان جاڻ اوهان جا مهمان اچي ٿيناسون.

ٺٽي جون مسجدون ۽ مدرسا ۽ ويران ٿيندا ويا. ائين ٿي پانيو ته پڪي پڪڻ ۾ موڪلائي ويا هئا يا موڪلائڻ تي هئا. گهٽيون پڙپاڻگ، بازاريون برباد ۽ مڏيون مردار ۽ مسافرخانا مجاورن جا آستانا بڻجي ويا. جيڪڏهن سنڌين سان ويل هو ته ارغون ترخان به سڪ ڪونه ٿي ستا. هنن لاءِ ساقي خانن ۽ غلامن جي نيلامن ۾ شامل ٿيڻ ٿي تيسين منع هئي جيسين ڪنهن مغل امير جي پناهه ۾ نه هجن. مغل شهزادن کي لاهور، آگري، دهلي ۽ فتح پور مان

دعوتون ڏيئي گهرايو ويو تہ قندار ۽ شيرازي ساڻي جيئرا سنڌ ۾ سستا آهن، اهڙا خود قندار، هرات ۽ شيراز ۾ به نہ هوندا. مغلن جا قافلا ڏٺي تہ ڪڙڪ لڳا؛ ڪي خريداريءَ جي شوق ۾، ڪي ساڻي خانن ۽ ڪنيزن جي شهرت ٻڌي آيا تہ ڪن ڪي وري رستم بيگ، تاشي خان، معموريءَ ۽ پائنده بيگ دعوتون ڏيئي گهرائي ورتو تہ ڏٺي جا محلات اوهان جا منتظر آهن، ترخانن ۽ ارغونن جون جاگيرون ۽ زمينداريون ڪين مفت ۾ ٿي ڏنائون. مغل شهزادا، اميرزادا ۽ سوداگر پاڻ سان سوين مغل هاري ناري، منشي، ڪاراوا ۽ ڪامورا وٺي آيا. ٿوري وقت ۾ ڏٺي ۾ ائين ٿي پاڻيو تہ سنڌي تہ رڳو اٽي ۾ لوڻ وڃي رهيا آهن. ڏٺو سنڌ جو شهر نہ ۾ لاهور يا آگري جو ڪو محلو ٻڏجي ويو هو. سنڌي ويچارا تہ ڊپ ڪان پاڻ ۾ به سنڌي ڪونہ ڳالهائيندا هئا، متان سڃاڻي پون ۽ مغل لشڪري ڪانئن آنڪي پرائڻ لاءِ اڇي ڪڙڪن. هنن تہ پنهنجي پاشاڪ بہ بدلائي ڇڏي. مغلن وانگر ڪمربند ۽ چست پاجامو پائڻ لڳا. پر چا ڪن، سندن سنڌي شڪل شبيهہ تہ پريَ ڪان پڌري ٿي پوندي هئي. ۽ وڏي ڳالهہ تہ منجهائن اها ڳالهہ بنهہ نہ وئي تہ رستي تي هلندي، مغلن ۽ ترخانن جي ابتڙ، سندن ا ڪيون پنهنجي پيرن ۾ هوندیون هيون؛ هڪ تہ متان ڪنهن پرائي زائفان تي نظر ڪجي وڃي ۽ ٻيو تہ ڪو جيت جيتاڙو پيرن هيٺ اڇي چيپاڻجي نہ وڃي!

سنڌين جو ڪو اوهي واهي تہ هو ڪونہ جنهن ڪي دانهن ڏين. ارغونن ۽ ترخانن تہ وري سيوهڻ ۽ قندار تائين مرزا غازي بيگ وٽ دانهون ڪوڪون ڪيون تہ هنن جو تدارڪ ٿيندو رهندو هو ۽ مغل وري ڪنهن ارغون ترخان محلي ڏانهن رخ ڪونہ رکندا هئا. مرزا غازي بيگ جي جهانگير جي دربار ۾ وڏي هلندي پچندي هئي. معل رڳو ان ڪان ٿي ڏنا. هونئن به ارغونن ترخانن ۾ اڇا هٿياربند گهٽا هئا. هنن وٽ محافظ بہ هئا ۽ پنهنجا لشڪري بہ، جيڪي جيتوڻيڪ وڙهڻ جو ڏنگ وساري ويٺا هئا پر تلوار ۽ هٿيار جوسپ نہ هو تہ به سراپ ضرور هو. مغلن ڪي بہ آخر پنهنجي جان پياري

هئي، ان ڪري سمورو عتاب سنڌين تي هو. ماڻهو ته ائين ٻه چوڻ لڳا ته سنڌين کان الله سائين ۽ منهن موڙي ڇڏيو هو. اهائي ڳالهه هئي، جنهن ماڻهن کي وري حافظ بلال ڏانهن ڏسڻ تي مجبور ڪيو.

حافظ بلال کي ماڻهن پنهنجو آخري سهارو ٿي سمجهيو. ان لاءِ ٻه سبب هئا: هڪ ته هنن کي اها ڳالهه سمجهڻ لاءِ ٻي ڪا واهه ڪانه ٿي سجهي ته آخر الله سائين باربار سنڌين جو اهڙو ڏڪيو امتحان ڇوٽو وٺي؟ سنڌي ويچارا ته نه ڪنهن جي "هنئي ۽ نه ڪنئي ۽ ٻر"! سنڌ ته سدائين رحمت ۽ پيار جي ڌرتي رهئي، جنهن انسانن کي ته ڇا، سمورن جاندارن کي امان ڏني هئي، پناهه ڏني هئي. سنڌين ٻر ته ايترين برائين ۽ بدعتون ٻه ڪونه هيون: پنهنجي ۽ پورا، گهر ڪان زميں يا ڏنڊي ڏاڙي ۽ ٿائين يا مسجد ٿائين. دين ڌرم جا ارڪان جيترا سنڌين تي مڙيا ۽ واپرايا اوترا شايد ملائڪن کي ٻه ياد نه هوندا. ڳڳدامن ته کي کهل ته ڪو سنڌين کان سکي. آئي جو آڏر پاڻ ڪندي ڪندي هنن سڏ سندن حوالي ڪري ڇڏي. رسول(صلعم) جي پيروي ڪندي جيسين ڪنهن مسافر يا غريب يتيم پاڙيواري کي گهر نه ڪرائيندا، تيسين پاڻ گهر نه ڪائيندا. ۽ سڏ، ڇڻ ته نبين ۽ اوتارن جي سرزمين، جنهن ته الله سائين پاڻ مهربان هو: ڇا سندس ماڻهو، ڇا سندس پکي پکڙ، ڇا سندس گل ۽ ٻوٽا، ڇا سندس سنڌو ۽ سمنڊ، ڇڻ ته الله سائين جنت ٿاهيندي ٿاهيندي، سڏ خلقي ويٺو! ٻوءِ ٻه هن جي ماڻهن سان ايڏو ظلم، ايترو بغداد ڇا لاءِ؟ الله سائين مٿن ڇو ڏمريو هو؟ اها ڳالهه پڇڻ لاءِ هو حافظ بلال جي چائنٽ جا اڇي سلامي ٿيندا هئا.

— ۽ حافظ بلال جي اکين ٻر ايڏي ويراني اچي ويئي هئي جيتري سموري سنڌ ٻر ٻه ڪانه هئي. هرهڪ ماڻهوءِ جي روئداد ٻڌي هن کي ائين محسوس ٿيندو هو، ڇڻ ته اهو سڀ ڪجهه هن سان، هن جي گهر وارن سان، هن جي پنهنجي پاتين سان ٿيو هو، ۽ لڙڪ هن جي سنهاريءَ ٻر منجهي پوندا هئا: ۽ انهن لڙڪن کي لڪائڻ

لاءِ هو آسمانن جي هن پار پنهنجي رب پاڪ کي، دل ئي دل ۾، ٻاڌائڻ لڳندو هو: "اي ٻنهي جهانن جا مالڪ، تو جن شين جا قسم سنهن کنيا آهن، انهن ۾ تو سنڌ جو به قسم کنيو آهي، تنهنجي محبوب ۽ سمورن نبين جي سردار کي سنڌ جي هير جي خوشبو معطر ڪري ڇڏيو هو، پوءِ به سنڌ ئي هي ڏمر ڇو؟ هي آپدائون ۽ آفتون ڇو؟ سنڌي ماڻهوڙا ايڏو مجبور ۽ معذور ٿي ڇا آهن جو هنن مان تو ۾ يقين لڏي ويو آهي. اي ٻنهي جهانن جا مالڪ، آخر ڇو؟ آخر ڪيستائين؟"

آسمان هن جي اکين جي لڙڪن جو تاب نه جهلي، ڇڻ ته لاجواب ٿي وينداهئا، ۽ ان وقت حافظ بلال جلال ۾ اچي چوندو هو: "مون وٽ ڇو آيا آهيو؟ آءٌ ڪير ٿيندو آهيان، الله جي گهجهه ۾ مداخلت ڪرڻ وارو؟ انهيءَ سا ڪئي الله اوهان کي ٻه ڀانهون ڏنيون آهن. انهيءَ سا ڪئي الله مغلن لاءِ، ترڪانن لاءِ به تراربن ۽ پائن ناهڻ لاءِ اهو سا ڪيو لوهه خلقيو آهي، جيڪو اوهان لاءِ خلقيو اٿس. تراربون ۽ پالا ناهيو به اوهان ٽاءِ، وڪڻو به اوهان ٽاءِ. هڪڙو پيرو اهي پنهنجي حفاظت لاءِ ڇو نه ٿا استعمال ڪريو؟"

حافظ بلال جو اهو جلال، اها ڪاوڙ، اهو دليل ماڻهن کي سمجهه ۾ نه ايندو هو. پر سانوڻ اڪيلو ماڻهو هو، جنهن هن جي ان جلال، ان ڪاوڙ ۽ ان دليل کي سمجهي ورتو.

"حافظ، هاڻ موڪل ڏي ته رت جي راند اسين به شروع ڪريون!" سانوڻ حافظ بلال جي اکين ۾ نهارڻ کانسواءِ چيو. هن جڏهن اهي سا ڪيون ڳالهيون ٻڌيون، تڏهن ٻيلو هن لاءِ آڙاهه ٻڌجي ويو، فراشين تي ليٽيندي هن کي ائين ياسندو هو ته هو ڏاڍن تي ستو پيو هو ۽ ان باهه تي چنبو وجهڻ لاءِ، هو ٻين وانگر حافظ بلال وٽ هلي آيو هو!

"سانوڻ، رت جي راند رکو الله جي راهه ۾ جائز آهي. آءٌ ڪيئن چوان ته اوهين اها شروع ڪريو!" حافظ بيوسيءَ مان چيو.

"تہ ٻوه اسان کي ٻڌاه تہ الله جي راهہ ڪهڙي آهي، حافظ!"
سانوڻ کان رهيو نہ ٿيو "ڇا الله جي راهہ اها نہ آهي تہ ٻيوسن ۽ ٻيواهن ماڻهن تي جيڪو بيداد ٻيو ٿئي، تنهن کي بند ڪريون. سندين جي جان ايتري سستي، ايتري ارزان ٿي وئي آهي جو مغل لشڪري وندر خاطر سندين کي مارڻ لڳا آهن تہ جيئن سندن تراربن پالن جي مشق پکي ٿئي. سندين جي مال ملڪيت تي هو ائين ٿا مڙي اچن جڏ تہ انهن ۾ سندين جو ٻورهيو ۽ پگهر شامل ٿي ڪونهي. سندين جي زائفائن کي هو ائين ٿا کڻن جڏ تہ اهي مال غنيمت جون ڪنيزون آهن؟ سندين جي مندرن ۽ مٺن کي تہ ڪٿي ڇڏيو، سندين جي مسجدن کي بہ نٿا بخشين—— چي، جيسين کو مغل مولوي نماز نہ پڙهائيندو، تيسين نماز جائز ڪانهي. سندين جي مدرسن کي ان لاه ٿا بند ڪن تہ اتي سندي ٿي پڙهائي وڃي؟ ڇا الله سائين انهن گالهين کي عين اسلام ۽ سندين جي انهيءَ ٻيوسيءَ کي شرڪ ۽ ڪفر ٿو سمجهي؟.... حافظ، مون هيستائين صبر ڪيو آهي، پر هاڻ مون کان صبر نہ ٿو ٿئي.... الله ٿو چاڻي تہ اڳي ئي گهڻي دير ٿي ويئي آهي...."

سانوڻ جو سمورو بدن ٻڌي رڌيو ، ۽ ٻهربون ٻيرو حافظ بلال هن جي اکين ۾ اهڙا لڙڪ ڏٺا هٿا، جن ٻنهہ بس نٿي ڪئي. هن جي ٻنهنجي دل ۾ چڪ پئجي رهيا هٿا. هن کي ٻنهنجي پاڻ کان، ٻنهنجي اسلام کان، ٻنهنجي مدرسي کان ، ٻنهنجي سموري حياتيءَ کان نفرت ٿيڻ لڳي هئي. هن اڃي ڪئي سانوڻ کي ٻڪ وڏو.... ڪا گهڙي ٻنهي جون دليون، هڪڙي ئي آواز ۾، هڪڙي ئي ڏڪ ۾، ڌڙڪندين رهيون، ۽ ٻوه جڏهن هن سانوڻ کي پاڻ کان ڌار ڪيو، تڏهن ٻنهي جون اکيون لڙڪن جي ڏنڊ کان هڪ ٻئي کي ائين ڏسي رهيون هيون جيئن ڪو ماڻهو ٻڪل آرسيءَ ۾ ٻنهنجو منهن ڏسي، منهن پاسي ڪري چڏيندو آهي—— کنهن اچاتي ڊپ کان، کنهن اچاتي سمجهہ کان، کنهن اوچتي چاڻ کان!

۽ ٻوه ان وقت، مدرسي جي صدر دروازي تي ڪڙوڪڙ ڪ

جـو آواز ٻيو. جمعي جـو ڏينهن هو. مدرسي ۾ موڪل هئي. سواءِ حافظ بلال ۽ سانوڻ جي، ايڏو سارو مدرسو بلڪل خالي هو. سانوڻ جي اچڻ جي اطلاع تـي مدرسي جي پهريدار ۽ پنهنجن چٹن خاص شاگردن کي، جيڪي وڻس ٽي رهندا هئا، تن کي به ڪمرڪار ڏسي، هيڏانهن هوڏانهن موڪلي چڏيو هئائين.

"اوهين وهو ته آءٌ ٿو ڏسان...." سانوڻ آمالڪ آٹيو.

"نه سانوڻ، ڪو اوپرو ماڻهو تو کي ڏسندو ته تنهنجي حياتيءَ کي به خطرو ٿي پوندو، ۽ مدرسي تـي بـه حرف ايندو...." آخوند بلال جُتي پائيندي چيو.

حافظ بلال دروازو کولڻ کان اڳ، نديءِ تاکي کولي باهر نهاريو: باهر مغل لشڪرين جو وڏو هٿياربند جٿو نظر آيس، جنهن جـي اڳواڻي خـود نٹون ڪوٽوال پائنده بيگ ڪري رهيو هو. صورتحال ڏسي هـن جي هنئين ۾ هڪ پٹجي ويو، ۽ پهريون پيرو هن جي دل ۾ ڊپ ۽ مختلف وسوسن اچي گهيرو ڪيو. هو ڪڏهن به پنهنجي لاءِ نه ڊنو هو. هن کي آلکو رکو سانوڻ جو هو. سانوڻ جهلجي ويو ته جڻ سموري سنڌ جهلجي ٻڌي. هن کي پڪ هئي، تـه هن ويري مغل پوري تياري ڪري آيا هئا، ۽ سموري ڪوٽ جي بٹ ۽ فصيلن کي هنن گهيرو ڪري ورتو هو. بڪ ٿي پڪ ڪنهن مغل يا ترخان جاسوس سانوڻ کي ڏسي ورتو هو نـه تـه خود رستم بيگ کي به مدرسي سان هٹ چراند ڪرڻ جي همت نـه ٹئي ها. پر هاڻ چا ڪري— اهو ايڏو وڏو فيصلو هـو، جـو هن ايترو ٹڪڙو ڪرڻ ٹئي گهريو. دروازو ڪولڻ جـي معنيٰ سانوڻ کي جهلائڻ هو. جيڪڏهن دروازو نه کوليائين ته مغل دروازو ٻيجي اندر داخل ٹيندا. ان صورت ۾ به هو ٻاڻ ۽ سانوڻ جهلجي ويندا.

هـن پاڻ ظاهر ڪرڻ بنان ڪجهه قدر آواز بدلائي چيو:

"ڪير؟"

"حـافظ، دروازو کول: آءٌ آهيان پائنده بيگ، شهر جـو ڪوٽوال!"

"اوهان کي خبر آهي ته هن مدرسي ۾ مغلن جي اچڻ جي منع آهي.... خود شهنشاهه هند جو پروانو رستم بيگ وٽ آهي...."

"هوندو، پر اڄ آڳ خود حضور مرزا رستم بيگ جي حڪم تي آيو آهيان. اسان کي خبر پئي آهي ته سردار خان جو ٽولو شهر ۾ آيل آهي، ۽ اوهان هن کي پناهه ڏنئي آهي.... اسين مدرسي جي تلاشي وٺنداسون."

"آڳ پروانو ڏسڻ ٿو گهران...." حافظ کجهه سوچيندي چيو.

"پهرين دروازو کول ته پروانو به تو کي ڏيکاريندا سون...."

پائنده بيگ بي‌صبريءَ مان چيو.

"تيسين دروازو نه کلندو، جيسين پروانو نه ڏيکاريندا...."

حافظ بلال تاڪي بند ڪري چڏي، ۽ ٽکڙو ٽکڙو پنهنجي حجري ڏانهن موٽڻ لڳو. اڃا اڌ پنڌ ئي هو ته هن دروازي کي زوريءَ کولڻ لاءِ لشڪرين جي هلان جو آواز ٻڌو. دروازو ايڏو وڏو ۽ مضبوط هو جو سواءِ هاٿين جي يا وڏي ٻنڌ سان پڇڻ جي، ان کي کولڻ محال هو.

حافظ حجري ۾ پهتو ته حجرو خالي هو. سانوڻ کي روڪڻ هونئن به حافظ ناممڪن ئي سمجهيو، پر هن کي رڳو اهو آلڪو هو ته سانوڻ باهر صحيح سلامت الائجي پهچندو يا نه. هن کي سانوڻ جي همت ۽ جرأت ۾ ايترو ايمان هو ته مغل جيئري سانوڻ کي گرفتار ڪرڻ جو خواب خيال به نٿي ڪري سگهيا، پر....نه نه، يا خدا، ائين نه ڪجانءِ، سانوڻ اسان کي بخشي بچائي ڏي....!

حافظ بلال سجدي ۾ هو، جڏهن هن وڏي دروازي جي ڦاٽڻ جي آواز جو خوفناڪ پڙاڏو، ۽ گهوڙن جي هڪارن ۽ ٽاپڙ ٽاپڙ جو آواز ٻڌو. پائنده بيگ حجري ۾ داخل ٿيو ته اوڏي مهل به حافظ بلال سجدي ۾ هو. حافظ بلال جي شخصيت جي رعب هن کي اڳتي وڌڻ نه ڏنو. هن جو همٿ خنجر جي ملٿي ته‌ي ئي روڪجي ويو، ۽ هو اندر ئي اندر حافظ کي گهٽ وڌ گهاڻيندو رهيو.

جڏهن حافظ سلام ورايو، تڏهن هڪڙي نظر پائنده بيگ تي

وڏائين، ۽ هي نظر سان هن ٻاهر بيٺل سپاهين کي ڏٺو.

پائنده بيگ، کجهه قدر پشيماني مان چيو: "اسان کي اطلاع مليو ته مشهور باغي ۽ ڏاڙيل سردارخان اوهان وٽ ٽڪيل آهي...."

حافظ کو جواب نه ڏنو. هو گهور پائي، پائنده بيگ کي ڏسندو رهيو.

".... ظاهر آهي ته اسان کي غلط اطلاع مليو هو، چاڪاڻ ته اسان مدرسي جي کوٽي کوٽي آٽلائي وڏي آهي، پر سردارخان هتي کونه ٿو ڏسجي. حضورمرزا رستم بيگ جو فرمان آهي ته اوهين مغلن سان تعاون کريو، ۽ سمورن سنڌين کي سمجهايو ته هو جتي ٻــ هن کي ڏسن، اسان کي چاڻ ڪن تــ خدا جي خلق تان آزار لهي....!"

"خدا جي خلق تي آزار مغلن جو آهي يا سردار خان جو، اهو ماسرو هڪڙو الله پاڪ ٿــو ڄاڻي، ٻيو هاڻ اسين شهنشاهه هند کي لکڻ وارا آهيون...." حافظ بلال ڏيرج سان چيو.

پائنده بيگ جــو هٿ وري خنجر جي مٿي تــي ڦهي ويو. جيڪڏهن رستم بيگ هن کي حافظ بلال تي هٿ کڻڻ کان منع نــ ڪئي هجي ها ته هو ان کان گهٽو ا گ خنجر حافظ بلال جي ڇاتيءَ ۾ ٽنبي ڏئي ها. البت هن کي اها گهاڻه سمجهه ۾ نٿي آئي تــ هن ماڻهوءَ ۾ کهڙي گهاڻه هئي، جو هن سان گهاڻائڻ وقت، هن جي پنهنجي زبان هيڪڻ ٿي لڳي.

"في الحال اوهان کــي اسان سان هلڻو پوندو. اهوئي شاهي فرمان آهي. اوهان جو فيصلو حضور مرزا رستم بيگ جن کرڻ پسند فرمايو آهي...."

"۽ جيڪڏهن آ نه هلان تــ...." حافظ بلال وري به ڏيرج سان چيو.

"....تــ پوءِ اسان کي اهــو حڪم آهي تــ اوهان کي گرفتار ڪري حضور مرزا صاحب جن وٽ پيش ڪريون....!"

"تــ پوءِ ڪريومون کي گرفتار، چاڪاڻ تــ آ اوهان سان هلڻ

لاءِ بلڪل تيار نہ آهيان....!"

پائنده بيگ منجهي ٻيوءِ هن جو حڪم بلڪل واضح هو تہ حافظ بلال کي ڪجهہ ٿيو تہ پائنده بيگ ذاتي طرح ان لاءِ جوابدار ٿيندو. هن سندءِ کان مغل ايترو چو ٿا ڊڄن، اها گالهہ اڃا تائين هو سمجهي نہ سگهيو هو. آءٌ تاشي خان سان ضرور گالهائيندس تہ آخر هو شهنشاهہ هند کي اصل حقيقتن کان واقف ڇو نہ ٿو ڪري تہ مغل شهنشاهت کي ترخانن ۽ ارغونن کان نہ، پر اصل خطرو حافظ بلال جهڙن سندين کان آهي، جن جو سمورو وجود مغلن لاءِ نفرت جو اعلان ڪندو ٿو رهي، جن جي اکين ۾ سمورن ڏارين لاءِ ڏڪار ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي، جن جي لفظ لفظ ۾ ڏارين لاءِ وڇ جا شعلا ۽ باهہ جا ٻيڙ پوشيده آهن!

لاچارٿي هن سپاهين کي آواز ڏنو: "حافظ صاحب کي عزت سان شاهي مهمانخاني وٺي هلو. پر ڏسو ڪيس ڪجهہ ٿيو تہ اوهان جي سرن جو خير ڪونهي....!"

سپاهي هي عجيب حڪم ٻڌي اچرج ۾ پئجي ويا. هڪڙي سندءِ کي گرفتار ڪرڻ ۾ ايترو احتياط هنن جي خواب خيال ۾ ئي ڪونہ هو. سندين کي تہ هو ڪتن ٻلن وانگر گهلي يا گهوڙن جي ڇڻ ۾ ٻڌي ڪاهي وڃڻ جا عادي هئا، ۽ جيڪڏهن ڪو سندي گهلجڻ يا ڪاهجڻ کان بچي ويندو هو تہ هن جي بدن جي اهڙي حالت هوندي هئي جو هو ٻاڏائي چوندو هو تہ يا الله، مون کي موت ڏي تہ هن ايذاءَ کان نجات ملي!

هو بہ دل، سن هٿندي، اڳتي وڌيا، ۽ جيئن تيئن ڪري، حافظ کي ڪنهي ڪٽي ورتائون ۽ اڇي ڪيس گهوڙي تي چاڙهيائون. حافظ مدرسي جي دروازي جي حالت ڏسي سمجهي ويو تہ دروازي کي ڇڻ جا انتظام اڳي ئي ڪري آيا هئا. ڇڪل دروازي سان گڏرسن سان ٻڌل بند بہ اتي ئي پيو هو، ۽ ويهارو ڪن سپاهي هڪڙو ٻيو بند رسين جي ڇيڙن سان ڪنهو ٻيٺا هئا.... ✱

ٽڪي ۾ لال حويليءَ لاءِ مشهور هو تہ ان ۾ جنن ڀوتن جو واسو آهي. سندس وڏي دروازي تي هميشه هڪ شاهي قلف چڙهيل نظر ايندو هو، جيڪو ايترو ڪٽجي ويو هو، جو هرڪو اڻين ڀائيندو هو تہ ان کي ڪنهن ورهين تائين کونہ کوليو هو. ان جي ۾ ساڙ جاءِ جون در دريون ب، ڪنهن ڪڏهن ڪليل کونہ ڏٺيون هيون. رات جو اڪثر چهرن ۾ چمڙن جون چيٽون ٻڌڻ ۾ ايندڙون هيون. فقط ان جي مٿين برج ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪا شمع هريل نظر ايندي هئي، ۽ اڻين ڀائنبو هو جڏ تہ ڪو ماڻهو شمع جي روشنيءَ ۾ سڄي شهر کي جاچي تپاسي رهيو هو. حويليءَ ۾ اوڙي پاڙي مان ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏي لڏي ويا هئا. البت ماڻهن ۾ اهو مشهور هو تہ مرزا باقي اڪثر رات جو ان حويليءَ ۾ پنهنجي ٻن خواجہ سرائن سان گڏجي ايندو هو، ۽ پوءِ سموري رات ان حويليءَ مان ڪنهن زائفان جي رڙين ۽ ڪيڪن جا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. ماڻهن ۾ اها ڳالهہ ب مشهور هئي تہ مرزا باقي جي ماءُ اتي قيد ٿيل هئي، جنهن کان خزاني جو ڏس پڇڻ لاءِ مرزا باقيءَ کيس تتل سيخن سان ڏنپ ڏيندو هو، ۽ اهي ڪيڪون هن جي ماءُ جون هيون.

هڪڙي ڀيري وڏي مدرسيءَ جا ٻہ شاگرد هوڙهيائي ڪري حويليءَ ۾ ٽپي پيا، پر جڏهن واپس موٽيا تہ هنن تي جڏ ماڻ جي مهر لڳي ويئي، نہ ڪنهن کي سجاتائون ٿي، نہ ڪنهن سان ڳالهايائون ٿي، رڳو ڪنڌ ڏوڻ لڳي پئي هئن ۽ آخرڪار چريا ٿي پيا. ان واقعي کان پوءِ وري ڪنهن کي انهيءَ حويليءَ ۾ وڃڻ جي همت نہ ٿي هئي. مغل تہ اڳي ئي ويساهہ ويسوڙا هئا، تن جو اهي ڳالهيون ٻڌيون تہ اڃان لنگهڻ ٿي ڇڏي ڏنائون.

وريام جڏهن مولويءَ سان گڏ حويليءَ جي ويڇهو ٻهتو، تڏهن گهڙيءَ لاءِ حويليءَ بابت سموريون ڪٿائون اکين اڳيان ڦري آيس ، ۽ هن جي دل ۾ ڪنهن اچاتي ڊپ ڪان ڪنڀ لڳي. پر مولوي هن کي حويليءَ جي بدران، ان جي پرسان هوڏين جي ڦٽل ٽل ۾ وٺي آيو. هيڏانهن هوڏانهن نهاري مولويءَ هن کي ٽل ۾ اندر لهڻ جو اشارو ڪيو. وريام ان ٽل ۾ پنهنجي سنگتين سان ڪنڊين ٻيرا آيو هو. هو اڪثر اتي لڪلڪوڻي راند ڪندا هئا. اندر ٽل ۾ ايترين ڏاڪڻين هيون جو هڪڙي هڪڙي ڏاڪڻ مان ٽي ٽي ڏاڪڻين ڦٽي ٽي نڪتيون. اندر هڪ ٻئي مٿان ٽي طبق هئا، جن مان هر طبق ۾ پوري وچ ۾ ٻڌ جو شاهي بت هو، جنهن ۾ پٿر ۾ ڪنهن پراڻي هوليءَ جا لفظ اڪريل هئا. اهي ڏاڪڻين ان بت جي ڪنهن نه ڪنهن عضوي ۾ اچي ٽي پورين ٽيون. بت جي اکين وٽ جيڪي ڏاڪڻين ۾ ڪٽيون، اتان هو پنهنجي سائين کي ڏسي سگهندا هئا، پر هيٺيان سائي هن کي ڏسي نه سگهندا هئا.

مولوي مٿين طبق ۾ وڃڻ بدران، هيٺين طبق ۾ لهي ٻيو، جتي ٻنان سسيءَ جي هڪڙو بت هوندو هو، ۽ ڇوڪرا ان بت ۾ اندر منهن ڪري سيٽيون وڄائيندا هئا تہ سموري ٽل ۾ ڪڇ وقت ڏاڍين اهي سيٽيون ٻڌڻ ۾ ايندڙيون هيون. مولوي انهيءَ بت جي اڳيان ٻيهي هڪڙي لوهي ڪل کي ڪجهہ ڦيرا ڏنا تہ بت جي پيٽ وٽان هڪڙو وڏو پٿر هٽي ويو. مولويءَ هن کي اشارو ڪري هيٺ لهڻ لڳو. هو به مولويءَ جي پويان هليو آيو. هيٺ لهڻ لاءِ هڪ ٻنهہ سوڙهي ڏاڪڻ هئي. جڏهن وريام اندر آيو تہ مولوي وري به پيٽ ۾ لڳل هڪ ڪل کي ٻه ٽي ڦيرا ڏنا تہ لنگهہ بند ٿي ويو. وريام کي حيرت ان ڳالهہ تي هئي تہ لنگهہ بند ٿيڻ جي باوجود هن ٽهڪاني ۾ چڱي روشني هئي. ڏاڪڻ ايتري ڊگهي هئي جو چڙ تہ ڪٿي ٿي ڪانہ هئي. "حق تي مرزا عبدالعلي ۽ خسرو خان چرکس کي مغل ڪولي نہ سگهيا هئا!" وريام سوچيو.

ڏاڪڻ هڪ گول ڪوٺيءَ ۾ اچي ختم ٿي. آڏي ٻهچي مولوي،

هڪڙي پت تي ٽڪ ٽڪ ڪئي ته پت مان هڪڙي تاکي ڪلي پئي، جنهن مان هڪ خونخوار حبشيءَ جي سسي صاف نظر آئي. مولوي هن کي ٽڪڙو ٽڪڙو ڪجهه چيو ته هن هڪدم تاکي بند ڪري ڇڏي، ۽ گهڙيءَ کان پوءِ هڪ شاهي پٽر بنهنجي جاءِ تان هٽي ويو. مولوي هن کي اڳيان وڌڻ جو اشارو ڏنو. هيءَ هڪ ڊگهي سرنگهه هئي، جنهن ۾ ٿوري ٿوري فاصلي ڪانپوءِ هڪڙو پاڌي جهڙو خواجه سرا اڳهاڙي ترار سان بيٺل نظر آيو. وريام کي هاڻ پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي. هتان جيئرو بچي نڪرڻ بنهه اڻ ٿيٽي هئي. هي هن پنهنجي پاڻ کي دشمن جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏڻ جي گهڙي گهيلپ ڪئي هئي. هتي ته هن جا سنگتي ساٿي ته ڇا مغل شهنشاهت جا سمورا لشڪر به هن کي گهولين ته به هو ڪائڻ کونه لهي سگهندو. هن کي ڏاترڏني جا لفظ ياد آيا: "وريام، متان ابهرو ٿين: سنڌ کي تنهنجي گهرج آهي!"

جڏهن سرنگهه پوري ٿي، تڏهن وريام ڏٺو ته هو هڪڙي اهڙي ڪوٺيءَ ۾ پهتا، جيڪا زمين جي متان هئي، ۽ لوهي سيخن جي دريءَ مان باهر نظر پوڻ تي هو سمجهي ويو ته هو لال حويليءَ جي عمارت جي پوئين حصي ۾ هئا. ان ڪوٺيءَ ۾ بـه ديو جهڙو خواجه سرا اڳهاڙي ترار سان ڪنهن اشاري جـو منتظر هـو. ان خواجه سرا مولويءَ کي سڃاڻي ورتو، ۽ هٿ سيني تي رکي حڪم ملڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

"اسان کي ڏاڍو حضور مرزا شاهرخ وٽ وڃـي هـل! اسين تڪڙا آهيون!"

"جيڪو حڪم، آقا!"

هو هنن کي ڪنڊين ڪوٺيون اڪري، هڪ وڏي سينگاريل ڪمري ۾ وٺي آيو.

"اوهين وهو ته آءٌ حضور مرزا صاحب کي جاڻ ڪري ٿو اچان. حضور جن پنهنجي خاص ڪمري ۾ آرام ۾ مصروف آهن!" حبشيءَ سر نمائي چيو.

ٿوري دير ڪانپوءِ، هو موٽي آيو، ۽ ڪين پاڻ سان اڇڻ جو اشارو ڏنائين. وريام جڏهن ڪمري ۾ داخل ٿيو، تڏهن هن ڪي ڇڻ پنهنجي اکين تي اعتبار ئي نه آيو. هي ڪمرو يقيناً ڪنهن بادشاهه جي آرام گاهه هو. چوڌاري اطلس ۽ ڪمخواب جا خوبصورت پردا ٽنگيل هئا. سامهون ئي هڪ شاهي پلنگ هو، جنهن تي ريشمي جهالرن سان سينگاريل ڪمخواب جي چادر ۽ وهائا هئا. زمين تي جيڪي قالين ۽ غاليچا وڇايل هئا، انهن تي معلوم ٿيو ته هن ئي وقت ڪاريگر انهن کي ناهي، پنهنجي فن جو انعام حاصل ڪري ويا هئا. ڪمري جي هڪڙي طرف هڪ گول ميز تي بلوري صراحين ۾ مختلف رنگن جون انگورين سجايل هيون ۽ انهن جي اڳيان سونا گلاس هڪڙي قطار ۾ رکيا هئا. ان ميز جي ئي ويجهو، هڪ اطلسي طول وهائي تي، هڪ ڪپرو جوان ڪنهن ساز جي تارن سان کيڏي رهيو هو، ۽ ان ڪان ٿورو ئي پرپرو، ڏينڊي قد جو هڪ ٽلهو بدزيبو ماڻهو، هڪ ريشمي پٽراڻيءَ تي طول وهائي تي ٽيڪ ڏيئي، اڌ ليٽيو پيو هو.

"يا مولانا، اچو اچو.... معاف ڪجو، جو اوهان کي هتي ئي سڏائي ورتو اٿم! دراصل اڄ اسين ڏاڍو ٽڪجي پيا آهيون!"

مولويءَ هڪڙي نظر ساقيءَ تي وڌي، جنهن ساز هڪ طرف رکي ڇڏيو هو.

"مون کي خبر آهي ته اوهين ساقين کي ناپسند فرمايو ٿا.... پر هي ساقي بلڪل بي‌ضرر آهي.... اسين هن ڪان فقط سندس راڳ ٻڌندا آهيون!"

"پر اوهان سان جيڪي ڪجهه ڳالهائڻو آهي، ان ۾ هن جي موجودگي بي‌ضرر نه ٿيندي!"

مرزا شاهرخ آپو ئي ويو، ۽ اشاري سان ساقيءَ کي ٻاهر وڃڻ جو چئي، سڏو ئي ويٺو.

"هي نوجوان ڪير آهي....؟" مرزا شاهرخ اهڙي ڏيکائي ڏني، جڻ وريام کي ٻهريون پيرو ڏٺو هو.

"هن غلام اوهان جي لاءِ سيوهڻ کان هڪ پيغام آندو آهي...." وريام پنهنجي بهترين فارسيءَ ۾ ڪنڌ نمائي چيو.

"چئو.... اسان کي مولوي صاحب کان ڪابه پرديداري ڪانهي." شاعرخ ٿورو اڀرو ٿي چيو.

"مون ٻڌو حضرت مولانا کي، جيترو ضروري هو، آگاهه ڪري ڇڏيو آهي، پر مولوي صاحب کي مملڪت جي مسئلن کان باهر رکجي ته چگو: آخر مغل ٻڌ حضرت مولانا تي اعتماد ڪن ٿا...."

مولويءَ کي وريام جي گالهه ابتري پسند آئي، جو مرزا شاعرخ کجهه چوي، تنهن کان اڳ هن چئي ڏنو: "نوجوان درست ٿو چوي: مون ته رڳو حضور مرزا عبدالعليءَ جي جان جي حفاظت خاطر هي جوکم ڪنيو آهي، نه ته منهنجو سياست ۾ چا وڃي.... آءُ مغلن جو اعتماد قائم رکي پنهنجي قوم جي وڌيڪ ڪارائتي خدمت ڪري سگهان ٿو!"

ائين چئي مولوي اٿي بيٺو. مرزا عبدالعليءَ طرف اشارو ڪندي، شاعرخ به اڀو ٿي ويو.

"چگو پلا، في امان الله!.... ها، پر مولوي صاحب، اوهان جي نئين معجون جي اسان کي اڃان ٻ ضرورت آهي.... آءُ اوهان کي ٻ محافظ گڏي ٿو ڏيان، جيڪي اوهان کي مسجد تائين پهچائي ايندا...."

"نه نه، ان جي ڪا ضرورت ڪانهي. ائين ته پاڻ مغلن کي وڌيڪ شڪ پوندو.... آءُ پاڻ هليو ويندس.... ۽ توهان جي معجون ٻ ڪنهن وقت ڏيئي ويندس.... رڳو، جڏهن الله تعالىٰ اوهان کي ڪامياب ڪري، اسان ديني عالمن کي نه وساري ڇڏجو...."

"هي ڪهڙيون ٿا گالهيون ڪريو، مولانا! چا اڳي توهان کي گهٽ اهميت ۽ عزت ڏني ائٿون؟ بس، اسان لاءِ دعا ٻڌ ڪندا رهجو ته هن مردود مغلن مان جند آزاد ڪرائي، حق حقدار تائين پهچايون....!"

"بيشڪ بيشڪ .....!" ائين چئي مولوي باهر هليو ويو.

"ها نوجوان، تـو ڪهڙو پيغام آندو آهي؟ ۽ تـون آهين ڪير؟" شاهرخ پر وري به رعب ۽ رعونت سڏي آئي.

"منهنجو نالو وريام آهي، اوهان کي رڳو اهو اطلاع پهچائڻو هو ته مرزا عبدالعلي ۽ خسرو خان چرڪس ۽ ٻين شاهي قيدين کي هٽ ڪرڻ لاءِ مغل لشڪر، مظفر بيگ جي سربراهيءَ ۾، هـن حويليءَ تـي حملو ڪرڻ وارو آهي. سو جيترو جلد هتان نڪري وڃو، اوترو چڱو!" وريام اهڙي انداز سان اهي لفظ چيا، جو شاهرخ جي منهن تان هڪڙو رنگ ٽـي آيو، ٻيو ٽـي ويو. هن جا نشا ٿي ڪافور ٿي ويا. هو آئي ٻيهي رهيو، ۽ پوءِ آنـي ٿي اڇ وچ ڪرڻ لڳو. سندس هڪڙو هٽ پنهنجي نڪ کي سهسائيندو رهيو.

وريام هن کي چڱي طرح جاچي ڏٺو. قد جو ايترو ننڍو ماڻهو ترخانن ۾ گهٽ هوندو. پر هن ٻڌو هو ته خود ترخان هن کان بي‌انتها ڊڄندا هئا، ۽ چوندا هئا تـ هو جيترو زمين جي مٿان آهي، ان کان ٻيڻو زمين جي اندر آهي. سندس حرفت، جرأت ۽ سنگدلي سمورن ترخان سردارن کان سوا ٿي هئي. ڪنهن جو دشمن ٿيو تـ ان جو جڙ ڇڪو ڪهائي ڇڏيندو. هن ۾ ڪهڙيون خصلتون مرزا باقي واريون هيون، ۽ هـي بـ اهي ٿـي نسخا آزمائيندو هـو جيڪي مرزا باقي واپرائيندو هو. زائفائن جي ستٽن ۾ ٻليون وجهائڻ، ٻن هاٿين جـي پڇن ۾ ماڻهن کـي ٻڌائي چيرائڻ، ا کين ۾ ڪاڙهيون ٽنل سرائيون وجهائڻ هن لاءِ عام رواجي ڳالهـ هئي. سمورن ساقي خانن ۾ تهڪاڻا ڏهرائي، ساقين جي ٻهاني امين کي آڻي گهرائي ذليل ڪرائڻ من جو خاص ڪرتب هو. ساقين ۽ ڪنيزن جا نيلام به هن جي اختيارهيٺ ٿيندا هئا، ۽ ساقي خانن جـي نگران ماڻهن ۾ هن جا خابرو هن ٽائين هر ڳالهـ پهچائي ويندا هئا. خود امين جي گهرن ۾ ڪي خواجه سرا ۽ ڪنيزون هن جي آڳوڻي هيٺ هوندا هئا، جتان هن کي آئي وئي جي ٻئي خبر پوندي هئي.

اوچتو هو ٻيهي رهيو، ۽ وڏي وريام ٽائين آيو. ڪا گهڙي

هن ورندو رهيو. وريام ايتربون خونخوار اکيون گهٽ ڏٺيون هيون جن جي ڏورن ۾ ئي موت نظر ايندو هو. پر وريام اڏول ٽي بيٺو رهيو.

"پر تو کي ڪتان خبر پئي، ۽ سنڌين کي اسانڪ سان کهڙي همدردي آهي جو هيءَ چتاءُ اسان کي موڪليو اٿن!" مرزا شاهرخ اهي لفظ ائين چيا، جڻ پنهنجي پاڻ سان ٽي گالهايائين.

"سوال ڏاڍو معقول آهي .... آءُ ان جا کيترائي جواب ڏيئي سگهان ٿو. سنڌين سان اوهان پنهنجي وقت ۾ جيڪي ڪلور ڪيا آهن، انهن کي ياد ڪري، آءُ خود اهو ٿو سوچيان تہ آخر اوهان سان هي پلائيءَ جو پير چو ڀريون؟ سنڌين کي اڄا تائين مرزا باقيءَ جا ظلم چڱيءَ طرح ياد آهن...."

"پنهنجي زبان بند رک، بدزبان ڪتا! حضور مرزا باقي جو نالو وٺڻ کان اڳ زبان کي عطر ۽ گلاب سان ڏوئڻ لازم آهي...." شاهرخ رڙ ڪندي چيو.

وريام سڏو ڪوبہ جواب نہ ڏنو. هو هلي هڪ اطلسي موڙي تي ويهي رهيو. هن جاڻي واڻي شاهرخ ڏانهن پٺ ڏيئي موڙي ڏانهن رخ رکيو هو تہ جيئن شاهرخ هن تي ڪو وار ڪري. پر شاهرخ وڏو سياستدان ہ هو. هن کي وقت جي نوعيت ۽ اهميت کان پنهنجو جلال گهٽ پيارو هو.

"خير، توهين پلي پنهنجي زبان کي عطر ۽ گلاب سان ڏوئي، پوءِ مرزا باقيءَ جو نالو ڪٿو پر سنڌين ۾ جيڪڏهن هڪڙو ہ سنڌي جئرو هوندو تہ شاهہ بيگ يا مرزا باقيءَ جو نالو جڏهن ہ زبان تي آڻيندو تہ هن کي هڪدم ڪنهن مروان مرونءَ جو خيال ايندو آهي؛ جيڪو چتو ٽي نہ رڳو ماڻهن کي چڪيندو آهي، پر پنهنجي پاڻ کي ہ چڪ پائيندو آهي. سنڌين لاءِ سمورا ڏاريان ۽ او ٻ ناصب، جيڪي صدين کان مرونءَ ۽ بگهڙ وانگر سنڌ جو ماس چڪيندا، چيريندا، ڦاڙيندا، سندس رت پيئندا رهيا آهن، سي مرون ٽي سڏبا ايندا....!" وريام ہ هاڻ پاڻ کي جهلي نہ سگهيو.

"بس ڪر گستاخ چوڪرا! تنهنجي جوانيءَ تي رحم ٿو اچي نه ته هينئر جو هينئر تنهنجي زبان نڙيءَ مان پٽي پنهنجي ڪتن کي ڪارائيندس!" شاهرخ وڌيڪ لڳو. هن کي پنهنجي سياست بس وسري ويئي.

"سنڌين جون زبانون مرزا باقيءَ ۾ پٽي ڪتن کي ڪارائيون، سو تون به آخر ان جو اولاد آهين....!" وريام ڪاوڙ ۾ چئي ويٺو. پر پوءِ پاڻ کي ملامت ڪرڻ لڳو ته مرڳو اصل ڳالهه ٿي خراب ٿئي. پر هن کي چُٽل تير کي موٽائڻ سمجهه ۾ نه پئي آيو....

اوڏي مهل شاهرخ زور سان تاڙي وڄائي. گهڙي ڪانه گذري ته هڪڙو پربت جيڏو حبشي خواجه سرا اندر ڏوڪيندو آيو. هن شاهرخ کي بيٺل ۽ وريام کي موڙي تي ويٺل ڏٺو ته منجهي پيو.

وريام هن ديو کي ڏٺو ته گهڙيءَ لاءِ هيسجي ويو. هن کي پنهنجي يار ڏاترني جا لفظ ياد آيا: "وريام، ابهرو نه ٽجانءِ....!" پر هاڻ ته تير ڪمان مان ڇٽي چڪو هو. يا ابهرائي تنهنجو آسرو! هن پنهنجي ڪمربند مان خنجر ڪڍي، نشانو طئي ڪري اڇل ڏني. خنجر حبشيءَ جي نڙ گهٽ ۾ گهن تائين کپي ويو، ۽ هاڻيءَ جيان رنپ ڪري، هن ٻئي هٿ ڪٽي پنهنجي ڪڇيءَ ۾ وڌا. پر خنجر هن جي شاهه رگ کپي وهو هو، ۽ هو ڪنهن ڏهندڙ پٽ جيان منهن ڀر ڦهڪو ڪري اڇي شاهرخ جي پيرن وٽ ڪريو. اهو سيڪجهه ابترو تڪڙو ٿيو جو شاهرخ جا اوسان به خطا ٿي ويا.

وريام جي دل به زور زور سان پاسرائين ۾ ڏنوندي رهي. پر هاڻ وقت نه هو. هن آمالڪ ٽپ ڏيئي، شاهرخ جي ڪڇيءَ ۾ هانهن وڑائي، سندس پٽ ۾ چيلهه وٽ گوڏو ڏيئي، پوئتي سٽ ڏني شاهرخ سڄو ٻيٽو ٿي ويو، ۽ وريام جسي ڪوڙڪي ۾ ڪپر جيان ڦٽڪڻ لڳو. سندس ناسن مان ساهه ائين ٿي ڪڍيو، جڏ تمام وڏي ڏوڙ پائي آيو هو.

"اسين اوهان ترخانن جهڙا ڪميڻا ڪونه آهيون جو بي گناهه ڪنهن تي هٿ کڻون، ۽ احسان جو بدلو ڪميڻپ سان ڏيون. آءُ

جي چاهيان تہ هينئر جو هينئر تنهنجو مٽڪو ڀڃي، تنهنجو لاش تو وارن ڪتن کي ڪارائي ڇڏيان .... هاڻ سڏ ڪر نہ پنهنجن پالتو ڪتن کي تہ تنهنجي جان بخشي ڪرائين.... سندءِ تان مغلن جو ڏرت هٽائڻو نہ هجي تہ هوند اوهان سمورن ترخاڻن کي قندار ڀهچائي ڇڏيون!"

اڻين چئي هن شاهرخ کي اڳيان آڇل ڏني. شاهرخ دانهن ڪري وڃي منهن پر ڪريو. ڪجھ وقت هو آتي هانبارو هٽندو رهيو. ٻوءِ سنڌو ٽـي، وريام کي ڏسندو رهيو. آتان آڻي ڪنجهندو اڇي هڪڑي موڙي تي ويهي رهيو. سندس اکين ۾ رت مڙي آيو هو، جنهن کين وڏيڪ خونخوار بڻائي ڇڏيو هو. هو اهو سوچي رهيو هو، تہ هو پنهنجي پهريدارن کي سڏي، هن سنڌيءِ جي ڪل پنهنجي اکين آڏو لهرائي. پر هن وقت هن کي پنهنجي جان جو خطرو سڃهي رهيو هو تہ جيڪڏهن هن اهڙي کا حرڪت ڪئي، جنهن سان هن سنڌيءِ کي ذرو بہ شڪ پيو تہ ، هو مون کي مارڻ ۾ ويرم ئي ڪونہ ڪندو.

اوڏيءِ مهل وريام هيٺ جهڪي، حبشيءِ جي نڙ گهٽ مان پنهنجو خنجر ڇڪي ڪڍي ورتـو، ۽ پنهنجي ڪمربند ۾ هڻي ڇڏيائين، ۽ ٻوءِ شاهرخ ڏانهن منهن ڪري چيائين: "تون سمجهين ٿو تہ اسين سنڌي ايترا ڳهيلا آهيون جو هت اڻين اڪيلو تو جهڙي ڳهڙ وٽ هليو آيس.... هـن حويليءِ جـي چوڌاري منهنجا همراهہ منهنجي انتظار ۾ آهن، آءٌ جيڪڏهن مقرر وقت تي نہ پهتس تہ مغلن جي اچل ڪان ا ڪهي، تو کي ۽ تنهنجي سائين کي—— خود مرزا عبدالعلي ۽ خسرو خان چرڪس سوڌو سمورن شاهي قيدين—— کي ڳترا ڪري ڇڏيندا ....!"

اڻين چئي وريام ڪاوڙي تنر جي ٻوليءِ کي هڪ ڏڳهي سيڊ ۾ ٻوامو تہ حويليءِ جي چوڌاري سا ڳي سيڊ جـو آواز ٻُرڙ لڳو. شاهرخ جو منهن پنهنجو رنگ ئي ڇڏي ويو. سندس اکين جي خونخواريت بہ ڊپ ۾ بدلجي ويئي.

"آءٌ شرمندو آهيان، نوجوان! مون تو کي غلط سمجهيو....

ڏس نہ اسان جي بزرگن سڌ جي خدمت ٻہ تہ ڪئي آهي. برابر، سنڌين سان ڪجهہ زيادتيون ٿيون آهن...."

شاهرخ ہ سياست موڻي آئي. هن جي لفظن ہ شرمندگيءَ سان گڏ ڪجهہ قدر ميٺاج ٻہ ايندو ويو.

"امين تہ فيروز سمي جي مدد ڪاڻ هت آياسين.... ۽ جڏهن اسان ڏٺو تہ هت ماڻهن ہ پنهنجي حڪومت هلائڻ جي ساڃهہ ڪانهي تہ اسان لئن تربيت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.... ۽ ان ڪان سواءِ ڏس نہ، هت سڌ جي سموري ڪاروبار تي هندن جو قبضو هو، رفتہ رفتہ مسلمانن ڪاروبار ڪرڻ سکيو. سومرن ڪان سمن تائين درٻار ہ وڏا وڏا عهدا ـــ ديوان، منشي، محصولدار، باندري ۽ ٻيڙياتا سڀ ـــ هندو هٿا. اسان انهن جي بدران مسلمانن کي اهي عهدا ۽ ملازمتون ڏنيون. اسان سمورن سنڌين کي فارسي لازمي طرح پڙهائي عالم فاضل ٿيڻ جو موقعو ڏنو. اڄ ڪيترا سنڌي عالم، شاعر، محدث ۽ فقيهہ فارسيءَ ہ علم جا دريا ٻيا وهائين. سڀ ڪان وڏي ڪاڇهہ تہ هت زمين جي ملڪيت جو پراڻو سرشتو اڃڙو هو جو ڪنهن وٽ ٻہ ڏهن ويهن جريبن ڪان وڌيڪ زمين ڪانہ هئي. ڪنهن سال مينهن نہ پوندو هو تہ ماڻهو ويچارا اڌاري سڌاري پيٽ گذران ڪندا هٿا. اسان وڏيون زمينداريون ۽ جاگيرون قائم ڪيون، جنهن ہ زميندار ۽ جاگيردار پنهنجي هارين نارين کي خوش رکندا اچن. ۽ ڏسو تہ دين جي ڪيڏي نہ خدمت ٿي آهي: سوين مسجدون ٺهرايون اٽڪون، رکهو ٿئي ہ ٿي ڏسو تہ ماڻهن ہ روزو نماز ڪيترو وڌيو آهي! تاريخ اسان جي دور کي اسلامي تاريخ ہ وڏو اعزاز بخشي چڪي آهي: سمورا مورخ، وقائع نگار ۽ انشاء پرداز اسان جي ديني ۽ علمي خدمتن جا معترف آهن!"

وريام کي هاڻ دل ٿي دل ہ ڪل اچڻ لڳي هئي. طوطي وانگر اهو سبق هن گهٽن ارغونن ۽ ترخانن کان ٻڌو هو. مجال آهي جو لفظن ہ ڪا هير ڦير ٿئي. مدرسي ہ هن کي جيڪي ٻہ ترخان ۽ ارغون استاد ملياں تن کي ٻہ اهو سبق برزبان ياد هو ۽ هو وري ڪن

ياد ڪرائڻ جا جتن ڪرائيندا هئا تہ ارغونن ڪان اڳ تہ سنڌي سڀ ڪفر ۽ شرڪ ۾ مبتلا هئا، ارغونن ۽ ترخانن خالص اسلامي جذبي سان ڪين اڇي انهيءَ اوندهہ سان پار آڪاريو ۽ انهيءَ ديني جهاد ۾ جيڪڏهن سنڌ جي آزادي ڪسجي ويئي تہ اهو ياد رکڻ گهرجي تہ سنڌ هاڻ هڪ وسيع اسلامي سلطنت جو حصو بڻجي ويئي آهي، ۽ ترخان يا ارغون يا مغل امير سان گڏ شهنشاهہ هند ۽ بغداد جي اميرالمومنين جا نالا بہ خطبي ۾ گڏوگڏ ورتا وڃن ٿا. ڇا اها فخر جي گهالهہ نہ هئي؟ وريام ۽ سندس ساٿين کي تہ رونشو سڃهي ايندو هو: هو پاڻ ۾ شرط رکندا هئا تہ ڪنهن ڏينهن ڪنهن مولويءَ، استاد يا عالم جي تقرير دلپذير ۾ گهٽن لفظن جي ڦيرگهير ٿي ٿئي. وريام چوندو هو تہ اها تقرير سڀني کي حفظ ٿيل آهي، ان ڪري لفظن ۾ ڪابہ ڦيرگهير ڪانہ ٿيندي، ۽ لاشڪ ڪو اهڙو ڪتاب يا فرمان سڀني وٽ موجود آهي، جيڪو هو سبق وٺڻ کان اڳ وري هڪڙو پيرو دور ڪري ٿا اچن!

شاهرخ جي انهيءَ تقرير جو اثر وريام تي هوبهو سا ڪيو ٿيو، ۽ اهو سوچي، هن جي ڪل هيڪاري وڌي ويئي تہ نہ رڳو عالم، مولوي ۽ آستاد ۾ امير آمرا ۽ ٻيا ارغون يا مغل بہ جڏهن سماجي سطح تي ٿا گهالهائين تہ انهن کي بہ اها سا ڪهي تقرير ياد ڪرڻي ٿي پوي يا اهي سا ڪيا فرمان ۽ ڪتاب پڙهڻا ٿا پون!

شاهرخ وريام کي مرڪندو ڏٺو تہ هن جي همت بہ موٽي آئي.

"خير نوجوان، چڏ انهن گهالهين کي.... اڄ مقصد جي گهالهہ تي، اوهان کي ڪٿان خبر پئي تہ مغلن کي لال حويليءَ ۾ شڪ پڻجي ويو آهي تہ شاهي قيدي هت رهيل آهن....!"

وريام وري هن دنيا ۾ موٽي آيو. هيستائين هن جيڪي ڪجهہ ڇيو هو، سو بنان سوچڻ سمجهڻ جي، پر هاڻ هن کي بہ سياست هلڻي هئي جنهن لاءِ سانوڻ جا لفظ اڃا تائين پئي ڪنن ۾ ٻڌيا تہ 'وريام، سنڌ لاءِ هاڻ هوش ۽ همت جي بہ ضرورت آهي....!'

"اسان جا پکي به اوهان جي پکين وانگر هرهنڌ چگندا ٿا رهن، مرزا صاحب! اوهان جي ٿي هڪڙي محافظ قيصر بيگ سان سودو ڪيوتہ سندس چوڪرا لال حويليءَ ۾ قيد آهن. قيصرخان سان اوهان وعدي خلافي ڪئي تہ هو سڏو مظفر خان وٽ پهتو، ۽ هاڻ .... اوهان اڳي ٿي ديڙ ڪري چڏي آهي. مظفر خان پنهنجو سمورو لشڪر وٺي لال حويليءَ جو محاصرو ڪرڻ وارو هوندو.... پر اڃان به وقت نہ ويو آهي. جلدي ڪريو، شاهي قيدين کي هتان ڪڍي وڃو، پر حويليءَ واري سرنگهہ ۽ بت واري ڏل وٽان نہ، جو آڻي معل اڳي ٿي پهچي وڃا هوندا. البت سامهون نڪري وڃو تہ ٻوءِ .... پائنجي ٿو تہ مغل سامهون ڪونہ پهتا آهن چو تہ مغل پهتا هجن ها تہ منهنجا همراهہ آڻان کسڪي وڃن ها....!"

وريام کي ڳالهہ ناهيندي، باربار اهو خيال پٽي آيو تہ ڳالهہ جو نہ منڊُ آهي نہ پير، شاهرخ ان کي ڪيئن مڃيندو. پر هن کي اها به حيرت هئي تہ ڳالهہ ناهڻ ڪانپوءِ، خود هن لي ڇڻ اهو يقين ٿيندو ويو تہ اصل صحيح ڳالهہ به اها آهي. سياست برابر جو ڪم جو پورهيو آهي، هن سوچيو.

شاهرخ ڪنهن اونهي ٻيءَ ۾ پڃي ويو. هو دل مٿن هٿي رهيو هو تہ ڳالهہ تي ڪيتري قدر پروسو ڪري ٿي سگهيو. آخري حربي طور هن چيو: "پر اوهان سنڌي اسان کي اهو چٽاءِ ڇوتا ڏيو؟"

"سولي سڌي ڳالهہ آهي: اوهين ارغون ترخان وري به هتي تہ آهيو. اوهان جا مڙهہ مقام به هتي آهن. مغل تہ بنهہ ڏاريان آهن، ۽ هنن کي سنڌ تي حڪومت هلائڻ جو ۽ لاهور يا آگري مان فرمان جاري ڪرڻ جو ڪهڙو حق ٿو پهچي؟ اوهان سان تہ پوءِ به اسين ڳالهائي سگهون ٿا، جهيڙو به ڪري سگهون ٿا، اوهين نيٺ به تہ پنهنجا آهيو...."

وريام اهي لفظ چئي تہ ويٺو، پر سندس زبان ۾ ڇڻ تہ چالا پٽجي ويا، هن کي پنهنجو اندر ملامت ڪرڻ لڳو. دشمن کي "پنهنجو" چوڻ جو لعنتاڻو سهڻ جي هن ۾ اڃا سگهہ نہ هئي، نہ هوشمندي،

ڪٽي اها سياست خاطر ٿي چونہ هجي. سنڌي هجڻ ڪي هو سچو هجڻ جي برابر سمجهندو آيو هو. جن هن جي سنڌ جي آزاديءَ کي پائمال ڪيو، جن سنڌ جي سپاجهن ماڻهن کي چيچلائي چيچلائي ماريو، ۽ جن سنڌ کي مال غنيمت سمجهي پٽي ڦريو لٽيو آهي، تن کي "پنهنجو" سڏڻ کان هو مارجي وڃڻ کي ترجيح ڏئي ها! پر سائوڻ جا لفظ هن جا محافظ بڻجي، هن کي ڏڍ ڏيندا رهيا، تڏهن به هن کنڊ هيٺ ڪري ڇڏيو.

"تہ پوءِ اڄ تہ هلون.... وقت اڳي ئي گهٽو وڃايو اٿون. اڄ تہ ملي هنن مغلن کي هتان لوڏي ڪيڏ جا کي جتن ڪريون!"

شاهرخ، هن کي پنهنجي پويان اڇڻ جو اشارو ڪري، تاڙي وڃائي. هڪڙو ٻيو حبشي خواجہ سرا ايتري تيزيءَ سان نمودار ٿيو، جو وريام کي شڪ ٻيو تہ ڇڻ تہ هو دروازي جي ٻاهران اڳي ئي هنن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو.

"هيبت خان، هڪدم ڪوچ ڪرڻ جي تياري ڪريو. شاهي قيدين جون ڊوليون ۽ گهوڙا سپاهہ جي وچ ۾ هلندا، ۽ رستو اصلوڪو مڪ دروازي وارو وٺبو. رستي تي ڪابہ روڪ برداشت نہ ڪبي. مڪ دستي جي مهنداري تون ڪندين. اسين پويان واري دستي سان هونداسين.... ۽ ها، قيصر بيگ جي حرامزادن کي اسين پنهنجي هٿن سان جهنم رسيد ڪنداسون. هو ملعون مغلن کي نيٺ خبر پهچائڻ کان باز نہ رهيو. هن جي سزا اهائي آهي، ۽ قسم آهي اسان کي پنهنجي سمورن بزرگن جي روحن جو تہ قيصر بيگ کي بہ اسين انشاءَ الله پنهنجن هٿن سان ان جو سبق سيکاريندا سون!"

"حڪم جي تعميل ٿيندي، آقا!" هيبت خان ڪنڌ جهڪائي بند مٽ پنهنجي سينيتي رکندي چيو. هن جي اکين ۾ ڪو ڪهنو ڏنڌ موٽي آيو، ۽ وريام کي هن جي غلاميءَ تي ڏاڍو رحم آيو. هي مغرور اکين وارو هيڏو انسان هن ڪميني ۽ـ انسان اڳيان ايڏو مجبور ۽ لاچار هجي، سا غلامي شايد اسان سنڌين جي غلاميءَ کان بہ وڌيڪ دردناڪ آهي. الائجي ڇو هن کي هيبت خان لاءِ هڪڙو

عجيب همدرديءَ جو جذبو اڀريءَ ريت آپري آيو، جو هن کي ٿوري دير اڳ پنهنجي هٿان سرندڙ خواجہ سرا جي موت تي شرمساري محسوس ٿيڻ لڳي.

هيبت خان هنن کي هڪڙي کوٽيءَ تائين پهچائي، پاڻ پوئين پير موٽي ويو. ان کوٽيءَ جي اڳيان هڪڙو ٻيو حبشي اگهاڙي ترارسان پهرو ڏيئي رهيو هو. هنن جي اچڻ تي، هن دروازي کي زور سان ڏکو ڏيئي کولي ڇڏيو.

وريام جيڪي ڏٺو، تنهن هن جي وجود کي لوڏي ڇڏيو. سامهون ٿي سامهون ڪٺ تي نوري کاڏيءَ کي هٽ ڏيو ويٺي هئي. وريام اٽين پائيو جڏ تہ هن جي اندر ٿي‌اندر ڪنوڻ ڪڙي پئي. هن جو سڄو اندر، گهڙيءَ لاءِ، سهائو ٿي ويو، ۽ انهن اکين ۾ الائجي ڇا هو، جو هن سمجهيو جڏ تہ انهن اکين ۾ جيڪو ڏک، درد ۽ ايذاءَ هو، تنهن هن کي ڏوراپو ڏنو تہ. وريام، اٽين ڪيو آهي، اٽين سار لهبي آهي، ايتري دير ڪيئن آهي! هن جو سمورو اندر وڌجي ويو، اهو ڏوراپو، اهو مهڻو ٻڌي!

دروازي ڪاڻ تي، نوريءَ اٽين ٽپ ڏنو، جيئن هرڻيءَ جو ابهڙ معصوم ٻچڙو، خطرو محسوس ڪري ٽپو ڏيندو آهي. ان وقت هن جي اکين ۾ ايذاءَ سان گڏ خوف جا پاڇولا لهي آيا، جڏ تہ اڳي ٿي جهڙائيل آسمان تي ٿڻون ڪارو ڪڪر لهي آيو.

شاهرخ هٽ وڌائي، حبشيءَ کان سندس اگهاڙي ترار ورتي، ۽ ڪٺ ڏانهن وڌيو، جتي ٻہ ننڍا نينگر ليٽيل هئا. شاهرخ کي اوڏانهن وڌندو ڏسي، نوريءَ وري سٽ ڏيئي، ڪٺ ڏانهن مڙي، ٻنهي ڇوڪرن کي ٻاڪر ۾ آڻي ڇڏيو. ڇوڪرا ٻہ شاهرخ جي هٽ ۾ ترار ڏسي، نوريءَ کي چنبڙي پيا.

"ڪنيز، تون هٿي وڃ. هنن حرام جي تخمن جو وقت پورو ٿي ويو آهي!" شاهرخ رڙ ڪندي چيو.

نوري هيڪاري هارڙن کي چنبڙي پئي. هوءَ پاڻ ڪرڙيءَ وانگر پئي ڏڪي، ۽ هارن کي تيئن وڌيڪ ٻاڪر ۾ ٻرندي چيائين:

"هنن معصومن اوهان جو کهڙو ڏوهه ڪيو آهي.... الله، الله جي رسول جي صدقي، اهڙو ڪيس نه ڪريو...." نوريءَ سنڌيءَ ۾ رڙ ڪري چيو.

"ڪنيز، اسين تو کي ڪوبه ايذاءُ ڏيڻ نٿا گهرون.... تون اسان وٽ شان مان سان رهندئين، پر هن نانگ جي ڇڻ کي اسين هينئر جو هينئر ختم ڪرڻ گهرون ٿا.... نادر خان، هن ڪنيز کي هٽاءِ...."

حبشي چپ چاپ کٽ ڏانهن وڌيو. وريام جن کهن اوٽاري مان جا گهي پيو. ڪمربند مان خنجر ڪڍندي، هو وڏي اچي نوريءَ ۽ هن جي وچ ۾ بهي رهيو، ۽ ڏند پيڙهندي، پاڻ تي ضبط ڪندي ڏاڍيان چيائين: "شاهرخ، هن نينگريءَ يا پارن کي ڪجهه ٿيو ته آءٌ اتي جو اتي تو کي خون ڪري ڇڏيندس....!"

هن حبشيءَ جي اکين ۾ شوکي نهاريو، ۽ کيس چيائين: "خبردار حيڪڏهن هن ڏانهن هٿ وڌايو اٿئي....!" هن خنجر جي اشاري سان حبشيءَ کي پوئتي هٽڻ جو اهڃاڻ ڏنو. حبشيءَ وٽ ڪوبه هٿيار ڪونه هو، پر پنهنجي آقا جي موجودگيءَ ۾ پوئتي هٽڻ ۾ هو هٻڪڻ لڳو، ۽ سوال طلب نظرن سان مرزا شاهرخ ڏانهن ڏٺو. شاهرخ سنڌي ڪنيز اکيان پنهنجي حڪم جي انحرافي ۽ هيٺاهينءَ تي ٻاهه ٿي ويو، ۽ هن اگهاڙي تراز جو وار وريام ڏانهن موڙي ڇڏيو.

وريام هن کي ايترو ويجهو هو، جو جيڪڏهن چاهي ها ته انهيءَ وار دوران ئي خنجر هن جي پيٽ ۾ کوڙي ڇڏي ها. پر ان جي بدران وريام هن کي پيٽ واري لت ڦهڪائي ڏني. شاهرخ پويان ٽاپڙ جندي وڃي، پاڻيءَ جي نندي نادييءَ تي ڪريو. تراز سندس هٿ سان ڇڏائجي ويئي. وريام جهٽ ڏيئي، تراز کڻي ورتي. اهو سڀڪجهه ايترو تڪڙو ٿيو جو نادرخان کي ٻه اکيون قدم کڻڻ جو موقعو ئي نه ملیو.

وريام تلوار جي ڇهنب شاهرخ جي نڙيءَ تي رکندي چيو: "شاهرخ، مون تو کي ڏاڍو عقلمند سمجهيو هو، پر سمورن ترخانن

وانگر تنهنجو عقل به تنهنجي دُن ۾ آهي.... ۽ نادر خان، جيڪڏهن پنهنجي آقا جي زندگي پياري اٿئي تہ هتان باهر هليو وڃ، ۽ وڃي هيبت خان کي ڪوچ ڪرڻ ۾ مدد ڪر، مغل اجهو آيا ڪين آيا.... نہ تہ هيءَ ترار آءٌ هن جي نڙگهٽ جي پار آڪاري چڏيندس!" وريام جي لفظن ۾ رُڪ جهڙي سختي اچي ويئي.

نادرخان هڪڙو پيرو وري شاهرخ ڏانهن نهاريو، ۽ چپ چاپ ڪنڌ هيٺ ڪري باهر نڪري ويو. وريام به هڪڙي نظر شاهرخ تي وڌي، جيڪو هڪڙي ٻانهن جي زور تي اٺڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هار ۽ شرمساري هن جي اکين ۾ وري خونخوار ڪيفيت جي جاءِ اچي والاري هئي.

۽ پوءِ وريام نوريءَ ڏانهن ڏٺو. پر هو هن جي منهن ۾ نهاري نہ سگهيو. انهن اکين ۾ جيڪا نماڻائي ۽ ايذاءُ هو، ان کي گهوري ڏسڻ جي ٻـ وريام ۾ پهچ ڪانہ هئي. هن جي نظر فقط سندس ڪچيءَ جي گهاءُ تي وڃي پئي، جيڪو جيتوڻيڪ سُڪ ويو هو، پر اڃان به رتاڀل ٿي نظر آيو. ان ڪچيءَ جي پس منظر ۾ نوريءَ جي منهن ۾ معصوميت اڻين ٿي ٻهڪي، جو وريام جي دل ڪنهن عجيب احساس کان هڪ ڏين سُر ۾ ڏڪ لڳي.

۽ پوءِ هن پنهنجائپ مان چيو: "ٿوريءَ ديـر ۾ هتان باهر هلڻو آهي. هي نينگر قيصربيگ جا آهن نہ؟"

نوريءَ کان وريام جـي واتان سندي ٻڌي چرڪ نڪري ويو. الا، منهنجي جيجل جي ٻولي ڪيڏي نہ مٺي ۽ سُريلي آهي، جيڪا ٻڌڻ سان سڀ ڏک سور ماڻا ڪريو چڏي. هن ڦريون پيرو نظر ڪٽي وريام کي ڏٺو، جنهن کي پوشاڪ تہ ترخانن جهڙي ٻيل هئي، پر سندس اکيون نج نبار سندي اکيون هيون. سندي اکيون تـ پري کان پڙهيون: انهن جي پنهنجائپ به نرالي تہ نهار ٻـ نرالي. سندي اک جو شرم به پنهنجو، ٻاڻي به پنهنجو، حياءُ به پنهنجو تہ ان جو نياپو سنيهو به پنهنجو. وريام جي اکين ۾ هن کي جيڪي ڪجهہ نظر آيو، تنهن هـن کان سمورا ظلم وسارائي چڏيا، جيڪي

ڏارين هن کي ڏنا هئا. هن جي اندر جا گهاوَ ته ڏاڍا گهرا هئا، پر انهن اکين ۾ هن جيڪو پاڻهه ۽ پنهنجائپ ڏٺي، تنهن هن جا وار کانداري چڏيا.

هن رڳو ڪنڌ ڏوڻ ڪري 'ها' ڪئي.

"هي، ڪنيز اسان جي ملڪيت آهي: قيصر بيگ جا چوڪرا جيڪڏهن تون پاڻ سان وٺي وڃين ته پلي وٺي وڃ: پر سندي ڪنيز اسين موڪلائي نه ڏينداسون! اسين ڪهس پنهنجي حرم ۾ آڻڻ ڏا گهرون!"

شاهرخ وڏي اچي نوري، جي هانهن ۾ هٿ وڌو. پر سا گهي، گهڙي، وريام جي ابتي هٿ جي لپاٽ هن جا وائيسرئي ڪيرائي چڏيا، ۽ هو وري به ٽيڙ ڪائيندو وڃي نادي، جي مٿان ڪريو.

"ڪميڻا، آئيندي ڪنهن سندي نياڻي، کي اڻين هانهن ۾ هٿ وڌو اٿئي، يا ان کي ڪنيز سڏايو اٿئي ته آءٌ تنهنجي سسي ڪپي چڏيندس. اوهين لائق ته انهي، جا آهيو جو سندين تي هڪڙي هڪڙي ظلم جي عيوض اوهان جو هڪڙو هڪڙو سنڊ ويهي ڪپجي ته به هوند دل ٺڏي نه ٿئي، پر شڪر ڪريو جو سندي اڃا ظلم جي موٽ ۾ ظلم ڪرڻ ڪونه سکيا آهن.... هاڻ نڪر هتان، متان منهنجو ارادو بدلجي وڃي!"

وريام هاڻ ڪاوڙ کان سڄو ٻڪي رڦيو. هن جي دل ته اهو ٿي چاهيو ته اتي جو اتي شاهرخ جي سسي ڪپي چڏي، پر وري به هن کي سانوڻ ياد اچي ويو، ۽ هو ڪاوڙ کي پي ويو. شاهرخ باهر ويو ته هن چيو:

"اچو ته هاون."

وڏي چوڪري هيسيل انداز ۾ چيو: "ڪنيز، هاڻ وري اسان کي ڪيڏانهن ٿا وٺي هلن. اسين ته هاڻ گالهاپون به ڪونه ٿا!"

وريام گهڙي، لاءِ چوڪرن ڏانهن نهاريو. پنهي ٻارن جي اکين ۾ ڊپ ايترو ته خيما کوڙي ويو هو، جو هو نوري جو پلاند ڪنهن به صورت ۾ چڏڻ لاءِ تيار نه هئا.

"اوهان کي اوهان جي گهر تا وٺي هلون!" وريام کين دلداري ڏيندي، فارسيءَ ۾ چيو.

هـو نوري ۽ چوڪرن کي وٺي، سرنگهه واري رستي کان ٻوڏي ٻل کان ٻاهر نڪتو. ٻاهر نڪري، هن ڪارڙي تتر جي ٻولي ٻولي همراهن کي اطلاع ڏنو. ڪپڙن جي هڪڙي ٻوڙي مان ڏاترڏنو ٻوڙ پائي، وريام سان ٻڪين پڄي ويو.

"يـرَ، ايڏي دير.... سڄو ڏينهن لنگهي ويو آهي. حرام جو مانيءَ جو ٻور ٻرکاڏو هجيـ....!" ڏاترڏني ٻڙ ٻڙ ڪندي چيو.

"ادل، بک تـ مون کي بـ ڏاڍي لڳي آهي، پـر تون ڏي حال احوال!"

ڏاترڏني جي جڏهن نظر نوريءَ تي پئي تـ هن جي زبان ڇڻ تـ ڪڪجي پئي. وريام کان آڻت ماڻ تـي هن چيو: "لال حويليءَ جي اڳيان سمورن لنگهن تي مغل لشڪري مظفر بيگ جي اڳواڻيءَ ۾ شاهي قيدين جـي آڇيان لاءِ تيار بيٺا آهن. پاڻ وارا بـ ڪجهه همراهه اتي ٿي آس پاس لڪل آهن. مغل مٿيا تـ ڪڪ پن تـي ويندا. ٻلا هاڻ؟" ڏاترڏني سوال ڪندي وري نوري ۽ ٻنهي نينگرن کي ڏٺو.

"ٻلا، پنهنجا سمورا همراهه پيادا آهن يا ڪو وهٽ ٻ آهي؟" وريام پڇيو.

"مون سمجهيو تـ متان وهٽ جي ضرورت پوي، سو بـ گهوڙيـون مغلن کـان آڏاريـون ونـي آيـو آهيان....!" ڏاترڏني مرڪندي چيو.

وريام کان ٻ ٿڪ نڪري ويو. مغلن کان گهوڙيون اڏارڻ جو مطلب هن ٻ خوب ٿي سمجهيو. پوءِ ڪجهه وقت هو ڏاترڏني کي پاسي تي وٺي، ڳالهيون سمجهائيندو رهيو، ۽ پوءِ هڪڙي گهوڙيءَ تي نينگرن ۽ نوريءَ کـي سوار ڪرائي، ٻيءَ تي پاڻ چڙهي هـو قيصر بيگ جي حويلي ڏانهن روانو ٿي ويو. ❋

(۱۵)

قيصر بيگ جا پٽ، جڏهن کان مرزا شاهرخ وارن پاڻ وٽ جهليا هٿا، تڏهن کان هن جي زندگيءَ ۾ جڏ کو وڏو زلزلو اچي ويو هو، جنهن هن جي حياتيءَ ۾ هڪ نئون موڙ آڻي ڇڏيو هو. هو جڏهن درٻار مان آڻي حويليءَ ۾ داخل ٿيندو هو تہ هن کي در دريون ۽ ماڻهو ڪندا محسوس ٿيندا هٿا. هن جي زال روئي روئي بيمار ٿي پئي هئي، ۽ ڪنيزن کي تہ اهو اڇي خيال ٿيو هو تہ خانم هاڻ ڪانہ بچندي. قيصر بيگ اندر داخل ٿيندو هو تہ جوٽس جون اکيون هن کان پهريون سوال اهوئي ڪنديون هيون تہ منهنجي ٻچڙن جي ڪا خير خبر؟ ۽ جڏهن قيصر بيگ جي اکين ۾ مايوسيءَ جا پاڇا ڏسندي هئي تہ هوءَ نئين سر اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳندي هئي، ۽ ڏنڊجي ويندي هئي. قيصر بيگ سندس اها حالت ڏسي پاڻ ۽ روڻهارکو ٿي ويندو هو.

هو روز درٻار رکو ان ڪري ويندو هو تہ من ڀائنده بيگ يا مظفر خان کان ڪا خوشخبري ٻڌي. پر آڻي تہ روز ڪاريءَ وارا ڪک بيان ٿيندا هٿا. "يا الله، هنن کي زمين گهي ويئي يا آسمان ۾ غائب ٿي ويا منهنجا شهزادا؟" هن مرزا شاهرخ جي ڀالهہ اڃا تائين ان ڪري ڪانہ ڪئي هئي جو هڪڙو تہ رستم بيگ اصل ڀالهہ جي خبر پوندي ئي جيڙي سندس ڪل لهرائڻ ۾ ويرم نہ ڪندو، ۽ ٻيو تہ شاهرخ سندس پٽن کي ڪُهندي ذرو بہ قياس نہ ڪندو. هو اهڙين ٻن باهين جي وچ ۾ پسر ٿي رهيو هو، جنهن مان جند آزاد ڪرائڻ هن جي وس کان ٻاهر هو. رکي رکي هن کي اهو خيال ايندو هو تہ الله ساڻين کيس سندس گناهن جي هيءَ سزا ڏيئي رهيو هو. هن کي اهي سمورا قتل، ڏاڙا ۽ ڪيس ياد آيا، جيڪي هن سنڌين سان ڪيا

هٿان ۽ خاص طرح هن کي نوريءَ جي گهر وارو ڏاڙو ياد آيو جنهن ۾ نوريءَ جي ماءُ قتل ٿي هئي، ۽ نوري هن جي هٿ چڙهي هئي. کيڏيون نه دل ڏارينڊڙ رڙيون کيون هٿائون. ان وقت هن کي اهو قياس کونه ٻيو ته سنڌي به آخر انسان آهن، جن کڏهن کنهن کي ڏ کويو کونه هو. هو ويچارا ته جيت جناور کي مارڻ کان ٻيا کيبائيندا هٿا. وهتن کي "امان"، "ابو" کري سڏيندا هٿا. کنهن جيت ٿي، اوچتو ۽ اچانو، پير اچي وين ته ٻيا توباهون کندا، جانا پريندا ۽ پاڻ کي گنهگار سمجهندا. اهڙا نهٿا ۽ نڙت وارا جو ظلم ٻيا کندا هٿا ته شرمندا پاڻ ٻيا ٿيندا. شروع شروع ۾ ارغونن ۽ ترخانن سنڌين تي جيکي ظلم کيا، تن تي کي ايکڙ ٻيکڙ ارغون ۽ ترخان شرمسار ٿيندا هٿا. ان جي برعکس جڏهن مغلن ارغونن ۽ ترخانن سان ڏاڏايون کيون، ۽ هو نڙو چڏي لڏڻ لڳا تڏهن سوين سنڌين هنن کي پناهون ڏنيون، سندن سامون جهليون، کين پنهنجي گهوٽن ۾ آڻي وهاريائون. کن ته کين وهٽ ڏنا ته جيکڏهن سيوهڻ، بکر يا ٻئي پاسي وڃڻ گهرن ته پنهنجي عيال سان حفاظت سان نکري وڃن. کن سنڌين کين مهينن حا مهينا وبهي کارائيو. سندن لاڏ کيو جو هو سندن مهمان هٿا. جيکي گالهيون سنڌين لاءِ هونئن قبول کرڻ محال هو، اهي به هنن برداشت کيون. کنيزن ۽ غلامن سان سندن ورتاءُ سنڌين کي هرگز نٿي آڻيو، هنن ته انهن کنيزن ۽ غلامن کي به اهڙي ٿي مانو کارائي جيکا پاڻ کائيندا هٿا. کين سڏي پاڻ سان وهاري کارائيندا هٿا متان هو اهو سمجهن ته سنڌي به کين غلام ۽ کنيزون ٿا سمجهن.

۽ انهن ٿي ترخانن، جڏهن مغلن سان ٽاهه کيو ۽ حکومت جي کاروبار ۾ ساڻن پائيوار ٿيا يا وري پنهنجيءَ وارا ٿيا ته سنڌين جون مڏيون ضبط کرايائون، سنڌين جي ملکيتن تي قبضا کيائون، سنڌين کي بي گناهه کوڙن الزامن ۾ گرفتار کرائي ڦنگ ۽ آنکيون پرائيندا هٿا. جن محلن ۾ سنڌي ٿورا هٿا، انهن جي گهرن ۾ گهڙي، هن جي ننگن ۾ ا کيون وڌائون ۽ جڏهن سنڌي پنهنجي ننگ خاطر

مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿيا تہ مغل لشڪرين کي اهي دانهون ڏنائون تہ سنڌين اسان سان ڏاڍائي ڪئي آهي. سوين سنڌين تي چغليون هٽي ڪين بغاوت جي ڏوهہ ۾ ڦاسي تي ٽنگائي چڙهائون. ائين سنڌين جي زندگيءَ کي عذاب بڻائڻ ۾ هنن ڪا ڪسر ڪانہ ڇڏي، ۽ جڏهن قيصر بيگ جهڙن ڏاڙا هٽڻ ۽ راناها ڏيڻ شروع ڪيا تہ سندن نشانو فقط سنڌين جا محلا هٿا يا نندا واهڻ ۽ وسيون. هنن ۾ نہ قياس هو، نہ ڪا ٿي ڪهل پين....

۽ اڄ جڏهن هن سان پاڻ ظلم ٿيو هو تہ قيصر بيگ کي اهي سمورا ظلم ۽ اتياچار اچي ياد پيا هٿا. هن کي سنڌس زال به اهو ٻڌايو تہ جڏهن سنڌس گهر تي ڏاڙو لڳو، ۽ مغل سپاهين جي ويس ۾ ترخان ڪاڪو سندن الهہ تلهہ لٽي ويا، تڏهن هڪڙي سنڌيءَ جيڪو سنڌي ڪنيز جي ڪوکلا ۾ آيو هو، تنهن ڪيس آٽت ڏنو هو، دلداري ڏني هٿي تہ زندگي ۽ موت الله جي وس ۾ آهي، مرزا شاهرخ جي وس ۾ ڪونهي، ۽ جي حياتي رهي تہ هو ڪيس سنڌس معصوم ڇوڪرا ڪولي ڏيارينڊو! قيصر بيگ ڏاڙي ڪانپوءِ جڏهن خبرچار لڌي تڏهن خبر پيس تہ اهو سنڌي سائوڻ هو، جنهن ڪان سردار خان جي نالي، ارغون ۽ ترخان تہ چا، خود مغل بہ ائين ٿهندا هٿا، جڏ تہ ڪو خوفائتو خواب ڏٺو هٿائون. قيصر بيگ کي پڪ هٿي تہ سنڌي پنهنجو وچن ضرور پاڙيندو. پر وري به پڪ ڪرڻ لاءِ، هن پنهنجي هٿيڪي ۽ خاص ماڻهوءَ کي پيغام ڏئي سائوڻ ڏي موڪليو هو تہ جيڪڏهن سائوڻ هن جا پٽ موٽارائي ڏي تہ هو هن جو اهو احسان زندگيءَ ۾ ڪونہ وساريندو ۽ ان جي عيوض هو جيڪي به گهرندو، سو هو ا ڪين سان پهچائيندو. پر ان کي به اڃ ڏينهن ٿي وڃا هٿا....

اوچتو حويليءَ جي ڏيڏيءَ ۾ تيز تيز قدمن ۽ اڀرن جملن جو آواز ڪن ٿي پيس. الائي، وري ڪهڙي نئين آفت آئي آهي، قيصر بيگ سوچيو. پر سنڌس خاص خدمتگار خواجہ سرا محمود خان ٽکڙو اندر هليو آيو.

"آقا، مبارڪون هجنو. اوهان جا شهزادا ـــ ۽ سنڌي

ڪنيز— خير سان واپس اچي ويا آهن، هڪڙو سنڌي سائن گڏ آهي.... !"

جيسين قيصر بيگ حيرت ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪري، تنهن کان اڳ هن جي زال چرين وانگر، مردانخانو ٽپي، ڏيڏيءَ ڏانهن پڳي، ۽ قيصر بيگ جو به لحاظ ڪونہ ڪيائين. پنهنجي ٻنهي پٽن کي، هڪ ئي وقت ۾، پاڪر ۾ ويڙي، چرين وانگر ڪين ائين چمڻ لڳي، جو مرڪو نينگرن جو ساهہ منجهڻ لڳو، ۽ هو روئڻهارڪا ٿي وياہ. نينگرن جڏهن قيصر بيگ کي ايندو ڏٺو تہ پنهنجي ماءُ جي پاڪر مان نڪرڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳا.

نندو نينگر تہ پيءُ جي ڳلڳن ۾ ڇنبڙي ٻيو. قيصر بيگ کيس ٻانهن ۾ جهلي، سندس نرڙ تي چمي ڏني. البت وڏو نينگر ڇڻ تہ بت بڻجي ويو، ڇڻ هن کي پنهنجي محبت جي اظهار ڪرڻ جي منع ڏيل هئي.

"سلام، ابا حضور! اسان اوهان جي حڪم مطابق هڪڙي به نماز قضا ڪانہ ڪئي!"

قيصر بيگ جي چپن تي مرڪ اچي ويئي، ۽ هن وڏي ڪئي وڏي پٽ کي پاڪر پاتو. ڪوشش ڪرڻ جي باوجود، هن جي پاڪر ۾ به، وڏي نينگرجون ڳلڳون ٻڏي ڏکيون ٿيون، ۽ هو وڏا وڏا ساهہ ڪڍي رهيو هو، ڇڻ تہ هو پنهنجي ڊپ تي ضابطو رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

"۽ ابا حضور، هن سنڌيءَ اسان کي دشمنن جي قيد مان آزاد ڪرايو آهي!"

قيصر بيگ کان ڇڻ چرڪ نڪري ويو، ۽ هو ڇڻ آسمان کان زمين تي ٽوڪي آيو. زمين، جتي حقيقت جو اگرو مهانڊو هن جي سامهون هو، جتي پيءُ جي شفقت ۽ محبت کان بہ اڪٿي ڪجهہ هو.

هن ڪڏهن سانوڻ کي ڪونہ ڏٺو هو. ان ڪري هن سمجهيو تہ هيءُ ئي سانوڻ هوندو. هن احسانمنديءَ جي نظرن سان وريام کي

ڏئو ! گهٽي وڏي، هن ڪٽي ڪيس گهرائيءِ لاتو.

"سڌي، اسين تنهنجو هي ٽوروڪڏهن بہ لاهي نہ سگهنداسون!"

وريام، هر ڀئي سڌيءِ وانگر، ٽورن مڃ تي ڇڻ ڪڪوو ڪو ٽي ويو، ۽ ڦڪي ڪل ڪلندي چيائين: "حياتي تہ الله جي وس آهي، مرزا شاهرخ جي وس ۾ تہ ڪانهي. اسان وٽ سڌيءِ ۾ چوندا آهن تہ ويريءِ ڪان واهرو وڌيڪ ويجهو هوندو آهي. سو اوهان جي چوڪرن جي حياتي، مون نہ ۾ هن بچائي آهي!"

وريام نوريءِ ڏانهن اشارو ڪندي چيو. قيصر بيگ جو ڏيان هيستائين سڌي ڪنيز، نوري ڏانهن ويوئي ڪونہ هو. هن جڏهن نوريءِ ڏانهن ڏٺو، تڏهن ڇڻ هن جو ماضي موٽي آيو. نوري، قيصر بيگ جي زال ۽ سندس ڀانهين جي وچ ۾ گهيريل هئي. هڪڙي ڪنيز تہ ڪيس پاڪر ۾ جهليو ويٺي هئي، ۽ سندس منهن جو هڪڙو پاسو پاڇولي جيان قيصر بيگ جي نظرن ۾ ڪپي ويو. "هي حسن تہ هن دنيا جو حسن ٿي ڪونهي!" قيصر بيگ سوچيو.

"ها، ابا حضور، سڌي ڪنيز، اسان جي جان بچائي، اوهان جي انعام جي مستحق ٿي آهي!" قيصر بيگ جي وڏي نينگر اهڙي انداز سان اهي لفظ چيا جڻ تہ هو ڪنهن درباري امير وانگر ڏٺي جي عامل ا ڪيان ڳالهائي رهيو هو.

"بيشڪ بيشڪ! يقيناً اسين هن ڪي انعامن اڪرامن سان نوازيندا سون. هي نوجوان جو اسان جي انعام اڪرام جو مستحق آهي!" قيصر بيگ ۾ ترخان امير موٽي آيو.

وريام کي هن گفتگوءِ منجهائي وڌو. هن جي تصور ۾ بہ اهو نہ ٿي آيو تہ ڪو پٽ ۽ پيءُ، ايڏي وچوڙي ڪانپوءِ، ائين بناوٽي انداز ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهائي ٿي سگهيا. هن رڳو ان مونجهاري کان بچڻ لاءِ چيو: "چڏيو انعامن اڪرامن جون ڳالهيون. هاڻ اسين ! بازت گهرنداسون....!"

نہ چاهيندي بہ هن جي نظر نوريءِ ڏانهن ڪڇي ويٺي. نوري، جيڪا قيصر بيگ جي زال ۽ سندس ڪنيزن جي وچ ۾، ڇڻ تہ

چوڏهين٤ جي چند وانگرپئي ڀهڪي. اهي سموريون زائفائون سندس اڳيان سچ پچ ته ٻانهيون ٿي لڳيون.

"ائين وري ڪيئن ٿيندو؟ اوهان اسان تي ايڏو احسان ڪيو آهي، سوڳهٽ پرگهٽ اسان سان ٻرگرهه ته ڪڏ ڪائٽا پوندا اوهان کي .... محمود خان، مردانخاني ۾ طعام جو انتظام هڪدم ٿيڻ گهرجي....!" قيصر بيگ جي اندر جو ترخان امير هاڻ پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ ڳالهائڻ لڳو.

"نه نه، حجاب ڪونهي، اوهان جي وڏي مهرباني...." ٤ ڀوء هن نوري٤ ڏانهن منهن ڪري چيو: "هاڻ هلو ته هلون اڳيان ٻه وڏو پنڌ آهي!"

جيسين نوري کو جواب ڏي، تنهن کان اڳ محمود خان وڏي سڏ چيو: "آقا، مردانخاني ۾ سمورو انتظام حاضر آهي!"

وريام وري منجهي ٻيو. الائي ڇو، هن جي دل هت هڪ گهڙي ٻه گذارڻ نٿي گهريو. ڪا ڳالهه هئي، جنهن هن کي منجهائي وڌو هو، ڪا ڳالهه هئي، جنهن هنجي دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ گمان ٤ شڪ جي صورت ۾ چهنڀڙي پئي هنئين. هن کي هي سڃو ساندياڻ ائين لڳو، جنهن ۾ سچ لاءِ ڪا گنجائش ئي ڪانه هئي، جنهن ۾ ڪنهن سنڌي٤ جي جاءِ نه هئي. هن ٻوسي٤ مان هڪ ٻيرو وري نوري٤ ڏانهن نهاريو. عين ان وقت نوري٤ جي نظر ٻه هن جي اکين سان مهاڏو اڪائي ٻيهي رهي. ٻنهي جون اکيون، هڪ ٻئي کي سمجهندي سمجهائيندي ٻه، ڪو فيصلو ڪري نه سگهيون. نوري، هڪ ٽئين ڊپ کي سانديندي، ٻين ڪنيزن سان گڏ زنانخاني ڏانهن هلي ويئي، ۽ وريام هن کي ويندو ڏسندي، قيصر بيگ سان گڏجي مردانخاني ۾ هليو آيو.

ڪنهن هڪڙي ترخان يا مغل امير جو مهمان خانو، مردانخانو يا خوابگاهه ڏسڻ سان ڇڻ ته سمورن ترخان، ۽ مغل اميرن جا مهمانخانا، مردانخانا يا خوابگاهون ڏسڻ جي برابر آهي. تڏهن ٻه وريام، هن مهمانخاني ۾ جيڪي ڏٺو، تنهن هن کي وري اهي ڳالهيون ياد ڏياري ڇڏيون ته هي سيڪجهه سنڌ جي رت پون٤ مان ٺهيو آهي. ترخانن

سنڌين کي جيترو لٽيو ڦريو، سو هن جي عشرتخانن ۾ قالين، ريشم ۽ کيمخواب، ۽ بلوري صراحين ۽ جامن مان جهلکي رهيو هو. هن جي دل چاهيو ته چا به ٽي پوي، هن کي عشرتخاني مان هڪدم باهر نڪري سنڌ جي آزاد هوا ۾ ساهه کڻي گهر جي، نه ته گهٽ ۾ گهٽ هو ست کان هو مڃاڻ کو اهڙو قدم کڻي ويهي، جيکو سنڌين جي شان وڌائن نه هجي!

جڏهن محمود خان هن کي انگوري جو ٽيون جام ڏاهي ڏنو، تڏهن وريام، هن جي اکين ۾ جيکي ڏٺو، تنهن هن کي ڏيڇاري چڏيو. انهن اکين ۾ هن لاءِ اهڙي دشمني هئي، جيکا فقط هڪڙو غلام پنهنجي آقا جي اشاري ۽ چوڻ تي ٻين سان ڪندو آهي، ۽ جنهن دشمنيءَ ۾ سچائي هوندي به سچائي نه هوندي آهي.... ۽ پوءِ هن ڇڻ خواب ۾ اهي لفظ ٻڌا، جيکي جيتوڻيڪ قيصر بيگ جي چون مان ٻڌي نڪتا پر وريام سمجهيو ته محمود خان ڪاهائي رهيو هو.

"سنڌي ڪنيز جي سودي ڪرڻ سان اسين وري ٽوشيخاني جي عملداري حاصل ڪرڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿيندا سون. رستم بيگ جڏهن سنڌي ڪنيز کي ڏسندو، تڏهن هن کي پائنده بيگ يا مظفرخان جي نسبت اسان کي ترجيح ڏيڻي پوندي.... ۽ جڏهن اسين تاشيخان ته اهو راز فاش ڪنداسون ته سردار خان دراصل هڪڙو سنڌي باغي ۽ ڏاڙيل آهي، تڏهن هو شاهي درٻار ۾ اسان جي لاءِ ضرور به اکر ڇڪا لکي موڪليندو. ـــ ۽ هڪڙو ٻيو فائدو به ٿيندو ته شاهي قيدين کي جهلڻ جو جيکو الزام ترخانن تي آهي، سو به لهي ويندو، جڏهن اسين اهو ثابت ڪري ڏيکاريندا سون ته اسان جا شهزادا ۽ سنڌي ڪنيز، اسان ان سنڌي باغي سردار خان عرف سانوڻ جي قبضي مان چڏايا آهن. هن وقت ترخانن کي مغلن جي قهر کان بچائڻ لاءِ اهو لازمي آهي ته رستم بيگ تي اهو واضح ڪري چڏجي ته اصل ڏوهاري سنڌي آهن، جن شاهي قيدين کي، ۽ اسان جي شهزادن ۽ سنڌي ڪنيز کي ان ڪري پاڻ وٽ رکيو ته جيئن معمل ۽ ترخان هڪ ٻئي

سان وڙهي پون ۽ سندي ان جو فائدو وٺي، مغلن خلاف شورش ڪري، مغلن کي لوڏي ڪڍن."

اهي لفظ، ٽانڊاڻن جيان وريام جي دماغ جي انهن ڪنڊن ۾ هارڻ هاريندا ويا، جيڪي آهستي آهستي هن جي پنهنجي وجود جي نفرتن هيستائين کوليون هيون، پر جيڪي هاڻ ڪنهن انداهي ڪمري جيان، ان هارڻ جي دونهين کان وڌيڪ دونهاڻجي، اونهي غار ۾ تبديل ٿي رهيو هيون.

"آقا، اوهان جي حڪم جي تعميل ۾ ذري به ڪوتاهي نه ٿي آهي. سندي هاڻ اهڙي نند ۾ غلطان آهي جو چار پهر تائين جي اڪ ڪلڪ محال آهي، ۽ تاشي خان اوهان جي حڪم موجب، هن سندي ۽ سندي ڪنيز ڪي حضور مرزا رستم بيگ جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجي لشڪرين جو دستو ڏياري موڪليو آهي، جيڪو اوهان جي اجازت جو منتظر آهي!" محمود خان ڪورنش ڪندي چيو.

"شاباس، محمود خان! اسان کي تومان اهڙي آميد هئي!" قيصرخان جي چپن تي جيڪا مرڪ هئي، ان ۾ ڪا خوشي ڪانه هئي. ❁

(١٦)

حافظ بلال جي گرفتاريءَ جڻ ته سنڌ اٿلائي وڌي. مغلن جا ماڻا ٻڌي ٻڌي ويا ته هي زلزلو آيو ڪيئن؟ سنڌين ۾ ايڏي همٽ ۽ جرأت آئي ڪٿان؟ هي ڏهرا ڏهرا جيتاڙا ايترو سينو ساهڻ ڪٿان سکيا آهن؟ هي بکن ۾ پاهه ٽيندڙ ڪمي ڪاسبي، هي غلامن جا غلام اوچتو ٿي اوچتو ڪاٽ اوچو ڪرڻ ڪيئن لڳا.

خود ترخانن کي سمجهه ۾ نه آيو ته هيءَ ڪهڙو ممڻ متو هو؟ حافظ بلال سنڌين جو ڇا لڳي، جو هي ائين مڇرجي پيا آهن؟ ۽ هي سانوڻ ڪير هو، جنهن جو نالو ٻڌي ڪان سيوهڻ تائين ٻرڻ لڳو هو؟ هن جيڪا پاڻ شورش سوچي هئي، سائي هن کي وسري ويئي. هي مامرو ته اهڙو هو جنهن مان هو به فائدو وٺي ٿي سگهيا. مرزا شاهرخ ته ارغون اميرن سان اهي صلاحون ڪرڻ شروع ڪيون ته هيءَ وقت هو جو خسروخان چرکس بدران هو پاڻ مرزا عبدالعليءَ جي نالي ۾ ٻڌي ۾ پنهنجو فرمان جاري ڪري، ۽ خطبي ۾ سندس نالو مرزا عبدالعليءَ جي نالي سان گڏ پڙهجي، ۽ پوءِ سيوهڻ ۽ بکر کان ڪمڪ گهرائي، پاڻ ٿي حڪومت سنڀالي. شهنشاهه هند کي سوڪڙيون پا ڪڙيون موڪلي پنهنجي پاسي ڪري وجهي، ۽ صوبيداريءَ جو پروانو حاصل ڪري! پر هن کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته سنڌين مان ڪنهن سان ڪاهائي: هڪڙي پاسي سما ۽ پليجا هئا ٻئي پاسي شورا ۽ ابڙيجا هئا، ٽئين پاسي جوڪيا ۽ سومرا هئا: چوٿي طرفن کان شاهي قافلن، مغل جاگيرن ۽ خود ارغونن جي ننڍين ننڍين زميندارين تي راتاها لڳڻ لڳا هئا. مغلن جا لاش ٻڌي ۾ ائين پڇچي رهيا هئا جڻ ته منجهن ڪا وبا ڦهلجي ويئي هئي....

پهرين ته مامرو ٻڌي ۾ مدرسن جي سنڌي شاگردن شروع

ڪيو، ۽ سندن هٿيار هو خردم! مغلن کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته راتو رات ايترا خردم سندين وٽ ڪٿان آيا. سندن ٻيو هٿيار هو ٻاهه جا موٽرا! اهي ڪٺو ڪري گهوڙيسوارن تي ٿي استعمال ڪيائون. اوچتو ٿي اوچتو هڪڙي ڊگهي ڇڙ ۾ ٻڏل، تيل ۾ ٻڏل، واڻ جو موٽرو، دڪائي ڪٽي ٿي گهوڙي جي اکين ۾ ڏنائون. اهي آماڙيون ڏسي، گهوڙا پري کان ئي ٿهڻ ٿي لڳا، ۽ پنهنجي سوارن کي ڪيرائي، ننهن واءَ ڪري ٿي ويا، ۽ پوءِ ڪربل مغلن تي خردمن جو ستڪارو ٿي ويندو هو. هنن جا لاش جڏهن ڏٺي پهچندا هٿا تڏهن ائين پائنبو هو جڏ ته گهاٽي ۾ پيڙجي نڪتل هٿا.

پائنده بيگ احان رستم بيگ جي درٻار ۾ ئي ڪونه ٻهتو هو ته سڄي شهر ۾ جڏ ته ڏينهورو گهمي ويو ته مغل آخود بلال کي ٻڌي ويا آهن ۽ مدرسو پڄي ڇڏيو اٿن. ان جو ٻهريون رد عمل خود پائنده بيگ جي حويليءَ تي ٿيو. سو ڪن شاگرد هرندڙ موٽرا ۽ آماڙيون هٿن ۾ ڪٽي مغلن جي حويلين ۾ ٻهتا. ٻهريدارن کي سمجهه ۾ نه آيو ته هي ڪير هٿا ۽ ڇا ٿا گهرن. ٻهريان چار ٻهريدار ته رونشو سمجهي، سائن مسخري ڪرڻ لاءِ اگهتي وڏندا آيا، ۽ پنهنجون اکيون وڃائي ويٺا. پر شاگردن ٻي ڪنهن به حويليءَ ڏانهن نهاريو به ڪونه، ۽ سڏو پائنده بيگ جي حويليءَ ڏانهن ڏوڪيندا ويا. آٿي وڏي چونڪي هئي. شاگردن جي موٽرن ۽ اماڙين مان ايترو دونهون ٻٽي نڪتو جو جڏ ته ڪنهن دونهين جو ڪڪر حملي آور ٿيو هو.

چونڪيءَ جي ٻهريدارن به ٻهرين ته ڪجهه به ڪونه سمجهيو، پر جڏهن دونهين کان اکيون پوسڙ لڳين، تڏهن ٻهرئين جڏي جا گهوڙيسوار اگهتي وڏيا. شاگردن ايڏي ڦڙتيءَ سان اماڙيون گهوڙن جي اکين ۾ ڏنيون جو گهوڙن جا اگهيان سنب آسمان ڏانهن آيا ٿي ويا. جيڪو مغل ڪرندو ويو، ان تي خردمن جو اهڙو وسڪارو ٿيو جو سندس چيٿون به چڄي چيالجي ويون. مغلن کان ٻي غلطي اها ٿي جو اندرين ٻهريدارن شاهي دروازو کولي شاگردن تي هلان ڪئي. شاگردن انهيءَ هلان جي دوران ئي سموري حويليءَ ۾

پکڑجي ويا، جڏهن موٽيا تڏهن سڄي حويلي باهه جو مچ بڻجي چڪي هئي، ۽ باهه جا شعلا آسمان سان گالهيون ڪرڻ لڳا. اندران ڪنيزن، خواجه سرائن، ساقين ۽ زائفائن ۽ هارن جون ڪيڪون ۽ رڙيون باهه جي سرڙاٽن ۾ ملي ڇڻ ته مچ کي وڌيڪ مچائڻ لڳيون.

ان هڪڙي رات ۾ چوويهه حويليون سڙيون. ۽ ڪانسواءِ باقي سڀ وڏن درٻارين ۽ اميرن جون حويليون هيون. ۽ حويليون انهن ارغون سردارن جون هيون جيڪي نئين ڪوتوال جي سفارش تي رستم بيگ جا درٻاري ٿيا هئا. ان هڪڙي رات ۾ هاونجهاهه مغل خردمن جو شڪارٿيا. ان هڪڙي رات ۾ اڪ ساقيءَ خانا ۽ باهه جي نذر ٿيا، ۽ جڏهن صبح ٿيو تڏهن سموري شهر جي مٿان دونهين جو هڪ شاهي ڪڪر ڦهليل هو. ان ڏينهن ڪنهن هڪڙي مغل مسجد مان هانگ جو آواز نه آيو! خود سندي مسجدن مان جڏهن ماڻهو فجر جي نماز پڙهي نڪتا، تڏهن گهٽن ڪي خبر ڪانه هئي ته رات ڪٿي ۾ مغلن سان ڇا ٿيو هو! هنن ڪي سمجهه ۾ نه آيو ته ڪٿي ته هي ڪارو ڪاڙهو ڏند ڇا جو هو! هو صلواتون ۽ درود پڙهندي، ٽڪڙا ٽڪڙا پنهنجي گهرن ڏانهن راهي ٿيا.

جڏهن سڄ ڪني ڪيڊي ته سڄ سان گڏ دريا مان باهه جي هڪ وڏي مڇ به ڪني ڪيڊي. اڳين ٽي پانيو ڇڻ ته سڄي دريا کي باهه وڪوڙي وينئي هئي. مغلن اميرن ۽ لشڪرين جون سموريون ٻيڙيون، مغل ۽ ارغون سوداگرن جا بتيلا ٻيڙ بڻجي ويا هئا. پٽڻ جي هڪڙي ڇيڙي ڪانه ٻئي ڇيڙي تائين ٻيڙيون ۽ بتيلا باهه جون ڇيمون آسمان ڏانهن اڇلي رهيا هئا. سڙهن ۽ رسن کي جڏهن باهه ٽي وڪوڙيو تڏهن خوفناڪ آوازن سان سڙڪاٽ ڪري ٻڙا هڪڙي پاسي لڙي ٽي پيا.

جيئن جيئن ڏينهن چڙهندو ويو، تيئن مغلن جا چڇريل لاش به شهر ۾ پهچڻ لڳا؛ گهٽو ڪري سمورا لاش خردمن جا ستيل هئا. خاص طرح ڪيپرالي۽ وٽ هڪڙو وڏو ڪوڙهو، جيڪو رتاڇي ويو هو. ٻيا وري لوٽي وٽ سا ڳئي قسم جو ڏينو هو، جنهن مان رت

ٿمي ڏاڙهيءَ جي وارن ۾ وچڙي ٻيو هو.

عجيب ڳالهه اها هئي ته ان ڏينهن ڪنهن به سنڌيءَ پنهنجي ڪوئي، ٻيڙي يا دڪان، مسافرخانو يا آڦت جو ڪارخانو ڪونه ڪوليو. ڏهاڙيءَ تي روزي ڪمائڻ وارا پورهيتا رازا، وايا، لُهر، ڪاريا، موچي، ۽ حمالي ڪرڻ وارا بارگيرا ڇڻ ته شهر ڇڏي ويا هئا. ڇڻ ئي پاسي هٿتاڙ هئي. سنڌي پنهنجي محلن اگهان ٻڌلي ماري، ڪاڻيون ٻڌيو ويٺا هئا. ڪنهن به ڏاڙيئن، اوپري ماڻهوءَ کي سلام جو جواب به ڪونه ٿي ڏنائون. هنن ته پاڻ ۾ ب ڪونه ٿي ڳالهايو.

ڦهريءَ ٽائين مغلن ۽ ارغونن ۾ به مات ٿي ويئي. ساقيخانا به ڪونه ڪليا. چونڪين ٿي سپاهي ۽ لشڪري ته موجود هئا پر اڄ ڇڻ ته ڪين گشت ڪرڻ جي منع ٿيل هئي. ڦهريءَ ڪان ٻوءِ رکي رکي اهي خبرون اڇڻ لڳيون ته ايندڙ ويندڙ شاهي قافلن، سوداگرن جي قافلن ٿي سنڌين حملا ڪيا آهن، ۽ سمورا گهٽ، گهڙ ۽ لڪ بند ڪري ڇڏيا اٿن. اڳين شورش ٻيري ب شورن مغلن ۽ ارغونن کي گنجي ڪر وٽ راتاها ڏيئي سندن گهٽ بند ڪري ڇڏيا. هيٺ پليجن آن ۽ نير جون گاڏيون روڪي ڇڏيون. متي سومرن ۽ ڪلهوڙن ڪ بند ڪري ڇڏيا هئا. مهاڻن ۽ ميربحرن مال ڏيوڻ ۽ ماڻهو ڪڍ ڪان نابري واري ڇڏي.

سانجهيءَ مهل ماڻهن ۾ اهو چوهول ڦهلجي ويو ته سانوڻ ۽ سندس همراهه حافظ بلال کي ڇڏائڻ لاءِ راتاهو ڏيندا! ❁

کنهن سنڌيءَ لاءِ سنڌ ڇا آهي، سو کنهن اهڙي سنڌيءَ کان پڇجي، جيڪو سنڌ جا وڻ ڇڏي ٻاهر نڪتو هجي. ڏاترڏني جي ڇوڙيارءِ جڏهن سنڌ جون سرحدون اورانگهيون تہ سڀ ڇڻ سراپجي ويا. هونئن بہ جنهن ڳالهہ لاءِ، هنن لاهور آسهڙ جو ارادو کيو هو، تنهن کان هو اڳيئي ششدر هٿا: سنڌ ۾ آٽل پٽل هئي، هر هنڌ اهو چوپول هو تہ هيلوکي ويڙهہ آخري ويڙهہ ٿيندي، ۽ مغل ڇاڻ تہ سنڌ مان ٽپڙ ٻڌڻ وارا هٿا، رڳو شل ارغون ۽ ترخان کا ڦڙتي نہ کائين. اهڙي وقت سنڌ کي ائين وڙهندو ڇڏي نڪرڻ تي، ڏاترڏني ۽ سندس همراهن جون دليون پشيمانيءَ ۽ وسوسن جي ڪري جائيتيون نہ هيون. ڏاترڏني کي پنهنجي دل ۾ هڪ عجيب هوست محسوس ٿيڻ لڳي، بلڪل ائين جڻ نديڙي هوندي، هن جي امڙ، هن کي ٿڃ ڏارائيندي، اڌ ۾ کنهن سانجهہ کي وڃي لڳندي هئي، ۽ ڪجهہ بک، ڪجهہ هيکلائپ ۽ ڪجهہ آجهي آسري ڪسجي وڃڻ کان ٻاڪارڻ لڳندو هو. اڄ بہ هن جي دل ائين ڦي هوڙ ڪري روئڻ ٿي گهريو: هن جو ساهہ منجهہ لڳو هو. پاڻ کي پرپائڻ لاءِ هن پنهنجي آس پاس نهار ڪئي. بظاهر ڪا تبديلي بہ ڪانہ هئي. وڻڪار هئي، ساوڪ هئي، هَرلن ۽ نارن جا آواز هٿا، ڏيکي گاڏين جا چيڪٽ هٿا، ۽ وڏي ڳالهہ تہ هنن جهڙن ئي انسانن جا نديڙا نديڙا گوٺ ۽ واهڻ هٿا، جتان انسانن جي خوشين ۽ غمين جا ساڳيرا چوپول هٿا، پر تڏهن بہ جڻ تہ انهن ۾ ڪا ڳالهہ مڙئي گهٽ هئي. وڻڪار هئي، پر انهن وڻن ۾ اها سونهن ۽ سڳنڌ نہ هئي جيڪا سنڌ جي وڻن ۾ هئي؛ ساوڪ هئي پر ان ساوڪ ۾ اها ٺڏاڻ ۽ سکون ڏينڙ ڪيفيت نہ هئي جيڪا سنڌ جي ساوڪ ۾ هئي؛

هرلن ۽ نارن جا آواز به ضرور هئا، پر انهن ۾ اهو سنگيت نه هو، جيڪو سنڌ جي نارن ۽ هرلن ۾ هو!

هن سوچيو ته هن جي دل جي اها حالت سنڌ جي چائنٽ چڏڻ کارڻ هئي. پر رکي رکي ڇڻ ته سندس دل جي ڪنهن ڪنڊ اها چغلي ٿي هنئي ته ان سان گڏ پنهنجي سنگتي وريام جي واهر ڪرڻ جي گاراٽي هن جي دل کي ويچارو ڪري وڏو هو. اڃا به ٽينءَ ڪنڊ ۾ اها شرمساري به ڪر ڪنيو ٻيٺي هئي ته سنڌ ۾ آٽل پٽل هئي، ۽ هو پنهنجي ذاتي ياري نياڻڻ هليو هو! جيئن جيئن ڏينهن ٿي گذريا تيئن ٿي هن جي پشيماني هن کي چيڇلايو: "ڏاترنا، وريام ڇا چوندو ته سنڌ کي نڊڪو چڏي منهنجي جان بچائڻ لاءِ نڪتين! ٻر حيف اٿئي!" رات جو سمهندو هو ته اوٽارا اچڻ لڳندا هئس ته وريام سندس پيراندي۽ کان ٻيٺو آهي، سندس هٽ ۾ پنهنجي ٿي وڍيل سسي آهي، ۽ اها سسي چئي رهي هئي: "ڏاترڏنا، جنهن سنڌ تي پنهنجي ذاتي ياري۽ کي ترجيح ڏني، سو نه منهنجو يار ٿي ٿو سگهي، نه سنڌ جو!" ۽ انهي۽ سسي۽ جي ا کين ۾ لڙڪ "ٽ ٽي وهيا، جڏ ته منجهن سنڌو اٽلي ٻيو هو. انهن کي روئندو ڏسي، هو ڇرڪ ڀري آئي ويهندو هو، ۽ ڪلمو پري، توباهون ڪندو، اچي پنهنجي گهوڙي جي ڳچي۽ ۾ ٻانهون وجهي اوچنگارون ڏيئي روئندو هو. هن جا سنگتي سائي هن جي اها حالت ڏسي ڪيس سمجهائيندا هئا، آٽت ڏيندا هئا، پر هو تيئن وڌيڪ ٻوهاڙ ڪري روئندو هو!

"ادل، مون کي چڏي ڏيو. هن ندوري۽ دل کي ڇا ڪريان: اصل نٽي ماڻ نٽي. جيجل سنڌ ياد ٿي اچيم، پانيان ته آڏامي نٽي ٻچان! پر الا، وريام کي اڪيلو ڪيئن چڏيان! ڇا چوندو ته منهنجي سنگتين منهنجي ڪاڻ ٿي ڪاڻ ڪيي!"

آن وقت هن کي سمورو منظر ا کين اڳيان اچي ويو. جڏهن وريام انجام تي نه پهتو ته هن کي اچي هورا ڪورا لڳي. ٻر وريام انجام تي نه آيو: لاشڪ کنهن آهي۽ ۾ اچي ويو آهي. هن جي سائين کيس اهي خبرون ڏنيون ته مظفر بيگ جي لشڪر شاهي قيدين

کانسواءِ سمورن ترخانن کي ب‌گرفتار ڪري ورتو هو. مغل هنن جي لاءِ ائين تيار هئا، جـو هنن کي هٿيار ڪڍ جي ب‌ مهلت ڪانه ملي. مرزا شاهرخ البت ڪنهن طرح سان گوهي ڏيئي واپس حويليءَ ۾ هليو ويو، ۽ مغلن کيس گهٽوئي تهخانن ۾ گولين، پر کين هٿ نه آيو. مغلن کي حويليءَ مان ايترو ت‌ مال متاع ملیو جو سندن ا ڪيون ڪائي ويون. ايترو خزانو ت‌ فقط بادشاهن وٽ ئي هوندو آهي. هنن کي اها خبر ڪانه هئي تـ‌ شاهرخ اهو سمورو مال متاع ۽ هٿيار پنوهار ان لاءِ گڏ ڪيا هئا تـ‌ جيئن ترخانن جو شاهي لشڪر تيارڪري مغلن خلاف بکر ڪان ڏئي ٽائين بغاوتون ڪري کين ملتان، لاهور ۽ دهلي ٽائين آماڻي اچـي! مغلن جو ايترو خزانو ڏٺو، سو شاهي قيدين کان ب‌ وڌيڪ ان کي ميڙڻ ۾ لڳي ويا، ۽ جنهن کي جيڪي ڪجهه هٿ آيو، ان ۾ خرزينون پريندو ويو. مظفرخان پنهنجي لشڪرين کان واقف هو. جيڪڏهن کين روڪي ها تـ‌ شاهي قيدي ب‌ وڃن ها تـ‌ خزانو بـ‌! سو پاڻ گهڻ وقت اها روبڪاري ڏسندو رهيو. هن جا پنهنجا خاص ماڻهو هن جي حصي جو خزانو خچرن تي پرائي روانا ٿيا، ۽ مظفرخان شاهي قيدي ساڻ ڪري نماشام جو اچي مرزا رستم بيگ جي دربار ۾ پهتو.

جئن جئن پاڇولا لڙندا ويـا، تيئن تيئن ڏاترڏني جـا وسوسا وڌندا ويـا. هن کي اها تـ‌ خبر هئي تـ‌ وريام مرزا قيصر بيگ جي حويليءَ ويو هو، جتي هن جي نينگرن کي چڏي، کيس نوريءَ کي ساڻ ڪري اچڻو هو ت‌ جئن سپ گڏجي سانوڻ جـي ٻيلي پهچي، نوريءَ کي سندس پيءُ جي حوالي ڪن. ڏاترڏني جڏهن نوريءَ کي ڏٺو هو، تڏهن هن ائين سمجهيو هو جڻ سنڌ گهوڙي چڙهيل هئي: هن ۾ حسن ۽ سونهن ب‌ سنڌ جهڙي هئي تـ‌ هن ۾ معصوميت ۽ مظلوميت ب‌ سنڌ جهڙي هئي. ان مظلوم سنڌ کي ڏسي، هن کي سنڌ جون سموريون ها گهيون، سموريون نوريون ۽ سموريون ماروئيون ياد اچي ويون. هن وريام ڏانهن نهاريو: هي وريام اهو وريام نه هو. هي وريام جڻ ت‌ ڪنهن جادوءَ جي اثر هيٺ هو: هن کي وريام جي

مُک تي هڪ اهڙي مرڪ نظر آئي، جنهن کي ڪنهن خاص جذبي سان مشابهت ڏيئي نٿي سگهيو. عجيب مرڪ هئي اها، جنهن ۾ ڪا نٿين ڇاڻ هئي، نٿين جوت هئي، نٿين خوشي هئي، ۽ ڪو نٿون آنساهه هو، هڪ نٿون پاڇو، هڪ نٿين پريت هئي. هن کي پنهنجو هي پار ان وقت ڏاڍو وٺيو. دل چيس تہ هن کي وڏيڪ پاڪر پائي، کيس مٺيون ڏئي، کيس ڳراٽي پائي، کيس چوي تہ وريام سنڌ مبارڪ هجئي! پر هو اهو سڀڪجهه هن کي چئي نہ سگهيو!

هو پهرين تہ اڪيلي سر مرزا قيصر بيگ جي حويليءَ ٽي ويو، پر پوءِ جڏهن سنگتين سمجهايس تڏهن هو وري قاسم بيگ وٽ هليو آيو. قاسم بيگ سان جڏهن ڳالهه ڪيائين تہ هو بہ ٽهيءَ ۾ پٽجي ويو. هن سنڌي مغلن سان وڙ ڪيو هو جو سندس پيءُ شاهي قيدي هٽ ڪري سرخرو ٿيو هو. پٽس کي پڪ ٿي پڪ خلعت ۽ شاهي جاگير ملندي. هو ڪيس ساڻ ڪري، مرزا رستم بيگ جي دربار ۾ وٺي آيو. آتي چوٻدار کيس سڃاڻندا هئا، تن هڪڙيءَ سنڌيءَ کي سائس ڏٺو پر ڪيس ڪا جهل پل ڪانہ ڪيائون. ڏاترڏني آڏي جيڪي ڏٺو، تنهن ذري گهٽ هن کي ڪا ادنگي حرڪت ڪرڻ تي ٿي مجبور ڪيو. پر هن کي وريام جا لفظ ياد آيا ۽ هو بت بڻجي سڀڪجهه ڏسندو رهيو.

قيصر بيگ چئي رهيو هو: "حضور، شهنشاهه جو بخت بلند هجي. منهنجي پٽڻ کي ترخانن نہ پر سنڌين ڪنيو هو. مبارڪ جو حقدار آهي مظفر بيگ جنهن شاهي قيدي ڇڏائي ورتا آهن، پر انهيءَ ۾ بہ ترخان امير جو ڪو هٿ ڪونہ هو: انهن کي بہ سنڌين....!"

اوچتو مظفر بيگ جو ڳرو آواز آيو: "اهو غلط آهي: شاهي قيدين کي ترخانن ٽي ڇڏايو هو. اسان کي پڪا پختا ثبوت مليا آهن تہ لال حويلي ترخانن جي ڳجهي ڪمين گاهه آهي، جتي مغلن جي خلاف سازشون ٿيون. اهو تہ حضور جن جو اقبال بلند هجي، اوهان جي خابرن ۽ تاشي خان جي جاسوسن جي مهرباني آهي، ۽ منهنجي فرزند ارجمند مرزا قاسم بيگ، جي همت آهي ـــ شل ڪيس

حضور جن جي قدمن ۾ عزت واري جاءِ ملي ــ جو اسين بروقت اتي پهتاسون ۽ شاهي قيدين کي هٿ ڪري سگهياسون. اسان کي رڳو اهو افسوس آهي ته مرزا شاهرخ اسان جي چنبي مان نڪري ويو. پر آخر ويندو ڪيڏانهن! حضور جن جي حڪمراني ۾ مغل شهنشاهت جو ڪوبه دشمن گهڻو وقت پاڻ کي لڪائي نه سگهندو، ۽ ضرور سزا پائيندو! سنڌين کي ڏوهه ڏيڻ سراسر ناانصافي آهي!"

مرزا قيصر بيگ جو منهن لهي ويو. هن تاشي بيگ ڏانهن نهاريو، پر آتي پنهنجي لاءِ ڪا همدردي نه ڏسي، هن پاڻنده بيگ ڏانهن ڏٺو. آتي به پنهنجي لاءِ اٿاهه نفرت ڏسي، هن هڪدم گاله بدلائي.

"حضور، منهنجو مطلب هرگز اهو نه هو ته هن ادنيٰ ڪم ۾ ڪن بدبخت ترخانن جو هٿ ڪونهي. مون ته رڳو پنهنجي پٽن ۽ ڪنيزن حضور جي قدمن جي خاڪ کان ڪمتر ــ جي گاله ٿي ڪئي ته ڪين سنڌين جي باغي ٽولي جي مهندار سانوڻ ڪنيو هو، ۽ منهنجي ماڻهن سخت مقابلي ۽ حرفت سان کيس گرفتار ڪري منهنجي پٽن ۽ ڪنيز کي ڇڏايو. ان جو ثبوت ان بدبخت سنڌيءَ جو هي مڙهه آهي....!"

آن وقت ڏاترڏني جي نظر، قيصربيگ جي پيرن وٽ وريام جي مڙهه تي پئي.... ڇا ظالمن وريام کي ماري ڇڏيو آهي؟ هن جي دل شاهدي ڏني ته ائين ٿي نٿي سگهيو ته وريام کي ڪجهه ٿيوهجي، ۽ هن جي دل اڃا جيئري ڏڙڪندي رهي ها! پر ڏڏهن به هن ائين پانيو ته هن جي دل سندس پاسرائيون ٽوڙي باهر نڪرڻ تي هئي. پر قاسم بيگ کيس ڪلهي تي هٿ رکي، کو اشارو ڏنو ته هن پاڻ کي سنڀالي ورتو.

مرزا قيصر بيگ چئي رهيو هو: "حضور آءٌ مظفر بيگ کي سندس عظيم ڪاميابيءَ تي مبارڪون ٿو ڏيان، جيڪڏهن هو منهنجي نمڪرن ۽ ڪنيز کي به هٿ ڪري ها ته سندس مانُ اڃان ٿي متاهون ٿئي ها، پر خير.... آءٌ پنهنجي چوڪرن جي آزادي جي

خوشيءَ ۾، ۽ اوهان جي احسانن جي عيوض، هي سندي باغي ۽ سندي ڪنيز اوهان جي قدمن ۾ شهنشاهه هند لاءِ تحفي طور پيش ٿو ڪريان ته جيئن منهنجي وفاداري ۽ شڪ ڪندڙن ۽ حاسدن جو ڪارو منهن ٿئي! محمود خان، سندي ڪنيز ڪي وٺي اچ!"

مرزا قيصر بيگ جو خاص خواجه سرا محمود خان ٿوري دير ۾ نوريءَ ڪي درٻار ۾ وٺي آيو. نوري جڏهن درٻار ۾ آئي ته اڳين ٻانهو ڇڻ ڪنهن آماوس جي رات ۾ بي‌منداڻتو چوڏهينءَ جو چنڊ ڪڍي ٻيو. هري هري ٿي سڀ امير پنهنجي مسندن تان آئي بيهي رهيا.

"سبحان‌الله....!" "بيشڪ سموري سارا الله پاڪ لاءِ آهي!"

"سموري تعريف جل شانه لاءِ آهي، جنهن هي حسن خلقيو آهي!"

"الله اڪبر، جنت جي حور هن زمين تي لهي آئي آهي!"

هر امير پنهنجي منهن ٻئي ڀڪيو. مرزا رستم بيگ جا ٻئي هٿ تخت جي ملئي ۾ ڪپي ويا هئا. هن جي وات مان به "سبحان‌الله، سبحان تنهنجي قدرت!" جا لفظ ادا ٿيندي رهجي ويا. ٻوءِ هو هري هري ٿي، تاشي‌خان سان اکيون ملائي، هيٺ لهي آيو. نوري جي چوطرف ڦرندي، طواف ڪندي، هو چپن ۾ ٿي ڀڪندو رهيو. هن جي دل ۾ ڪهرام متل هو، جنهن جي ڏک ڏيڻ کان هو ڪيهائي رهيو هو. هن جي دل ۾ رکي رکي اهو خيال اچي رهيو هو ته قيصر بيگ هي چا ڪيو، هن پري درٻار ۾ هن ڪنيز کي شهنشاهه هند جي تحفي طور پيش ڪري ڇڏيو. هي تحفو ته هن کي پاڻ ملڻ گهرجي ها! هن وري تاشي خان ڏانهن، جڻ رحم طلب نظرن سان نهاريو. جيڪڏهن تاشي اهو چئي ڏئي ته هيءَ ڪنيز شهنشاهه هند جي لائق نه آهي، ته پوءِ امير ڪان اهو قبول ڪرائڻ ۽ خود قيصر بيگ کان— اها آڇ ڪرائڻ ڏکيو نه هو ته هيءَ ڪنيز مرزا رستم بيگ کي ٿي سونهين!

پر تاشي خان جي اکين ۾ هن فهمائش ڏٺي، شايد ان فهمائش ۾ هن جي بدصورتيءَ جو عڪس به شامل هو. هن کي پنهنجي پاڙ سان ٻڪان اچڻ لڳي. هن جي ڏاڙهي اڪ ڦڙڪڻ لڳي. اکيون هن

جي هٿ جي مٿ ۾ پڄي ٻيو. لکڻ جـي پڄڻ سان هن ۾ انسان بدران مغل امير موڪي آيو، جيڪو شهنشاهه هند جي پاران ڪٿي جو عامل هو. هن جي اکين ۾ حسن جو عڪس سياست ۾ بدلجي ويو، ۽ هن تقريباً رڙ ڪري چيو:

"بيشڪ، هيءَ ڪنيز شهنشاهه هند جي حرم جي لائق آهي، ۽ قيصر بيگ، تو کي هـن تحفي لاءِ يقيناً شهنشاهه هند کان وڏيڪ قيمتي سوڪڙيون پاڪڙيون ۽ عـزتون ملنديون. تيسين اسين تنهنجي توشي خان جي عملداري بحال ڪرڻ جو حڪم صادر ڪريون ٿا!

"۽ مظفرخان، اسين تو کي به مبارڪباد ٿا ڏيون ته تو شاهي قيدي ورايا آهن. اسين چاهيون ٿا ته ان سنگين جرم جي جوابدارن کي هڪدم گرفتار ڪري اسان جـي اڳيان پيش ڪيو وڃي، ڪٿي اهي سنڌي هجن، ترخان ۽ ارغون امير هجن يـا مغل سردار هجن. اسان کي قسم آهـي شهنشاهه هند جـي قدمبوسي جـو، اسين مغل شهنشاهت جـي حفاظت لاءِ پنهنجي جان ڏيندي بـه فخر محسوس ڪنداسون....

"۽ مظفرخان، هـي هڪڙي سولويءَ جي گرفتاريءَ تـي جيڪي شورشون شروع ٿيون آهن، تن کي هڪدم ٻنجو ڏنو وڃي. مغل عامل اڃا ايترا ڪمزور نه ٿيا آهن جو مدرسن جـا شاگرد ان کي ٽرٽلي ۾ وڃهي ڇڏين. اسين چاهيون ٿا تـه شهنشاهه هند جي رعيت کي امن ۽ سلامتي پلئه پوي ۽ ان لاءِ جيڪڏهن سمورن سنڌي سولوين کي قاهي چاڙهڻو پوي، سمورن مدرسن کي پسم ڪرڻو پوي، سنڌ جي شهرن کي منهدم ڪرڻو پوي ته اسان جي طرفان تو کي اجازت آهي!

"۽ شاهي قيدي، هن سنڌي باغيءَ ۽ سنڌي ڪنيز سميت هينئر جـو هينئر، خاص پهري هيٺ حضورصاحبقران جي خدمت ۾ لاهور موڪليا وڃن ، جتي سندن تقدير جو فيصلو شهنشاهه هند پاڻ ڪندا. تـاشي خان، اهڙو پـروانو جاري ڪٿي ۽ عـرضداشت هڪدم روانو ڪر ته جيئن اسين مملڪت جي ٻين ڪمن ڏانهن ڌيان ڏيئي سگهون!"

* * *

ڏاترڏنو ۽ سندس سنگتي، لاهور جي اڪبري دروازي تي، ان وقت پهتا، جڏهن سانجهي لڙي چڪي هئي، ۽ سموري شهر تي ايترو ڏندڙ ۽ ڪوهيڙو ڇانيل هو، جو سندن گهوڙا به ڪنهن اچاتي خوف کان ٿڌ لڳا هئا. لاهور، جنهن لاءِ هنن ٻڌو هو ته قومن کي غلام بنائڻ جا سمورا انسنا هن ئي شهر ۾ ٿهندا هئا، جتي بادشاهه غلام بڻجندا هئا، ۽ غلام بادشاهه بڻجندا هئا. چون ٿا ته جڏهن قطب‌الدين ايبڪ لاهور پهتو هو، تڏهن هن وصيت ڪئي هئي ته آڳ جڏهن به مران ته مون کي هتي دفن ڪجو ڇاڪاڻ ته لاهور جي شهر جي مفتين ۽ قاضين هن کي اهي نسخا ڏسيا هئا، جن کي آزمائي هن پنهنجي طاقت کي ميرابو هو، ۽ انهيءَ لاهور جي شهر جي اذيت گاهن هن جي دشمنن کي ڪائنس رحم جي التجا ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو. جڏهن به ڪنهن قوم مرڪز خلاف ڪا بغاوت ٿي ڪئي ته لاهور جي مفتين کان اها فتويٰ حاصل ڪرڻ ۾، مرڪز وبرم ٿي نه ڪندو هو ته اها بغاوت بادشاهه خلاف نه، پر دين اسلام جي خلاف بغاوت آهي؛ ۽ هن جو باغي واجب‌القتل آهي. باغين کي سنئين راهه تي آڻڻ لاءِ لاهور جا اذيت خانا به اوترائي مشهور هئا، جيترا لاهور جا باغ باغيچا. روايءَ جي ڪناري تي هي خوبصورت شهر پنهنجي پيٽ ۾ ايترا اذيت خانا نپائي چڪو هو، جو هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ لاهور جو نالو ٻڌڻ سان ئي ماڻهو ڪنبي ويندا هئا. ڏاترڏني ۽ سندس سنگتين کي هرڪنهن اها صلاح ڏني ته اول ته لاهور وڃڻ جو خيال لاهي ڇڏين، پر جيڪڏهن وڃڻو ئي اٽن ته هڪ ڳالهه ڪنڊ ٻڌي ڇڏين ته آڻي ڪنهن به شخص تي اعتبار نه ڪن، ۽ خاص طرح سان مٿو ڳالهائڻ وارن، مروت ڪندڙن، ۽

اخلاق سان پيش ايندڙن ٿي بنهه پروسو نه ڪن! انهيءَ ميلاج جي پويان زهر، ان مروت جي پويان ڪينو ۽ ان اخلاق جي پويان ڪا سازش هوندي!

مغلن به لاهور ان ڪري اچي وسايو هو، جو هيءُ ٿي شهر هو، جتي هر شئي ٻاهران بي‌انت خوبصورت هئي، پر اندران ٿي اندران مغل سازشن لاءِ سڀ کان وڌيڪ سازگار ماحول هن شهر ۾ هو. سڀ کان وڌي گهالهه اها هئي ته جن جنگين ۾ مغل لشڪري ويڙهه کان نٽائيندا هئا، اتي لشڪرين جي اڌ پگهار تي به وڙهڻ لاءِ ساڻهو ملي ٿي سگهيا. لاهور تاريخي شهر هو، ۽ تاريخ ۾ هن شهر جي عجيب حيثيت هئي. شهنشاهه همايون ۽ شيرشاهه سوريءَ جي لشڪرين ۾ اڪثر سپاهي هتان جا هئا، ۽ ڪي ته پاڻ ۾ بنهه ويجها عزيز هئا، ۽ دوبدو وڙهڻ وقت هڪ ٻئي کي سڃاڻڻ جي باوجود هڪ ٻئي جي رت جا پياسا هئا. شيرشاهه سوريءَ واري ماڻهري ۾ بنگال ۾ جيڪو ڪوس ۽ قتل عام ٿيو، ان ۾ انهن سپاهين جي تصور سان ٿي زالن جا هار ڪري پوندا هئا!

قطب‌الدين ايبڪ کان وٺي شهنشاهه هند جهانگير پنهنجي سمورين جنگين لاءِ سپاهي هتان پرتي ٿي ڪيا، ۽ انهن سپاهين جي شهرت هڪ طرف ڪابل ۽ قندار تائين هئي ته ٻئي طرف دکن ۽ بنگال تائين. اهي سپاهي جڏهن مال غنيمت جون خرزينون پري واپس ايندا هئا، تيسين لشڪرين جا نوان نسل تيار ٿي ويندا هئا، ۽ ائين نسل در نسل سپاهگيري هن علائقي جو دائمي پيشو بڻجي ويو. جيڪو به مناسب قيمت ادا ڪري، ان لاءِ وڙهڻ لاءِ تيار رهندڙ نسل. جڏهن قندارين، ترڪن ۽ مغلن سان لهه وچڑ ۾ آيا، تڏهن هنن ۾ سندن تهذيب جي هڪ نئين گهالهه شامل ٿي، سا هئي سازش. قنا ٻين هنن کي پاڪر پائي، پيٽ ۾ خنجر هڻڻ جو ڏاڻ سيکاريو. ترڪن هنن کي بي‌خبريءَ ۾ پٺ ۾ خنجر ڏيڻ جو گر ڏسيو، ۽ مغلن هنن کي شراب ۽ شربت ۾ زهر ملائڻ جا نسخا آزمائڻ جي ڪيا ڏني!

سيتائن جي ان سنگر لاهور کي پنهنجي الڳ سيتا بخشي هئي. جيڪڏهن سپاهگيري ۽ سازش طاقت جو سرچشمو هو تہ ان جو رد عمل بہ اوتروئي طاقتور هو. جيڪڏهن هڪ پاسي سپاهي ۽ سازشي ٽولا هٿا تہ ٻئي طرف عام کمي ڪاسبي، ڪڙمي ۽ ڪٺ وارا ڪاريگر هٿا. صوفي بزرگ هٿا. سنت ساڏو هٿا. مسعود سعد سلمان ۽ داتا گنج بخش جهڙا انسان هٿا جن عام ماڻهن کي سچ ۽ سياڻپ جو ڏس ڏنو. لوڪ - ڪوي پنهنجي ڪويتائن ۾ ماڻهن کي پيار ۽ سنگيت جو سنديش ڏيندا رهيا. سپاهگيري ۽ سازش، لالچ ۽ طمع خلاف صوفي بزرگ پنهنجي خانقاهن ۾ سچ مچايو ويٺا هٿا. پنجن درياڻن جي هيءَ ڌرتي سندن گيتن جي گونجار جي باوجود، سپاهگيري ۽ سازش جي ڪوهيڙن ۾ گهيريل هئي.

اڪبري دروازي جي ويجهوئي سراءِ اڪبري لاهور جو سڀ کان وڏو مسافرخانو هو. ان مسافرخاني ۾ مختلف ملڪن جي سوداگرن ۽ مسافرن لاءِ جدا جدا ڪوٺ ٺهيل هٿا. مختلف مسافرن لاءِ پنهنجي پنهنجي پسند جا بالا خانا، چؤبرجيون، ساقي‌خانا ۽ قهوه خانا هٿا. ۾ سيني ڪوٺن جا پهريدار مغل لشڪري هٿا. ڏاترڏني مسافرخاني جي مهتمم لاءِ قاسم بيگ جي چٹي آندي هئي، ۽ ڪجهه وري مغل لشڪرين جي مٹ گرم ڪرڻ سان، هنن کي ترخانن جي سراءِ ۾ ترسڻ جو اجازت نامو ملي ويو. ڏاترڏني پاڻ سان پنج سائي آندا هٿا، جن کي اها هدايت هئي تہ جيسين پاڻ ۾ اڪيلا نہ هجن، تيسين هو سندي نہ ڳالهائيندا. سندن فارسي ۾ بہ ترخانن واري لاند هئي. سندن پوشاڪ بہ ترخان سوداگرن واري هئي، ۽ وڏي ڳالهہ تہ هنن پنهنجا ترخان نالا بہ ياد ڪري ڇڏيا هٿا. ڏاترڏني کي نالو ڏنو هٿاڻون طغرل بيگ. جڏهن پهريون ڀيرو ڪنهن سائيءَ کيس طغرل بيگ سڏيو تہ هو خود واڙو ٿي هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هڻڻ لڳو. پوءِ جڏهن ياد آيس تڏهن خود شرمندو ٿيو ۽ پوءِ کِل ۾ اونڌو ٿي ويو. هن کي وريام جا لفظ ياد هٿا تہ ادل، سنڌ لاءِ جيڪڏهن ناڪ ڪرڻو پوي تہ اهڙو ناڪ ڪبو جو اصل ماڻهوءَ ۽ وسڪاريءَ ۾ بہ ڪو

فرق نظر نہ اچي.

گھوڙن کي ٽاڻينکو ڪري، ڪوٺين ۾ سامان رکائي، منهن هٿ ڏوئي، جڏهن سڀ سائي پنهنجي چوڌرجيءَ پهتا، تڏهن پهريون پيرو هنن کي احساس ٿيو تہ هو جنهن مهم تي ايهرا ٿي نڪتا هٿا، تنهن جي ڪاميابيءَ جو ڏيرَ جيترو به آسرو ۽ اميد ڪانہ هئي. پهرين تہ هنن کي اهو معلوم ڪرڻو هو تہ شاهي قيدين جو قافلو پهتو يا نہ. جيڪڏهن پهتو تہ وريام ۽ نوريءَ کي ڪٿي رکيو اٿن. نوريءَ کي تہ پڪ ئي پڪ زنانخاني نيو هوندائون. وريام کي الائجي ڪٿي رکيو هجين. جيڪڏهن اها خبر پئجي به وڃي تہ پوءِ هن کي ڇڏائڻ لاءِ هي ڇهہ ڇٽا مغل شهنشاهت جي مرڪز اندر کهڙا ڦاڙها ماريندا. هروپرو پاڻ کي هوءِ ۾ ڏيڻ ۽ موت کي دعوت ڏيڻ سان نہ وريام کي آزادي ملندي نہ ئي کو مغل شهنشاهت کي لوڏو ايندو. جيئن جيئن هو پاڻ ۾ صلاحون ڪرڻ لڳا، تيئن تيئن هنن جا حوصلا ڏهندا پٽ پوندا ويا.

”ٻَرَ، ايهرائي ڪري ڪوهہ ۾ ٽپو تہ ڏنو اٿون، پر اتان بچي نڪرڻ جو به ڪو ٻلو سوچيو اٿوَ يا نہ؟“ دوسو سمي جڏ تہ سيني جي دل ۾ ڪُنڊڙ گهالهہ وڏي واڪ چئي ڏني.

دوسو سمو انهن سمن مان هو، جن قسم کنيو هو تہ جيسين ڏاريان سنڌ تي قابض آهن، تيسين ڪٽ تي نہ سمهندا، ۽ سومرن وانگر وري ڪڏهن پَٽُ نہ پهريندا. هونئن بہ سنڌ جو سمورو ريشم ۽ پَٽُ پهرين ترخانن ۽ هاڻ مغلن جي قبضي ۾ هو: ڪاريگر انڪار ڪندا هٿا تہ سائن اهڙيون عقوبتون ڏيندیون هيون، جو کنهن کي به انڪار ڪرڻ جي همت ڪانہ ڏيندي هئي. سمن ۽ ابڙن جا ڪيترا خاندان انهن عقوبتن جي ڪري لڏي ڪڇ هليا ويا هٿا، ۽ انهن سان گڏ پاڻولي ۽ ميمڻ به پنهنجو هنر بچائڻ لاءِ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ وڃي سام ونڊ تي مجبور ٿيا هٿا.

”ياڏو، ياري نياڻ ۽ سنڌ سان سر لڳائڻ کي جيڪڏهن کوهہ ۾ ٽپو ڏيڻ ٿو سمجهين تہ پوءِ اهو ٽپو ڏسي وائسي ڏنو اٿون. وندي

ويندي ٻه جان ويندي، سا سنگت تان گهوري، سڏ تان گهوري!"

هي جواب سيني کان نديڙي جوان جيوڻ مينگهواڙ ڏنو، جنهن جي ڪٽنب موچڪو ڏنڊو ٿي چڏي ڏنو هو جو ترخانن ۽ مغلن جون جتيون ٽاهڻ کان هنن بک مرڻ وڌيڪ چگو ٿي سمجهيو. هنن سان ٻه گهٽيون ٿي ڏاڀيون ڪيائون ٻر هو نه مڙيا. گهٽا ٽٽا نه. ماروار لڏي وياء جيڪي رهيا سي گهوڙن جا سنج ۽ ٽل ٽاهي پيا گذران ڪندا هئا.

"ها، سچي، هتي نه سوچين جو دروازو ٻه آهي. شايد آني کو ڏس پتو ملي پوي...." ڏاترڏني گالهه بدلائڻ لاءِ چيو. هن سوچيو ته ماڻوسيءَ مان ته مرڪو سجو پنڊ ٿي اجايو ٿيندو.

"ادا، سوچي دروازي کانسواءِ هتي پاڻي دروازو ٻه آهي، جتي اسان جا ڪي واقف رهن ٿا. چو نه انهن سان ملي ڪو بلو ڪجي." هيءَ صلاح موليڏني ڪتريءَ ڏني. ڪترين جا ڪيترا پاڙا ترخانن جي زماني ۾ لڏي ملتان ۽ لاهور وڃي ويٺا هئا. موليڏني جي پيءُ ڪي مرزا باقي هائيءَ جي پيرن هيٺان لتاڙائي مارايو هو. هن جي اڳيان ترخانن جو نالو وٺبو هو ته برُ ٿي ويندو هو. سو جڏهن سنگت چيس ته ترخان سوداگرن جو ويس پائڻو آهي نه اصل پڙُ ڪيڙي بيهي رهيو. "نه نه، آنهن لڇن جو لباس پائڻ ٻه لڇائي آهي. مون کان ڪانه ٿيندي!"

پر يارن جي منٿن ميڙن وڃي ڪيس راضي ڪيو. هن جي خاص ڪرتبن ۾ اهو شامل هو نه هن وٽ اهڙو بارود هوندو هو، جنهن کي باهه ڏيڻ سان ايترو دونهون ٿيندو هو، جو ان جو وجهه وٺي هو دشمن جي گهيري مان نڪري ويندو هو، ۽ ويندي ويندي ٻه چار همراهه ڪيرائي ويندو هو.

"ادا، واهه جي صلاح آهي. ايئن ته اسان جا ٻه ڪجهه همراهه مغلن جي چاڪريءَ ۾ آهن. اهي داتا گنج بخش جي تربت جي پرسان ڪٽي رهن ٿا. ازڻن وڃي ملتان لڏو، سو پاڻ ٻه هنن کي ڪولهي

لهنداسون. آهن ڪئي مغلن جا نوڪر، پر سنڌ لاءِ وسڻون ڪونہ گهٽائيندا....!" جانو جو ڪئي چيو. هن جو ڪتب گهوڙن رکڻ ۽ پالڻ ۾ سنڌ هند ۾ پنهنجي نالي سان هو. اصل ڪنهن ٿي اک ٿي ڪانہ ڏٺندي هئن. هنن جي مڙسالن توڙي زالڻائن ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ هئي جو ذات گهوڙو هنن جي ڇڪار ڏي بيهي رهندو هو جڏ ٿہ هنن گهوڙي ڪي پنهنجي هوليءَ ۾ ڪجهہ چئي ڏنو هو. اها ڳالهہ جانوءَ ۾ بہ هئي. مجال آهي جو گهوڙو پنهنجي سوار جي چوڻ ۾ اچي، جي جانو ڪيس ڇڪار ڏيئي بيهاري ڇڏي. جيسين جانو اشارو نہ ڪندو تيسين گهوڙو اڙي هڻڻ ٿي ٻئي اگهان سُنب ڪئي آيا ڪندو ۽ سوار پنهنجو ڪنڌ بچائڻ ۾ پورو هوندو.

"منهنجي صلاح آهي تہ پاڻ ٿي ٿي ڇڻا ٿي نڪرئون، ۽ جنهن کي جتان ڪو حال احوال ملي، سو پاڻ ۾ صلاح ڪري، ان موجب قدم کڻون. باقي ائين رکو همت هارڻ سان نہ وريام جي لاءِ ڪجهہ ڪري سگهنداسون ۽ نہ ڪو ٻيو ڪارج سِڌ ٿيندو، جنهن لاءِ هت آيا آهيون...." هي همراهہ ڪڏهن بہ ذات نہ ڏيکائيندو هو. پاڻ کي سڏائيندو ٿي هو جڪرو سنڌي. هونئن ذات جو هي بہ سمون هو پر چوندو هو تہ برَ، فيروز سنڌ سان جيڪا ڪئي، ان کانپوءِ سمو سڏائڻ ڏاڍي ادڻگي ڳالهہ آهي. مَن سنڌي سڏائڻ سان اها ادڻگائي ڏوپجي وڃي. ننڍو ٻيٽو هو تہ کا عشق جي لپاٽ لڳي هيس، تڏهن کان ڏاڙهي رکي جهنگ منهن ڪري نڪري ويو. پر جڏهن بہ سنڌ ۾ ڪا شورش ٿيندي هئي، تہ هن کي سيڪو وچ ۾ ڏسندو هو. هن جي گيدي ۾ سَرن مان ٿهيل ننڍا سڳ يا تمر هوندا هئا، جنهن جي منهن ۾ سئيءَ جهڙي ميخ هوندي هئي، ۽ هو ٿوڪ سان سرائي وات ۾ وجهي دشمن جي اکين کي نشانو بنائڻ ۾ اهڙو قابل هو جو ڪيس ترخان توڙي مغل پري کان ڏسندا هئا تہ انوائي ويندا هئا. هن سان ڪوڏنسٽ معنيٰ پنهنجون اکيون وڃائڻ!

ڏاترڏنو جانو جو ڪئي ۽ موليڏني کي ساڻ ڪري هڪڙي ترخان ساقي خاني ۾ هليو آيو. باقي همراهہ ڏس پچائيندا دانا دربار

هليا ويا. ڏاترني سنگتين کي هوشيار ڪيو ته سندي گهاڻهائن بند، ڪنهن سان جهيڙو ٻه ڪرڻو نه هو. رڳو اها خبرچار لهڻي هئي ته شاهي قيدي ڪٿي لڪا، ۽ ڪٿي رکيا اٿن.

هو هڪڙي خالي مسند ڏسي اڳتي وڌيا ته ساقيخاني جي مهتمم اڳيان وڌي ڪين منع ڪئي: "آقا، معاف ڪجو، پر هيءَ مسند خاص مرزا معظم بيگ لاءِ مخصوص آهي. هن کي خاص عالیجاهه کان پروانو ملیل آهي. اوهين دل ۾ نه ڪجو. هي ٻيون مسندون خالي آهن، جتي مرضي ٻويو، اتي وهو، ۽ جنهن ساقي ڏانهن آڱر ڪئو، سو حاضر آهي!"

جانوءَ ڏاترڏني ڏانهن ڏٺو. ڏاترڏني موليڏني ڏانهن ڏٺو، ۽ ٻوءَ ٽي ٽي مهتمم کي ٻاسيرو ڪندي، مسند تي ٽهي جڙي ويهي رهيا. وهندي جانوءَ وڏي آواز چيو: "معظم بيگ وري به ڪنهن جو اولاد آهي. اسين نج ترخان آهيون. اسان جو حق هن کان مٿاهون آهي، ۽ اسين پري کان پنڌ ٻيا آهيون!" اهو سڀڪجهه هن ايڏي وڏي واڪ ۽ ايتري ترخاني لانڊ سان چيو، جو ويهارو ڪن اکيون هنن ڏانهن ڪڇي ويون.

آن وقت ڏاترڏني ڪمربند مان هڪڙي سوني اشرفي ڪڍي هڪڙي ساقيءَ جي رباب جي سوراخ ۾ اهڙي انداز سان وڌي جو ان جي چمڪ سيني کي نظر اچي. سوني اشرفيءَ جي معنيٰ هئي ته هي ته خود شهنشاهه هند جا ڪي مصاحب هٿا. نه رڳو ساقي ڪورنش ۾ وڃائجي ويو، پر ڪچ ماڻهو تعظيماً آٿي بيهي رهيا، ۽ چاتيءَ تي هٿ رکي تيسين بيٺا رهيا، جيسين هو ويهي نه رهيا. مهتمم به ڪکوو کو ٽي ويو. هي جيڪڏهن شهنشاهه جا مصاحب هٿا ته ٻوءَ معظم بيگ وڃي ڪڏ جي ٿري ۾ پوي.

"آقا، غلام کان خطا ٿي وئي. مون لاءِ جيڪا سزا تجويز ڪريو، سا اکين تي. پر ان جو هڪڙو ازالو اهو ٿو ڪريان جو مون وٽ شهزادن لاءِ خاص انگوري اڄ ٿي آئي آهي، اها قبول فرمايو....!"

جانوءَ جو ڪٿي اک جي اشاري سان هن کي آئين اجازت ڏني، جڏهن شهزادن کي به پنهنجو غلام ٿي سمجهيو. ٻه ڪپرو ساڦي بلوريي صراحي ۽ انگوري ۽ بلوري جام هڪ وڏي طشت ۾ ڪڍي آيا جنهن جي تري ۾ ڪاڙهو مخمل وڇايل هو، ۽ جنهن جي اولڙي انگوريءَ کي به قرمزي رنگ ڏيئي ڇڏيو هو. جانوءَ وري به اک جي اشاري سان ساقين کي حڪم ڏنو ته انگوري جامن ۾ اوتين. جڏهن انگوري اوتي، ساقي ناز انداز سان هٿ سيني تي رکي پوئتي هٽي بيهي رهيا، تڏهن جانوءَ اکين ئي اکين ۾ پنهنجي سائين کي ڪو نياپو ڏنو ته منهنجو ساٿ ڏجو. جام هٿ ۾ ڪڍي هو ٿي ٿي آڏي بيهي رهيا، ۽ جانوءَ وڏي آواز ۾ چيو: "هي صحت جو جام تجويز ٿو ڪريان حضور مرزا عبدالعليءَ لاءِ، جيڪو اڄ شهنشاهه هند جي قيد خاني ۾ آهي. آءٌ حضور عالي مرتب شهنشاهه هند جي خاص مصاحبن مان آهيان، ۽ آءٌ پهرين ترخان امير آهيان ۽ پوءِ مصاحب. مون کي قسم آهي پنهنجي بزرگن جي ڏاڙهين مبارڪن جو ته جيسين مرزا عبدالعليءَ کي عزت نه بخشي وئي، تيسين آءٌ شاهي دربار ۾ حاضري نه ڏيندس، پوءِ ڪڍي منهنجي جان هلي وڃي!"

ايئن چئي هن جام چپن سان لڳائي ڇڏيو. ڏاترڏني لاءِ اهو وڏو امتحان هو. هن ڪڏهن انگوري کائڻ پيتي هئي. هن جو هٿ پئي لڏيو. پر هت سياست کيڏئي هئي، ۽ جانوءَ جي ڳالهه موتائڻ سان سمورو نالڪ ڏهي پوي ها. جانوءَ جي آواز ۾ واهه جو ڪڙڪو سڙڪو هو: قداور مڙس، جابلو رنگت، ٻني ڏاڙهي، ۽ گرجدار آواز.

ڪا گهڙي سموري ساقيخاني ڏي ماٺ ڇائنجي ويئي، ۽ پوءِ پهرين هوريان، پوءِ ٽڪڙا ساقيخاني ۾ موجود سمورا ترخان آڏي بيٺا، ۽ جام چپن سان لڳائي وڏي واڪ چيائون "حضور مرزا عبدالعليءَ جي صحت ۽ ڪامرانيءَ لاءِ!"

۽ پوءِ هڪڙو هڪڙو ٿي ترخان امير هنن جي مسند ڏي آيو، ۽ سائن پاڪر پائي ملیو، ۽ کين پنهنجي مسند ٿي اچڻ جي دعوت ڏيندو ويو. جانوءَ جو مقصد به اهوهو، ۽ پوءِ هوڏي ٿي ڇٽا ڻن

مختلف مسئلن تي ترخان اميرن سان سرگوشيون ڪرڻ ويهي رهيا!

جڏهن هو آٽيا، تڏهن هنن کي نه رڳو سمورين خبرون ملي ويون، پر ڪن ترخانن مان ان لاءِ ٻـ راضي ٿي ويا تـ جيڪڏهن ضرورت پئي تـ شاهي درٻار ۾ سندس مغلن جـي ڏاڏاڻ جي ڳالهه شهنشاهه جي خاص خاڪن جي ڪـن نـي آڻيندا، ۽ پنهنجي مائٽن جي ذريعي سڌ جي سمورن ترخان اميرن کي نياپا سنيها ڪندا تـ وقت اچي ويو آهي تہ سندين جي حمايت سان مغلن خلاف ڪا منظم شورش ڪري مغلن کي سڌ مان ٽپڙ ڪڍڻ تـي مجبور ڪن. ڏاترڏني بيماريءَ مان آڻڻ جـو بهانو ڪري انگوريءَ جي آڇ کي لنوائي ڇڏيو. البت جانو ۽ مولیڏني ترخان اميرن کي اهڙي موٽ ڏني، جو خود ترخان واهه واهه ڪندا رهيا. هنن لاءِ سڀ کـان ڏکيو مسئلو هـو ساقين جـي ناز نخرن ۽ سندن اکين جي پيغامن کي لنوائڻ جو. ترخان تهذيب ۾ ساقيءَ جي اکين جي پيغامن کي موڙائڻ يا لنوائڻ بد ذوقيءَ سان گڏ وڏي جوکم جي ڳالهه هئي: هڪ تہ ساقي رُسي وڃن تہ انهن کي پرچائڻ بيحد ضروري هو، ۽ ٻيو تہ ساقيءَ جومالڪ ان کي پنهنجي بيعزتي سمجهندو هو تہ سندس ساقيءَ جي حسن ۽ ناز و انداز کي ڪو ٻيو شخص لئين رد ڪري ڇڏي! پـر ان جو علاج بـ جانوءَ ڪولي لڏو. هڪڙي ساقيءَ جـي ڪل ۾ ڇهنڊڙي وجهندي چيو: "جانم، هن وقت اسين ڏاڍن گنيهر مملڪتي مسئلن تي پيا صلاح مشورو ڪريون: ان ڪري رازداريءَ جي تقاضا آهي تہ اوهين انگوريءَ جا جام رکي هليا وڃو. هتان فرصت ملي تہ ٻوءِ سڄي رات پئي آهي!" اهي لفظ هن ايڏي لڇائيءَ سان چيا جـو ترخان اميرن کان بہ ٽهڪ نڪري ويو، ۽ هنن بہ پنهنجي خاص ساقين کي اکين ئي اکين ۾ ڪو اهڙو اشارو ڪيو جو هنن ڏانهن ساقين جي تيراندازي بنهه بند ٿي وئي. هڪڙو اڌ ٻيرو ساقيخاني جي مهتمم ڳالهين ۾ شريڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي نڏهن بہ جانوءَ اهڙو رخ اختيار ڪيو جـو هن جي موجودگي رازداريءَ لاءِ هاڃيڪار ٿـي سگهي ٿي. ترخان اميرن ان جو بلو اهو ڪيو جو ڪيس ڪو اهڙو ڪم ڏسي ڇڏيائون

جو ڪڇ وقت لاءِ مهتمر به هنن جي ويجهو نه آيو.

هنن کي اها خبر پئي ته شاهي قيدي پهچي ويا آهن، ملڪهٔ هند نورجهان بيگم مرزا عبدالعليءَ جي جان بخشي ڪرائڻ ۽ ڪيس پنهنجي امان ۾ رکڻ جو ذمو ڪنيو آهي. ان جي عيوض هن کي ترخان سوداگرن جي ذريعي دنيا جو سڀ کان قيمتي نولکو هار پيش ڪرڻ جي آڇ ڪئي وئي آهي. البت خسروخان چرڪس جو خير ڪونه ٿو ڏسجي. هن جي خلاف شهنشاهه جي خاطرن سندس ڪن پري چڏيا آهن ۽ شايد هن کي جيڪڏهن موت جي سزا نه ملي تڏهن به سندس نوڪرڪڻ جو حڪم صادر ٿي چڪو آهي.

سندي باغين جي فيصلي لاءِ مرزا رستم بيگ جي مراسلي جي روشنيءَ ۾ سڀني شاهي درٻار ۾ فيصلو ٿيندو. البت سندي ڪنيز وارو مامرو ڪجهه منجهي پيو آهي. ملڪهٔ هند نورجهان بيگم نٿي چاهي ته ڪنيز شهنشاهه هند اڳيان پيش ڪئي وڃي. ڪنيز جي حسن کي ڏسي شهنشاهه الائي ڪهڙو فيصلو ڪري وجهي. حرمسراءَ ۾ ته اهي چوڀول هٿا ته سندي ڪنيز لاءِ شهنشاهه جي ڪن ٽي اها ڪاڪهه وڌي ويئي آهي ته انارڪلي جڏ وري جئري ٿي موڻي آئي آهي، ۽ سندس حسن جنت جي حورن کان به سرس آهي. شهنشاهه به پيرا سندي ڪنيز کي ڏسڻ جي خواهش جو اظهار ڪري چڪو آهي، پر نورجهان بيگم ڪيس ڪجهه ترسڻ ئي مجبور ڪري وڌو آهي. ڪن شاهي ڪنيزن جو ته اهو به چوڻ آهي ته جيڪڏهن ضروري سمجهيو ويو ته نورجهان بيگم سندي ڪنيز کي ڪجهه ڪوهه ۾ ختم ڪرائي چڏيندي!

اڌ رات کان پوءِ ٽي ٽي چڙا بظاهر ٽڙندا، ٽاڙجندا، مدهوشيءَ ۾ پنهنجي چوڀرجي پهتا. آس پاس جو جائزو وڌي هو پنهنجي ساٿين جو انتظار ڪرڻ ويهي رهيا. جانو ڪنهن اوڻهي خيال ۾، مونن ۾ ٽنهن وجهي ويهي رهيو. ڏاترڏني سمجهيو ته مايوسيءَ کان بچڻ خاطر ٽي سهي، جانوءَ ايٿن ڪنڌ ڪٽي ڪوڏن ۾ وڌو آهي، سو ڪيس

کنهن ۾ هانهن وجهندي چيائين: "مٺا، دل نہ لاھ الله مڙئي سڀائي کندو. کونہ کو ٻلو ڪري وجهنداسون. ڏينهن شينهن آهي. حالي تہ سمهي ننڊ ڪر، صبح جو اول خير، ڪا مڙئي مت اچي ويندي!"

"ڏاترڏنا، تون پاڻ سنهن ڪٽي ٻڌاءِ تہ توکي ننڊ ايندي اڄ رات؟ اسان جو يار ڪوٽ ۾ قابو آهي، ۽ اسين ڪيس ايترو ويجهو هوندي بہ سمهي ننڊون ڪريون تہ پوءِ حيف آهي اهڙي ياريءَ تي!" جانوءَ شوڪارو پريندي چيو.

"ادل، هن انگوريءَ تہ چڙ ڏانڊائن جو ڪم ڪيو آهي. هونئن تہ شايد ننڊ اچي ٻ وڃي ها، پر انگوريءَ منهجو اندر آجاري ڇڏيو آهي، ۽ اکيون بند ٿو ڪريان تہ وريام کي شاهي درٻار ۾ هٿڙين ۽ پيرڙين ۾، زنجيرن ۾ جڪڙيل ٽو ڏسان. سو ٻار ڪجهہ ڪرٽو آهي تہ هينئر ئي ڪجهہ ڪريون. ڏينهن برابر شينهن آهي، پر ڏينهن سازشن کي لڪائي ٻ ڇڏيندو آهي. رائين نہ ٽئي جو اسان کي دٻر ٽي وڃي!"

موليڏني اڃا اها گالهہ پوري ڪئي تہ دوسوءَ وارا ٻاچي نڪتا. هنن جيڪو حال احوال ڏنو، تنهن جو تت ٻ تقريباً ساڳيوهو. البت هو هڪڙي ڪاميابي حاصل ڪري موٽيا هئا. هو اها خبر وٺي آيا هئا تہ وريام کي ڪٽي رکيو هئائون. اهو ڪوٽ دريا جي ڪناري تي هڪڙي مغل عقوبت خاني جي ير ۾ هو؛ ان جو هڪڙو رستو اهڙو هو، جنهن تي پهرو گهٽ هو، ڇاڪاڻ تہ ان پاسي مغل اميرن جون حويليون هيون، ۽ هر حويليءَ تي هونئن ٽي مغل لشڪرين جو ڇڪو خاصو پهرو هوندو هو، ۽ ڪنهن بہ اوپري ماڻهوءَ کي اوڏانهن وڃڻ جي همت ڪانہ ٿيندي هئي.

جانوءَ جو اها گالهہ ٻڌي تہ آٽي ٻيهي رهيو. "پوءِ تہ ان جو هڪڙو ئي رستو آهي تہ هينئر جو هينئر اوڏانهن هلون. رات وڪڙي ۾ ڪنهن کي شڪ بہ ڪونہ پوندو، ۽....."

"پاڻو، هي لاهور آهي. ٽئو ڪونهي جو رات جو اکيو پوري بہ اسين پنهنجو ماڳ لهي سگهندا آهيون. هت هڪڙو تہ

اڻ واقف، ٻيو ته اوندهه ۾ ٻاهر نڪرڻ جي گهٽ کي ڀر کي ڪونه سگهنداسون....” دوسو ڪجهه چوندي چوندي مات ٿي ويو.

ڊاترڊني جي دل ته ائين ٿي چاهيو ته آڏامي پنهنجي يار جا بند خلاص ڪرڻ لاءِ پهچي وڃي. پر هن کي به دوسوءَ جي گاله ۾ وزن نظر آيو.

”جانڻ، دوسو سچ ٿو چوي. اپهرائيءَ مان ڪو فائدو ڪونه ٿيندو!“ هن جانوءَ ڊانهن نهارڻ بنان چيو.

”جانوءَ جي گاله وڏيڪ وزنائتي آهي، ڊاترنا! ڊينهن جو شينهن جي غار ۾ داخل ٿيڻ مون کي ته ڪونه ٿو آڻڙي. باقي جيڪا سنگت جي مرضي!“ موليڊني به شايد انتظار ڪرڻ نٿي گهريو.

”يَرَ، منهنجي به گاله ته سچي ٻڌو. وريام کي صبح جو شاهي درٻار ۾ پيش ڪرڻو اٿن ته ضرور فجرڪان به اڳي ڪيس اتان وڃي ويندا، ۽ اسين هٿ مهٽيندا رهجي ويندا سون. هي گاله ته اڄ رات ڏڌ ۽ ڪوهيرو اڳي ٿي آهي. موليڊني وارو دونهون اڄ ڪنهن کي به شڪ پوڻ ڪونه ڏيندوَ. هو سمجهندا ته اهو به ڏڌ آهي، ۽ تيسين اسين همراهه کي ڪيڊي ڪري ايندا سون....!“

اها گاله سڀني کي وڻي. پر جيڪڏهن وريام کي ڪيڊي نڪري به اچن ته پوءِ هن کي صحيح سلامت لاهور مان ٻاهر ڪيئن ڪڍندا، ان ۾ ايترا ته سوال هٿا جو ڪنهن به آن ئي سوچڻ نه ٿي گهريو. وريام هميشه هر مسئلي جو حل ڪيڊي ويندو آهي، سو جڏهن اهڙو کو مونجهارو ٿيو ته پوءِ ته وريام به سائن هوندو. نه ته به ويندي ويندي به جان ويندي، سو آن تان هن آهو هونئن ٿي لاهي ڇڏيو هو.

”پوءِ اچو ته هلون.... پر ادل، هشياري ۽ حرفت سان هلڻو آهي. جيڪڏهن ڪابه پُل ڇُڪ ٿي، ته پوءِ وريام ...“ ✱

سنڌوءَ تي جڏهن سج اُپرندو آهي، تڏهن سج وڏيڪ سهڻو ۽ روشن ٿي ويندو آهي. سنڌوءَ تي جڏهن سج لهندو آهي تڏهن بہ سج وڏيڪ سهڻو ۽ قداور ٿي پوندو آهي. سنڌوءَ جو اُفق بہ سنڌي ماڻهن جي دل جيان معصوم پر ڪشادو لڳندو آهي. سنڌوءَ جي شفق بہ ڇڻ تہ سنڌي ماڻهن جي اندر جي جذبن جيان سدا حيات ۽ سدا رنگين لڳندي آهي. جڏهن سنڌو دريا چو اهو حال آهي تہ سنڌو ساگر جي اُفق توڙي شفق ڪيترو نہ سدا حيات ۽ پاڪيزه هوندیون.... اهو خيال اينديُ ٿي تماچيءَ وَنجهن مان هٽ ڪڍي چڏيو. سنڌس ڏونڊي ڇڻ تہ سنڌس ارادو پروڙي هوريان هوريان ٽلڪندي، اچي پٽڻ سان لڳي!

پٽڻ تي پهچي، وات تي ٻُڪ جهلي، تماچيءَ اهڙو آواز ڪڍيو، جهڙو بوٽيندي مان نڪرندو آهي، پر ان سينڌ ۾ ڪنهن ڪونج جي پنهنجي ولر کي پڪارڻ واري ڪوڪار ہ هئي. هن جي سينڌ اڃا پوري ٿي ڪانہ ٿي تہ ڪچي مان اهڙيون ساڳيون ڪوڪارون چئني طرفن کان هڪ آواز ٿي هن کي موٽ ڏئي ويون.

تماچيءَ جي چپن تي مرڪ اچي وئي: سڀ همراهہ پهري سجاڳ آهن، ۽ پانڌجي ٿو تہ مغلن وري هيڊانهن رخ نہ ڪيو آهي، ۽ پوءِ هن کي چاچو گهرام ياد اچي ويو، ۽ هن کي سانوڻ ۽ سنڌس سنگتي ياد اچي وها....

هن جو ڪٽنب صدين کان مانجهندن واري پٽڻ جو پاٽي هو. هن جي وڏن سنڌوءَ جي پاڻيءَ سان وچن ڪيو هو تہ هو جيئندا بہ سنڌوءَ لاءِ تہ مرندا بہ سنڌوءَ لاءِ. سڪندر جي وقت کان هو دريا جي ٻنهي ڪنڌين جا راکي هئا. هن جي ڪنهن ڏاڏي ڏاڏي

ڏاڏي جڏهن سڪندر جي لشڪرين جا غوراب لهوارا ايندا ڏٺا هئا، تڏهن پنهنجي ننڍڙين ٻڪڙين ۾ ٻوندين ۾، مانگر جي تيل جا شاهي موٽرا ٻاري، لڏڙي وانگر انهن ٻڪڙين هيٺان، ترڪندو، ڪين ڏڪيندو غورابن جي وچ ۾ پهچائي آيو. رات جي پوئين پهر، دريا جي وچ سير ۾ ٻاهين کي ائين ٻاڻ ڏانهن سُرندو ڏسي، يونانين کي پڪ ٿي وئي ته هي پڪ کو جنن پوتن جو ديس آهي. جيڪڏهن جا ماڻهو ته ماڻهو، ۽ جن ٻوٽ ۽ پنهنجي ديس جي ڏرتيءَ ۽ دريا کي ڏاڍين کان بچائڻ کاڻ زانيون جاڳي پهرو ڏيندا ٿا رهن. خبر تڏهن پين جڏهن باهه جا اهي سُرندڙ مڇ سندن غورابن سان اچي لڳا، ۽ سندن ڏسندي ڏسندي آهي باهه جو بک ٽيڻ لڳا. هيءَ باهه ۽ عجيب هئي جو جيئن ٿي ان کي پاڻي ملیو، تيئن اها وڌيڪ ٿي ٻڙڪي اٿي. حالت اها ٿي جو يونانين کي پنهنجي غورابن مان دريا ۾ ٽپي پنهنجي جان بچائڻي پئي. جڏهن غورابن جا سڙهه سڙڻ لڳا، تڏهن هنن کي اروڙ جي سيراءُ جا اهي لفظ ياد آيا ته جيسين هڪڙو به سنڌي جيئرو آهي، تيسين سنڌوءَ جا ٻئي ڪنارا يونانين لاءِ دوزخ جا آڳاهه ٻيلا رهندا. اروڙ جي ماڻهن جو اهو پاراتو اڄ هو اکين ڏسي رهيا هئا.

۽ پوءِ جڏهن به ڏارين سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۽ سنڌو جي ٻيٽ کي سنڌ کي غلام بنائڻ لاءِ استعمال ڪيو تڏهن سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنڌين تي رهندڙ پاڻين، مهاڻن ۽ ميربحرن هنن جي غورابن، جهازن ۽ ٻيڙين کي ساڙي پسم ڪري سنڌو ساگر جي حوالي ٿي ڪيو. جڏهن به سنڌ آزاديءَ ۽ چولڪاري جو ساهه ٿي ڪنيو، تڏهن سنڌوءَ جي هنج ۾ سڙهه سنوان ۽ لاڇو نوان ٽلڪندا رهيا، ۽ ٻيڙيون ۽ ٻيڙياتا سنڌوءَ کي اروڙ کان ديبل تائين وڃ واپار جي شاهراهه بڻائي، سنڌ کي سون جون سوغاتون ڏيندا رهيا. پر جڏهن به سنڌ غلام ٿي. ته سنڌوءَ جو ٻيٽ پاڻيءَ سان ڀُر هوندي به سُڄو ۽ سڪلو ٿي پوندو هو. ڏارين کي پسار آڪارڻ کاڻ پاڻي بس ڪري وهي رهندا هئا. ٻيڙياتا ٻيڙا ساڙي ڇڏيندا هئا ته متان دشمن جا ماڻهو يا مال ڏوڪلو پوي!

تنهن رات سندس چاچو گهرام پٽ جا به ٻُور آڪاري جڏهن

گهر آيو، تڏهن اصل هٿن مان ٻيو وڃي. سندس منهن مشعل وانگر ٻڦي ٻريو. سندس ڇاتيءَ سنڊوءَ جيان ٻڦي ڇوليون ڪاڍيون. هن چاچي گهرام کي اهڙي پور ۾ ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو. هو تہ اهڙو ماڻهو هو جنهن جا سمورا جذبا ۽ احساس سندس منهن جي گهنجن ۾ پنڌ پهڻ ٿي ويا هٿا.

"چاچا، خير تہ آهي. اڄ ڏاڍو موج ۾ ٿو ڏسجين. پٽ تان ٻيو اچين يا ڪنهن ڪلاڙڪي هٿ تان!؟" هن ڪلي ڪيس ڪيڪاريو.

"آبل، اصل گهاڻ ئي نہ پڇ. ائين سمجهہ تہ ڪو نئون مڙس پي آيو آهيان...." چاچي گهرام سهڪندي چيو.

"پر ٻہ گهاڻ جي ڦوري کي ڦولهہ تہ سهي تہ اهو وري کهڙو نئون مڙس آهي جو اصل وٽ ئي ڪونہ ٻيو ڏين...؟" هاڻ هن کي ٻہ اچي هورا ڪورا لڳي. "متان، ٻيڙيءَ ۾ ڪا وينگس تہ ڪونہ وهاري آيو آهين؟" هن چرچي مان چيو.

"نہ ڙي بابل.... آڳ هن عمر ۾ کهڙي وينگس وهارينس.... پر گهاڻ ئي اهڙي آهي جو...."

"چاچا، هاڻ گجهارتون نہ ڏي؛ ڪجهہ انت ڏي نہ تہ پاڻ ڪونہ ڏهنداسون...." تماچيءَ کوڙيءَ کاوڙ ۾ چيو.

گهرام مانجهندن واري پٽ جو پاڻي هجڻ سان گڏ تر جو ڏاڍو مڙس هو. هن کان هرڪو ڪنڌ هڻندو هو. تماچي جڏهن کان ساڃهہ پريو ٿيو هو تڏهن کان هو پنهنجي چاچي گهرام جي ٻيءَ جون گهاڻيون ٻڌندو آيو هو. هن کي عجب اهو ٿيندو هو تہ جڏهن گهرام گهر ايندو هو، ۽ هو ڍوڙي سندس ڏيڻيءَ تي چڙهي ويندو هو تڏهن هو ايترو ڪونڙو ۽ ٺٽو هوندو هو جو گهڙيءَ لاءِ هن کي ٻہ اهي گهاڻيون وسري ويندیون هيون جيڪي هن جا جيڏا ۽ سنگتي راند روند ڪندي هن کي سندس چاچي گهرام بابت ٻڌائيندا هٿا. ڏڃي ڏڃي چوندا هٿا تہ "متان ڪيس اهو ٻڌائين تہ اسان تو کي اهي گهاڻيون ٻڌايون آهن." پوءِ جڏهن هو گهر ايندو هو تڏهن هن کي سموريون گهاڻيون دل تان لهي ويندیون هيون ۽ ڍوڙي وڃي ڪيس

ٻڪ. ڏهندو هو. هن کيس سڏائين ايترو پيار ۽ پاڻپوهه ڏنو هو، جو
حق جهڙ ڪين ايندو هو تہ هن جا ساٿي هن لاءِ ايترو ڊيڇوڙي
ڇڏڻ ورتل هئا، جو کيس پريان ايندو ڏسندا هئا تہ ڏڙي پکڙي
ويندا هئا.

پوءِ جيئن جيئن هن کي ساڃهہ ايندي ويئي، تيئن تيئن چاڇي
گهراڻ جو اسرار هن تي کلندو ويو. هڪڙي هڪڙي ڪري هن کي
هو پنهنجون ڳالهيون ٻڌائيندو رهيو. جڏهن کيس شاهہ تارُ و بنائڻ لاءِ
درياجي سير ۾ وٺي ٽپيون ڪرائيندو هو، تڏهن هن کيس ٻڌايو تہ
ڪنهن زماني ۾ جڏهن دريا۾ ترڻ جي گوءِ ٽيندي هئي، تڏهن هو
۽ ٽماچيءَ جو پيءُ شيرل، سيني کان گوءِ ڪڍي ويندا هئا. جڏهن
کيس ونجهہ هڻي، ۽ ٻيڙي هلائڻ سيکاريائين، تڏهن کيس ٻڌايائين تہ
"ادو ۽ آڇ ٻيڙين جي گوءِ ۾ هميشہ سيني همراهن کان گوءِ ڪڍي
ويندا هئاسون!"

۽ پوءِ جڏهن کيس پيا هنر سيکارڻ سان گڏ، ٻنهي هٿن ۾ ٻہ
کهاڙيون جهلڻ ۽ هڻڻ سيکاريائين، تڏهن شوکارو پري چيائين:
"کهاڙيءَ ۾ ادو مون کان ٻہ رتيون ڪسر هو. هڪڙو هٿ
پوبان ٻڌي، هڪڙي ٻي هٿ ۾ کهاڙيءَ سان هو مون کي ٻنهي
هٿن ۾ کهاڙيون هوندي ٻہ ماري ويندو هو....!" ۽ پوءِ ان ڏينهن
کيس هن جيڪي ٻڌايو، تنهن ٽماچيءَ جو سڪ ڦٽائي وڌو، ۽ هو
هڪ نئون ٽماچي بڻجي ويو.

"ٽماچي، تون سڌ جي انهيءَ سدا ملوڪ سورهيہ شيرل جو
نينگر آهين، جنهن، جيسين جيئرو هو، تيسين ڪنهن ڏاڙين کي
سنڌوءَ جو پٽ آکرڻ نہ ڏنو، ۽ نہ وري ڪنهن دشمن جي ٻيڙيءَ
کي هتان لهڻ ڏنائين....

"تون اڄا ڇاڪو هئين.... ارغونن سنڌ کي تاراج ڪري
ڇڏيو هو. مرزا باقيءَ جو زمانو هجي.... ادي جن مانجهندن کان
مٽر ڪنهن ارغون ٻيڙي کي مٽڻ نٿي ڏنو. آڇ تن ڏينهين جبل ويل
هوس. مرزا باقيءَ فرنگين کان ٻہ غوراب آڌاري، شاهي سوکڙيون

ملتان سوڪلاڻ لاءِ، ڏٺي ڪان مٿي چاڙهيون. ٻنهي غورابن ۾ سوين ارغون ۽ ترخان لشڪري هٿا. تنهن ڪان سواءِ ننڍيون وڏيون ٻيڙيون ۽ ويهارو ڪن هيون، تن ڏينهين سنڌ ۾ مرزا باقيءَ خلاف سنڌين شورش ڪئي، ۽ ادي جن ڪي نياپو مليو تہ اهي ٻيڙيون ۽ غوراب مٿي مٿي وٻا تہ ملتان مان ارغونن لاءِ ڪمڪ اچي لهندي، ۽ سنڌ جا بند، جيڪي ڏٺي تي هٿا، سي وري ڪٽ ٻڌجي ويندا....»

تماچيءَ ان وقت پنهنجي هن ڪونڀري ۽ مٿي چاچي جي اکين ۾ جيڪا روءِ ڏٺي، تنهن هن ڪي پهريون پيرو پنهنجي جيڏن ۽ سنگتين جي ڀالهين جي سچ جي جهلڪ ڏيکاري ڇڏي. انهن اکين ۾ ڪو اهڙو سچ متل هو، جو ڇڻ تہ هن جي ساري وجود کي ساڙي رهيو هو، ۽ هو سچيءَ جي چلرن وانگر ٻاهر جي ٿوَ ڪان آيامي پيو هو.

«.... ادي جن وارا ڪُل ڏي هارنهن همراهہ هٿا. وڻ ڏي ٻيڙيون هيون، سي ٻہ پراڻيون، گنل پينل، ۽ ڏڪيل. پر واهہ ڙي ادا واهہ، واهہ ڙي تنهنجي سورهيائي.... مرزا باقيءَ جي غورابن سان ۽ ٻيڙين سان هنن اها ڪار ڪئي، جيڪا اسان جي وڏڙن سڪندر جي ٻيڙي سان ڪئي. مانگرن جي تيل مان شاهي موٽرا ۽ آماڙيون ٽاهي، هو پنهنجون ٻيڙيون ڏاري مرزا باقيءَ جي ٻيڙي جي وچ ۾ لهي ٻيا.... جڏهن ارغونن جي ٻيڙين ۽ غورابن جا سڙهہ سڙيا، تڏهن ادي جن انهن ۾ چڙهي ٻيا. ادي جي ٻنهي هٿن ۾ ڪهاڙيون هجن، ۽ ارغونن جا ڪنڌ! ذات ارغون ڪونہ بچيو.... ادي جن جي همراهن مان چار ڇٽا مارجي ويا، ۽ ٻي ڇٽا ڏڪجي ٻيا. ٻيو مڙئي ٽيو خير.... پوءِ تہ جيڪي جشن ٿيا.... ڏٺي مان، سيوهڻ ڪان، ٽيرون ڪوٽ مان، ويندي اروڙ ۽ روهڙيءَ مان ماڻهو اهي سڙيل غوراب ڏسڻ آيا ۽ جشن ۾ شريڪ ٿيا....!»

پوءِ هن ڏاڙو تہ چاچو گهرام ڀالهہ ڪندي ڪندي جن ڪومائجي ويو. هن جي منهن مان رت ست ڦي نڪري ويو.... ۽ ڏاڙو ڪارو پري چمائين، «پوءِ جڏهن ارغونن جا سوٽ ماسات مغل

سندن واهرو ٿـي آيا، ۽ سندّ جي ويڑهه هارائيسون، تڏهن ارغونن ۽ مغلن گڏجي ادي جن تي راتاهو ڏنو. انهيءَ ساڪٻي پٽڻ کان سڏ پئڻ ٿـي، کارڙي ٽکر واري مقام وٽ اسان جا واهڻ هئا. گهڻو ٽئو سپ ککانوان چٿونرا هئا. مغلن مان هڪڙا چونڻرن کي باهه ڏيئي، چوڌاري گهيرو ڪري بيهي رهيا، جيڪو ڏانهن ٿي پگهو آهو، تنهن کي ٽيرن سان ٿي کيرايائون. زالون ۽ هارڙا باهه کان بچي پٽڻ ڏي پگها تہ ارغونن جا جٿا سندن پويان پيا.... درياهه ۾ ٽپڻ کان سواءِ ٻي واٽ ئي ڪانہ بچي هئن، سي وڃي سندوءَ جي هنج پيڙا ٿيا.... سڄي رات ويڑهه هلندي رهي.... چون ٿـا تـہ ادي وارن کي جيڪڏهن ويهاروکن واهرو پهچن ها تہ مغلن ۽ ارغونن کي وري ڏٽي جو منهن ڏسڻ نصيب نہ ٿئي ها.... پـر ٻوءِ قادر جي قدرت اڳيان بندي جو ڪهڙو اختيار.... هڪڙو هڪڙو ٿي ڪرندا ويا....”

ٻوءِ هن پهربون پيرو پنهنجي اڙهنگ چاچي کي سڏڪو پريندي روئندي ڏٺو....”ٻلا ڙي گهرام، تنهنجوکونڊر ٻاڻ ۽ ڪُوپا سنگتي ايٿن قتلام ٿي ويا، ۽ تون جبل تـي الوليون ڪندي وٽئين! حيف آهي اهڙي جيئڻ تي!”

پر سندس چاچوگهرام، اهوگهرام نہ رهيو جنهن جي‌سموري جبل ۾ هاڪ هئي تـہ عشق ڪري نـہ ڀلي‌گهرام ڪري. هن آڏو جبل ٻ جالي نـہ سگهيو. سو ٻاڪيومٿو ماڻهو ڪڙو زهر ٿـي پيو. پنهنجي ٽولي ٽاهي، جتي کو ارغون ترخان يا مغل ڏٺائين، يا سندين مان ڪنهن مغل يا ارغون جي دلالي ڪندڙ کي ڏٺائين، تنهن جو سڄو لڳ نہ ڇڏيائين. کو راتاهو ڏيئي وري جبل هليو ويندو هو. جڏهن شورشون مائيون ٿي وهون، تڏهن بـہ هو ڪين مڙيو. ارغون اهڙا عاجز ٿيا، جو لکي ۽ سَٽ جي سيدن کي وچ ۾ وڏائون. انهن کي ٻ جواب ڏنائين: ”مرشد، جيسين ارغون ۽ مغل سندّ جي ڌرتيءَ ٿي موجود آهن، تيسين منهنجي ساٽن ويڑهاند جاري رهندي، پـوءِ ڪٿي اکيلو سر رهجي وڃان!”

”پر، بابا اها ويڑهاند پنهنجن جي ٿي خلاف ٿي وڙهي. ارغونن

بٽ جهلي ڇڏيا آهن. ڪچي ۽ ٻنهي پاسن تي ماڻهن کي لڏائڻ لڳا آهن. مڇي جهلڻ تي پابندي وڌهي ڇڏي اٽن. آس پاس جي ماڻهن جـو وڃ واپار بند ڪري ڇڏيو اٽن. پلاوٽن کي مال خريدڻ تـي ۽وچڙي مار لڳي پئي آهي. آخر اهو بـ تـ سڀ سنڌين جو نقصان آهـي!"

ڳهرام جي دل چيو تہ چئي ڏي تہ "سائين، اوهان کي سنڌين جو ايڏو سور ڪونهي، جيترو پنهنجي جاگيرن ڦرڻ جو اونو آهي!" پـر مڙي ويو. البت هوڏ مان مرشد جي منهن ۽ شوڪي نهارندو رهيو.

"نون سمجهين ٿو تہ اسين کو مغلن ۽ ارغونن جي سفارش ڪرڻ آيا آهيون تہ پليو آهين. ۽ هر ڳالهہ جو وقت هوندو آهي، ڳهرام! هن وقت سنڌي لڙي پکڙي ويـا آهن. منجهن کو گڏجي وري مغلن يـا ارغونن سان مهاڏو اٽڪائڻ جو انسٹو بـ ڪونهي. جيڪڏهن ايئين پـد امني ۽ ڏڦير رهيو تـ ارغون اسان کي پـاڻ ۽ ويڙهائيندا رهندا، ننڍا ننڍا محاذ کوليندا، اسان کي چڙوچڙ رکڻ ۽ ڪامياب ٿي ويندا. ڪجهہ وقت سانهہ ستيءَ سان گـذرڻ ڏي تـ سمورا سنڌي وري پنهنجي پيرن تـي بيهڻ جهڙا ٿين، پـوء وري بـ....!" ڪڙي سيد سڳوري کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"سائين، اهي سياست جـون ڳالهيون منهنجي سمجهہ کان ٻاهر آهن. مون کي رڳو اها خبر آهي تہ ارغون سنڌ تي چوڙن وانگر چنبڙيا پيا آهن. سنڌ جو رت چوسي ٿلها ٿيرا ۽ متارا ٿيندا وڃـن. انهن کي سنڌ جي سرير تـان روڙي ڪيڏو آهي. ڪڙو ڪڙو سنڌي پنهنجي ليکي جيسين سائين نہ وڙهندو، تيسين چولڪارو ڪونہ ملندو!" هن آڏندي چيو. هن لاءِ ميڙ بي معنيٰ هئي. هيءَ منٽ بي اثر هئي. هن کي سنڌ جي ميڙ ۽ منٽ دل ۽ وَيڙَ وجهي ڇڏيا هئا. هن کي پنهنجو ڪونڊر ٻاڻ ۽ ڪُوپا سائي سنگتي ڇاتيءَ تي چڙهيل ٿي پانيا، جيڪي ارغونـن ۽ مغلن جـي تيرن ۽ سنگينن جو بـڪ ٿيا هئا.

"ٻلا بار اسان جي ميڙ نٽو مڃين تہ هن ابهر جو بہ تہ سوچ

جيڪو پاڻهين جي اڪيلي نشاني وڃي بچيو آهي. تون پنهنجي ويڑهاند ۾ پورو آهين، ۽ هي معصوم ائين بي آسري لڏڻ جي زندگي ٻيو گهاري. هيءَ سمورو نسل، جيڪو يتيم ٿي ويو آهي، انهيءَ کي به تہ ويڑهاند جي لائق بنائڻ جو ڪو سوچيو ائي....!"

هو جيئن آئيو هو، تيئن ئي آمالڪ ويهي رهيو. هن نماڇيءَ ڏانهن ائين نهاريو، جڻ ڪيس پهريون ڀيرو ڏٺو هٿائين. نماڇيءَ جي ان معصوم مک ۾ هن کي پنهنجو پاڻ، پنهي هٿن ۾ کهاڙيون کڻي وڙهندو جهيڙيندو نظر آيو. ۽ پوءِ هن کڻي نماڇيءَ کي هنج ۾ کنيو. کيس پنهنجي پاڪر ۾ پريندي چيائين:

"انهيءَ مهٽي ماري وڌو، سائين! مون آڻ مڃي. مون رگهو پاڻ لاءِ پئي سوچيو. مون رگهو پنهنجي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جي باهه کي ٺڏو ڪرڻ جا پئي جتن ڪيا. پر سنڌ تہ هن نماڇيءَ جي آهي. هي نسل سنڌ جو آئيندو آهي. اسين تہ ويڑهاند ۾ ارغونن کان مار کائي، پنهنجا گهاوَ ويٺا سيکيون. پر جي هي نہ وڙهيا تہ پوءِ....!" هو جڻ پنهنجي پاڻ سان گهالهائيندو رهيو.

مرشدن کي وچن ڏيئي هو پٺتي موڪي آيو. جبل وڃڻ به ڇڏي ڏنائين. گهٽئي نياپا سنيها آيس. پر هو وري جبل نہ ويو. هو نماڇيءَ ۽ سندس جيڏن جو آستاد ٻڌجي ويو. هو ڪنهن سان بہ کين گهالهائيندو هو. ماڻهو سندس ويجهو اچڻ کان بہ کيهائيندا هٽا. هو به ڪنهن کي به ويجهو ڪونہ پوندو هو. رگهو هاڻ هون ڪري پنهنجي ڪم سان ڪم، پٺ ڪان گهر، گهر کان آکاڙو، آکاڙي کان وري گهر. ٽئين سال گذري ويا، ۽ نماڇي ۽ سندس جيڏن سنگتين هن نئين گهرام جي ساڻ مان اهو ڪجهہ پرايو، جيڪو هوند هو ڪنهن مدرسي مان به ڪونہ پرائين ها. هن کين نہ رگهو وڙهڻ سيکاريو، پر کين اها مت موڪائي ڏني، جيڪا سنڌين کي پيڙهيءَ کان پيڙهيءَ تائين رت جي گهاڙهن جزن ۾ شامل ٿي ملندي آهي....

"چاچا، پڪ ٿي پڪ، تون ڪنهن نئين پريت جو پنڌ ڏسي آيو آهين....!" نماڇي وري چرچو ڪندي چيو.

"نہ ڙي بابل، هيءَ تہ پرائي پريت جو پنڌ آهي، جتي هاڻ تو کي ٻہ مون سان گڏ هلڻو آهي...." گهرام جي اکين جا ڇڇ ڪجهہ ماڻا ٿيندا نظر آيا. تماچيءَ جي دل ٻہ ڪنهن آجاتي جذبي کان وڌيڪ ٽڪي ڏڙڪڻ لڳي.

"پڌ، سانوڻ وارن جو نياپو پهتو آهي تہ فيصلي جو وقت اچي ويو آهي! اڄ رات آنڙن واري ڏوري ۾ سمورن راڄن جا ماڻهو اچڻا آهن. اسان کي ٻہ ڪوٽ ڏني اٽن.... تماچي، هڪين ٿو، سڌ وري آڏل ڪاڻ واري آهي....!"

تماچيءَ سانوڻ وارن جون رکو ڪاليون هڪيون هيون. اهڙن سورهين جون رکو ڪاليون تہ ڪاٽيون آهن. هو ماڻهو نہ ۾ ڏند- ڪٽاڻون ٻڌجي ويندا آهن، اهڙيون ڏند ڪٽاڻون جنهن کان سواءِ ڪاٻ ڪڇهري رهاڻ ۾ نہ بدلبي آهي.

تماچي ۽ سندس سنگتي ساڻي جڏهن گهرام سان گڏجي آنڙن واري ڏوري ۾ پهتا، تڏهن سانجهي اچي ٽپي هئي. هر راڄ مان ڏاهکو همراهہ آيا هئا. سڀ پاڻ ۾ اڳين ٽي ملڻا ڇڻ تہ هو صدين کان هڪ ٻئي کي سڃاڻيندا هئا. اڳين ٽي حسب ۽ قرب سان ملڻا ڇڻ تہ ويڇها ماڻڻ هئا. هنن جي ماڻڻي سنڌ جي ناڻي جي ڪري ايتري ماناڻي هئي جو هتي ذات پات ۽ رت جي رشتن کي اهميت ڪانہ هئي. هي تہ سرءَ جو سڏ هو، سسيءَ جو سودو، ڪنڊن جو ڪاروبار هو؛ هتي ڪير ٽو ذات پڇي، ڪير ٽو قبيلي جي ڳالهہ ڪري. هي سما هي سومرا، هي انڙ هي ابڙا، هي شورا هي سهتا، هي مهاڻا هي ميربحر، هي جوڻيجا هي پليجا، هي ميمڻ هي ڪوري، هي سوڍا هي مينڌرا، هي راڻا هي راجپوت، هي نانگڙا هي مهيسر، هي لاکا هي لهاڻا، هي جت هي جاڙيجا، هي سرائي هي ڪلهوڙا، هي ڪتري هي مهتا، هي ڪاريا هي مينگهواڙ، هي چنا هي چنڊ، هي سورج ونشي هي چندرونشي، هي سيد هي سادات، هي قاضي هي عرب، هي انصاري هي قريشي، هي شيخ هي شيدي، هي مسلمان، هي هندو، هي ٻڌ هي جين— هي سڀ هڪڙي ڪڙم قبيلي جا ميٽ هئا. سڀ

جي مٽيءَ ۾ سندءِ جي پاڻي جي اڪيلي واحد رشتي ۾ سپ رنگ، نسل، پيد پاوَ وساري، فقط سندي هجڻ جي ناتي ۽ نالي ۾ نهال هئا. جيڏو سند جو نانءُ هو، جيڏو سندءِ جو مانُ هو، اوڏو ئي سندي هجڻ جو ناتو رشتو مهان هو.

پوءِ تماچي ڪ نظر سند جي هن پانڌيڙڻ تي وڌي، مشعلن جي روشنيءَ ۾ سندن روءِ سند جي مٽيءَ جهڙي سٽيادار هئي. انهن ۾ پيرسن بر هئا تہ ڪيرو جوان بر هئا؛ سنوان نڪ، سيتا مڪ، چاپٽيون ڏاڙهيون، وڪريون چاتيون، اڏل جسم، آيامندڙ جذبا ڪٽي هي سپ هت سند جي سينهي کي مانَ ڏيڻ آيا هئا.

گهرام هن کي سانوڻ سان ملڻ وٽي آيو. سانوڻ گهرام کي ڏٺو تہ کيس ڀڪين پڻجي ويو. کا دير کيس پاکر ۾ ڀري ٻيٺو رهيو، جڏ هن کيس پاڻ کان جدا ڪرڻ نٿي گهريو.

"گهرام، ائين باريون نياڻيون آهن. ائين وساربو آهي....؟" سانوڻ ڏوراپو ڏيندي چيو.

"سانوڻ، آءٌ تنهنجو ميارو آهيان. آءٌ بہ پنهنجي پَر ۾ تو کي سانديندو اچان.... هان، هن سان مل. هي ادي شيرل جو نينگر تماچي آهي!" گهرام تماچي کي اڳيان ڪندي چيو.

سانوڻ کا گهڙي تماچيءَ کي ڏسندو رهيو. پوءِ سندس اکين کو اهڃاڻ سڃڻي ڪٽي کيس پاکر ۾ وڌائين.

"آءٌ بہ چوان تہ هي جوان ڪنهن جي پيو ياد ڏياريم! مٿا، تنهنجي تہ شڪل بہ هوبهو شيرل جهڙي آهي....!" سانوڻ پاڻوهر مان چيو.

"اٿس رگهو شڪل ادي شيرل واري، باقي ٻيو مڙئي خير سمجهہ!" گهرام منهن ٻڌي پاسي ڪندي چيو.

"نہ ڙي گهرام، اهو ٽي نٽو سگهي. شيرل جو نينگر تنهنجو منهنجو ڀاڻيو ٿيو، سو ائين پاڻ کي بہ تہ لاڻون نہ ڪر!" سانوڻ ڪلندي چيو.

سانوڻ ڪجهہ وقت تماچي ۽ سندس سنگتين کان خبرون چارون

وٽندو رهيو. دريا جي ٻنهي ڪنڌين تي هن جي همراهن جيڪي مورچا ٺاهيا هئا، دريا جي ٻيٽ ۾ جيڪي ڪُن سنياليا هئا، تن جون ڳالهيون ٻڌي سانوڻ کي ڪا حيرت ڪانه ٿي. آخر ۾ تہ تماچي شيرل جو پٽ هو، جنهن سنڌوءَ کي ارغونن ۽ مغلن جي ٻڙڻ جو قبرستان بنائي ڇڏيو هو.

"تماچي، هاڻ اسان کي زمين سان گڏ پاڻي ۽ تي ٻہ معرکا ڪرڻا آهن. مغل بکر ڪان ڪجهہ لشکر ۽ ڪجهہ هٿيار سنڌوءَ جي ذريعي سيوهڻ ۽ ٺٽي پهچائڻ جو سوچيو ويٺا آهن. هن دريا جا هو ابترا هيراڪ ڪوند آهن. ان ڪري هنن جي انهيءَ گهٽ کي بند ڪرڻ جو ڪم اوهان تي آهي: وڏيون شاهراهون اسان جي گيترن سائين اڳي ئي بند ڪري ڇڏيون آهن. شورن هنن جا سمورا لنگهہ بند ڪري ڇڏيا آهن. سو هونائين وانگر دريا جي ڪنڌيءَ ڪنڌيءَ هو ڪچي مان لنگهندا. اتي ٻہ اسان کي اوهان جي مدد جي ضرورت ٿيندي. تنهن کان سواءِ توهين مٽي آهيو. اسين هيٺ آهيون. اوسي پاسي مان جيڪي جوان اسان سان ساٿ ڏيڻ گهرن، تن کي ٽکڙو اسان وٽ پهچائڻ لاءِ ٻہ اوهان جا ٻيڙياتا ۽ پاتڻي ڪو بلو ڪن تہ وهہ واهہ!"

تماچي پانهو تہ هن جي دل ويڪري ٿي ڦاٽڻ تي هئي. هي سانوڻ، جنهن سنڌ تان سرگهورڻ جو وچن ڏنو هو، سو هنن کي اهڙو اعتبار جهڙو سمجهي ٿو جو هنن کي دريا جي رکوالي جو ڪمڙو سونپي. ڇا اسين سندس اعتبار کي پورو ڪري سگهنداسون؟ هن چاچي گهرام ڏانهن نهاريو، جنهن جسون نظرون ٻہ پنهنجي پائيٽي ۽ ڪنڀل هيون. هن چاهيو ٿي تہ تماچيءَ کي هن مهل چاتيءَ سان لائي چوي: "تماچي، پُٽ تون شل ادي جن جا اڻپورا انسڙا سچا ڪري ڏيکارين!" پر هو ڀاڻ جهلي، سانوڻ سان گڏ جي موڙ ڏانهن موٽي آيو.

اوچتو جن ڪنهن اڻوات ڇڻ ملڻ تي، سمورا ماڻهو هيٺ ٻيهي رهيا: ڪي ڪانيون ٻڌي ويٺا تہ ڪي ٻنيءَ سي آپ کوڙي ويٺا هئا، جڏ بس هاڻ ئي آٽي گهوڙي تي چڙهڻ وارا آهن. ڪي

جوان الهت چٽي طرفن کان پهري سجاگ بتن وانگر بيٺا هئا. هنن جون نظرون ميڙ جي بدران انهن راهن ڏانهن هيون جتان راتاها لڳي ٽي سگهيا.

۽ پوءِ سانوڻ جو آواز سنجها جي ويڪاڻپ کڻي بلند ٿيو.

"سنڌ جا مهندارو، اوهان ٽي سنڌ جو سلام هجي، جو اوهان منهنجي سڌ ۾ سڌ ڏنو آهي. آڳ گهٽي ڏيگهه ڪونه ڪندس. الله ٿو چاڻي ته اڳي ٽي گهٽي دير ٽي ويئي آهي. جيڪا حالت اڄ آهي، سا جيڪڏهن ڏڏهن ڪريون ها جڏهن مغل اڃا پنهنجا پير کوڙڻ ۾ مصروف هئا، ته شايد هيءَ ڏينهن به ڪونه ڏسون ها. ۽ هنن کي لاهور ۽ دهليءَ روانو ڪرڻ ۾ اسان کي ايتري گهل ڪرڻي کائه پوي ها!

"پر خير، سو گهالهه ٽي ڪيم. مغلن جيڪي جٽيون سنڌين سان ڀٽي ڪيون، انهيءَ ۾ اسان کي ڪونه ڏوندارٽيو. شايد ان جو سبب اهو هو ته هو وڏي سياست آزمائي رهيا هئا. ڪن راڄن کي هنن ريهي ريهي پنهنجو ڪري ڇڏيو. جنهن راڄ کي هنن پنهنجي لاءِ خطرو ٽي سمجهيو، ان کي ٻين سنڌي راڄن سان ويڙهائي، کيس اڪيلو، هيڪل ڪري هنن سندن جن ڀچو رلائي ڇڏيو. هڪڙي راڄ جو اهو حال ڏسي، ٻيا پنهنجي سلامتيءَ کي سنڌ کان مٿاهون سمجهي يا ته سڪ ڪري ويهي رهيا يا وري دربار جهانگيري ۾ خلعتون وٺي ٽائينڪا ٽي ويهي رهيا ته جئن مغلن جي شرکان ڇيل رهن. هنن جي ٻي سياست سنڌين کي ويڙهائڻ جي هئي جنهن ۾ جيڪڏهن ڪنهن راڄ خلاف کو قدم کڻيو هون ته مغلن بدران هو ڪنهن سنڌي راڄ جي ڪاموري يا ڪوٽوال کي انهن سان نبيرڻ لاءِ موڪلي ڏيندا رهيا. اوهان کي ياد آهي ته ساموئي وارن سومرن خلاف راتاها شورن کان ڏيارايائون. وري نئين باران وارن جوکين کي زبر ڪرڻ لاءِ پليجن کي پڙکايائون. پليجن شورش کڻي ته مٽن سمن کي ڀچي ڇڏيائون. ائين اسان جا راڄ هڪ ٻئي جي پٺڪي لاهڻ ۾ پورا هئا.

"۽ پوءِ ارغونن ۽ ترخانن کي پنهنجو سوٽ ماسات سڏي،

ڪين وڏيون وڏيون جاگيرون ۽ پنج هزاريون ذات هزاريون ملازمتون ڏيئي ڪين سنڌين سان پراڻا ويڙ پاڙ ٽي چڏي ڏنائون. مرزا قيصر بيگ جهڙا ترخان سنڌي راڄن تي ڏاڙا ٻڌا هڻندا رهيا ۽ مغل دربار ۾ توشي‌خاني جون عملداريون ٻ ماڻيندا رهيا. جيڪي ارغون ترخان ۽ سندن پرتي ڪيل پٺاڻ ۽ قنڌاري راڄ سنڌ ۾ رهي سنڌي ٽيڻ جي هام هٺ لڳا هٿا، سي ٻ اوچتو مغلن جي هشيءَ تي اسان سان مهاڏو اڏڪائي بيهي رهيا. اسان جا پنهنجا سوداگر ۽ ڪوٺيدار مغلن سان قنڌار بدران اسان ڪي اسلامي سلطنت جي وفاداريءَ جي تلقين ڪندا رهيا چاڪاڻ ته هنن جا ٽيڪا، ٻلاوٽا ۽ ڪوٺيون خطري ۾ هيون. محلدارين، محصولدارين ۽ تپيدارين ٻ سنڌي ڪامورن ڪي سنڌ ڪان وڌيڪ پياريون آهن. هو غلامن ڪان وڌيڪ شاهه جا غلام آهن!"

سائوڻ ڪا گهڙي ماڻ ٽي ويو، جڏ سوچيندو هجي ٽه اڳتي ڳالهه ڪي ڪٿي يا اتي ٿي ختم ڪري.

"هر ان وچ ۾ سنڌ پيسجندي رهي. عام سنڌي پيڙجندو رهيو. نه هنن جا ننگ سلامت هٿا، نه وڃ واپار، نه زمينون نه مال، نه پورهيو نه ڪسب. مغل ته خير حاڪم هٿا پر ترخان ۽ ارغون ٻ نئين سر سنڌين جي پويان پٽجي ويا. جڏ ٽه هنن ڪي نئين سر پراڻا حساب چڪتو ڪرڻ جو موقعو ملیو هو. خاص طرح سان جڏهن ڪان پائنده بيگ ڪوتوال مقرر ٿيو، تڏهن ڪان ته اهو ڏينهن خالي نه هو جڏهن ڪنهن نه ڪنهن سنڌي محلي، ڪنهن نه ڪنهن سنڌي راڄ تي آفت نه آئي هجي. سموري سنڌ سان اهو حال هو. جڏهن ٻ ڪنهن سنڌي راڄ پنهنجي حد جي عامل جي دانهن مٿي ٿي پهچائي ته داد ٽيڻ جي بدران هنن سان بيداد ٿي ٽيو. اهڙيون عقوبتون ٿي ڪيائون جو ماڻهو ميڙي ٻ ماڻ، مٽي ٻ ماڻ ڪري ويهي رهيا!"

سائوڻ گهڙيءَ لاءِ ماڻ ٿي ويو، سموري ميڙ ۾ ماڻهو جڏ بت بڻجي، ساهه روڪي، سائوڻ جون ڳالهيون ٻڌندا رهيا هٿا، سي ٻ هن جي ماڻ تي جڏ ته خواب مان جاڳي پيا. هنن جو روڪيل ساهه شوڪارو بڻجي نڪتو. ڪنهن پنهنجي ڪانپ چوڙي نئين سر

ناهي جوڙي ڪشي ٻڌي ٿـ ڪنهن پنهنجي ٻڪي جـو ور ستو ڪيو. جيڪي ٻيڻا هٿا، تن بـ پنهنجي پيرن تان بار هلڪو ڪرڻ لاءِ، گوڏا سڏا ڪرڻ شروع ڪيا.

پوءِ وري سانوڻ جو آواز گونجيو. "پر شابس آهي سنڌ جي مدرسن جي شاگردن کي، جن هن پيري امان کي ڏونڊاڙي، جڏ تـ خواب مان جاڳائي وڏو آهي. جڏهن حافظ بلال ۾ هٽ وڌائون تـ جڏ ٿ سنڌ جا سمورا مدرسا آياميِ آٿيا. ڪاهوڪا نينگر جـڻ چتا ٿي پيا. هي نندا نيٽا جن جنگين جون رکوڪاهيون ۽ ڏند ڪٽائون ٻڌيون هيون، پتنگن وانگر پڙڪي آٿيا، ۽ حافظ بلال جي مچ تـ مرڻ لاءِ سانباهي آيا. مغلن سان اهو ڪجهه ڪيائون جيڪو اوهان امان جهڙا جهيڙاڪ ماڻهو به هوند کين ڪن. اوهان تـ پڙوسڻو هوندو پر مون اکين سان ڏٺو آهي. مغلن جي هڪڙي بـ حويلي سڄي ڪانه ڇڏيائون. جتي جتي مغلن جـون رسدگاهون، اناج جـا ٻانڊا، گاهه جون دنون ۽ مال خانا هٿا، وهٽن جون ڪڙهيون هيون، تن کي راتو رات پسم ڪري ڇڏيائون. پائنده بيگ کي حڪما حڪمي مغلن جي گڙهه منجهان ڪڍي ويا، ۽ ٻئي ڏينهن مرزا رستم بيگ جي حويليءَ جي سامهون ٽياس تي سندس لاش ڏڪيل هو!"

هـن وري هـڪ ڀڳهو ساهه ڪڍي چيو: "ڏينهنڪ مغلن ۾ تاکوڙا پٽجي ويا. ساقي خانا بند ٿي ويا. غلامن جا نيلام گهر ويران ٿـي ويـا. مغل سوداگرن پنهنجون مڏيون ۽ ڪوٺيون بند ڪري ڇڏيون. ڪيترن مغلن ٿ لاهور ۽ دهليءَ وڃڻ لاءِ قافلا سنيارڻ شروع ڪيا. ترخانن جڏهن اهو رنگ ڏٺو، تڏهن انهن به مغلن مان کسرون ڪڍڻ شروع ڪيون. هنن سمجهيو ٿ مغل اجهو ٿا سنڌ ڇڏين، وارو ڪريون ٿ سنڌ تي سيوهڻ کي مرڪز بڻائي وري ترخانن جي غلاميءَ جو ڳٽ وڌهڻ ڏکيو ڪونه ٿيندو!"

اهو چوندي سانوڻ جي لفظن ۾ جيڪو زهر اوتجي آيو، سو ماڻهن کي جڏ ٿ پنهنجي نڙيءَ ۾ محسوس ٿيڻ لڳو.

"۽ پوءِ مغل لشڪري سنڌي محلن، سنڌي راڄن ۽ سنڌي

واهڻ ۾ ڪاهي ٻيا. شروع شروع ۾ هنن ڪـي مالهن ڪي هيسائڻ ۽ مارڪٽ ڪرڻ ۾ ڪجهه ڪاميابي ٻه ٿي. ايتري قدر جوڪن مالهن اهو ٻه چوڻ شروع ڪيو ته هنن وات ڪاڙهن ڇورن جي ڪري مغل لشڪري ڇتا ٿيا آهن. ڪن ته پنهنجي نينگرن ڪي سمجهائڻ جي ٻه ڪوشش ڪئي، پر ڇوڪر نه مڙيا. هنن وري ٻه ڪوليون ٺاهي مغلن تي راتاها ڏيڻ جي وات ورتي. مغلن ۾ هائيدوس مچي ويئي. پر پوءِ هٿياربند لشڪرين اڳيان هـي اسان جـا مهندار نينگر هيٺا ٿيڻ لڳا، جن وٽ جيڪڏهن ڪو هٿيار هو ته اهو هو خردم يا باهه جا موٽرا!

"جڏهن هنن جو ريٿو رت سڏ جـي ڏرتيءَ ڪي ريج ڏيڻ لڳو تڏهن اسان پارا آڻي تي چڙي بـ جاڳي ٻيا. اولاد ڪنهن ڪي پيارو ڪونهي! هي ته سڏ ۽ سڏوءَ جو اولاد هو، ۽ پوءِ هري ڏاڍي هـر هڏ جوانن ۽ وڏڙن بـ پنهنجون ڪهاڙيون، لـوڙهيون، ٻالا ۽ بڙڇون سنياليون، ۽ پنهنجن ٻچن سان گڏ ٻيهي رهيا آهن. هاڻ اها ويڙهه رڳو مدرسن جي شاگردن جي نه رهي آهي. هاڻ هيءَ سڏ جي ويڙهه بڻجي ويئي آهي.

"سو انهيءَ ويڙهه ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آءٌ اوهان وٽ ميڙ ڪئي آيو آهيان. هيءَ ويڙهه اڳين سمورين شورشن کان نرالي آهي. ترخان ۽ اسان جا ابترائي ويري آهن، جهڙا مغل. پر هن ڀيري ترخان مات ڪري شغل ٻيا ڏسن. مغلن کي ڪيڏ لاءِ هو ۽ آتا آهن، پـر هو مغلن کان پوءِ وري پنهنجي عملداريءَ جا خواب ٻيا ڏسن. سو هـن ڀيري هٿيار ۽ همت سان گڏ اسان کي سياست جي جنگ ۾ وڙهڻي آهي.

"سو اڄ آءٌ وري سڏ جو سڏ ڏيڻ آيو آهيان. سر جي سڻن هڏ آيـو آهيان. آءٌ سڏ پاران اوهان آڏو جهول جهلڻ آيو آهيان. هونئن ۽ غلاميءَ جو جيئڻ بـ ڪهڙو جيئڻ آهي. جي سر ڏيڻ سان اسان جي سدا ملوڪ سڏ آزاديءَ جو ساهه ڪٽي ته هوند اهڙو موت هن حياتيءَ کان هزار دفعا وڌيڪ ملهائيندو آهي.

"هن ڀيري هيءَ جنگ ايئن وڙهو، جئن هيءَ اسان جي آخري جنگ آهي. اڇو ته سڄي سڏ ۾ پکڙي وڃون. مغلن تي نه رڳو زمين

تنگ ڪريون، پر هي سدا سهڻو دريا به جيئن هن جي پناهگاهه ۽ بچي سگهي. اچو ته هن جا گهٽ گهيڙ بند ڪريون. هن کي رتڙ هڪڙو رستو ڏسيون— سو اهو ته سنڌ هاڻ هن لاءِ قبرستان بجي ويندي. ٿئي کان اروڙ ٿائين، بلڙيءَ کان بکر ٿائين هن لاءِ ٿط لاهور ۽ دهليءَ ڏانهن واپسيءَ جو رستو آهي. جيسين آخري معن سرحد پار نه آکري، تيسين سڪ نه سمجهو. هي ٽر، هي بر، هي حمل، هي ڪرڙ، هي ڪاڏيرا هاڻ آزاديءَ لاءِ اسان اڳمان جهول جهلمو بينا آهن. اچو ته هن جو سڏ ٻڌون، اچو ته هن جي سوٽ ڏيون....”

هن جي آواز ۾ الائي ڪٿان جو درد پرجي آيو. ماڻهن جي دل ڪنڀري ڪنڀري ٿيندي ويئي. ايٽن ٻڌي ڀانيو ته ماڻهو اجهو ئي هڪ ٻئي کي پاکر پائي، آٽت ڏين ته اڙي ادا، هاڻ غلاميءَ جا بند ڪٽڻ وارا آهن. هاڻ آزاد سنڌ ۾ ساهه کڻڻ جا ڏينهن اجهو کي آيا. پر.... پر ڪڇ وقت ماڻهن تي ماڻ چانيل رهي. ۽ پوءِ جڏ ته ميڙ ۾ هڪ آجاتي لهڙ آپري، ۽ هري هري ٿي، ماڻهو سانوڻ سان پاکر پائي ملڻ لاءِ اڳتي ايندا ويا. سانوڻ هن سان ايٽن ٿي مليو، جڏ هو ورهين کان هڪ ٻئي جا واقف هئا ۽ ورهين جي وڇوڙي کان پوءِ مليا هئا. سيني جي اکين ۾ هڪڙوئي احساس هو. هڪڙوئي آنساهه هو. هڪڙوئي خيال هو ته سنڌ لاءِ هن کي ٿي ڪجهه ڪرڻو آهي. هن کي ٿي سنڌ جي جنگ اڪيلي سر وڙهڻي آهي. هن کي ٿي اڪيلي سر سنڌ جو سڏ اونائڻو آهي. ايٽين نه ٿئي جو پوئتي رهجي وڃي. ايٽين نه ٿئي ته هو سنڌ جو ميارو ٿي پوي. ايٽين نه ٿئي جو هن کي هن جي ساڻ، هن جي پيڙ، هن جي زال اهو سهڻو ڏيئي وڃي ته تو سنڌ جو سڏ نه اونائيو. سنڌ جي ڌرتي، سنڌ جو آسمان، هي سنڌو، هي مهراڻ، هي ڏنڊون، هي ڏورا، هي پٽ متان شڪايت ڪري وجهن ته تو اسان لاءِ ڪجهه نه ڪيو!

تماچي چپ چاپ هي جذبو ڏسندو رهيو. پنهنجي دل ۾ محسوس ڪندو رهيو. هي هن لاءِ بلڪل نئون احساس هو. نئون

تجربو هو. هن پنهنجي چاچي ڏانهن نهاريو. هن سائوڻ ڏانهن نهاريو. هن هر ماڻهوءَ ۾ نهاريو، ۽ هر چهري ۾، هر مُک ۾ هن کي پنهنجو ابو شيرل نظر آيو، جنهن جي ٻهي هٿن ۾ کهاڙيون هيون، جنهن جي اکين ۾ اهو سنيهو هو، جيڪو فقط هڪ آزاد وطن جو آزاد ماڻهو ئي ٻڌي سگهي ٿي ۽ محسوس ڪري ٿي سگهي. هن دل ئي دل ۾ چيو: "بابا، آءٌ احهو ادا. مون تنهنجو سڏ ٻڌي ورتو آهي. مون سڏ جو سڏ ٻڌي ورتو آهي. آءٌ توکي وچن ٿو ڏيان ته جيسين سسيءَ ۾ ساهه آهي، تيسين سندءَ جي ڀاڻيءَ کي آزاد رکندس— مان مون ڪان اڳتي، تو ڪان ٻه اڳي سندي ماڻهن ان کي ٻوڌائين، عزيز، تڪڙ ۾ اوعوفن کان آزاد رکيو هوا!" ✱

سنڌ جو وڻ وڻ ڦلارجي پيو هو. جيڏانهن ٽي نظر ويئي، اوڏانهن سنڌ جي سونهن ڪَرَ ڪٽي، اکين ۾ گهڙندي ٽي وئي: ڪيٽ سُرهاڻ، ٽَر بَر سُرهاڻ، ڏينهون ڏورا سُرهاڻ، سنڌو سُرهو، جبل جا ڦهڻ به سُرهاڻ ٿي پيا هئا. سنڌ جا ماڻهو به ڪنهن نئين سرهاڻ ۾ واسجندا ٽي ويا. سندن منهن تي مُرڪ موٽي آئي هئي: هيڄ ۽ هٻڪار جو اهو رنگ سانوڻ اڳ ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو. هو جتان ٿي لنگهيو، جوانن جا جٿا اچي ٿي هن سان ملیا: ڪنهن کي پاکر پائي ڪنهن کي پائي. ڳوٺن ۽ واهڻ وٽان ٿي لنگهيو ته جوانن کان سواءِ پوڙها پيرسن به ڪين اڳيرو ڪري ٿي آيا. ڪيڏي نہ آس هئي هنن جي اکين ۾: لڙڪن گاڏڙ آس، مُرڪ گاڏڙ آس، جنهن هنن جي منهن کي نئون نور ٿي بخشيو: هن نڙي ڪين ملڻ جي ٿي ڪئي ته هن کي ڀڪن ۾ ڪٽي ٿي ورتائون: "ابا، اسين اڳي ٿي گناهگار، وڌيڪ گناهگار ته نہ ڪر. تون ته سنڌ کلهن تي ڪئيو وتين، تون ته نہ جُهڪ! سلام ته سنڌ تي آهي، ۽ انهيءَ مهابي تو تي سلام آهي، تون ڪيئن ٿو نڙي اسان سان ملين!"

۽ سانوڻ جي هنئين ۾، اهي ڳالهيون ٻڌي، هڪ ٻنجي ويندو هو. جيڪڏهن هنن نوراني ماڻهن جي آس پوري نہ ڪري سگهياسون ته هن جو نور کسجي ويندو، ۽ سندن منهن تي وري پراڻا گهاوَ نوان گهنج ٻنجي، ڪين وڌيڪ پوڙهو ڪري ڇڏيندا! ويڇهرن جي واهڻ وٽان لنگهيو ته جڻ هن کي ڏانوڻ ٻنجي ويا. جوانن جو هڪڙو جٿو اچي هن سان ملیو، پر انهن جي پويان هن ڏٺو ته ڪجهہ زائفائون ٽالهيءَ ۾ ڏيا ٻاريو بيٺيون هيون. انهن مان هڪڙي هڪڙي ٿي اڳيان آئي، ۽ ٿي پيرا هن ٽان ٽالهي گهوري،

ٽالهيءَ مان سنيڌر جي چپڙي ڪڍي هن کي تلڪ ڏيندي ويئي. ۽ پوءِ هن جي پيرن مان مٽيءَ جي چپڙي ڪڍي، پنهنجي سينڊ ۾ وجهندي پويان هٽي بيهي رهي. جڏهن آخري زائفان، سنڊ جي مٽيءَ جي چپڙي، پنهنجي سينڊ ۾ وڌي، تڏهن سانوڻ کي پنهنجي دل ڇاتيءَ کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ تڙڦندي محسوس ٿي. پوءِ هڪڙي زائفان چيو: "ٻاڏو، جڏهن رام رانوڻ سان وڙهڻ نڪتو هو، تڏهن ستن سهاڳڻين، سندس آرتي ڪڍي، کيس موڪلائي ڏني هئي: اها وارتا پستڪن ۾ لکي ٻڌي آهي، پر اڄ اسان رام اکٽين ڏٺو آهي. اسان جي سنڊ ۾ سيتا جيان رانوڻ جي پنجوڙن ۾ آهي. اسين به ست سهاڳڻيون اڄ تو کي رانوڻ سان وڙهڻ جو سوگهنڊ ٿيون ڏيون. اسان کي اسان جي سيتا وراڻي ڏي. اسان کي سنڊ وراڻي ڏي. شل سنڊوءَ جو جل ۽ سنڊ جي مٽي تنهنجي راکي ٿئي!"

سانوڻ بت بڻجي سنڊ جي هنن نياڻين ڏانهن نهاريندو رهيو؛ سندس اکين جي لڙڪن ۾ هنن جون صورتون ستارا بڻجي چمڪندڙيون رهيون. سڀ ماڻهو ڇڙ مٽيجي ويا هئا. پوءِ هڪ ڀيرسن کنگهڪار ڪري چيو: "ابا، اسين سنڊي ڌاڙا ويساهه وسوڙا آهيون. اسين هندو ته اوهان مسلمينن کان ٻـ. وڏيڪ ويساهه وڃائي ويٺا هئاسون. پر تو اسان کي ويساهه موٽائي ڏنو آهي. هنن ستن سهاڳڻين جو تو ۾ ويساهه، سمجهه ته سموري سنڊ جي سهاڳڻين جو ويساهه آهي. سو جيئن رام سيتا موٽائي امر ٿي ويو، تيئن تون به سنڊ موٽائي آمر ٿي ويندين... وڃ، سموري سنڊ جون دعائون ۽ پرائنائون توسان سائي آهن.....!"

ڀرسن جي نڙيءَ ۾ ڇڙ اڪر اٽڪي ٿي پيا. سندس اکين مان لڙڪ سنڊو جيان پٽي وهيا.

سانوڻ آملڪ ڀرسن جا پير ڇهي، سندس پاڪر ۾ سڏڪندي چيو: "ڪاڪا! ڏٽيءَ لڳ، مون تي ايڏو بار نه وجهو، جو آڳ ڪٽي نه سگهان. سنڊ جيڪڏهن آجي ٿي ته هن سهاڳڻ ڀيرن جي صدقي آجي ٿيندي.....!" لفظ هن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا، هو ڪا گهڙي ڪاڪي جي پاڪر ۾، بنان آواز، سڏڪندو، ڏسڪندو رهيو، ۽ پوءِ

تڪ ۔ ڪڙو اچي پنهنجي همراهن سان ملیو، ۽ کين ڪوچ ڪرڻ جو اشارو ڏنائين.

سنڌ جي نياڻين جي سينڌ ۾ سنڌ جي مٽيءَ جي اهڃاڻ هن کي لوڏي وڏو هو. شل ان سينڌ ۽ ان مٽيءَ جو مانُ رکي سگهون! هيلوکي اڻل هن جي پنهنجي اميدن کان به وڌيڪ ثابت ٿي هئي. ساٿو هٿا جيڪي مينهن وساڻن وانگر وسندا ٿي وياء. هن جو ٻيلو ته سمورو جوانن سان ڀرجي ويو هو، ۽ ڪچي نوڙي پڪي ٿي، بکر کان ڏٽي ٽائين سنڌين جا مورچا ۽ محاذ ڏهي پيا هٿا. اترکان ڏکڻ، اوڀرکان اولهه تائين جتي ڪٽي اهو چوپول هو ته هيل سڄي سنڌ ۾ جيڪا ويڙهاند ٿيندي، سا آخري ٿيندي. جئن جئن وقت گذرندو ويو تئن تئن سنڌين جا حوصلا وڌندا وياء. مغل جتي ڪٽي ڏنل ۽ چرکيل هٿا. هنن کي سمجهه ۾ نٽي آيو ته هن اڻل کي ڪيئن منهن ڏين. سڌو سنئون ڪٽي ۽ مهاڏو ڪونہ هو. کا وڏي جنگ ۽ کاڌ هئي. رڳو راتاها هٿا، ڪڏهن ڇانوٽين تي، ڪڏهن ڪنهن مورچي تي، ڪٽي ڪنهن قاڦلي تي، ڪٽي ڪنهن رسدگاهه تي! مغلن لاچار ٿي ترخاڻن ڏانهن نياڻا ڪيا، پر ترخان ساڻ هٿا: هنن ڪنهن جو به پاسو ڪونہ ٿي ورتو. ايتري قدر جو رستم بيگ جي درٻار ۾ ترخان امير حاضريءَ ۾ ناغو ڪرڻ لڳا. ۽ پوء رستم بيگ مظفر خان جي ذريعي سانوڻ کي نياڻو موڪليو ته جيڪڏهن سنڌين کي مغان کان کي شڪايتون هيون تہ رستم بيگ انهن جي تدارڪ ڪرڻ لاء وعدا وعيد ڪرڻ ۽ گالهيون ٻولهيون ڪرڻ لاء تيار هو بشرطيڪ هي شورشون ۽ راتاها بند ٿين! ۽ ان ڪم لاء وچ ۾ ٽياڪڙ ٽيڻ لاء نٽي جي جامع مسجد جو مغل پيش امام، ۽ سنڌين جي ٻن وڏين مسجدن جا سنڌي پيش امام ۽ عالم رضامند هٿا.

سانوڻ کي جڏهن اهو نياڻو پهتو هو، تڏهن ۾ جون ٽيهون ڏينهن ويون هيون. هي اهي ساڳيا مولوي هٿا، جن رستم بيگ جي پريءَ درٻار ۾ چيو هو ته "حافظ بلال اسلامي حڪومت خلاف بغاوت ڦهلائي رهيو هو. هن جو علمي مرتبو برابر وڏو هو، پر بغاوت

کي فقط شهنشاهه هند ٿي معاف ڪري سگهي ٿو!" انهن ٿي ڏنهي سولوين فتويٰ تي صحيحون ڪيون هيون ته حافظ بلال واجب‌القتل آهي. ان ڪري هن کي سزا ڏيڻ لاءِ شهنشاهه کي عريضوموڪلجي، يا حافظ کي لاهور روانو ڪري، شهنشاهه آڏو پيش ڪيو وڃي، جتن حضور جن ٻاڻ هن ٿي سزا ڏيڻ جو فيصلو ڪن!

هن کي حافظ بلال وارو ماجرو جڏن ٿي ياد آيو، تڏن ٿي هر جي تن بدن ۾ باهه ٻرڻ ٻڪي. هن سڏ جي ڏک، حافظ بلال کي، نيڻن ۽ سنگهڑن ۾ جڪڙي، هڪ عام ڏوهاريءَ جيان لاهور موڪلي ڇڏيو، ۽ هو ڪجهه به نه ڪري سگهيو. جڏهن مدرسي جي شاگردن ۽ ٻاڏنده بيگ جي حويليءَ کي سڙيو ۽ ٻاڏنده بيگ کي موت جي سزا ڏني، تڏهن به هن جي دل ٿي چنبو ڪونه ٻيو. هن جي دل ته اهو ٿي چاهيو ته هڪڙي هڪڙي مغل کي پنهنجي هٿن سان نپوڙي ماري، پر پوءِ شاگردن جي لڳايل چٽنگ جڏهن سموري سڏ م پنيٺ هاريو، تڏهن هن کي پنهنجي ٻاڻ ۽ پنهنجي ساڻين سان جهڙٽو ٻيو. هن جي مرضي هئي ته هو مغلن جي انهيءَ قافلي ٿي راتاهو ڏيڻ پوءِ ڪٽي هنن کي سڏ جي سرحد ڇو نه اڪرڻي پوي، پر سندس اندر واري ڪيس مهميز ڏني ته هي وقت وڃايوسون ته وري ڪڏهن به هٿ نه ايندو. حافظ بلال ساهميءَ جي هڪ ٻڙ ۾ هو ته آن جي ٻئي ٻڙ ۾ سڏ جي آزاديءَ جي ويڙهاند هئي! هن جي همراهن مان به ڪچ ڇٽا هن جي راءِ سان شامل هٿا پر گهٽائي آنهن جي هئي، جن اهو ٿي چيو ته هن مهل ٿي خود حافظ بلال هجي ها ته اهو به چوندو ته هڪڙي حافظ بلال جي حياتيءَ کان سڏ جي آزاديءَ جو آسرو وڌيڪ اهم آهي! مغلن کي ٽورو به وقت مليو ته چٽني طرفن کان هن جا واهرو ماڳ جيان سڏ تي اچي ڪڙڪنداء ايران کان، قندار کان، ملتان کان ۽ هيٺان ڪچ کان ڪٽڪ لٽا ته پوءِ رڳو هٿ مهٽيندا رهجي ويندا سون. پر سانوڻ جي چري دل اصل نٿي مڃيو. هن جي روح ۾ حافظ بلال جو نوراني چهرو وَرَ وَرَ ڪري ٻيهر هاريندو رهيو، ۽ پوءِ هن همراهن کي چٽي ڏنو: "ٻاڏو، گالهيون

اوهان جون سڀ سڃيون ۽ سيبتيون آهن. پر هن ندوري دل کي ڇا ڪريان. مون کي تيسين سڪ نہ ايندو جيسين حافظ کي نہ ورايو ائين. سو مون کي بخش ڪجو....”

پري کان خابروءَ جي گھوڙي جي ٽاپڙ ٽاپڙ ٻڌي، سانوڻ ماڻ ٿي ويو، نہ ته هو پنهنجي جنون ۾ الائي ڇا چوڻ وارو هو، ڇا ڪرڻ وارو هو. خابروءَ جڏهن چئي سندس هٿن ۾ ڏني، تڏهن سيني ڏئو ته پهريون پيرو سانوڻ جي هٿن ۾ اڻ لکي ڏکٽي اچي وئي هٿي. هن هڪ ڀگھو اونهو ساهه کڻي، چئيءَ تي نظر وڌي!

حافظ بلال لکيو هو: ”سانوڻ، آپهرو نہ ٿجانءِ! سندا اکيان آءٌ کا وَٽُ کين آهيان، متان مون کارڻ، سندا جو سڏ مولائي ڇڏين! پانيان ٿو ته هڙي مهل وري ڪڏهن بہ کانہ ايندي: جيڪڏهن منهنجي موت سان سندا آزاد ٿئي ته سمجهندس ته هيءَ حياتي ته سجائي ٿي، پر عاقبت بہ موچاري ٿيندي. مغل مون کي لاهور نہ موڪلين ها ته آءٌ پاڻ دربار ۾ حاضر ٿي مغلن جيڪي سندا سان ڪئي آهي، سا شهنشاهہ اکيان بيان ڪريان ها. سندا جا ماڻهو ننڍ مان چرڪ پري جاڳي پيا آهن: هنن جي ان جاڳ کي سجايو فقط تون ٿي ڪري سگھين ٿو. آءٌ تو کي منٽ ٿو ڪريان ته هن وقت مهل سڃاڻ، سندا جي هڪڙي ڪنڌ کان هي ڪنڌ تائين جيڪا باهہ ٻري آهي، ان مان سندا جي چونڪاري جو صبح جاڻ ته ٿيو. الله، الله جو رسول ڪندو ته جڏهن موٽندس تڏهن آزاد سندا کي پنهنجي اکين ڏسندس. جي نہ، ته ڏئيءَ در اهائي التجا آهي ته غلام سندا ڏسڻ کان اڳ مون کي موت ڏيئي، پنهنجي هن گناهگار بندي جي مغفرت ڪندو. چگو: الله کي پرتو، سندا کي پرتو!“

خط پڙهي، سانوڻ کي هڪ ئي وقت ڪئين خيال اچي ويا: هن جي دل هلکي ٿي ويئي: هن جي اکين مان لڙڪ اٻڻ ٿي وهيا ڇڻ هو ورهين کان ڪونہ رنو هو، تڏهن اکين اڄ روئي ڪٿر پوري ڪرڻ ٿي گھري. هن کي پنهنجي سنگتين سان اکيون ملائڻ ۾ شرمساري محسوس ٿيڻ لڳي. هن جي دل چيو ته هو سندا جي مٽيءَ

مان مُٺ پري، ان کي چُمي، پنهنجا سمورا وچن ورجائي ٿــ وري کوبه جذبو سڏ کان مٿاهون کونه ڪندو. هن جي دل اهو به ٿي چاهيو ته هرهڪ همراهه کان، پلاند وجهي معافي گهري، ته ادا، مون کي بخش ڪر، مون کان گهڙيءَ لاءِ سڏ وسري وئي هئي! هــن جي انــدر ۾ جيڪو ماندڻ متل هــو، سو جڏهن جائيتو ٿيو، تڏهن هو بي‌اختيار آٿيو، ۽ پنهنجي همراهن کي هڪ هڪ ڪري، يا ٽولن ۾ سمجهائيون ڏينڊو وبــو. پنهنجي خاص چوپاريءَ کــي رڳــو ايترو چيائين: "آڏو ته هلون. سڏ ۾ لهي پئون. سڏ حي ماڻهن جي دلين ۾ لهي پئون، متان مهل ڪري وڃي!"

۽ پوءِ هو سڏ ۾ لهي پيا: واڇوڙي وانگر هڪڙي واهڻ کان ٻئي واهڻ تائين، هڪڙي پٽ کان ٻــي پٽ تائين، هڪڙي ٽڪ کان ٻئي ٽڪ تائين، هڪڙي پرڳڻي کان ٻئي پرڳڻي تائين! هنن جي اکين مان نند ايئن غائب ٿي وئي، جڏ هنن جون اکيون نند جون هيراڪ ٿي کونه هيون. ماڻهن هنن جون مهمانيون ٿي جهليون، ۽ هنن وٽ ۽ گهر ڪائڻ جي به وار ڪائي ڪانه هئي. ڏينهن رات جا سڏا متجي وبــا هئا. هڪڙا وهٽ ٽڪجي ٿي پيا تــ انهن کي آتــي ٿي چڏيائون. نــوان وهٽ، نــوان ارادا، نيون منزلون! نئين پهچ، نئين گهالهه! نوان هٿيار نوان اوزار، نوان جذبا، نوان حوصلا ٽجي ٿــي ويا! راڇن جا راڇ راتو رات پنهنجا پراڻا ويڑ وساري، پاڪرين پٽجي ويا. ڪنهن راڇ دل من ٿي هنيو ته پيا راڇ هنن وٽ ميڙ ڪٽي ٿــي آيا! نياڻيءَ ميڙ، قرآن ميڙ! پيلي ڏاها ٿيو، هيءَ مهل سوڇڻ جــي ڪانهي: هيءَ مهل ڏک هٽڻ جي مهل آهي؛ هيءَ مهل ملهائيندا ته مهل بــ امر ٿي ويندي، اوهين بــ امر ٿي ويندا! او ادل، او پاٽو وسارين متان، متان ميارو ٿي پئون!

سڄي سڏ جــا پورهيت، ڪمي ڪاسبي نئين پريت جــي پورهٽي ۾ لڳي ويــا. لــوهار ڪهاڙيون، ڪاترون، ٻڙڇيون، پالا، تراريون ۽ تير ٽاهڻ ۾ هڪ ٻئي سان شرطون پچائڻ لڳا. وادن گاڏيون ايئن ٿي ٽاهيون جڏ انهن گاڏين جي چاڪن ٿي سندن پنهنجي گوءِ

جو دارومدار هو. موچي ۽ مينگهواڙ وهڻ جي سنجن سان گڏ چمڙي جا چابڪ ۽ خردم ٺاهيندي ٺاهيندي، بچيل چمڙي جي ليڙن مان غليلون ٺاهڻ ويهي رهيا. جبلن ۽ لڪن تان شاهه چور ۽ ڏاڙيل لهي پيا ۽ ننڍن نيڻن کي ويڙهه جا انگ سيکارڻ ويهي رهيا. هرڪنهن کي هورا کورا هٿي ته ڪيئن هٽ ونڊائي. جهور پيرسن به جوانن کي اڪيئن شورشن ۾ ڪاميابين ۽ ناڪامين جا ڪارڻ سمجهائيندا، ڪين نيون انڪلون ٻڌائڻ لڳا. ننڍن نينگرن وري هڪڙي مورچي کان ٻئي مورچي تائين، هڪڙي محاذ کان ٻئي محاذ تائين خبرون پهچائڻ جو ڪم پاڻ تي ٿي ڪنيو. رسدگاهه ڪٿي آهي، گاهه جون دنون ڪٿي آهن، وهڻ لاءِ ڪڙهيون ڪٿي هيون، ان لاءِ وڻ جا ڇوڏا لاهي، متن نشان ڪيڏي ٿي ڇڏيائون. مغلن جي عام شاهراهن جي وچ وچ ۾ ڪاهيون ڪوٽي، انهن کي ڪانن ۽ ٻيهر سان ايئن لٽي ٿي ڇڏيائون جو مجال آهي جو سندن وهڻ کي ٻئي ڪو شڪ پوي. راتين لاءِ زائفائون موڙا ۽ مشعلون ٺاهڻ ويهي رهيون. سڄو ڏينهن ٻنهنجي مڙسالن کي مهل ياد ڏيارينديءِ، رات جو جند ٻيهڻ ۽ اڳوڻن وقتن جي سورهين جون ڳالهيون ڪٿي جا انسٿا ٺاهيندي، سنڌ جون سيناڻون، ٻاگهيون، مومليون ۽ ماروئيون سنڌ تان صدقو ٿيڻ لاءِ ساڻ سوڻ ڪرڻ لڳيون هيون. سڄ سپاڻي جا ڪري، سا روءِ سنڌين جي هٿي. هرڪنهن جي اندر ۾ جڻ ڪو نئون سوجهرو سمائجي ويو هو!

سنڌ جي هيءَ حالت مغلن کان ڳجهي ڪانه هٿي، پر لڪا ڪانه ٿي ڏنائون. پر سندن ٽپالي ٽٽي کان لاهور تائين هر ڳالهه شهنشاهه جي ڪن تائين پهچائڻ لاءِ روز ٿي روانا ٿيا. ترخانن ٻيهرين ته دل متن ٻڌي هنيو. هن سنڌين جون ڪيتريون ٿي شورشون ڏنيون ۽ ڀڃيون هيون. پر هيلوکي آڏل شورش نه هٿي: هيءَ آڏل دريا جي آڏل کان ٻيءَ وڏيڪ وسيع، وڏيڪ ٽڪي ۽ وڏيڪ ڦهلجندڙ هٿي. مغل انهيءَ آڏل آڏو ڪيهي سگهندا يا نه، پر اها ڪين پڪ هٿي ته سنڌ وري سڳي سنڌ نه رهندي. سنڌي جماڻي جي جنگ لاءِ تيار

هٿان جيائپي جي هن جنگ ۾ جيڪڏهن هو سُرخرو نه به ٿيا، تڏهن به سندَ کي وري غلام بڻائڻ تي هڪ کان وڌيڪ پيرو سوچڻو پوندو. اهو سوچي هنن سانوڻ ڏانهن نياپا سنيها موڪلڻ شروع ڪيا. سانوڻ کَنَ لاتار ڪندو رهيو. هن جو جواب اهو هو ته ڏسنداسين، سوچيندا سين!

پوءِ مرزا شاهرخ پنهنجو خاص ايلچي موڪليو. ڪڇريءَ ۾ سورن همراهن کي سانوڻ مرزا شاهرخ جو نياپو پڙهي ٻڌايو: "اسين پنهنجي حمايت جو هٿ اوهان ڏانهن وڌائڻ وقت اهو به چاڻون ٿا ته سنڌين کي اسان کان شڪايتون آهن. اسان مان گهڻن برابر سنڌين سان ڏاڍايون ڪيون آهن. پر اهو تڏهن جڏهن اسان کي سنڌ جي گهٽي سڃاڻپ ڪانه هئي. هاڻ اسين اوهان کي سڃاڻون ٿا؛ اوهين اسان کي سڃاڻو ٿا. ماضيءَ کي دفن ڪرڻ ۾ ئهي ڏرين جو فائدو آهي. اسين هاڻ قندار واپس موٽي ڪين ويندا سون اسان جو مرڻ جيئڻ سنڌ سان آهي. اسان جو نڻون نسل هن مٽيءَ مان سرجيو آهي. اسان به سندوءَ جو پاڻي پيتو آهي. اسان جي بزرگن جا مڙهه مقام هتي آهن. وڏي ڳالهه ته اسين به مري هن مٽيءَ ۾ پورياسون. مغل ڌاريان آهن، غاصب آهن. اسين اوهان جا پنهنجا آهيون. اسين اوهان سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي، غاصبن سان وڙهڻ لاءِ پنهنجي دوستيءَ جو هٿ ڊگهيرڻ جي آڇ ٿا ڪريون. سيوهڻ پر ڪٽي جي ترخان حڪومت به مغلن خلاف جنگ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ تيار آهي، بشرطيڪ هنن کي اهو يقين ٿي وڃي ته سنڌي مغلن خلاف جنگ ۾ پوئتي نه هٽندا. اسان کي اوهان جي جواب جو انتظار رهندو."

ڪاگهڙي ڪڇريءَ ۾ مات ٿي ويئي. پوءِ هڪ همراهه ٻڌايو: "هي اوچتو ترخانن کي سنڌين لاءِ همدردي ڪيئن جاڳي پئي آهي؟ يقيناً، مون کي ته متن اعتبار ڪونه ٿو اچي، باقي جيڪ تلاح سنگت جي!"

"آهي ته منهنجو به اهو خيال، پر هن وقت جيڪڏهن بن محاذن تي وڙهياسون ته سوري ڪونه پونداسون. سيوهڻ کان سواءِ

هنن جون جاگيرداريون بکر تائين آهن. کين رکو جواب ڏيڻ سان پاڻ نقصان ۾ ته کين پوندا سين؟" جنهن همراهه هي سوال وچ ۾ اڇلائي وڌو، تنهنجي سڄي عمر ترخانن سان جهيڙيندي گذري هئي.

اڏو اڏ همراهن جو خيال هو ته ترخانن تي اعتبار ڪرڻ ۾ جو ڪوئي جوکو آهي. همراهن جو هيو اڏ ان خيال جو هو ته ممڪن آهي ته ترخانن ۾ واقعي اهو جذبو پيدا ٿيو هجي ته هنن جون ٽي چار پيڑهيون چاپون نپنيون سنڌ ۾ آهن، ۽ هاڻ سنڌ سان ٿي سندن آئيندو سلهاڙيل آهي. جيڪڏهن سنڌ ۽ سنڌين سان ويڑ وڌائون ته ڪا مهل اهڙي نه اچي سگهي ٿي جو هنن کي سنڌ جا وڻ ٿي چڏڻا پون.

سانوڻ چپ چاپ سنگت جون گالهيون ٻڌيون. هن جي جاسوسن ۽ خابرن هن تائين اهي سموريون گالهيون پهچايون هيون ته مرزا شاهرخ پاڻ مرزا عبدالعليءَ جي نالي ۾ حڪومت جا خواب ڏسي رهيو هو. مغل درٻار ۾ پنهنجي گماشتن جڏهن کيس کو اميدن ڀريو جواب نه موڪليو، تڏهن کان هن اهو سوچيو هو ته سنڌين کي اڪيان ڪري، مغلن جي طاقت جو اندازو ڪري، ان مطابق قدم کڻي. جيڪڏهن مغل زور ٿي ويا ته وري به پنهنجي گماشتن، ۽ خاص طرح پنهنجي محسن ملڪه نورجهان جي ذريعي شهنشاهه کي راضي ڪري وجهندو. پر جيڪڏهن مغل سنڌين جي اڪيان ٻيهي نه سگهيا ته آخري موقعي تي پنهنجي فوج جي ذريعي، سنڌين جي خاص مرڪزن تي حملو ڪري، ٿٽي ۾ پنهنجي عملداريءَ جو اعلان ڪري چڏيندو.

ٻئي طرف هن وقت ترخانن کي ڪٿو جواب ڏيڻ جو مطلب اهو هو ته هو مغلن تي راتاها ڏيڻ لاءِ، ترخان سرحدون ڇپي ڪونه سگهندا، ۽ ممڪن هو ته هنن کي ترخانن سان به معرڪا ڪرڻا پون. هن کي اهو احساس هو ته هن وقت سندن طاقت ايتري ڪانه هئي جو ٻن ويرين سان مهاڏو اڏائي سگهن. هن پنهنجي انهن خيالن جو اظهار ڪيو ته گالهه سيني کي وڻي، ۽ رٽ اها ٻيٽي ته ترخانن کي

رُکو جواب ڏيڻ بدران، ڪين ريهي ريبي آسري ۾ رکجي. گهٽي رد ڪَنَ ڪان پوء هنن ترخانن کي نياپو موڪليو: "اسين اوهان سان متفق آهيون. ۽ اوهان جو وچ ۾ ٽپي پوڻ فائديمند ڪونہ ٿيندو، ڇو جو مغلن سڏو سنئون اوهان سان ڪانہ ڦٽائي آهي. ان ڪري اسان کي سائن وڙهڻ ڏيو. البت مغلن کي پنهنجي جاگيرداري جي سرحدن ٽپڻ جي اجازت نہ ڏيو. مغلن جي چُر پُر تي نظر رکو، ۽ اسان کي اطلاع ڏيندا رهو. جڏهن اهڙو وقت آيو، جو پاڻ ۾ گڏجي هنن کي سنڌ مان ڪيڻ لاء آخري معرڪو ٿيو تہ ٻوء اوهان کي تڪليف ڏينداسون!"

ايلچي جڏهن اهو نياپو پهچائي آيو، تڏهن ٽئي ۾ اها حالت هئي جو مغل سمورن ترخان اميرن کي پنهنجي پاسي ڪرڻ ۽ سندن حمايت حاصل ڪرڻ لاء ويهن ٽي ننهن جو زور آزمائي رهيا هئا. ڪين ريهي ريبي، وڏيڪ جاگيرن جا وعدا وعيد ڪري، ڪن کي ڊڙڪو تاب ڪري هيسائي تہ ڪن کي وڏيون وڏيون ملازمتون آڇي، ڪن کي سندن ساقيخانا ۽ نيلام گهر واپس ڪري، تہ ڪن کي ڪنيزن ۽ ساقين جي ذريعي قائل ڪرڻ جا جتن ڪري رهيا هئا. هي نياپو ملڪ سان مرزا شاهرخ جا ماڻهو چوطرف روانا ٽي ويا. هونئن جو سندن جاگيردارين جي حدن مان سنڌي هٿياربند رکو رات جي اونداهين ۾ لنگهي ٽي سگهيا، تن کي هاڻ جنهن بہ مهل سندن مرضي هجي، ترسڻ يا لنگهڻ جي اجازت ملي ويئي. ڪيترن هنڌن تي مغلن جيڪڏهن جوابي ڪارروائي ڪرڻ لاء جتا ٽي موڪليا تہ جيتوٽيڪ ترخانن کين منع ڪانہ ٽي ڪئي، پر سنڌين کي اڳواٽ خبر پهچي ٽي ويئي. ۽ ترخانن اهو سيکڇهه اهڙي نموني ٽي ڪيو، جومغلن کي متن اهو شڪ بنهه ڪونہ ٻيو تہ ڪو هو اهو سيکڇهه سنڌين سان ڪنهن ناهه هيٺ ڪري رهيا هئا. هنن رکو اهو ٽي سمجهيو تہ ترخان چاڪاڻ تہ سنڌين جي وچ ۾ ٽا رهن، ان ڪري هنن سنڌين کي مڇرائڻ نٽي گهريو!

شاهرخ ان صورتحال تي ڏاڍو خوش هو، ۽ پنهنجي اميرن

کي سندس هدايت اها هئي تہ سندين اسان کي تريءَ تي بهشت رکي ڏنو آهي. اسان جي سياست ايتري کامياب ٿي آهي جو سندي سمجهن ٿا تہ اسين سائن گڏ آهيون. ٻئي طرف مغل بہ اسان کي پنهنجو دشمن کونہ ٿا سمجهن. اسان کي وڙهي، سندين لاءِ پنهنجي ساٿين کي مارائڻ جي بہ کا حاجت کانهي! وٻا رنگ ڏسو، ۽ پنهنجا جتا تيار کندا رهو. جڏهن مغل ۽ سندي هڪ ٻئي کي ختم کرڻ جي کوشش ۾ وڙهي ڏانگا ٿيندا، ۽ ٻئي گهايل ڪڙڻ وانگر پنهنجون ڪڙهون مڏيون جڏيون کري، ساٿا ٿي پوندا، تڏهن اسان جا شيردل لشکري متن لومڙ واري اها لوهہ کندا جو تاريخ جا مشاهير مرزا شاهرخ جي عقلمندي ۽ حرفت کي سونن اکرن ۾ لکندا! ❁

ڪاري رات، لوهي ڪڙن ۽ سنگهرن جا آواز، انسانن جي روح سان ٽڪرندڙ دانهون ۽ چيتون، پهريدارن ۽ لشڪرين جا ٽهڪ ــ اهي هٿا آواز، جيڪي وريام جي خوابن ۾ گڏجي مسجي ويا هٿا. مغلن سنڌ ۾ جيڪي ڪجهه ڪيو هو، اهو هن پنهنجي اکين ڏٺو هو، هن پنهنجي روح تي اهي ظلم واريا هٿا: هر سنڌي، جڏهن گهوڙن جي سُنبن ۾ چڀرجي مرندو هو، هر سنڌي، جڏهن ٻن هاٿين جي ٻچ ۾ ٻڌجي چيرهو ويندو هو، جڏهن ڪنهن سنڌيءَ جي اکين ۾ تتل سيخون گهمايون ويندبون هيون، جڏهن سنڌي نياڻين جي سٽڻ ۾ هليون وجهرائيون ويندبون هيون، جڏهن سنڌي زالڻائن جي عضون کي هڪ هڪ ڪري ڪپيو ويندو هو، تڏهن وريام ۽ هن جهڙا ٻيا سنڌي اهو سڀڪجهه پنهنجي ٻاڻ تي ٽيندو محسوس ڪندا هٿا. سنڌي مَنُ، جنهن رڳو پيار ۽ محبت سکي هئي، سو مَنُ نفرت سکڻ لڳو هو. سنڌي روح جو پاڻي مرڻ لڳو هو، ۽ جڏهن روح جو پاڻي مرندو آهي، تڏهن نفرت جا رڻ پٽ انسان جي اندر ۾ ايٽن ڦهلجڻ لڳندا آهن، جيئن درٻا جي موڻي وڇڻ ڪانپوءِ واري وسڻ لڳندي آهي. انهن رڻ پٽن ۾ رڳو دشمنيءَ جا ٽوهر چمندا آهن، جيڪي ڪنهن وڻ ويڑهيءَ وانگر هر انساني ڳڻ، هر سچي انساني جذبي کي سُڪائي ٽوٽ ڪري ڇڏيندا آهن. هنن مان پاڻهه، پيار، نڑت، نماڻائي ۽ شراڪت جا جذبا مري ويندا آهن. صدين کان پوءِ بــ روح جا اهي بيابان، نفرتن جا اهي رڻ پٽ وري ساوا نــ ٿي سگهندا آهن.

جڏهن هن ٻاڻ کي لوهي سنگهرن، پيرڪڙن ۽ ڪاٺ جي ڳڪهي سُهريءَ ۾ ٻڌل، ڪنهن اونداهي تهخاني ۾ ڏٺو هو، تڏهن هن

کي هري هري ٿي، سڀ گهاليهون ياد اچڻ لڳيون، ۽ هن کي پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي. هن هڪڙي ترخان امير تي اعتبار ڪري، سائنوڻ جي اعتماد کي ڇيهو رسايو هو، ۽ سڀ کان وڏي گهالهه ته نوريءَ کي آزاد ڪرائڻ کان پوءِ وري ترخانن يا مغلن جي حرمسرائن ۾ يا بنديخاني جي بيداد نگريءَ ۾ آماڻي ڇڏيو هو. نوريءَ جوخيال ايندي ئي هن کي پاڻ مان بچاڻ اچڻ لڳي. ڇا هو ايترو انڌو ٿي ويو هو جو قيصر بيگ جي اکين ۾ مڪاري ۽ دغابازي نه پڙهي نه سگهيو. هن جي اکين ۾ نوريءَ لاءِ هوس کي نه محسوس نه ڪري سگهيو. ڇا سوچيندي هوندي نوري به؟ هڪڙو سنڌي هن جو واهرو ٿي آيو، پر آخر ۾ وري به ويري ثابت ٿيو هڪڙي ترخان امير جي بنديخاني مان ڪڍي ٻئي ترخان امير جي حرسراءِ ۾ پهچائي آيو! شرمساريءَ جي لڙڪن کان هن جون اکيون پوسڻ لڳيون. نوري، جنهن ايترو ظلم سٺو هو، سا وري نت نئين ظلم جو شڪار ٿي رهي هوندي. اوڏيءَ مهل، پاسي واريءَ بنديخاني مان ڪا انساني دانهن آئي، هن جي روح کي ڏڪائي ويئي. هيءَ دانهن پڪ ٿي پڪ نوريءَ جي هوندي. شايد هن نوريءَ کي به چيچلائڻ لاءِ هن تهخاني ۾ رکيو آهي. هن کي قيصربيگ جا لفظ ياد اچڻ لڳا، جيڪي هن انگوريءَ جي آخري جام ٻيندي، تتل شيهي وانگر پنهنجي ڪنن ۾ اوتجندا ٻڌا هئا، ۽ ويهن ٿي ننهن جو زور لڳائڻ جي باوجود ننڊ هن کي بيهوشيءَ جي ڪنڌ ۾ نهوڙي ويئي هئي.... نوري، شهنشاهه جهانگير جي حرم ۾ داخل ٿيندي، ۽ قيصر بيگ کي توشيخاني جي عملداري وري حاصل ٿي ويندي! هن کي وَرَ وَرَ ڪري نوريءَ جو معصوم مُک ياد اچڻ لڳو. هن کي نوريءَ جي ڪچيءَ ٽي رتايل گهاءَ ۾ ياد آيو. اهو ياد ايندي ئي هن جي دل جي رفتار، بنان ارادي، ايتري تکي ٿي ويئي جو هن سمجهيو ته اجها ٿي سندس ڇاتيءَ جا بند ٽوڙي باهر نڪري. سنڌ جو سمورو حسن آن مُک، آن گهاوَ ۾ اوتجي آيو هو، جڏ انسان جو ڪو حسين جذبو ضربجي ٻيو، جڏ فرشتن جهڙو ڪو معصوم احساس ڏکجي ٻيو هو. هن کان ٽڏو

شوڪارو نڪري ويو. اُن وقت هن کي پنهنجي بدن جا سمورا گهاوَ ۽ ايذاءَ وسري ويا. نيٺرن هن جي هانهن ۽ پيرن جي سُرين ۾ قَيتَ ڪري وڌا هٿا. ڪاڪ جي سُهڻيءَ هن جي ڇاتيءَ جا ڇوڏا لاهي ڇڏيا هٿا. اڄ کان هن جا چپ پنهنجي ٿي ڏندن کي ڪوڙي آيامي پيا هٿا ۽ مٿن ڇلر جمي ويا هٿا. هن جو سَنڈ سَنڈ سور کان ڪرڪ لڳو هو، پر نوريءَ جي ياد ايندي ٿي ڇڻ تہ هن جي زخمن تي کهن پَهو رکي ڇڏيو.

هن کي اهو منظر ياد آيو، جڏهن هنن جو قافلو ڏٽي سان ڪوچ ڪرڻ ٿي هو. هن کي نيٺرن ۽ سنگهرن سان جهنجهي ڇڏيو هٿائون. ڪاڪ جي ڏٽهي سُهڻي کي هن جي بغلن ۾ ڏٺي، هن کي ايترو سوگهو ڪيو هٿائون جو هن ٿورو بہ ڪنڌ مٿي ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي تہ سندس ڪنڌهن جون ٻئي ڦٽيون ۽ پاسراٽيون ڏڪڻ ٿي لڳيون. هڪڙي سنگهر جو هڪڙو ڇيڙو سندس ڪچيءَ مان ٽيندو، هُنيءَ ۾ ٻڌل هو تہ ٻيو ڇيڙو ٻنهي رڪابن ۾ ويڙهيس هو. جيڪڏهن گهوڙي رڳو هٽڪاريو ٿي، تڏهن بہ هن کي پنهنجو ڪنڌ مروڙبو ٿي پاڻيو. قافلو ڪنهن جي اڇڻ جي اوسيڙي ۾ سيڙبو ٻيٽو هو. مغل لشڪري هڪ ٻئي سان چرچا ڪهڻا ڪندي، ڪنهن سنڌي ڪنيز جي اڇڻ جي ڳالهه ڪري رهيا هٿا. ۽ پوءِ مغل لشڪري اوچتو مات ٿي ويا. هن جيئن تيئن ڪري ڪنڌ ڪي ٿورو موڙي، ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. قافلي جو مهندار چئن لشڪرين سان گڏ پي آيو، ۽ هن جي پويان ٻن مغل هانهين سان گڏ نوري هئي. هن جي اکين ۾ ڇڻ وري هڪ پيرو ڪنوڻ جو تجلو لهي آيو. هن جي دل ايئن محسوس ڪيو تہ ڇڻ پوءِ ٻڙ بسم‌الله ٿي ڪئي.

نوري هن جي پرسان لنگهي، ۽ گهوڙيءَ لاءِ بت بڻجي بيهي رهي. پوءِ هن جي ڪنن هڪ سڏڪو ٻڌو: "آئي سُهيس! مٿن کي شل قهر پوي....!"

هوءَ آماڪ، لوهه پائي هن تائين پهچي ويئي. گهوڙي جي تَلَ ۾ ٻئي هٿ وجهي، هن وربام جي اکين ۾ نهاريو هو. وربام

ايئن پانيو جڻ صدين جو پراڻو درد انهن اکين ۾ لهي آيو هو: اهو درد کنهن اهڙي گهاوَ جو اولڙو هو، جيکو فقط هڪڙو مظلوم، بيوس ۽ بيواهو انسان ئي محسوس ڪري سگهيو ٿي. هن جي اندر ۾ لڙڪ ايئن ٿي جرڪيا، جيئن کنهن آرسيءَ تي پاڻيءَ ۾ قوتا جرڪندا آهن. انهن اکين ۾ نهاريندي، وريام کي پهريون ڀيرو محسوس ٿيو ته ان ڪرب ۾ هڪ ذاتي درد بہ هو، جيکو ذاتي طرح هن لاءِ هو. اهومحسوس ڪندي ئي هن جون پنهنجون پڙاڻون، پنهنجا ايذاءَ، پنهنجا درد هن کي بنهہ وسري ويا. دل ئي دل ۾ هن دعا گهري: "يا الله، انهن اکين کي ڏک نہ ڏجاءِ. هن جي حصي جا سمورا ڏک سور منهنجي بلي ڪري ڇڏ!"

"مڙئن ناس ٿين، هي اوهان سان ايڏو ڦهر ڇو ڪيو آهي؟ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي اسان سندن....!" نوريءَ جي سڏڪن ۾ اهڙي بيوسي هئي، جو وريام جي دل ڇيو ته هو پنهنجا نيٺر ٽوڙي، ڪيس ڳرائي پاڻي، دلداري ڏي.

"اسين سنڌي جو آهيون...." وريام کي بہ جڻ ساڳي بيوسيءَ جو جواز ڳولڻو پيو.

"سنڌي هجڻ ڪهڙي مذهب ۾ گناهہ آهي؟ نہ نہ.... هي مون ندوري نانگيءَ جي ڪارڻ ٿيو آهي... منهنجو نصيب ته ازل کان قتل آهي: منهنجي مٽي امڙ بہ مون ڪارڻ ويرين جي بڙڇين جو بکڙ ٿي وئي.... ۽ هاڻ، منهنجي ڪري اوهان....!" نوريءَ اوچنگار ڏينديءَ، پنهنجو منهن گهوڙي جي ٻُشڪن ۾ لڪائي ڇڏيو. هن جو سمورو بدن سڏڪن جي ڪري ٿي لرزيو. وريام جي دل ۾ وڏو پوڻ لڳا. هن جي سموري بدن ۾ اهڙو سور سٿون ڏيڻ لڳو جنهن ۾ هن جي روح جو ايذاءَ شامل ٿي ويو.

پوءِ هن چيو: "منهنجي هڪڙي گهالهہ مڃيندينءُ؟"

نوريءَ پنهنجو منهن مٽي کڻي، وريام جي اکين ۾ ايئن نهاريو، جيئن ڪوڇيوان هار، پنهنجي ڪنهن سگهاري مائٽ جو چيو ٽڙ لاءِ آنو هوندو آهي. هن جي اکين ۾ اڃا بہ لڙڪ هئا. هن جي ڳلن تان

ڪوڙها ڏمي، هن جي پهراڻ ۾ جذب ٿي رهيا هئا. وريام ۾ هاڻ انهن اکين ۾ لڙڪ ڏسڻ جي سهپ نه هئي.

"آڃ تہ اوهان جي گولي آهيان....!" نوريءَ جي اکين ۾ اهي لفظ چوندي مهل هڪ اهڙو احساس ظاهر ٿيو، جنهن جو هو چيد ڪري نہ سگهيو.

"پلائي ڪري، پاڻ کي ائين ٻيوس سمجهي، رکو ڪوڙها ڳاڙڻ بدران، هاڻ کو حوصلو ٻہ ڏار! منهنجي هن حالت کي وساري ڇڏ! اکيان جيڪي اڇلو آهي، ان کي منهن ڏيڻ لاءِ همت ۽ بهادري جي ضرورت آهي. ظلم جڏهن سهپ جي سرحد اورانگهيندو آهي، تڏهن سمجهہ تہ ظالم جا ڏينهن اچي پورا ٿيا آهن. مغلن ٻہ سندين جي سهپ جي سرحد اورانگهي آهي، ۽ سندين هاڻ، پير جهلي هنن سان مقابلو ڪرڻ جو حوصلو حاصل ڪري ورتو آهي. اسان وٽ هاڻ رکو پنهنجو ساهہ آهي يا هي نيٹر ۽ سنگهرون! جيڪڏهن رکو رليءَ ۾ منهن وجهي ويٺا روئندا سون تہ پوءِ هي نيٹر ۽ سنگهرون پاڻ وڏيڪ ويڙهجندبون ويندبون. ہر جي سٽ ڏيئي، انهن کان آجو ٿيڻ جي همت ڪٹيسون تہ اهي ساڳيون سنگهرون ظالم جي ڪنڌ ۾ هوندبون. آڃ يا مون جهڙا سوين سندي ان راهہ ۾ صدقو ٿياسون تہ سنڌ تان گهوريا سون! سو منهنجي لاءِ پاڻ نہ ڏکوءِ؛ پاڻ تي ٽيندڙ ظلم سان جهيڙڻ لاءِ سوچ! جي ٿي سگهئي تہ مغلن تي اهو ثابت ڪجاءِ تہ سنڌ جون جابون ٻہ مان سرياد! لاءِ سرَ سهسائي سگهن ٿيون....!"

نوري هن شهزور جوان جون گالهيون ٻڌندي، هن جي اکين ۾ ہرندڙ مچ ۾ ڪجهہ گولڻ جي ڪوشش ڪندي رهي. هن ائين سمجهيو جڻ تہ اهي اکر وريام جي واتان نہ، پر هن جي پنهنجي اندر مان پئي آيا، جڻ جيڪي هن سوچيو پئي، تنهن کي اظهار جو روپ ملي ويو هو. هن جي دل اهو ٻہ چيو تہ انهن لفظن کي چوڻ وارن گهايل گهايل چين تي هو پنهنجا هٿڙا گهمائي، کين يقين ڏياري تہ اهي هن جي دل ۾ لهي ويا آهن. هن بنان کنهن ارادي، پنهنجا

هٿ وڌائي، وريام جي سنگهرن ۾ جڪڙيل هٿ کي جهلي ورتو، ۽ پنهنجو منهن هن ڏانهن ڪندي، ڪجهه چوڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان مهل ٻنهي ڪنيزن لوهه ڏٻئي، ڪيس ڇڪي ورتو، ۽ ڪيس ائين ڇڪيندي، بگيءَ ڏانهن وٺي ويون.

زندان جي پرئين پر وري ڪنهن جي درد پري دانهن آڻي، وريام کي حال ۾ موڪلائي آندو. هاڻ هن جا ڪَنَ انهن دانهن ۽ ڪوڪن ٻڌڻ تي هري ويا هئا، پر ڪا ڪا دانهن اهڙي ايندي هئي جو هن جو روح به ڪنبي ويندو هو. هو پنهنجي حواسن جي مدد سان فقط اهو اندازو لڳائي سگهيو هو ته هن ٽهڪاني ۾ ڪيترائي بنديخانا هئا. ڪن ۾ هن وانگر نيٿرن ۽ سنگهرن ۾ جڪڙيل اسير هئا، جن کي ڪڏهن به ڪوليو ڪونه ويندو هو. ڪن ۾ وري اهڙا قيدي هئا، جن کي صدين بندن کان آزاد ڪري باهر وٺي ايندا هئا، ۽ جڏهن واپس ايندا هئا ته اڪثر لاش ۽ مڙهه هوندا هئا. ڪن ٽهڪاڻن ۾ وري عقوبت خانا ۽ اذيتگاهون هيون، جتي هر قسم جا ايذاءُ ڏيڻ جا انتظام هئا. انهن مان رکي رکي اهڙيون ته دل ڏارينڙ رڙيون ۽ دانهون هن جي ڪنن تي پهچنديون هيون، جو هن کي ائين محسوس ٿيندو هو جڻ ته انسانن کي گهاڻي ۾ پيڙهيو ٿي ويو، ۽ سندن عضون کي هڪ هڪ ڪري ڪپيو پٽي ويو! مغلن جي عقوبت گاهن جون هن ڪنڀين گالهيون ٻڌيون هيون، پر هت پهچي، هن اهو پاڻيو ته اهي ٻڌل گالهيون ته سايمان جي مقابلي ۾ ٻنهه ڇ هيون. سچ انهن کان وڌيڪ هيبتناڪ هو!

هن کي اها خبر ڪانه هئي ته آخر هن کي هت ڇو ۽ ڇا لاءِ رکيو ويو هو. هن کي رڳو اها خبر هئي ته هن تي قيصر بيگ جي نينگرن ۽ نوريءَ کي ڪڙ جو الزام هو. پر پوءِ هن کي لاهور موڪلڻ جو ڪهڙو مقصد ٿي ٿي سگهيو. هن جي ان ڏوهه جي سزا ته مغل عاملن، رستم بيگ به هن کي ڏيڻي ٿي سگهيو. ڪنهن سنڌيءَ کي ڦاهي چاڙهڻ، هاٿيءَ جي پيرن ۾ لتاڙائڻ يا ڪيس گهاڻي ۾ پيڙائڻ رستم بيگ لاءِ عام رواجي روزاني معمول جي گالهه هئي. پوءِ هن

پيري هنن کيس شهنشاهه هند اڳيان پيش ڪرڻ جو ڇو سوچيو آهي؟ ان ۾ مغل ڪهڑي سياست کيڏي رهيا هئا؟ هن اهو ته سمجهيو هو ته هنن کيس سانوڻ سمجهيو هو، جنهن کي هو سڏ ۾ بغاوتن جي سنڌ مهاڙ سمجهندا هئا. پر جيڪڏهن هنن چواڻيءَ هو سانوڻ کي گرفتار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا ته ٻوءِ سانوڻ کي جهڙو شهنشاهه اڳيان پيش ڪرڻ ۾ ڪهڑي سياست هئي؟ ڇا مغل ترخانن جي سياست ۽ سازشن کان ابتر وڌي ويا هئا جو هنن سنڌين کي سانوڻ جي ذريعي ترخانن خلاف آڌارڻ جو پئي سوچيو؟ ته ڇا رستم بيگ جي عملداريءَ جا ڏينهن اڃي پورا ٿيا هئا، ۽ ترخان امير لاهور جي دربار ۾ هن خلاف ڪو خلر هارڻ ۾ ڪوءِ ڪڻي ويا هئا؟

۽ سنڌ جو ڇا ٿيندو؟ سنڌ ۾ هيل جا آڏل آئي هئي، سا به همیشه جهان پائيءَ جو ڦوڏو ثابت ٿيندي؟ سنڌين جي سمورين اڏل کان هي اڏل وڏيڪ مظلم، وڏيڪ وسيع ۽ وڏيڪ پائدار ٿي پائنين، جو اها هيٺين سطح کان آڻي هئي. شاگردن، ڪمين ڪاسبين ۽ پورهيتن مغلن کي للڪاريو هو، ۽ اهي ٿي سڀ کان اڳ ۾ هئا. منظم ويڙهاند وڙهڻ وارا جتا ۽ ٽوليون ـــ سانوڻ، جيوڻ جوڪئي، نوري سمي، علڻ پليجي، خيرو شوري، شيرل مهاڻي ـــ وارا همراهه به هن آڏل ني حيران هئا، ۽ سانوڻ جي صلاح سان سڄي سنڌ ۾ ڪا هڪ - هڪ ڪاڻي ڪرڻ لاءِ رٽابندي ڪري رهيا هئا. هيلوڪي اڏل ڏٺهي شورش کانءِ هئي آزاديءَ جي جنگ هئي. سنڌ جي آزاديءَ جي جنگ جا سانباها هئا، ۽ هُو، همت مغلن جي بندیخاني ۾ پنهنجي عقل جي انڊائيءَ جي ڪري سنگهرن ۾ سلهاڙيل هو! شرمساريءَ جي احساس کان هن جي اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا: "منهنجي جيجل جو مانُ مٽاهون ڪرڻ جو وقت آيو، ۽ آءٌ پنهنجي عقلمنديءَ جي عيوض هت اٽين اجايوسور چرندو مري ويندس!" هن ڏاڍيان چئي ڏنو.

هن کي وري نوري ياد آئي: ۽ هو پنهنجي جذبن جو چمڙ ڪرڻ لڳو. هن جئن ٿي سوچيو، تئن سندس ڪاوڙ وڌندي ٿي وئي، پنهنجي ڪمزوريءَ تي، پنهنجي بيعقليءَ تي، پنهنجي جذباتيت تي!

جيڪڏهن هن کي نوري نظر نه اچي ها ته ڇا جيڪا سياست هن جي هن حالت جي ذميدار هئي، سا هن کي پنيلائي سگهي ها! سڄ جون الائي ڪيتريون نوريون ترخاڻن ۽ مغلن جي هوس ۽ ظلم جوشڪار ٿي ويون، ۽ سندن نالو نشان به باقي نه رهيو. پوءِ هن ڇو اهوجو ڪم ڪيو؟ ان ۾ هن جا پنهنجا ذاتي احساس ۽ شخصي جذبا ته ذميدار ڪونه هئا؟ هن جي دل هزار ان کان انڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي، پر سندس ذهن جي هڪڙي ڪنڊ ۾ ميار منهن ڪيي هن کي چيڙائيندي رهي. ڇا نوري سڄ کان متاهين هئي، جومنهنجي ذهن مون کي پنيلائي ڇڏيو... ۽ پوءِ هن کي وري نوريءَ جي اها صورت ياد اچي ويئي، جيڪا هن مرزا شاهرخ جي حويليءَ ۾ ڏٺي هئي! ڪائنات جو سمورو حسن، ۽ ان حسن جي پس منظر ۾ هن جي ڪچيءَ جسو رتابل ڪاڙهو ڪاڙهو زخم هن جي اکين اڳيان نچڻ لڳو. ۽ هن ان وقت سڄ جسو تصور هن جي روح مان نروار ٿيو. ڪائنات جو سمورو حسن به سڄ اڳيان تج هو، ڪجهه ڪين هو. سڄ ڇا نوريءَ کان گهٽ گهايل هئي؟ ڇا سڄ نوريءَ کان گهٽ مظلوم هئي؟ ڇا سڄ نوريءَ کان گهٽ باندي هئي؟ پوءِ هن جي جذبن هن کي ڇو پنيلايو؟ لڙڪ هن جي اکين کي پوسرائيندا رهيا، ۽ هو سڏڪا پري روئڻ لڳو! هن جي روح جو ايذاءُ هن جي لڳن جي ايذاءَ تي چاٽنجي ويو، ۽ هن وڏي سڏ چيو: "نه نه، ائين ڪونهي. سڄ تان هزارين نوريون قربان؛ سڄ تان سوين وريام صدقي! الله سائين، مون کي هيڻن نه مارجانءِ جو آءٌ سڄ جا وڻ بـ ڏسي نـ سگهان! مون کي سڄ جي مٽي ۾ سرهجانءِ، ته جئن پنهنجي جيجل جي جهول ۾ سڪرات ٿلي ٿئي!" ❋

ڏاريون آسمان ۽ ڏاڙهن جيان اوپرو لڳندو آهي: بلڪل ايئن جئن ماڻهو ته سڀ ماڻهن جهڙا برابر آهن پر سندي ماڻهو هر ٻئي ماڻهوءَ کان نرالو آهي. هن جي جوڙجڪ ۾ الائجي الله سائينءَ کهڙي جوڙ رکي آهي جو سندي پري کان پٽرو! اها رکومهاڻن جي ڳالهه ڪانهي. اها رکو هن جي ٻوليءَ جي ڳالهه ۽ ڪانهي. پر سنديءَ جي من جي اوجر جڏ هن جي منهن ۾ ٻهڪڻ لڳندي آهي: جيئن ڪنهن ابهڙ ۾ معصوميت جرڪڻ لڳندي آهي. نوريءَ کي ورڀام جو منهن ياد اچي ويو: ايڏائن جي اولڙي ۾، هن ايئن سمجهيو هو ته ان مُک ۾ اهو سيڪجهه هو، جيڪو هن هميشه پنهنجي تصور ۾ اڳڪٿيو هو: معصوميت، سونهن، دليري ۽ صافدلي! هن وري آسمان ڏانهن نهاريو: ڏاکڻي ڪنڊ ۾ تارن جو هڪ جهڳٽو ڪڏهن جهڪو ٿي ٽي ويو ته ڪڏهن وڏيڪ روشن ٿي جرڪڻ ٿي لڳو. کا گهڙي هوءَ وشال آڪاس ۾ ڪجهه ڳولينديِ رهي، ۽ پوءِ هن چيو: "هو ڏس: او هو، هن تاري هيٺ منهنجو وطن آهي، منهنجا مارو آهن!"

"سائين، اهو تون ڪيئن ٿو چئين ته انهيءَ تاري هيٺ تنهنجو وطن هوندو؟" قيصر بيگ جي ڪنيز هن کي عجب جي نظرن سان ڏٺو. قيصر بيگ جون ٻه هانڀيون هن سان گڏجي آيون هيون. پهرين ته هوءَ ٻه هنن جهڙي ڪنيز هئي، ۽ ٻين ڪنيزن هن سان ٻڌهه پنهنجائپ وارو سلوڪ ڪيو هو، ۽ هڪ ٻئي جي ڏکن سورن ۾ پائيوار ٿيون هيون. پر جڏهن کان هنن کي ٻڌايو ويو هو ته نوريءَ کي شهنشاهه جي حرم ۾ سوڪڙيءَ طور موڪليو پيو وڃي، ۽ ٻه چٽيون هن سان گڏجي ويندين، ۽ هن جي ڪنيزن طور ڪم

ڪ ... تـڏهن کان هنن نـوريءَ سان بنهه مختلف سلوڪ ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. ڪيس "سائڻ" جو لقب ڏيئي ٿي سڏيائون. ڪن سنڌي نہ جاڻندڙ ڪنيزن تہ هن کي "خانم" ٻہ سڏڻ شروع ڪيو هو. هونئن جو پنهنجي درڊن جا داستان ڪولي بيان ڪرڻ ويهي رهيون هيون، هاڻ هن سان گهاڻائڻ جون بـ رواداري ڪونہ هيون. هن کي پاڻ سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ اهو ويچو ڪيئن ۽ ڇو پيدا ٿي ٻـو هو، ۽ هن اکين ۾ ڳوڙها آڻي ڪانئن پڇيو هو:

"اديون، مون کي گهٽ ۾ گهٽ ٻڌايو تہ سهي تہ مون ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي، جو اوهان مون سان اهو ورتاءُ شروع ڪري ڏنو آهي؟"

پهرين تہ ڪنهن ٻہ جواب ڪونہ ڏنو، ٻوءِ هڪڙيءَ چيو:

"اسان ڪنيزن کان ڪا خطا ٿي هجي تـ اسان کي معاف ڪجو! سائڻ!"

"وري ٻہ اها "سائڻ!" اوهان تـ مون کي ٻڌيو آڇيو هو. ڀينر ايئن ڪندبون آهن؟" نوريءَ کان سڏڪو نڪري ويو.

ٻني ڪنيزن کي الائي ڇا ٿـي ويو. هڪ ٿي وقت ٻني چٽين ڪٽي ڪيس پاڪر ۾ ڀريو، ۽ پاڻ ٻـ سڏڪندي چيائون: "مٽي، تون ساڳي مورڪ جي مورڪ آهين! هاڻ تون شهنشاهہ هند جـي حرم لاءِ سوغات آهين، ۽ تون اسان جـي سائڻ ٻڌجي ويئي آهين. توکي ياد آهي تہ اسان توکي چيو هو تہ جيڪڏهن توکي شهنشاهہ لاءِ سوڪڙيءَ طور موڪلياٿون تہ پوءِ تون رستم بيگ جهڙي بگهڙ جي چنبي کان بچي ويندئين. توکي خبر ڪانهي تہ الله سائين توتي ڪيڏو نہ وڏو احسان ڪيو آهي!"

"مون نصيب ڦٽيءَ جي لاءِ تـ کو فرق ڪونهي. رستم بيگ جي ٻانهي ٿي گذاريان يا قيصر بيگ جي يا وري جنهن کي اوهين شهنشاهہ ٿيون چئو. آءٌ پنهنجي مـارن کان پـري، مـارئيءَ وانگر ڪـوٽ ۾ قابو هوندس. ڪوٽ کهڙو ٻہ هجي، آءٌ تہ اهائي باندي ٿي رهندس!" نوريءَ سڏڪندي چيو.

"نہ چري نہ، تون اهوتڏهن ٿي سمجهين جڏهن تو رستم بيگ

جي حرم کي ۽ سندس کنيزن کي کونہ ڏئو آهي. اسان ڏئو آهي، سو اسين سمجهي سگهون ٿيون تہ خدا توتي کيڏو مهربان آهي!"
هڪڙي کنيز هن کي پاڻ کان جدا کندي چيو.

"۽ ٻوءِ هن سڀ ڏينئي پنهنجو ڪفتان پنهنجي کلهن وٽان کيرائي ڇڏيو، ۽ هن ڏانهن پٺ ڏينئي بيهي رهي. نوريءَ جيڪي ڏٺو، تنهن هن کان پنهنجو حال ۽ ماضي گهڙيءَ لاءِ وسارائي ڇڏيو. کنيز جي گوڏن کان چملهہ نائين، ۽ خاص ڪري سندس چڏن ۽ ڏڏن تي ايترا تہ ڪارا نيل هٿا جڏ ڪهن هن کي تمل سخن سان ويهي ڏنپ ڏنا هٿا. انهن مان کي نيل اهڙا هٿا جيڪي ڪتان ڪتان رتايل هٿا. اهي اهڙا هنڌ هٿا جتي چمڙي ڦاڻي پوڻ ٿي ڪڙيون ٻڌجي ويون هيون ۽ وقت گذرڻ سان سڪي اڏڙي ويون هيون. نوريءَ کي پنهنجي اکين تي اعتبار ٿي ڪونہ ٿي آيو: ڇا هڪڙو انسان ٻئي انسان تي، ۽ سو به ضعيف زال ذات تي اهڙوظلم ڪري ٿي سگهيو. هن آمالڪ ڪٽي کنيز کي پاڪر ۾ پريو، ۽ سندس وارن ۾ منهن لڪائي اوچنگارون ڏيڻ لڳي.

"۽ جڏهن حضور مرزا صاحب پنهنجي چاٻڪ سان اسان کي نوازيندا هٿا، تڏهن هڪڙن جي اها خواهش هوندي هئي تہ.... تہ اسين سور ۽ ٻيڙا کان رڙيون ڪرڻ بدران لذت ۽ فرحت جا شوڪارا پريون!" هن اهي لفظ اهڙي طرح چيا، جنهن ۾ ڪوبہ احساس ڪونہ هو. نوريءَ کي رڳو اهو محسوس ٿيو تہ هن جو زخمي جسم ڪن اندرين زلزلن جي ڪري سڄو ڏڏي رهيو هو. هوءَ ڪجهہ وقت هن کي پاڪر ۾ گهرائيون پائيندي رهي. هن کي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ هن جي جسم جي انهن زلزلن کي ڪيئن ماڻو ڪري، ۽ هن جي بيآواز مظلوميت جي روڄ کي ڪيئن چپ ڪرائي.

"بس ڪر منهنجي ٻيڻ، بس ڪر! مون کي بخش ڪر جو مون تو کي اهو ڪجهہ ياد ڏياريو آهي، جنهن منهنجي روح کي رنجايو آهي تہ توسان تہ الائي ڪهڙي قيامت هوندي!"

"نوري، منهنجي ٻيڻ، هاڻ سور سهسائي سهسائي اسان جا

جذبا ۾ مڙڻ ٿي وبا آهن: پنهنجي وطن کان ڏور، پنهنجن ميڙ عزيزن قريبن کان پري، اسين فقط اندر ئي اندر ٿڪون ۽ ڪڙهون ٿيون. تون ته پنهنجي وطن ۾ پنهنجن کان ايترو ويجهو هوندي به ايڏي ڏور آهين، ۽ تنهنجا گهاوَ ٻـ اڃا تازا تـازا ۽ نوان نڪورا آهن، سو تنهنجي لاءِ اسان جو به هڏ ٽو ڪُرڪي....!" ڪنيز سندس اکين ۾ نهارينديِ پاڻهه سان چيو. ان پاڻهه ۾ وري پنهنجائپ سوڻي آئي هئي.

ٻي ڪنيز ٻـ هن جي ڪڍي مٽي ڪري، سندس منهن ۾ نهارينديِ چيو: "خدا شل ڪنهن به عورت کي حسن نه ڏي: جنهن دنيا ۾ اسين ساهه پيون کڻون، آتي سونهن عذابن جو سبب بڻجي ٿي وڃي. رستم بيگ جي ڪوڙڪي مان نڪري، تنهنجا پَرَ ڪتري، توکي شهنشاهه جي حرم جي پڃري ۾ قيد ڪرڻ لاءِ ٺا موڪلين. ٻي ڪا چتر ۽ چالاڪ زال هجي ها ته هوند خوشيءَ ۾ ڪانه ماپي ها ۽ راڄ راڻي ٿيڻ جا سپنا ڏسڻ لڳي ها. پر تون.... تون ته آتي به روئي روئي پنهنجو جـيءُ جهوري وجهنديئن. تون پنهنجي نصيب آڏو مجبور آهين: اسين پنهنجي نصيب آڏو مجبور آهيون. پر اسان وٽ اهڙيون ٻـ آهن جن پنهنجو نصيب پاڻ خلقيو آهي. اسان جي سنگلاخ وادين ۾ اڄ ٻـ اهڙيون عورتون آهن جيڪي پنهنجي زبان جي بدران خنجر جي نوڪ سان ڳالهائيندڙيون آهن، جيڪي اڙهنگ گهوڙن جي اڳهاڙي پٺيءَ تـي لانگ ورائي ظالمن سان دوبدو مقابلا ڪندڙون آهـن، ۽ جڏهن جياپي جـي جنگ هارائڻ لڳندڙيون آهن، تڏهن ظالمن جي هٿ چڙهڻ بدران خنجر جي نوڪ پنهنجي ڇاتيءَ ۾ ڏنبي ڏيندڙيون آهن.... هاڻ فيصلو توکي ڪرڻو آهي تـ تون پنهنجو نصيب پاڻ خلقيدينئن يا پاڻ کي، اسان وانگر، ڏلهو مردارن وانگر جيئرو رهي، پاڻ کي نصيب جي جوالي ڪري ڇڏيندينئن!"

نوري بادگيرين جي انهيءَ ڏنڊ مان موڪلي آئي، ۽ شڪايتي انداز ۾ چيائين: "تو وري مون کي سانئڻ سڏيو؟"

بانهي ڪهڙيءَ لاءِ ساڻ ٽـي ويئي. پوءِ هيڏي هوڏي ڏسي

چيائين: "مون تو کي اڳ ۾ سمجهايو آهي. هيءَ مغل محل آهي، جتي پتين کي به ڪن ٽيندا آهن. هت پاڻ تي به اعتبار ڪرڻ جو ڪائنو آهي. ان ڪري تنهنجي ۽ اسان جي به سلامتي انهيءَ ۾ آهي ته اسين ٻاهرئين ٻني طور اهوئي ڏيکاءُ ڏيون ته تون اسان جي سائڻ آهين، ۽ اسين تنهنجون ڪنيزون!"

۽ پوءِ هن کي ٻانهن کان ونڊي آڻي پلنگ تي وهاريائين. "هاڻ ٻڌاءِ ته تو اهو ڪيئن سمجهيو ته انهيءَ تاري هيٺ تنهنجو وطن هوندو....؟" هن نوري کي چيڙيندي چيو.

"بس، ائين ئي چيم. هيڏي ساري ڪاري ڏارئين آسمان ۾ انهيءَ تاري ۾ ئي جوت هئي. ائين پاڻيم ته ان تاري جي جوت منهنجي ڏرتيءَ، منهنجي ديس سنڌ جي جوت جو اولڙو هجي ته شڪ ناهي. نه ته هيترا سارا تارا ايئن ايترا اونداها ڪيئن هجن ها!"

ٻانهي حيرت مان هن کي ڏسندي رهي. هن جو سنڌين سان گهٽ واسطو پيو هو، پر جڏهن به هو ڪنهن سنڌيءَ سان ملي هئي، تڏهن هن اهو محسوس ڪيو هو ته اڇن اوجرن ماڻهن سان ملي هئي، ۽ لاشڪ اها اوجر ۽ شفاف روشني ماڻهن ۾ سندن ڏرتيءَ کان کين ملي هئي. نوريءَ جي اڇ ڪان پوءِ ته هن کي هيڪاري يقين ٿي ويو هو ته سنڌ جي ڏرتيءَ کي خدا کا اهڙي خصوصيت عطا ڪئي هئي جو ان جا ماڻهو سَنَ جا ايڏا اڇا آجرا هٿ، ۽ شڪلين ۾ به هن اڇا ٽائين کو ماڻهو ڪوجهو ڪونہ ڏٺو هو. جيڪڏهن ڪنهن جو رنگ ڪارسرو هو تڏهن به سندس منهن ۾ کا اهڙي مٺيا هئي جو هن جو آجرو سَنَ ٻيو جرڪندو هو!

"ٻلا، اهو ته ٻڌاءِ ته تنهنجو هو سنڌي ڪيرو.... چا نالو ٻڌايو هيئي، ها، وريام، اهو ٻلا ڪهڙي تاري هيٺ هوندو؟" هن وري به ڪيس چيڙيندي چيو.

گهڙيءَ لاءِ نوريءَ جي اکين ۾ هڪ اهڙو رنگ آيو، جنهن ۾ حيا، حجاب سان گڏ هڪ عجيب خوشيءَ جو ڪو ليڪو هو. پر ٻيءَ گهڙي هن جي اکين ۾ اٽاهه ڏک لهي آيو. هوءَ جڏ سڄي

کوسائجي ويئي، ۽ ٽڏو شوکارو پريندي چيائين: "الائي ڪٿي هوندو؟ الائجي هن سان چا ڪيو هوندائون؟ تو ته ڏٺو هو ته هن کي ڪيئن ڪٽي سنگهرن ۾ سوگهو ڪيو هٿائون....! الله سائين، رکو هڪڙو پيرو هن کي ڏسان، پوء پساهه پورا ٿين ته هن تان گهوريس!"

ٻانهيءَ وري ڪٽي ٻاکر وڌس، ۽ نوري هن جي چاتيءَ ۾ منهن وجهي ڪيترو وقت ڏڪندي رهي.

اوچتو ٻاهر ٽکڙن ٽکڙن قدمن جو آواز ٻڌي ٻئي چرڪجي آٽي بيهي رهيون. ٻـ ديو قامت خواجه سرا دروازو کولي، هڪڙو هڪڙي پاسي، ٻيو ٻئي پاسي ٿي بيهي رهيو. سندن هٿ ڪمربندن ۾ آبنوسي خنجرن جي مٿين تي هٿا، ۽ پوء واچوڙي وانگر، ملڪهٔ هند نورجهان بيگم جي خاص ٻانهي، اندر هلي آئي.

"ملڪهٔ عالم، ملڪهٔ هند جن سنڌي ڪنيز کي عزت بخشڻ لاء تشريف فرمائي رهيون آهن!"

نوريءَ جي ڪنيز ته هڪدم فرش ٿي سجدي ۾ وڃائجي ويئي. نوريءَ کي سمجهه ۾ نه آيو ته هوءَ چا ڪري. حبشين کي ڏسي هن جو ساهه اڳي ئي سڪي ويو هو. هـو ڪنهن بت وانگر آٽي ٿي بيٺي رهي. هن زائفان کي جيڪا پوشاڪ پيل هٿي، تنهن جي جرڪي هن جي اکين کي جڪ ڪيرو ڪري ڇڏيو. هن کي نهايت زرق برق ۽ نهايت شفاف ريشمي ململ جـو ڊگهو پهراڻ پيل هو جنهن مان هن جو هـر انگ صاف نظر پئي آيو: فقط چيلهه ۾ پٽل هيرن جواهرن سان جڙيل ڪمربند وارو جسم نظر ڪونه ٿـي آيو. هوءَ ايترو تکڙو اندر آئي هئي، جو جڪ واچوڙا پاڻ سان ڪٽي آئي هئي، ۽ انهيءَ واچوڙي ۾ هـن جـا آرهه ائين دمڪي رهيا هٿا جڪ ڪبوتر اڏامڻ لاء پَرَ سوئي رهيا هٿا. هوءَ انهيءَ آرهه، ۽ آرهه کان هيٺ ڏسندي پنهنجي دل ۾ پنوائيون پوندیـون محسوس ڪندي رهي. هن کي يقين ٿـي ويو تـ جيڪڏهن هن ڪنهن شئي کي نـ جهليو ته هو آٽي ٿي ڦهڪو ڪري ڪِري پوندي. هـن قيصر بيگ جي خانم کي به زرق برق پوشاڪن ۾ ڏٺو هو، پر هيءَ نظارو هن جي

تصور کان ٻاڪٿو اڇتي هو.

اوچتو چٽن ڪنيزن جي وچ ۾، هڪڙي قداور مائي، متي تي چٽ پهريو، هوريان هوريان اندر داخل ٿي. ڪنيزن نورجهان بيگم لاءِ هن کي جيڪي ڪجهه ٻڌايو هو، سو هن ساڀيان اڳيان ٻڌو. ڇت جي بلوري هيرن جواهرن هن جي منهن کي اهڙو تيز ۽ تجلو ٿي ڏنو، جو ڇڻ ته هن جو منهن مشعل وانگر ٻري پريو. هن جي ڳچي ڪچي ٻ هيرن جي هارن سان جهنجهي پئي هئي. ريشم جي لباس جي چٽيءَ چٽيءَ تي اهڙن موتين جو پرت پريل هو جيڪو اکين ۾ گهڙندو ٿي ويو. پر جنهن ڳالهه نوريءَ کي چرڪائي وڌو، سي هن جون اکيون هيون. هن ايترين خوبصورت ۽ سهڻيون اکيون ڪڏهن ٻ نه ڏٺيون هيون. پر انهن ۾ رڳو خوبصورتي ۽ سونهن کانه هئي: انهن ۾ هڪ اهڙي چمڪ هئي جا ڪنهن شڪاري پکيءَ جي اکين ۾ هوندي آهي. ان چمڪ ۾ شڪار جي ٻيوسيءَ تي سوپ جو رنگ هو. ان ۾ زخمي چيتي واري رتو رت جلالي ڪيفيت هئي. هن کي اهي اکيون ڏاڍيون وٺيون، پر ساڳئي وقت انهن اکين کان هن کي بيانتها خوف محسوس ٿيڻ لڳو، ۽ هوءَ هلڪي واءَ ۾ لرزندڙ پن وانگر ٽڙڪڻ لڳي.

ملڪه جي هڪڙي ٻانهيءَ هن کي ڪو اشارو ڪيو، پر هوءَ ان اشاري کي ٻنهه ئه سمجهي سگهي. سندس پنهنجي ڪنيز، سجدي مان آئي، هن کي چيو: "مون وانگر جهڪي، ملڪهٔ هند جي قدمن ۾ وڃائجي وڃ!"

ملڪه نورجهان ڪنيز ڏانهن ڏسندي چيو: "تو هن کي سندس زبان ۾ چا چيو؟"

ڪنيز ڪنڊ هيٺ ڪندي فارسيءَ ۾ چيو: "قربان وڃان، مون ڪيس چيو ته سجده ريز ٿي ملڪهٔ عالم جي قدمبوسي ڪري!" هن هيڪندي چيو.

"هون....!" نورجهان ڪنڊ جي جنبش سان هن کي هٿ جو اشارو ڪري، اڳتي وڌي آئي.

نوريءَ جي ڪاڏيءَ کي پنهنجي آگر سان مٿي ڪٽي، ڪا گهڙي هن جي ڏنل هرٽيءَ جهڙين اکين ۾ نهاريندي رهي. پوءِ ٿورو هٽي، هن جي سموري سراپا کي ڏٺو.

"هيءَ واقعي غضب جي حسين نينگري آهي!" ملڪه پٽڪيو.

"اوهان جي ته قدمن جي خاڪ برابر به ڪانهي!" ڪنيز ڪنڌ مٿي ڪڍڻ کان سواءِ چيو.

"هن کان پڇ ته هوءَ خوش آهي شاهي حرم ۾ داخل ٿيڻ تي!"

ڪنيز نوريءَ کي ساڪي گهالهه سنڌيءَ ۾ چئي ته نوري اچي سڏڪن ۾ پئي. "باهه لڳي شاهي حرم کي، شل زمين مون کي جاءِ ڏي ته آءٌ ان ۾ غرق ٿي وڃان....!"

ڪنيز ترجمو ڪندي چيو: "چوي ٿي ته ملڪه عالم جي قدمن ۾ جاءِ ملي ته ان کان وڌيڪ هي گهڙي خوشبختي ٿي ٿي سگهي!"

نورجهان هلڪو ٽهڪ ڏنو. "نوڪي ڪوڙ گهالهائڻ نٿو اچي. اسين هن جي سڏڪن مان ٿي سندس دل جو حال چائي ويون آهيون. هيءَ حسن ترڪ يا مغل حسن ڪونهي جيڪو آسمان ڏانهن آڏامڻ گهرندو آهي. هيءَ حسن اهڙو حسن آهي جيڪو پنهنجي مٿيءَ ۾ مان ڳهرندو آهي.... تون اسان سان اچ!"

جهڙيءَ طرح واچوڙي وانگر هو آيون، تڏن ٿي وري واچوڙي وانگر هو هليون ويون. دروازي کان باهر نڪري، نورجهان پنهنجي هڪڙي آگر مان هڪڙي مندي لاهي ڪنيز کي ڏيندي چيو: "هي پاڻ وٽ رک. ماهه بيگم، باقي ڏون هن کي سمجهائي ڇڏج. پر سيگهه ڪجو، قبلهٔ عالم تي پروسو ڪونهي ته ڪيڏيءَ مهل ڪين هيءَ جنت جو ميوو باد پٽجي وڃي....!"

ڪنيز وري سجدي ۾ ڪري پئي. نورجهان جي وڃڻ کانپوءِ ماهه بيگم، ملڪه جي خاص ڪنيز، هن کي ڪجه وقت کي گهالهيون سمجهائيندي رهي. ❁

لاهور جي رات اوندهه کان بـ وڌيڪ پنيلائيندڙ هئي: هيٺ ڏنڊ هو، ان کان ٿورو مٿي، مٽيءَ جـو هڪ اڏوگاهرو شاهي ڪمر ٽي نظر آيو، ۽ ان کان به مٿي تارن تائين رات جي اصل اوندهه ڦهليل هئي، جنهن مان تارا نظر ته آيا ٿي، پر آئين ٽي پانيو ته سندن روشني ڪنهن ڪوڙڪي ۾ گرفتار هئي، ۽ رکي رکي ٽي منهن ڪيڻائين. جيستائين نظر ٽي ويئي، تيستائين اوندهه جا مختلف چانورا ٽي نظر آيا، جڏ اوندهه کي بـ پنهنجو ڪو جسم هو جو آسمان ۽ مٽي ۽ منهن ۾ ابتو ٽنگيل هو. شايد رات ۽ اوندهه جـي ڪردار جو اهو اولڙو لاهوري ماڻهن جي پنهنجي ڪردار ۾ به هو: باهر هڪڙو اندر ٻيو؛ پنهنجن سان هڪڙو ڌارين سان ٻيو؛ پنهنجي ٽي اندر واري سان هڪڙو، پر باهريون ٻيو!

"ٻَرَ، ڇڙي رات ته نـ ڏيسون، نـ ڏيسون!" ڏاترڏني پنهنجي منهن ٻڪندي چيو.

"ڏاترڏنا، ظلم جون راتيون اهڙيون بدصورتون نه هونديون ته ٻيو ڪهڙيون هونديون!" جانوءَ سندس سُر وڌايو.

"ادل، شُڪر ڪر جو هي ڏنڊ آهي، نه ته هيستائين ٻن چڻن چونڪين سان تـ مامرو ڪرڻو پوي ها!" دوسوءَ پنهنجا هٿيار سنياليندي چيو.

"سو ته ڏسي وڻون ها، پر هاڻ هن اجگر جهڙي ڪوٽ جو دروازو ڪيئن ڪلندو؟" جيوڻ جڏ پنهنجي ٻاڻ کان سوال پڇيو.

"دروازو ڪلڻ ته ڏاڍو ڏکيو آهي. پر ڪوٽ جي پرئين پر، لشڪرين جو هڪڙو مورچو ٺهيل آهي. هيٺ دريا ۾ ٻڙين ٻيڙي آهن. لاشڪ مغلن پنهنجي ڪن خاص مقصدن لاءِ اهو مورچو ٺاهيو

آهي تہ جيئن ڪنهن کي ڇڄائڻ ۾ سولائي ٿئي. يا شايد ٻاهيوئي اسان لاءِ ائن. سو اڇو مون سان: آءٌ سڄو واءُ سواءُ وڻي ويو آهيان!"
جڪري پنهنجون ڪانيون ۽ سرائيون گيدي ۾ رکندي چيو.

ڪوٽ ڪافي وڏو هو. جڏهن ڦري آيا، تڏهن ڏنڊ ۾ مورچي جا برج ۽ ائٽن ٽي پانيا چڙ ڪي ماٺهو ٻانهون مٿي ڪريو بيٺا آهن. جڪري چوڌاري مان رسو کولي، سرڪساهي ٻاهي آڇل ڏني. سرڪساهي هڪڙي ڪنگري ۾ سوگهي ٽي ويٽي. هن پنهنجي همراهن کي ترسڻ جو اشارو ڏيئي، فصيل تي بانبڑا پائي ائٽن چڙهي ويو، جڏ تہ اهاهن جي روزاني ڪرت هئي. ڪوٽ جو ڪنگرو اورانگهي، هو ٻڌان آواز مورچي جي پٽيان لهي پيو، ۽ ڏيڏيءَ جي اوٽ وڻي ٻيهي رهيو. ڪل چار پهريدار هئا. ٻ ڇٽا هڪڙي پاسي، ٻ ڇٽا ٻئي پاسي چونڪي ڏيئي رهيا هئا: سوٽ ۾ چارئي ڇٽا مورچي جي دوڇٽيءَ وٽ، هڪٻئي کي ڏسي، بند مٽ پنهنجي سيني تي رکي، سلام ڪري، وري پنهنجي چونڪيءَ تي هليا ٽي ويا.

هو چپ اوندهہ ۾ لهي پيو: اڳيان ويندڙ سپاهين جي پويان پڇڙي، هن‌ٻني هٿن ۾ خنجر جهلي آيا ڪيا: ٻني لشڪرين جي ڪلهي ۽ ڪڇيءَ جي ڪوري ماس ۾ خنجر ڪنوڻ وانگر لڳي ويا! ٻئي ڇٽا ريهہ ڪري، ڪپيل بند جيان سڏا ٽي سڏا ٻئيءَ پر اڇي ڪري، ۽ آتي ٽي ڪٽل ڪبوتر وانگر ڦٽڪي ڦٽڪي ٽڏا ٽي ويا. هن ڇڪ ڏيئي، خنجر ڪيدي ورتا، ۽ ٻين ٻن سپاهين طرف هلڻ لڳو. پنهنجي ساٿين جي ريهہ ٻڏي، ٻئي لشڪري پنهنجي چڪر پوري ڪرڻ کان اڳ ٽڪڙا ٽڪڙا موٽي ٻئي آيا. اڃا جڪري کان ويهارو قدمن ٽي هٽا تہ جڪري سرائي وات ۾ وجهي ڦوڪ ڏني: هڪڙي ۽ ٻوءِ ٻي. ٻئي لشڪري پنهنجي پنهنجي اڪ وڃائي، اڪ سان سنهون تير ڪيڻ جي ڪوشش ۾ دانهون ڪرڻ ويهي رهيا. جڪري جو هٿ ٻ ٻيرا مٿي ڪڇيو، ۽ ٻئي ٽڏا ٽي ويا. هن وري ٻ ڇڪ ڏيئي پنهنجا تير سندن اکين مان ڪيدي ورتا. ٻوءِ ڏيرج سان هلندي، هن اڇي رسيءَ کي هلڪي ڇڪ ڏني.

اشارو ملندي ئي سمورا همراهه رسيءَ جي سڌ سان مٿي پهچي ويا. جڪري رسو ويڙهي وري چيلهه سان هڏل ڪمربند ۾ هڻي ڇڏيو.

"هاڻ ڪيڏانهن؟" ڏاترڏني جڪري کان پڇيو.

"هيٺ! هن پڇري مان پائنجي ٿو ته هتان لهي لشڪري پنهنجي ڪمين گاهه ۾ ويندا هوندا، جتي هنن جا ٻيا همراهه پنهنجي چونڪيءَ جي واري لاءِ تيارين ڪندا هوندا. منهنجو اندازو آهي ته ويهارو ڪن همراهن جو هوندو. اتي ئي ڪٽي، ٽهڪانا شروع ٿيندا هوندا....!" جڪري ايئن چيو جڻ هو اڳي ئي آنان ٿي آيو هو. پر هن رڳو جبلن جي غارن جي حساب تي ڏُڪو هنيو هو.

هو ٽڪڙا ٽڪڙا هيٺ لهڻ لڳا. اوندهه ۾ لسن پٽرن جي ڏاڪن تان لهڻ ۾ به جان جو جوکو هو، سو هو هٽ هٽ ۾ ڏيئي، آهستي آهستي هيٺ لهڻ لڳا. هنن جا سمورا حواس پهري سجاڳ هئا. سندن هڪڙو هٽ پنهنجي همراهه جي هٽ ۾ هو ته ٻيو هٽ خنجر جي مٿي تي هو: سڃاڻ کو....!

جڏهن اڌ جيترا ڏاڪا لٿا ته ڏندُ منجهان هنن هڪڙي وڏي فانوس جي پيلي پيلي روشني ڏٺي.

"هي ته شاهي فانوس هاريو ويٺا آهن. آهن بس الائجي گهٽا ڇٽا؟" جانوءَ چيو.

"هاڻ منهنجو وارو آهي، جانوا!" مولينڈني پنهنجي پهراڻ مان هڪڙي دٻلي ڪڍي، ان کي کولينديءِ چيو: "ٻڌو، هن مان چپٽي پري هٿن ۾ چگيءَ طرح ملي ڇڏيو، ۽ پوءِ ٻنهي هٿن سان منهن کي بس مَسڪ ڏيئي ڇڏيو. جيڏي مهل آءٌ پنهنجي جادوگري ڏيکاريان ۽ چوڏاري دونهون ڦهلجي وڃي ته اوهان جا هٽ ۽ منهن ٻنهه انهيءَ فانوس وانگر چمڪڻ لڳندا. اهو انڪري ٿو چوان جو ائين نه ٿئي جو اسين هڪ ٻئي جي خنجرن جو بَسڪ ٿي وڃون!" مولينڈني کين سمجهائي ڏيندي، وري پنهنجي پهراڻ مان هڪ ڊگهو سگ ڪڍيو. اهو سگ کنهن ڪنديءِ مينهن جو ٿي ڏنو. ان کي

هڪڙي پاسي کان ڦوڪون ڏيڻ شروع ڪيائين تہ گهڙيءَ کان پوءِ ان مان چٽنگون نڪرڻ لڳيون.

پوءِ هن هڪ ٻي ڏهلي ڪڍي، ان سان اڇي الي جهڙي ڪنهن شئي جون ٻہ چار چپٽيون سڳ جي منهن ۾ وڌيون. سڳ اندر ٽڙڪاٽ ۽ چٽنگون نڪرڻ لڳيون تہ هن ان کي فانوس ڏانهن آڇل ڏني. گهڙي نہ گذري تہ فانوس جي روشني کي جڏ تہ کو جن پوت گهي ويو: ان جي ٻدران چوڏاري اڇو اڇو دونهون ڦهلجندو ويو، ۽ ڏهاڪو مڙسن جي الوڙجڻ ۽ کنگهڻ، کنگهڪارڻ ۽ اوکاريون جا آواز اچڻ لڳا.

هو تکڙا تکڙا هيٺ چونڪيءَ ۾ لهي ٻاهر جڏ مغلن جو موت پيلن هٿن ۽ پيلن منهن سان منجهن لهي پيو. مغلن رڳو پنهنجي سامهون پيلي منهن سان کو جسم ڏٺو، ۽ اوچتو کو پيلو هٿ مٿي کڄيو ۽ خنجر ٻڌي وڃ جيان ٽي ڪڙيو. هنن کي پڪ هئي تہ هيءَ کا غيبات هئي جا مٿن اچي ڪڙڪي هئي. موت کان وڌيڪ هو انهيءَ غيبات جي ڊپ کان دانهون ڪرڻ لڳا. مرڻ کان ٻہ اڳي هنن جا هينئان جنات جي ڊپ کان هڇي ويا، ۽ هنن کي بچاءَ ۾ پنهنجا هٿيار ٻہ ياد ڪونہ آيا!

"ٻرَ، هي تہ ڪاساڻيءَ واري ڪار ڪئي اٿون!" ڏاترڏني ڪجهہ لڇي ٽيندي چيو.

"۽ هنن جي چاچن مامن جو سنڌ ۾ ڪوس ڪيو، سو ڪهڙي حساب ۾!" جانو جوڪئي چڙ مان چيو.

"پر سنڌ جي مغلن جو حساب هنن کان وٺ مون کي ٻہ ڪونہ ٿو آڻڙي!" جڪري ٻہ شوڪارو پريندي چيو.

"ادل، پاڻ لشڪرين ۽ فوج جي سپاهين کي بَسڪَ ٻڌايو آهي. هنن جي حاڪمن تہ اسان جي معصومن، مسڪينن، بي پهچ نيائين جي رت سان هٿ رڱيا آهن....!" جيوڻ ٻہ ورڇجي چيو.

"ٺهيو، چڏيو انهن ڳالهين کي. اجهو ٿي فجر جي ٻانگ اچي ۽ سڄو ڪوٽ جاڳي پوندو...." ڏاترڏنو وري انساني جذبن کان

حقيقتن جي ڪوٽ ۾ موتي آهو.

چونڪي ۽ مان ٻاهر نڪتا تہ سامهون ٿي سامهون ٽهخاني جو دروازو نظر آيو. دروازو اڌ ڪليل هو، ۽ هيٺ ويندڙ ڏاڪا صاف نظر ٿي آيا.

"توهين هلو هيٺ تہ آءٌ پنهنجي واپسيءَ جوڪو بندوبست ڪري اچان. ڪوٽ جو مُک دروازو بہ شايد فجر جي ٻانگ تي کوليندا، ۽ ٻاڻ کي سواريُ جي بہ ضرورت آهي!" جانوءَ صلاح ڏني.

"آءٌ بہ توسان گڏيو ٿو هلان. هڪڙي کان وري بہ ٻہ چڱا!" جيوڻ صلاح هنيس.

"نہ ٻاڏو، اندر الائجي گهٽا ٻهريدار هجن، سو تون هن سان هَڄ تہ ٻلو. منهنجي ڳٻتي نہ ڪر. گهوڙا ڪٿي مغلن جا هجن، ڏٺي اهي بہ سڃاڻن ٿا!" جانوءَ ڪاڻي چيو، ۽ پنهنجي اندازي موجب گهوڙن جي ڪڙهہ جي گهولا ۾ هڪڙي پاسي لهي ٻيو.

ڏاترڏنو ۽ سندس ساٿي تهخاني ۾ لهندا ويا پر ڏاڪا کٽن ٿي نہ.

"ٻَرَ، متان هتي ڪا اهڙي ڪل تہ ڪانهي، جنهن سان ڪو دروازو ڪلندو هجي. ايترو هيٺ تہ تهخانو بہ ڪونہ ويندو آهي!" هن ڪي ٻڌ جي بت وارا تهخانا ياد اچي ويا.

"ڪاهہ سچي ٿو ڪرين. هيٺ تہ رڳي اوندهہ آهي، نہ آدم نہ آدم جي ذات....!" جڪري ڀهرين ڪاپي پاسي ۽ ٻوءَ ساڃي پاسي پٽ ۾ هٿوراڙهون ڏيڻ شروع ڪيون:

"ٻَرَ، ڏاڍي ڪاهہ ٿي...." مولينڊني همٽ هاريندي چيو.

"هلو تہ وري متي هلون: پڪ ٿي ٻڪ هن تهخاني جا ڪَلَ پرزا متي چونڪيءَ ۾ هوندا!" جڪري ڪجهہ سوچيندي چيو.

جئن هو متي چڙهن لاءِ ٽڪڙو ٽڪڙو ٻہ ٻہ ڏاڪا متي چڙهيا، تہ مُک دروازو هڪ وڏو چيڪٽ ڪري بند ٿي ويو! ڏاڪڻ ٽي ٻاٽ اونداهہ. چائنجي ويئي! ❁

ساموئي جا پٽ، سنڌ جي تاريخ جيان، هر سنڌيءَ لاءِ هڪ عجيب چڪ ۽ ڪشش جو ڪارڻ رهيا آهن: اهي ئي پٽ هئا، جتي سنڌين، عربن، تغلقن، غزنوين، غورين ۽ پوءِ ترڪن سان وڏا ماسرا ۽ مقابلا ڪيا هئا. هت ڪوبه ۽ ڪونڊرن ثابت ڪيو هو ته جيڪڏهن سنڌي پنهنجيءَ ئي اڇن، پنهنجا ويڇا وساري، فقط سنڌ جي ازلي ابدي رشتي ناتي هر، هر ته هارنهن ٻڌجي، وڙهن ته ڪوبه ڏاريون هنن جي اڳيان بيهڻ ۽ مقابلو ڪرڻ جو سٽ ڪونه سارينڈو. هت هر سنڌيءَ جي وڏڙن جا هڏا، هن ڌرتيءَ جي مٽيءَ کي مان ڏيئي، آزاديءَ جي گلن جو پاڻ ٻٽيا هئا؛ هر سنڌيءَ جي بزرگن پنهنجي رت سان ريج ڏيئي، ايندڙ نسلن جي چونڪاري جا فصل آپايا هئا. هن پٽ جي مٽيءَ جي سگنڌ پنهنجي متوالن کي پريان ئي پڪاري ونندي هئي. جڏهن ڪو سنڌي واڻهڙو ٻڌجي هتان لنگهندو هو ته هن جا قدم آڻي بيهي ويندا هئا، سندس نرڙ ۾ ان مٽيءَ کي سجدي ڪرڻ جي آرزو آيندي هئي، ۽ هو آن مانائتيءَ مٽيءَ مان لپ پري، کا گهڙي ان ۾ گهوري نهارينڈو هو جو ان ۾ آزاديءَ جي آهوتيءَ کي گهوليندو هو. سندس اکين اڳيان تاريخ جا اهي ورق ورندا هئا جن ۾ آزادي لاءِ سنڌين پنهنجي رت سان انهاس کي قلمبند ڪيو هو.

سائون هڪڙي نظر ساموئيءَ جي آسمان ۾ وڏي، ۽ پي نظر هن پنهنجي همراهن ۽ سائين جي لشکر ۾ وڏي، جيڪي هڪڙي ئي سڌ ۾ ڪٽان ڪٽان کهي پهتا هئا: سندن جسم تازن معرڪن ۽ راتاهن ۾ ملهيل گهاوَن سان سينگاريل هئا، ۽ سندن روح هڪ ئي عبادت لاءِ سجده ريز هئا: سنڌ لاءِ سر ڏيڻ جي عبادت، سنڌ

کي آزادي ڏيارڻ جـي عبادت! تنبو ۽ خيما هٿا جـي آسمان جـي هڪڙي ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين، سنڊ جـي ڏـر جـي ڇڻن وانگر، سمنڊ سمان ٽي پانيا. هن ائين پانيو ڇڻ ته سنڊ جو آسمان ۽ هنن جي آجيان ۽ مان ۾ مٺن سلامي هو. هو اڃا انهن خيالن ۾ هو ته پري کان گهوڙن جي ٽاپڙ ٽاپڙ جو گڻهيل آواز هن جي ڪن تـي پيو. هاڻ هن جا ڪن اهڙا هري وڃا هٿا جو هن کي اڳي ٿي پـرون پٽجي ويندا هٿا ته نياپو آٽيندڙ پهنجا هٿا ٻـا اوپرا ۽ سندن نياپو خير جو هو يا نـ. هـن جي خاطر جتن اصل نياپي کان گهٽو اڳ ڪيس ان نياپي بابت چمائي ٽي ڇڏيو.

"جيئي سنڊا!" ايندڙ همراهن وٽس ڀهجي سلام ورايو.

"سدا جيئي!" سانوڻ پڪيو.

"سنگهار پانٽيءَ جـا سلام ڀهجن....!" هڪڙي نوجوان ڳهي وڌندي چيو.

"ادل، نون تماچي ته ڪين آهين، شيرل جو نيمگر!" سانوڻ ۽ قدر اڳتي ايندي چيو، ۽ ٻوءِ هن کي سڃاڻيندي، ڪيس ٻاکر ۾ پري چڏيائين.

"اهو ساڪيو....!"

سانوڻ سيني سان ٻاکر پائي مليو، ۽ خوش خير عافيت کان ٻوءِ چمائين: "ٻلا، ڪريو خبرون چارون....!"

"خبرون مڙئي خير. مغلن جا ويهارو بتيلا، هتيارن سان توپن جي گولن سوڌا اسان واري پٽ تائين پهتا هٿا. ڪل چار سو ڪن لشڪري هٿا. اسان جي همراهن سنڊوءِ جـي پٺ ۾ هنن لاءِ جاءِ پيدا ڪري وڌي. البت ٻن توپن ۽ سو ڪن پالن ۽ ترارين کان سواءِ ٻيو هتيار بچائي ڪونہ سگهياسون. توپون ۽ گولا ڪاهي آيا آهيون. چاچي سنگهار ٽي چيو تـ اهي هٿيڪا ڪري پهچايو: مڙئي ڪم اچي ويندا. ٻيو مڙئي خير!"

سانوڻ کا گهڙي هن نوجوان کي گهوريندو رهيو. هن جي دل ۾ هـن لاءِ اٽاهـ پيار اڇي وئـو، ۽ هـن وري وڌي ڪٽي ڪيس

پاڻ ۾ وڏو.

"شيرل جي اولاد مان مون کي اهائي اميد هئي!" هن کيس مرڻ ڏيندي چيو.

"چگو هاڻ موڪلائي ڪانهي!" تماچي هن پيار کان مرڳو ششدر ٿيڻ لڳو. هنن اڳ تہ ڪا اهڙي گاله ڪانہ ڪئي هئي، جنهن تي سانوڻ جهڙو سرواڻ هن جي واکاڻ ڪري.

"ائين ڪيئن ٿيندو؟ مانيء ٽڪر ڪائو، پوء وري ڪڇهري ڪبي.... نورل، همراهن کي لنگر تي وڃي وچ تہ جيئن هنيانء سڄو ڪن. وهٽن کي بہ داڻو ڏيو!"

"ڪڇهريون پيون ٿيندهون، پر ڪنهن پکيء ٽي هوليو تہ ڪجهہ ٻڌا ٻيا بہ لهوارا پيا اچن، سو انهن جو بہ ڪو بلو ڪرڻو آهي!" تماچيء سانوڻ جي اکين کان بچندي چيو.

"سنگهار پاڻهي انهن جو بلو ڪندو. توهان کي ٽڪ پڇڻ کان سواه وڃڻ جي موڪل ڪانهي. پنهنجن وٽان بکيو موڻ هونئن ئي سڻو سوڻ ڪونہ ٿيندو آهي!"

تماچي ۽ سندس همراهہ لاچار نورل سان گڏجي لنگر ڏي روانا ٿياہ. همراهہ سندن گهوڙن کي داڻو ڏيڻ لاه ڪاهي ويا. سانوڻ هنن کي ويندو ڏسي، دل ئي دل ۾ دعا ڪئي تہ الله سائين، ههڙا سرويچ شل سلامت رهن تہ پوء ٻيڙا ئي پار آهن. گذريل ڏينهن کان هن کي جتان ڪتان اهي خبرون پئي پهتيون. نہ رڳو درياه مغلن جو قبرستان بڻجي وهو هو، پر سنڌ ۾ جيڪي بہ ٽڪ ۽ لنگهہ هٿ، آڻان هن کي اهي ئي خبرون ملينون تہ اهي بہ مغلن جا مقام بڻجي رهيا هٿ.

لاکن ۽ مهرن ملتان کان ايندڙ مغل فوج تي راتاها ڏيئي سندن سمورا ڪٽهڻ بند ڪري ڇڏيا هٿ. بکر ۾ مورچيبند مغل لشکر جڏهن هيٺ لٿو تہ، چاچڻ ۽ سهتن هنن کي پوئتي موڪلائي جڏهن جيڪي ڪٽهڻ بدلائي هيٺ لٿا تن کي شورن ۽ سومرن اهڙو سوکهو ڪيو جو قرآن ميڙ ڪري پنهنجي جان بچائي پوئين پير

وياء خود ڏٽي جي آس پاس مغلن جي ڇانوٽين تي جوڪين، جتن، سمن ۽ ٻليچن سڏا ٻڌا حملا ڪري، ٻاهيون ڏيئي، اکوڙي ڇڏيو، ۽ هو ٽولا ٽولا ٿي اچي ڏٽي سهڙيا هئا. جڏهن مغل چٽن ٽي پاسن کان هن شورش کان سراپجي ڏٽي پهتا، تڏهن پهريون پيرو رستم بيگ کي اهو احساس ٿيو ته هيل سنڌي کين ڪيڏ کان سواء ڪونه مڙندا. هن لاهور قاصد موڪليا، ۽ پاڻ سموري لشڪر تيار ڪري ڏانوڻ سان سڌو منهن مقابل ٽين جون تياريون ڪرڻ لڳو. جنگ جي نوبت وڳي ته سنڌي ٻه مورچبند ٽي ويهي رهيا.

سانوڻ هڪڙي نظر پنهنجي سات تي وڌي. ڏٽي ڪان ساموئي واري پنڊ ۾ هن کي اها ٻڌي ته مغل، ڏورو ڪونه ڏيندا جيسمن کين ٻاهران ڪمڪ نه پهچي. ڏوري جي مٽين ڪپ تي مغلن پوري ساز سامان سان صف بندي ڪئي هئي. سانوڻ پنهنجي سموري سات کي چٽن حصن ۾ ورهايو هو. ٻه حصا اهڙيءَ طرح مورچبند هئا، جو جيڪڏهن ٻليان حملو ڏٽي ته آن لاء ٻه هو تيار رهن. اڳيان ٻه حصا هن اهڙيءَ طرح ورهايا هئا جو جڏهن ويڙهه شروع ڏٽي ته مغلن کي وچ ۾ ڪري وڙهجي. هن لاء وقت جڏهن ڪ ٽي هنڌ بيهي رهيو هو. هن کي ڪهن ٻه ستل ڪوه ڏنو هو. ڏينهن رات جو فرق مٽجي ويو هو. هن کي گرهه ڏاڻ جي ٻه واندڪائي ڪانه هئي. ڪڙي چڙي ڪان ٻئي چيڙي نائمن هن جي ڪميت آئين ٽي آئي ويئي ٿن هن جو ساهه انهن ٻن چڙن ۾ ورهايل هو. ساڄي ڪاهي، ڏکڻ اڀر، اولهه اوپر جا سنڌا ميسارجي ويا هئا: هن کي هر وقت اهاڻ ٿئي هئي ته هر حتي جا مهندار الائجي پنهنجي همراهن جي ڪاڏي پيني ۽ آرام جو خيال رکن ٿا ٻا نه. هو پاڻ مختلف لنگرن ٽي وڃي ٻهندو هو ۽ همراهن کان ڪاڏي خوراڪ جون پڇائون ڪندو هو. همراهه ڪالي چوندا هئس: "پائنجي ٿيو ته سانوڻ جي پنهنجي لنگر ۾ هڏو پٽ رڏوئي ڪونهي، جو ميڙانهن هوڏانهن ٻيو جهوتون ڏئي!"

جڏهن معلن پهريون حملو ڪيو، تڏهن ائين ٽي ياتيو، جڻ

تہ ڏرتي ڏُهڻ لڳي هئي. هزارين گهوڙا، جڏهن مظفر خان جي اکوائي ۾ ڪنهن سمنڊ جي وير وانگي چڙهي آيا، تڏهن گهڙيءَ لاءِ سانوڻ جي دل هڇدي ويئي: هن تربيت يافته مغل گهوڙيسوارن جي دستي جي اڳيان الائجي ڪيترا لشڪر هيبت ڪان ٿي هار مڃي پيش پيا هئا. گهوڙن جي سُنبن جي ٽاپڙ ٽاپڙ اهڙي ترتيب ۽ منظم نموني سان هڪ خوفناڪ گجگوڙ ٻڌجي ويئي، جو اڌين ٿي پانيو ڇڏ تہ ڏرتيءَ جو هنيانءَ ڦاٽڻ ٿي هو. رکي رکي مغلن هڪ آواز ٿي نعرو ٿي هنيو، ڇڏ تہ فتح اڳي ٿي هن جي تقدير ۾ لکيل هئي. سانوڻ جي ڪميت جا ڪَنَ ٻ انهيءَ آواز تي، ڪڏهن ڪاپي تہ ڪڏهن ساڃي پئي ڏٺيا، ۽ سندس بدن ۾ هڪ عجيب هلچل ۽ آڇل ڪي سانوڻ محسوس ڪندي، سندس ڪچيءَ تي ٽڪيون هڻي، مانو ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، پر ڪميت کي سُڪ نہ پئي آيو.

جڏهن مغل ڊوري جي متئين ڪَپَ تان اڏو اڏ ورهائجي هيٺ لهڻ لڳا، تڏهن سانوڻ هٽ متي ڪٿي ڪو اشارو ڪيو. هن جو هٽ اڃا متي ٿي هو تہ ڪانپائين جي پٽ، پٽ جا هزارين آواز اڀين اٽيا ڇڏ تہ سرڀين جي شاهي لشڪر هڪ ٿي وقت پڙڪو ڪائي آڏام لاءِ پنهنجون ڪنيڙائيون وڄائڻ شروع ڪيون هيون. ڪانپائين سان گهوڙهن جو سينهن مغل گهوڙيسوارن تي وسيو، تڏهن نہ مغل لشڪري نڪي سندن گهوڙا انهيءَ لاءِ تيار هئا. سوين مغل آڇل ڪائي جڏن ٿي گهوڙن جي دُنب طرف ڌڙيا، تڏن سندن گهوڙا بہ گهوڙهن جي ڏڪ کان، اڳيان سُنڀ متي ڪٿي آيا ٿي ويا: پونين ڏنگن سندن سڀ نہ ڏنو، ۽ هڪ ڏڳهي ڏنل هٽڪار سان، پنهنجي سوار ڪي هيٺ اڇلائيندي، پاڻ سنياليندي جڏن پڙڪو ڪاڏائون تہ پنهنجي ٿي سوار کي چڇريندا ويا. مغلن جي دانهن ۽ گهوڙن جي هٽڪار آسمان ۾ پڙاڏا وجهي ڇڏيا.

سانوڻ جي هٿي اشاري تي، ٻہ ٻہ سو سنڈي گهوڙيسوار انهيءَ گهمسان ۾ ٻنهي پاسن کان لهي پيا: هنن جي هٽ ۾ فقط ٻالا هئا. ڪريل مغل اڻن، تنهن کان اڳ ٻالا سندن نڙ گهٽن، ڇاتين يا پٺين

کي ڏاريندا ويا. چچرجي نکرندڙ انساني دانهن‌جا نوان پڑاڏا زخمي گهوڙن جي هٺکارن سان ملي سموري مغل فوج کي اهو چٽاءُ ڏيندا ويا تہ هيلوکي وڙهاند سندن آخري وڙهاند هئي، ۽ هو وري سنڌين سان ڪڏهن مد مقابل ڪونہ ٿيندا ! مظفر خان پنهنجي بهترين تربيت يافتہ گهوڙيسوارن جي هن شاهي دستي جي اِن شامت جي امکان تي بہ ڪونہ سوچيو هو. هن جيڪي بہ جنگيون وڙهيون هيون، تن ۾ هن جي انهيءَ دستي جو ڏهڪاءُ ئي ڪافي ثابت ٿيو هو. پر هيءَ شڪست هن جي سڀ سالاريءَ جي سموري ساک ڀهاري ويئي. ڪاوڙ ۽ شرمساريءَ مان هٺ مهٽيندي، هن پنهنجي مُنڪ پيادل دستي کي اشارو ڏنو.

ان دستي جو هر مغل سپاهي پنهنجي خونخواري ۽ بهادريءَ لاءِ مشهور هو. هرهڪ سپاهي زرهہ پوش هو: هڪڙي هٿ ۾ ڍال ۽ ٻئي هٿ ۾ ترار ڪئي، هر سپاهي ٻئي سپاهيءَ سان اڻڻ قدم ملائي اڳتي وڌيو. ڇڻ سڄي دستي جو هڪڙو ئي جسم هو، جنهن هڪڙي ئي وقت تي هڪ ئي هرانگهہ ٽپي ڪنئي. سؤ سؤ سپاهين جي اڳڀاڙ سندن مهندار هو، جنهن کي ڍال تي ساڳي هئي، ۽ سندس هٿ ۾ ترار جي بدران ڀالو هو.

مغل ڇڻن صفن ۾ اڳتي وڌيا: هر صف ۾ سؤ سؤ سپاهين جا چار ڇڻا هئا. رکي رکي هنن هڪ ئي وقت نعرو ٿي هنيو: تيز ترڪ گامزن! تيز ترڪ گامزن! مغلن جي انهيءَ صف بنديءَ کان راجپوت، روهيلا ۽ پٺاڻ ايترو هيسيل هوندا هئا جو انهن دستن کي ڏسندي ئي هو قلعن جا دروازا بند ڪري پنهنجو پٺاڻ محاصرو ڪرائي ويهندا هئا. سانوڻ هڪڙي نظر انهن صفن تي وڌي، ۽ دل ئي دل ۾ هڪ آرزو تري آيس تہ جيڪڏهن سنڌي اها صفبندي سکي پون تہ هنن کي غلام بنائڻ جي ڪنهن کي بہ همت ڪانہ ٿيندي.

جڏهن مغلن ۽ سنڌين جي وچ ۾ ٽيو سؤ وڪن جو مفاصلو رهجي ويو، تڏهن مغلن جي رفتار ۾ تيزي اچي ويئي، ۽ هو اڳتي وڌڻ لاءِ ڌُڪڻ لڳا. سانوڻ ڏڪندڙ دل سان مغلن کي ڪنهن بار

وانگر نظر ۾ رکندو آيو، ۽ عين اُن گھڙيءَ، جڏھن مغلن سندس مقرر ڪيل سنڊو ٽپيو، تڏھن ھن ھٿ مٿي ڪٽي اشارو ڪيو. ميدان جي ٻنھي ڇيڙن تي بيٺل سنڌي شھسوارن ھڪ ئي وقت پنھنجي گھوڙن کي ھڪل ڪئي. گھوڙن جي پڇن ۾ ڏڪا رسا ھڏل ھٽا. جڏن پوءِ نڏن گھوڙن جي رفتار تيز ٿيندي ويئي، ۽ پوءِ مغلن کي ايڏن محسوس ٿيو جڏ تہ زمين ھنن جي پيرن ھيٺان کسڪندي ٿي ويئي. ڏکيون شاھي ٽوڙيون ھنن جي پيرن ھيٺان چڪجندیون ويون، ۽ مغل جيسين پاڻ سنڀالين ۽ سمجھن تہ زمين کيڏن سندن پيرن ھيٺان کسڪڻ لڳي ھئي، تنھن ڪان اڳ ھو چڏن پنڇن پڙھين جيڏين ڪاھين ۾ ڪرندا ويا. ڪاھين جي تري ۾ تيرن ڪان ۽ تڪا سڙي پالن جيان ٽنبيل ھٽا؛ اھي سڙي ڪرندڙ مغلن جي سڙن، چڏن، چيلھين ۽ پاسرائين ۾ ڪپندا ويا. سندن دانھون ۽ چيٽون انھن ڪاھين مان ايڏن آٽيون چڻ تہ قبرن ۾ مڙدا جاڳي رڙيون ڪرڻ لڳا ھٽا. عين ان وقت سنڌي گھوڙسوارن جا دستا ڪاھين ۾ ڪرڻ ڪان بچي ويل مغلن تي وڇ جيان اچي ڪڙڪيا. مغلن جا ھوش اھڙا خطا ٿي ويا ھٽا، جو پنھنجي بچاءَ ۾ وڙھڻ بدران، ھنن پوئتي موٽ ڪاڏي، ۽ پنھنجون سموريون روايتون وساري ڪٽي ڪڙين تي زور رکيو. انھيءَ پاڄ ۾ ھنن وري پوئتي نھاريو ٻہ ڪين. نڪي سنڌين ڪين ڪا اھڙي مھلت ڏني. مغل لاباري جي سنگن جيان ڪرندا ويا. سمورو ميدان مغلن جي مڙھن ۽ لاشن سان آلجي ويو، ۽ جڏھن آخري مغل ڪريو، يا سنڌين جي مقرر ڪيل سنڊي کي ٽپي ويو، تڏھن سنڌين ٻہ پنھنجي گھوڙن حي واڳ ورائي، پوئتي موٽ ڪاڏي.

ھڪڙي ھڪڙي مھندار سانوڻ کي پنھنجي پنھنجي سنڀ بابت حال احوال ڏنو.

”منھنجا ويھارو ڪيل ھمراھ ڪري ٻيا ڪجھ ڦنجي ٻيا آھن....“ ھڪڙي مھندار پنھنجي واري ٿي ڏکارو ٿي چيو.

”ادل، بادل ٻو تہ ڏنھنجا ساٿي ڪجھ آھرا ھٽا: پر خير، سڀ ڪان صدقو ٿيا....“ ٻئي ھمراھ ھن سان ھمدردي ڪندي چيو.

"پانيان ٿو ته مغل اچوکي رات وري اسان سان هٿ چراند کونه کندا!" ٻئي همراهه گالهه کي نئون موڙ ڏيئي چيڏيو.

"مظفر خان پنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ چڪ وجهي، رستم بيگ جي اکين پنهنجي کوتاهين جو اعتراف کندو هوندو، ۽ رستم بيگ جي وات مان گڻ ٻئي وهندي هوندي. هنن جو سمورو گهمنڊ ڏهي ٿو آهي....!" هڪڙي ساٿيءَ پنهنجي راءِ ڏني.

"سهنجا مٺا، مغلن کي اچوکي ويڙهاند چرکائي چڏيو آهي. ان کري هو سياڻي ضرور وڏيڪ چالاکيءَ ۽ نئين ترتيب سان حملو کندا. پانيان ٿو ته فجر جي ٻانگ وقت هو کو نئون حملو کندا....!" سانوڻ اهڙي نموني گالهه کئي ڇڻ هو اينڊڙ حملي کي پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو هو.

"پوءِ ٻلا کهڙي صلاح آهي؟" هڪڙي همراهه آتساهه مان چيو. هن جو سمورو منهن رت جي چندن سان رتائجي ويو هو.

"يارل، تون ٻنهي گهمرن ۾ وڙهيو آهين: تون ته ٻلائي کري وڃي کو ساهه پٽ. فجر جو چونکيءَ ته وري تنهنجي جٿي جو وارو به ته آهي...." سانوڻ پاڻهو مان چيو.

"۽ ڊولڻ، تون به وڃي چيلهه سڏي کر: تون ٻه ٻنهي چکرين ۾ هٿين....!"

"۽ بخشا تون به...."

پر سانوڻ جي گالهه کي سڀکو لنوائيندو ويو. هنن کي خبر هئي ته سندن سرواڻ راتين جون راتيون کونه ستو هو. ڊولڻ کان رهيو نه ٿيو. چيائين "سانوڻ پاڻو، اسان کي چيلهه سڏين کرڻ جي صلاح ته ڏئين ٿو پر پنهنجو به کو خيال اٿئي، کين نه؟"

"مون کهڙي کوڏر هٿي آهي؟ مٺان بهي رکو ٻئي ٿوتي ٻڌن کي پرپايم...." سانوڻ کلندي چيو.

"جيسين تون به گهڙي پهر آرام نه ڪندين، تيسون اسين به" يارل کهن ضديءَ ٻار وانگر چئي ڏنو.

سانوڻ کا گهڙي مات ٻي ويو. پوءِ هڪ ڏکهو اونهوسا

ڪٽي چيائين: "نندون ۾ پيا ڪندا سون. پر منهنجي ته مرضي آهي
ته مغل فجر جو اسان ڏي اچن، اچوڪي رات اسين سندن مهمان
ٿيون.... منهنجا ۾ سڌ ويٺي، ويٺي سڪي وبا آهن!"

"آڳ ۾ اٿين ٿو چوان...." ڊولڻ آچاترو ٿي چيو.

"آڳ ۾ چوڻ وارو هوس ته مغلن تي هڪڙو وار ٻيو ۾ ٿئي!"
بارل ۾ سُر وڌايو.

ٻوءِ صلاح ٻيٽي ته سمهڻي ڪان پوءِ، مغلن تي ٻن پاسن کان
راڌاهو ڏجي: سانوڻ مکيه چانوڻي جي پاسي، ۽ ڊولڻ جا دستا ان
جي ٻئي پاسي جي رسد گاهه ۽ گهوڙن جون ڪڙهيون ساڙين.

"چڱو، هاڻ وڃي ڪجهه تازا توازا ٿيو. سمهڻي ڪان ٻوءِ
وري گذاسون....!" سانوڻ آکيڙي جيو. ✽

شاهـي حرمسرائن ۾ جڏهن رات ايندي هئي، ۽ هڪ هڪ ٿـي فانوس ٻرندا هئا، تڏهن ڪنيزن ۽ ٻانهين جون دليون وسامڻ لڳنديون هيون. هنن ڪي اڳيان جبل جيڏي رات ڪاري راکس وانگر لڳندي هئي. هرڪنهن کي گذريل رات جا چڪ ۽ چهنبڙيون ياد ايندڙيون هيون، ۽ سندن ماس انهيءَ تصور کان ئي پوسڙ لڳندو هو. الائجي ڪنهن جي شامت ايندي؟ جن شهزادن کي ساقين سان پاڻ وندرائڻ جي هير هوندي هئي، انهن حرمن جون ٻانهيون وري به ڪجهه سامت ۾ هونديون هيون. پـر انهن کي وري شهزادين ۽ بيگمن جا سور سهڻا پوندا هئا. اڪثر بيگمون ورهين جا ورهيه پنهنجي مڙسن سان ڪونه سمهنديون هيون. انهن سان ڪن لاءِ ڪنيزن کي ڪي اهڙا جوان ڪوليءَ آڻڻا پوندا هئا، جيڪي ڪجهه اشرفين ڪمائڻ خاطر ان لاءِ تيار هوندا هئا تـ سندن اکين تـي ڪاري پٽي پـدل هوندي، ۽ رات گذارڻ کان پوءِ وري ان شهر جو منهن نه ڏسندا. پر سڳلن ۾ چغلخوريءَ جي اهڙي وبا ڦهليل هئي جـو کابه شهزادي يا بيگم گهٽو ٽٽو جو ڪم ڪڍڻ لاءِ تيار نه ٿيندي هئي. اهڙيءَ صورت ۾ ڪنيزن ۽ ٻانهين کـي مردانا ڪپڙا پائي، شهزادين سان سمهڻو پوندو هو، ۽ سڄي رات باهه جي مڇ ۾ ڪباب ٿيڻو پوندو هو!

پـر اڇوڪي رات ٻين راتين کان مختلف هئي. سموريون ڪنيزون ۽ ٻانهيون، شهزادين، بيگمون ۽ اميرزادين اڄ رات هارسينگار ۾ هڪٻئي کان سرسي حـاصل ڪرڻ لاءِ آتيون هيون، جـو اڄ شهنشاهه هند سندي ڪنيز وٽ اڇو هـو، ۽ ملڪهٔ عالم نورجهان بيگم جـو اهـو حڪم هو تہ اڇوڪي رات شهنشاهه کـي ابتري انگوري پيارڻي هئي، ۽ ابترو مصروف رکڻو هو جو شهنشاهه

کي سڏي ڪنيز جو وجود ٿي وسري وڃي. اهو موقعو اهڙو هو، جو هر ڪنيز ۽ ٻانهي، هر شهزادي ۽ اميرزادي انهيءَ آسري کي اکين ۾ سجائي چڏيو ته شهنشاهه متان رات وٽس گذاري لاءِ ريجهي پوي.

"هي اڄ هنن ٻانهين کي آخر ڇا ٿيو آهي، جو ايڏا هارسينگار ڪيون ڪن؟" نوريءَ معصوميت مان پڇيو.

"اڄ شهنشاهه کي هت اچڻو آهي: تو کي ڏسڻ ٽو اچي!" هن جي ڪنيز مختصر جواب ڏنو.

"آئي گهوڙا مٽيس!" نوريءَ جي دل دهلجي ويئي. ٻانهيءَ هن کي جيڪي گالهيون ٻڌايون هيون، تنهن وقت کان هن جي من جي مونجهه وڌندي ٿي ويئي. هڪڙي پاسي وريام جي ڪا سڌ ڪانه ٿي پئي ته ڪهڙي حال ۾ آهي ته ٻئي پاسي اهو ڪنڪو ته ڪيس صدقي جي ٻڪريءَ وانگر شهنشاهه اڳيان پيش ڪيو ويندو.

"منهنجو جي ڇيو مڃين ته آٽي تون به کي ساڻ سوڻ ڪر، سائين! اهڙي تقدير ڪنهن ٻاڳ واريءَ جي هوندي آهي، جو تخت ڏٺي هن وٽ پاڻ هلي اچي!" ڪنيز ڪيس وري هڪ ڀيرو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"اهي ٻاڳ ٻين کي نيبهه هجن: مون مسڪين کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏي....!" نوريءَ جي اکين ۾ لڙڪ اچي وياَ.

"اڇين روئڻ مان مهل ته ڪانه ڦرندي. منهنجي مڃ. پلا جي ٻيو نه ته شهنشاهه جي آڇيان ڪرڻ لاءِ ڪو وڳو ته ڇڳو ٻاهه! نه ته نورجهان بيگم منهنجي جيئري کل لهرائي ڇڏيندي....!"

"تو مون سان وچن ڪيو هو ته...." نوري ٻاڌائيندي ڪنيز ڏانهن نهاريو.

ڪنيز ڪا گهڙي پنهنجي آڏر ۾ پيل مُنڊيءَ کي گهوريندي رهي. هن کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته هوءَ ڇا ڪري. جيڪڏهن نورجهان بيگم جو ڇيو نٽي ڪري ڏنهن ٻه سندس حشر ڪيس ساريو ٻيو هو. سندس ڪَلَ لهرائي، ان ۾ ٻُهه پري، ڪيس ڪنهن پت ۾ لنبي چڏيندا. جيڪڏهن شهنشاهه نوريءَ کي هٿي نه ڏئو ته شايد

آئي جو آئي سندس خاص مصاحب کيس ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندو. هن کي نوريءَ سان برابر همدردي هئي پر هن کي هيءَ ضدي نينگر بنهه سمجهه ۾ نٿي آئي جيڪا پاڳ کي ائين لتون پئي هڻي. جيڪڏهن شهنشاهه متس هر ڪجي وچي ته ڪيس پٽ راڻي ڪرڻ کان ڪونه گسندو، ۽ پوءِ ملڪ عالم به سندس ڪو وار ونگو ڪري نه سگهندي. پاڻ هن جي ڪولي ٿي گذارڻ جا جتن ڪندي. پر هيءَ سنڌي نينگر ته ڪا گهاٽهه هڏڻ جي به روادار ڪانه هئي: هي محل ماڙيون، هي ريشم، هي اطلس، هي تخت ۽ تاج، هي نولکا هار ۽ هيرا جواهر ته هن لاءِ ڪا معنيٰ ئي نٿا رکن: جيڪڏهن ڪا هورا ڪورا اٿس ته رڳو وريام لاءِ، جيڪو شاهي تهخاني ۾ موت جو مزمان هو، ۽ هاڻ موت کان ڪوهين دور شايد پنهنجي وطن وربو هوندو. پوءِ هن کي به وريام ياد اچي ويو....

جڏهن نوريءَ کي اها خبر پئي ته وريام کي شاهي درٻار ۾ پيش ڪري موت جي سزا ڏني ويندي، تڏهن کان ته هوءَ بنهه اونڌي منجي ڪري پار ڪيڏ ويهي رهي. ڪاڻ پيڻ کان بنهه بس ڪري ڇڏيائين: روئي روئي اکيون سڄائي ڇڏيائين:

"الا، هن مٿيءَ دل کي چا ڪريان. اصل وسريم ئي نٿو...."

هن جي سمجهاڻ ٿي چيو هٿائين.

"پر هن سان ته تنهنجو ڪو سڳ به ڪونهي: متان دل ته ڪانئس ڪانه ڦرائي ويٺي آهين...." هن رڳو ڪيس ڪلاڻ ڪاڻ چيو هو.

"هن سان ته منهنجا ٻٽيهه سڳ آهن: تون ڪيئن سمجهندينءَ اسان جي سڳن کي. سڀ کان وڏو سڳ ته اهو آهي ته هو سنڌي آهي، سنڌ لاءِ سير ڏيڻ جو قسم کنيو اٿس. مون کي مٽن ترخانن کان بچائڻ ۾ به ٻيو ڪوبه سڳ ڪونه هو. آڳ برابر هن جي مائٽياڻي ڪانه هيس، نه ئي ڪو ٻيو ناتو هوس، سواءِ انهيءَ جي ته هڪ سنڌي نياڻي ڏاڍين جي پنجوڙ ۾، ڪوٽن ۾ قابو هئي. مون کي بچائيندي بچائيندي تنهنجي آقا جي معصوم ابهمن کي بچائي ويو...." نوريءَ ٽڏو ساهه ڪڍندي چيو هو.

"ها، سا ته گهاڻه آهي، پر هوءَ دل ڦرائڻ واري گهاڻه ڪائي وٺين!" هن وري ڪيس چيڙڻ لاءِ چيو.

هوءَ گهڙيءَ لاءِ ساڻ ٿي ويئي: پوءِ ڪنڌ هيٺ ڪري چيو هٿائين: "اهي دل ڦرڻ ڦرائڻ جون گهاڻيون ته توهين ٿيون چاڻو. مون کي ته اڃا به خبر ڪانهي ته دل ڪيئن ڦربي آهي يا ڦرائبي آهي.... ها، منهنجي دل رڳو اهو ٿي چوي ته جيڪڏهن الله سائين منهن جي ڪا هڪڙي مراد پوري ڪري ته آءٌ ڪائنس رڳو اها مراد گهرنديس ته سڄي عمر هن جي گولي ٿي گذاريان، بلڪل ايئن جيئن منهنجي امڙ بابي سائينءَ جي گولي ٿي گذاريندي هئي. اڻندي وهندي، ستي يا جاڳندي هن کي بابي کان سواءِ ٻي ڪا گهاڻ ٿي ياد ڪانه هوندي!.... پر منهنجي اهڙي قسمت ڪٿي: هاڻ ته رڳو اها آس اٿم ته رڳو هڪڙو پيرو ڪيس ڏسان سهي، پوءِ جي موت اچي وڃي ته سمجهنديس ته.... ته...." ۽ پوءِ هوءَ وري سڏڪن ۽ اوچنگارن ۾ ٻڏجي ويئي.

هن کي سندين جي انهيءَ ورونهن جو ڪو تجربو ڪونه هو. هيءَ ڪهڙو نينهن هو، جيڪو نوريءَ کي وريام سان ايئن وکوڙيو ٻيٺو هو، جو ڇڻ هوءَ پاڻ ڪجهه به نه آهي، هن جو سڄو وجود وريام جي نالي جي حوالي سان ٿي ڪا معنيٰ رکي ٿو. نه سمجهڻ جي باوجود، هن کي سندن انهيءَ نينهن سان ريس ٿيڻ لڳي. انهيءَ ريس ۾ ڪوبه حسد ڪونه هو. هن سوچيو، جيڪڏهن انسانن ۾ اهڙو پيار، اهڙو نينهن ممڪن آهي، ته پوءِ تاتارين، قندارين، ارغونن ۽ مغلن جي وحشي ظلم ۽ بيداد جي باوجود، انسانذات ۾ اعتبار قائم رهي سگهي ٿو. هن کي ان نوريءَ تي به پيار اچي ويو: اهڙن نج نبار سچن جذبن تي پيار اچي ويو.

"بلا جي تنهنجي وريام کي شاهي قلعي جي تهخاني مان بچائي ڏيکاريان ته موٽ ۾ چا ڏيندين؟" هن کجهه سوچيندي چيو.

"ته پوءِ.... ته پوءِ، آءٌ سڄي چمار تنهنجي گولي ٿي گذ رينديس. مون وٽ ته رڳو پنهنجو پساهه آهي، سو جيڪڏهن

تنهنجي ڪم اچي تہ وڏا ياڳ سمجهندين.... پر چا، اها ٽيڪي ٽي سگهي ٽي....!" هوءَ وري مايوس ٿي ويئي. سندس هرڀيءَ جهڙين معصوم اکين ۾ ڳوڙهن جا واڇوڙا لهي آيا.

شهنشاهه هند لاءِ موڪليل خاص ڪنيز جي خدمتگار ڪنيز جي حيثيت ۾ سموريون مغل ٻانهيون ٻيون هن جي اڳيان پوبان ڦرنديون هيون. هنن نوريءَ کي اڪثين ڏٺو هو، ۽ هنن کي اهو تہ يقين ٿي ويو هو تہ جيڪڏهن شهنشاهه نوريءَ کي ڏٺو تہ پوءِ پڪ ٿي پڪ هن جو ٿي ٿي رهندو، ۽ کهڙي خبر تہ نڪاح وجهي ڪيس پنهنجي نئين ملڪ ۾ ٻڌائي ڇڏي. هن جي لاءِ تہ سندس انارڪلي نئين سر جيڙي ٿي پوندي. سو ڪنيزن سان هن اهي وهن ڪرڻ ۾ ڪو اهر نہ سمجهيو تہ جيڪڏهن نوريءَ سان راڻ راضي ٿيو تہ هوءَ ساڻن اهڙو پير پريندي، جيڪو هنن جي تصور ۾ ب نٿي اچي سگهيو. پوءِ پنهنجي سر جو سانگو لاهي هن نورجهان بيگم جي خاص ٻانهيءَ کي هيٺاهيون مٽاهيون ٻڌائي، ان لاءِ تيار ڪيو تہ شاهي تهخاني ۾ هڪڙي نوجوان جي جان بخشي ڪرائي ڏي.

اها ٻانهي هن کان ب وڌيڪ همت واري نڪتي، ۽ هوءَ هن کي ساڻ ڪري، شاهي محل جي تهخانن مان گهٽتون، ڏيارينديون، شاهي قلعي جي عقوبت خاني جي تهخاني ۾ وٺي آئي. جتي ب ڪو پهريدار گڏين، سو ملڪہ عالم جي منڊي ۽ مُهر ڏسي، هٽ ادب جا ٻڌي، هنن کي روڪڻ لاءِ معافيون گهرنديون، ڪين اڳيروڪندو رهيو.

هن جڏهن مغل عقوبت خانا ڏٺا، تڏهن ڪيس وري اهي سڀ بيداد ياد اچي ويا، جيڪي تاتارين ۽ ترڪن هن جي ڪٽنب سان ڪيا هٿا، ۽ هو ۽ سندس ڪيتريون هم وطن نينگريون بازارن ۾ نيلام ٿيون هيون. هن ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي ستمگرين جا ڪٿين داستان ٻڌا هٿا، پر هن عقوبت خاني ۾ انسانن جي حالت ڏسي، هن جا لڳ ڪانبارجي ويا. هن زنجيرن ۾ جڪڙيل انسانن کي ڏٺو، جن جي زخمن ۾ ناسور پيدا ٿي، ڪيڙا پڄجي ويا هٿا، هن سنگهرن ۾ سوگها جوان ڏٺا، جن جي اکين ۾ تتل سيخون گهمائي،

ڪين ڏينهن جي سهائيءَ ۽ نور کان محروم ڪيو ويو هو ۽ سندن اکين بدران رڳو ماس جا لوٿڙا ۽ چمڙي هئا، جن مان پيلي پيلي پاڻيٽ وهي، سندن ڳلن تي سڪي، ٽڙپ ٽڙپ ٿي ويئي هئي؛ هن ڪيرو جوان ڏٺا، جن جا عضوا ڪپي، ڪين اگهاڙو ڪري، ابتو ٽنگي ڇڏيو هئائون. مختلف عقوبتخانن مان چيٿن ۽ رڙين جي پڙاڏن هن کي کنبائي ڏوڏي ڇڏيو، ۽ هڪڙو پيرو وري هن جي روح ۽ ستل نفرت جاڳي پئي؛ هي مغل انسانذات جا قاتل، آخر ڪيستائين آزاد قومن جي انسانن کي ايئن چيمپائيندا رهندا.

هو پچائيندڙن پچائيندڙون وريام جي ٿهڪاني پهتيون، ۽ جڏهن شاهي هانهيءَ سنڌي نوجوان جو ڏس پڇيو تہ پهريدار ڪنڌ هيٺ ڪري ٻيهي رهيو.

"ڪٿي آهي هو نوجوان؟ ڪڇن ڇو نٿو؟ ڇا هن کي ماري ڇڏيو؟" هن رڙ ڪندي چيو.

"نہ خانم، نہ. هن جا کي ساڻي، هن کي هتان ڪڍي ويا آهن: پر وينڊا ڪيڏانهن؟ اسان جا ماڻهو سندن پوٺيان آهن. ملڪہ عالم کي خاطري ڏيارجو تہ هن کي ترت گرفتار ڪري، سندن خدمت ۾ پيش ڪندس!"

هن جي دل چاهيو تہ هوءَ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي، پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪري. سنڌين وري اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ هو شينهن جي پڇري مان به آزادي حاصل ڪري سگهن ٿا. نوريءَ کان هن جيڪي ٻڌو هو، تنهن کي هن ثابت ڪري ڏيکاريو، ۽ هن جي دل مان دعا نڪتي: "الله سائين، تون مظلوم سنڌين جو سڻي ٿجانءِ!"

هو ٽڪڑيون ٽڪڑيون محل ۾ موٽي آيون، ۽ جڏهن هن نوريءَ کي سربستي گالهه ڪري ٻڌائي، تہ نوريءَ آٿي ڪٿي پاڪر وڌس. سندس اکين مان گهوڙها لڙي، سندس چوليءَ کي پسائيندا رهيا، پر سندس منهن جي چمڪ مان هوءَ هن جي دل جو حال سمجهي ويئي. گهڙيءَ لاءِ نوري هن کي پاڪر ۾ ويڙي، سندس

چاتيءَ ۾ منهن لڪائي، لڙڪ لاڙيندي رهي، ۽ پوءِ سڏڪا ڀرينديءَ چيائين: "الله سائينءَ نيٺ منهنجي ٻـ ٻڌي: شل الله سندءَ جا وڻ ڏيکاريس، مون کي نه ڏيکاريائين تہ آءٌ گهوريس!...."

هوءَ وري حال ۾ موٽي آئي. شهنشاهہ هند جاڻ تہ آيو. هن نوريءَ کي اڃا، هن جي آجيان لاءِ تيار ٻ ڪونہ ڪيو هو، ۽ نڪي هـن نورجهان بيگم جـي حڪم موجب شهنشاهہ جي انگوريءَ ۾ مندڙيءَ ۾ پيل دوا ملائي هئي. ماهہ بيگم ڪيس سمجهائي ويٺي هئي، تہ اهو محلول پيئڻ کان پوءِ شهنشاهہ اگهور ننڊ پٽجي ويندو، ۽ پوءِ هوءَ پاڻهي ڪيس ڪٽائي ويندي. هن هڪڙي نظر وري نوريءَ تـي وڌي: هي فرشتن جهڙو پاڪ ۽ معصوم حسن فقط ان لاءِ هڪ عياش بادشاهہ جي عشرت جو سامان ٿيڻجندو، جو اهو حسن غلام آهي! ڇا غلاميءَ جو اهوئي نصيب آهي؟ آءٌ ٻـ غلام آهيان، هيءَ ٻـ غلام آهي. هن جو مون تي ڪوبہ حق ڪونهي منهنجي اندر جي نفرت ڪيئنهن وٺي؟ جنهن شخص جي ظالم ابن ڏاڏن جي ڪري، مون جهڙيون هزارين معصوم نينگريون بازارن ۾ نيلام ٿيون، ۽ غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيون ويون، تنهن کي آءٌ، هي غلام پر ملڪوتي حسن، ايئن پيش ڪري ڏيان جڏ آءٌ ٻـ ظلم جي ڪٽنڊ ۽ ڏوتي آهيان!"

هن کان چرڪ نڪري ويو: ان بغاوت جي چٽنگن جو هن ڪڏهن ٻ قدر ڪونہ ڪيو هو. پـر هاڻ اهي چٽنگون پنهنجي ٻٽجي هن جي روح کي ساڙي رهيون هيون. هوءَ آٿـي، نوريءَ کي هٿ کان وٺي، ڪيس سينگاريڻ ويهي رهي. نوري حيرت مان هن ۾ ايندڙ تبديليءَ کي ڏسندي رهي.

"سيگهہ ڪر شهنشاهہ اچڻ وارو هوندو، دير ٿي ويندي!"

هن ان سينگاريل نوريءَ کي ڏٺو تـ، وري هن جي همت جواب ڏيئي ويهي رهي. نہ نہ، هي حسن تہ خدا جي تخليق آهي، ان کـي موت جي پاڪر ۾ ڏيڻ جـو مون کي ڪهڙو حق آهي: هيءَ سندي نينگر هن راڻيءَ جي پوشاڪ ۾ تـ ڪائنات جي ملڪ ٿي

لڳي، جنهن جي اکيان ته نورجهان بيگم جهڙيون راڻيون به هانهيون ٿيون لڳن! الا، هن جون اکيون ته.... انهن ۾ روشني انهيءَ صبح جي روشني آهي، جنهن جو قسم پاڻ الله سائينءَ کنيو آهي. هن جو مُکُ ته.... جنت جي حورن جا مُکَ جهڙ ته ان مُکَ اکيان کاڌ حيثيت نٿا رکن! ۽ هيءَ پيشاني، هي ڳل، هيءَ ڳچي، هي جسم، هي سراپا.... هن جي پنهنجي جسم ۾ هن ڏانهن نهاربندي ئي ڪيترين ئي برقي لهرون ڊوڙي ويون. سلام آهي سنڌ جي مٽيءَ تي، سلام آهي سنڌوءَ جي پاڻيءَ کي جنهن هڙي حسن کي خلقيو آهي؛ ۽ پوءِ هن کي سنڌ جي ڌرتي، سنڌوءَ جو پاڻي ياد آيو، جنهن ۾ هن غلام هوندي به آزاديءَ جي سڳنڌ محسوس ڪئي هئي، جتي جا اڻهنگ جوان ڏسي هن کي پنهنجي آزاد وطن جا آزاد اڻهنگ جوان ٿي آيا، جتي انسانن ۾ ماڻهپو، اڃا تائين، غلاميءَ جي عذابن جي باوجود، سدا حيات هو!

"بڌ نوري، منهنجي پيڻ! اڄ هڪ غلام پيڻ ٻيءَ غلام پيڻ کي غلاميءَ مان چوڪارو ڏيڻ لاءِ خواب مان جاڳي پئي آهي: جيڪڏهن تون به مون وانگر غلام ٿي گذارڻ چاهين ته آڃ اڃا به تنهنجي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر مون تنهنجي اکين ۾ ڏٺو آهي ته ان غلاميءَ کان تون موت قبول ڪندينءَ، ۽ مرڪندي مري ويندينءَ! پلي ته شهنشاهه عالم ٿي اهو ثابت ٿئي ته سنڌ جي نوريءَ لاءِ غلاميءَ بدران موت وڌيڪ شانائتو آهي.... اچي، منهنجي پيڻ، هي زهر جو پيالو؛ آڃ منهن هن پاسي ٿي ڦيرڻ ته جئن منهنجي جذبي ۾، تنهنجو معصوم منهن ڏسي، کو ڪهنو رحم نه جاڳي ٻوي....!" هوءَ الائجي فارسيءَ ۾ ڇا ڇا چوندي ويئي. سندس اکين مان لڙڪ نيسارا ڪري پئي وهيا. زهر جو پيالو هن جي هٿن ۾ پئي لرزيو. هن جو سڄو بدن پئي ڪنبيو.

نوريءَ هن ڏانهن نهاريڻ کان سواءِ، پيالو هن کان ورتو، ۽ ڳٽ ڳٽ ڪري پي ويئي. سندس اکين ۾ مرڪ موٽي آئي.

"آڃ تنهنجا ٿورا ته قيامت ۾ به لاهي ڪين سگهندس....

پر مون کي پڪ آهي ته اسين ٻئي جهان ۾ ٻه گڏجي هن مانڊاڻ جي خلاف مزاحمت ڪنداسين، مزاحمت ڪنداسين سون!"

نوريءَ وڏي اچي پلنگ تي ويهي رهي. زهر سندس نڙيءَ کان هيٺ لهندي ٿي، هن جي نس نس ۾ ڦهلجندو ٿي ويو. سندس اکين ۾ نوان پاڇولا لهي آيا. هن ايٽن پانيو جڏ ته هيءَ سندس محسن ٻيڻ هن کان پري هٽندي ٿي ويئي. هن پنهنجي هٿن کي اڳتي وڌائيندي چيو:

"منهنجي مٽي ٻيڻ، اڄ منهنجو هٽ جهلي ويهه ته آءٌ تنهنجي احسانن جي هنج ۾ پنهنجا پساهه پورا ڪريان! مون کي تومان پنهنجي امڙ جي سڳند ٿي اچي.... ٻڌ، وريام مون لاءِ ضرور ايندو: ڪيس چٽج ته سڏ کي سندس ضرورت آهي: موٽي وهي ۽ سڏ تان صدقو ٿئي: ائين نه ٿئي ته آءٌ ٻئي جهان ۾ لانئين ٿيان!"

نوريءَ جي اکين ۾ وريام لهي آيو، ۽ هن پنهنجون اکيون ان تصور کي محفوظ ڪرڻ لاءِ بند ڪري ڇڏيون، ۽ گهڙيءَ کان ٻوءِ هن هڪ اونهو ساهه کنيو، ۽ سندس پساهن جي ڏور ٽٽي ٻئي. هن جا هٽ ڪنيز جي هٿن ۾ ڏرکي ٻيا. هن جي منهن تي اڇا تائين اهڙي مرڪ هئي، جنهن کي محسوس ڪرڻ لاءِ، هن سندس چپن تي هٽ ڦيرائي، ڪٿي پنهنجي اکين تي رکيو.

اوچتو ٽڪڑن ٽڪڑن قدمن جو آواز ٻڌي، هوءَ آڏي ادب سان، ڪنڌ نمائي بيهي رهي. ٻه حبشي خواجه سرا، اندر اچي، اگهاڑين ترارن سان، دروازي تي بيهي رهيا!

شهنشاهه جهانگير، سموري مغل شان سان، جڏهن اندر ايو ته ڪنيز جي دل ۾ ڊپ وري اچي واسو ڪيو، ۽ هوءَ ڏکندڙ جسم سان، هن جي قدمن ۾ وڇائجي وئي. جهانگير هن ڏانهن ڪوبه ڌيان نه ڏنو، ۽ وڏي اچي پلنگ وٽ بيهي رهيو.

"سبحان الله، ڪيڏي سارهه ان رب لاءِ جنهن هيڏو حسن خلقيو آهي.... ٻر ڇا آءٌ ايڏي وڏي انعام جو لائق آهيان....!" جهانگير ٻڪندي چيو.

هن هٿ جي اشاري سان، خواجه سرائن کي ٻاهر وڃڻ جو حڪم ڏنو. جڏن ٿي هو ٻاهر ويا، هن هٿ وڌائي، نوريءَ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ کنيو، ۽ پوءِ موت جي ٺڏاڻ محسوس ڪري، هن کان هڪ ڊگهو چرڪ نڪري ويو، ۽ هن هٿ ڇڏي ڏنو. هن جي وات مان اڌرو چڇريل آواز نڪتو، جيڪو ڪنهن هوڏي ٻار جي هٿ مان راندڪو کسجڻ تي نڪرندو آهي.

"ڪنيز، هيءَ ڪهڙو مذاق آهي اسان سان.... قسم آهي اسان کي پنهنجي بزرگن جي شان جو، اسين پنهنجي هٿن سان، هن لاءِ جوابدار شخصن کي راهِ عدم موڪلنداسون....!"

"قبلهٔ عالم، هيءَ ناچيز ڄاڻي ٿي ان لاءِ جوابدار آهي....!" هن گهگهي آواز ۾ چيو.

جهانگير ڪاوڙ ۽ غضب ۾ بلڪ ونان موٽ ڪاڌي، ۽ ٻڌي هٿ ڪنيز جي ڳچيءَ ۾ وجهي، رڙ ڪندي چيو: "آخر، تو کي اها همت ڪيئن ٿي؟ تو کي اسان جي غضب کان ڏ. ڊپ نه ٿيو؟"

"حضور، هن ٿي چيو ته هن جي وطن کي مغلن غلام بڻايو آهي، ۽ هن جي روح کي شهنشاهه جهانگير به غلام بڻائي نٿو سگهي! هن سون کي انهيءَ رشتي جو واسطو وڌو، جيڪو فقط غلام قومن جي انسانن ۾، هڪٻئي جي مان مريادا ۽ آنا جو رشتو هوندو آهي، ۽ ان واسطي جي تقاضا فقط هڪڙي هئي ته آءٌ هن کي موت جي نند بخشي ڇڏيان! باقي رهيو اوهان جو غضب، سو سون جهڙين کان وڌيڪ ٻيو ڪير ٿو ڄاڻي!"

جهانگير جي ڪنن ۾، هن جو هڪڙو هڪڙو لفظ نت نوان پڑاڏا پيدا ڪندو ويو. هن جا هٿ هن جي ڳچيءَ تان ڏرا ٿي ويا.... ۽ پوءِ هو وري وڏي اچي پلنگ جي ڪنڊ تي ويهي رهيو، ۽ نوريءَ جي منهن ۾ گهوريندو رهيو. پوءِ هو آسمالڪ آڏيو، ۽ چادر جو پلاند ڇڪي، هن نوريءَ جي منهن تي وجهي ڇڏيو، ۽ ڪڙو ڪڙو ٻاهر نڪري ويو! ❁

اونداهي ٿهڪاني جي هيبت گهڙيءَ لاءِ ڏاترڏني جا حواس خطا ڪري ڇڏيا.

"يَرَ، اسان سان ڏاڍي ٿي، اسان کي ته ٻاهرئين دروازي جي اندر توڙي ٻاهر کو مغل نظر ڪونہ آيو، پوءِ هي دروازو ڪيئن بند ٿيو؟" ڏاترڏني جڻ پاڻ سان ڳالهائيندي چيو.

"پانيان ٿو ته اسان جو پير ڪنهن اهڙي ڏاڪي تي پيو، جنهن تي زور اڇڻ سان دروازو خودبخود بند ٿي ويو هوندو، ۽ پهريدارن کي به اطلاع ملي ويو هوندو ته ڪو اڻ ڄاڻ ماڻهو اندر داخل ٿيو آهي...." جڪري ڪجهہ سوچيندي چيو.

"ڀلا پوءِ؟" دوسوءَ به جڻ پنهنجي پاڻ کان سوال پڇيو.

"پوءِ وري ڇا؟ ضرور هنن ئي ڏاڪن ۾ ٻا پت ۾ ڪا ڪَل هوندي، جنهن سان کو گهٽ يا لنگهہ ڪلندو هوندو.... منهنجي خيال ۾ ٿوريءَ دير ۾ مغلن مان کو خبر چار وٺڻ ضرور ڪتان ايندو، پوءِ ماشا مولا! تيسين وهي ٽا ٽڪ پچون. باقي جيڪڏهن اسان هٿوراڙبون ڏيڻ شروع ڪيون ته پوءِ مرگهو ڪٽي، زمين ئي پيرن هيٺان نڪري وڃي، ۽ اسين ڪنهن ٻئي اوڙاهہ ۾ وڃي ڪرون!" جيوڻ صلاح ڏني.

چار ئي ڇڻا، ٿوري ٿوري پنڌ تي، مختلف ڏاڪن تي، سنيالي وهي رهيا. جيوڻ جتي ويٺو، اتي پٽ جي پويان هن جي ڪنن کو آواز جهٽي ورتو. هن چمڙي جي هڪڙي وَڏي، بجڪي مان ڪڍي، هٿيڪي ڪئي، ۽ ڪنهن اچاتي حملي لاءِ تيار ٿي ويٺو. سندس پرسان، به ڏاڪا هيٺ دوسوءَ کي به هن ڄاڻ ڪري ڇڏيو. گهڙي نہ گذري ته اوچتو جيوڻ جي پاسي واريءَ پٽ مان

هڪ وڏو پٿر هٿي ويو، ۽ ٻئي مغل، اگهاڙيون تراروڻ ڪنيو، اندر ڏاڪڻ ڏانهن ڏوڪيندا آيا. جيوڻ ٻ هنن لاءِ اڳئي تيار هو. هڪڙي مغل جٽن ٽي پٽ ڏني، چمڙي جي وَڏي، هن جي ڪچيءَ ۾ ڦاهي وانگر ويڙهجي ويئي، ۽ هڪڙي جهٽڪي سان، هن جو مٿڪو پڇي پيو. هن رڙ ڪري، پنهنجا هٿ ڪچيءَ تائين آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن جا هٿ هوا ۾ هٿوراڙيون ڏيندا رهجي ويا. ترار هن جي هٿ مان ڪري، ڏاڪن تان ڪڙ ڪڙ ڪندي، هڪ ڏاڪي تي خاموش ٿي وئي.

ٻيو مغل جيسين پاڻ سنياڻي ڏنهن ڪان اڳ ڏوڻ مٿس اوچتو اچي ڪڙڪيو، ۽ هن جي نڙ گهٽ کي گدري جي ڦار وانگر ڪپي وڃو. هن ايڏي ڏانهن ڪئي جو ان جي پڙاڏي سان سڄو ڏهڪاءُ لرزي وڃو.

"پٽ، تون سڄو ٿئين.... اڇو نه هلون!" ڏاترڏني هڪل ڪئي. اڳهه ٽپي، اندر ٽپا. سامهون ٽي سامهون درکي تي ٻه مغل سپاهي آهليا پيا هٿا. حڪرو ڪنوڻ جيان وڃي مس ڪڙڪيو، ۽ هنن کي اها سمجهه جي نه مهلت ڪانه ڏنائين ته هڪ افت ڪٽان نڪري ٽي. جڪري پهڇو خنجر هنن جي ٽي ڪپڙن تي صاف ڪندي، وري ڪمربند ۾ هٽي ڇڏيو.

هنن هڪڙي ڏهڪاءُ ڪان پٽي ڏهڪاءُ تائين جيڪي ڏٺو، تن سندن پيٽ ۾ ولوڙا وجهي ڇڏيا. انسانن طرفان انسانن تي ٿيندڙ ظلم ڏسي هو جوان ٽپا هٿا. ترڪانن ۽ مغلن سندين سان جيڪي ظلم ڪيا هٿا، سي هنن اکٽين ڏٺا هٿا، پر هنن عقوبت خانن ۾ جيڪي ڏٺو، تنهن هنن جو انسانذات مان ايمان لوڏي ڇڏيو. هت هنن اهڙو لقاءُ ڏٺو، جيڪو خواب ۾ به ڏيڇاري ڇڏي. هتي هنن اهڙا جوان ڏٺا، جن جي بدن تان تازي ڪل لاٿي ويئي هٿي، ۽ سندن رتابل جسمن مان رت بدران ڪا پيلي پاٽيٽ ٽمي رهي هٿي. هنن جهور پيرسن ڏٺا، جن جا نڪ ۽ چپ ايئن ڪپيل هٿا. جو هنن جي ڇاڙن ۽ ڏندن ٻوپان سندن اندريان نڙ گهٽ ٻڌي نظر آيا. هنن ڪيترن

انسانن کي اهڙي حالت ۾ ڏٺو، جنهن ۾ ائين ٿي پاڻيو جو سوئي سان سندن جسمن ۾ پور- وڇوئي ۽ ٿي ڪنهن ويهي سوراخ ڪيا هئا. ڪن کي اکين بدران رڳو وڏا وڏا ڇڪها هئا. ڪي ابتا ٿنگيل هئا ته ڪن جي ٿنگن کي ٻن زنجيرن ۾ ڇڪي، چيڑ لاءِ، آهي زنجيرون چرخين ٿي چڙهل هيون. ڪن کي ايترو ٿڪ ماريو هئائون، جو هو سيانپ کان باهر هئا ۽ سندن بدن سڄي آدمي ٻيا هئا. انسانن جي ڪجهه، ڪرڪ ڏا دانهه بدران هن اهڙا آواز ٻڌجي ڪن ۾ ٿڌل شيهي وانگر اونجڌا محسوس ڪيا جو نه ٻڌڻين چملن کي وارن وارن سان، ڪهن سمر ڏي ودي!

ڏاترڏني کان پاڻ سنڀالڻ مشڪل ٿي ٻيو، ۽ هو بيڪ کي جهلي، آتي ٿي آت ڏيڻي آواز ڪڍ ويهي رهيو.

"ڏاترڏنا، مڙس مائهو ٿي، اڄ ته وريام جي ڪا سار لهون!" جڪري ٻيس کليو ۽ ڪهن ڏنڊي ڇڏيو.

"ڏسو، هي معمل نه ڪجهن کان به ايڪو لنگهي ويا. هتن ته مرزا باقيءَ جهڙن گورٻتن کي به مات ڏيئي ڇڏي آهي.... آخر الله سائينءَ هن ظلم کي ايڏي دير ڪيئن ڏني آهي؟!" دوسوءَ تڏو ساهه ڪڍندي ڇيو.

انهيءَ نظاري هتن کي به جڏ ڇڏوڪري وڏو: ڪنهن مغل سپاهيءَ ۽ پهريدار ٿي نظر پوندي ٿي، هوڇارئي ڇٽا مچريل درندن وانگر متن اڇي ٿي ڪڙڪيا. هتن ٿي به جڏ کو اندڻ طاري ٿي ٿي ويو. ائين ٿهڪانا ٽپندا، هو وريام تائين پهتا. ڪا گهڙي چارئي ڇٽا پنهنجي هن پار کي ڏسندا رهيا. سنگهرن ۽ مهريءَ جي ڪاڪ ۾ جڪڙيل هن پار کي ڏسي، هتن جي دل ڇيو ته اتي ئي ويهي دل کولي پار ڪيي، اوچنگارون ڏيڻي روئن، ۽ تيسين بس نه ڪن، جيسين وريام خود کين ماڻ نه ڪرائي.

ڏاترڏني ۽ جڪري جڏهن وريام جون سنگهرون ۽ نيئر کولڻ شروع ڪيا، تڏهن وريام جهيڻي آواز ۾ ڇيو: "ڏاترڏنا، منهنجي سڏ جو ڪهڙو حال آهي؟"

هنن جي دل ۾ چڪ پئجي ويو. وريام کي هن مهل ٻـ جيڪڏهن ڪجهه ياد هو ته رکو سنڌ هٿي.

"ڇ اوهان سان ڪنهن سلام ڇو ڪونہ ورايو؟" وريام ڏوراپو ڏيندي چيو.

"جيئي سنڌ، منهنجا مٽ، سدا جيئي سنڌ!" ڏاترڏني کيس پاکر ۾ پريندي، هڪ ڏگهو سڏڪو پريندي چيو.

"دوسو، هي ڏاترڏني کي ڇا کيو اٿو، جو رنن وانگر پيو سڏڪا پري؟" هن ڏاترڏني کي چيڙڻ خاطر چيو.

ڇ پوءِ جڏهن هنن سان هر هڪ وريام کي وَرَ وَرَ ڪري پاکر وڌا ڇ ڳراڻيون پاتيون ته سندن ڳچ ڳري پيا. وريام ٻ بنهه هارن وانگر ڏينڪي پيو.

"پَرَ، مون ته ايئن سمجهيو هو ته هاڻ سنڌ جي مٽي ٻـ نصيب ڪانہ ٿيندين، شابس اٿو، جو...." وريام وڌيڪ ڪجهه چوڻ ٿي چيو.

"بس بس، هاڻ گهڻو ٿي ٿيو. اسان جـو ساهہ اڳي ٿي پيو منجهي، وري اهي ڳالهيون ڪري، اسان کي هيڏو نہ ڪر!" جيوڻ ڪنڌ هيٺ ڪندي چيو.

هو هلڻ لاءِ تيار ٿيا ته وريام کين وري روڪي چڏيو. "هنن مان گهڻن لاءِ ته اسين گهڻو ڪجهه ڪري ڪونہ سگهنداسون. پر جيڪي اڃا سڄي لڳين آهن، انهن جا بند خلاص ڪريون تـ من هنن مظلومن جي مهابي، اسان جي سنڌ جا بند ڪلي ٻون....!" وريام آهہ پريندي چيو.

"ڏٺي مڙئي چگي ڪندو. هيل سنڌ ۾ جيڪا وڙهاند پئي هلي، تنهن جو مثال پنهنجي تاريخ ۾ ڪونهي. سائوڻ سڄيءَ سنڌ کي ميدان جنگ بڻائي چڏيو آهي، ڇ مغلن سان اها ڪار ڪئي اٿس، جو اڄ کي سيان مغل لاهور موڙڻ لاءِ منٽون ڪندس!" جڪري اٽساهہ مان چيو.

وريام اڳتي هلڻ بدران، آٽسي ٿي بهي رهيو. هن پنهنجي

يارن جـي اکين ۾ گهوري نهاريو، جڏ انهن ۾ ڪيس ڪنهن شئي جي ڳولا هئي.

"يـر، حيف اٽو: سانـوڻ ٻيو سنـڌ لاءِ وڙهـي، ۽ اوهين مون کي بچائڻ لاءِ پنڌ پيا آهيو! اوهان کي سنڌ کان به آڳ وڌيڪ مٺو آهيان: سنڌ جي آزاديءَ کان به منهنجي آزاديءَ کي مٿاهون سمجهيو .... ڏاترڏنا، جکرا، دوسو، ۽ جيوڻ! تون به! اهـڙي ياري، اهڙيءَ سنگت کي ٻَن ڏيو ها. آڳ کهڙو مٿان ٿي لٿو هوس: اڃا حافظ بلال لاءِ اڇو هاٿ به کا ڳالهه هئي!"

هنن جا ڪنڌ هيٺ هٿا. هو چون به ته ڇا چون! ڏاترڏني کي نه اکهي ٿي پرون پيل هٿا تـ ورياڻ جو اهو ويڻ ڪيس وڌي ويندو.

"ورياڻ، سنڌ کي تنهنجي وڌيڪ گهرج آهي. سانوڻ، کو هڪڙو ماڻهو ڪونهي، تيڻن ورياڻ کو هڪڙو ماڻهو ڪونهي. اوهين سنڌ جا اهجاڻ آهيو....!" ڏاترڏني پنهنجي بچاءَ جي ڪوشش ڪندي چيو.

"واهه واهه، ڏاڍي عقل جي ڳالهه ڪئي اٿئي، ڏاترنا! آڳ به اهو ٿو چوان." جکري به سُر وڌائيندي چيو.

"دل ۾ نه ڪجو، پر اوهان اڻهرا ٿي، رڳو ياري نياڻڻ آيا آهيو. ذاتي طرح آڳ هن ياريءَ تـي جيترو به ناز ڪريان، سو ٿورو آهي. پر جتي سنڌ جو سوال هجي، اتي ياريون دوستيون نياڻڻ اجائي ڳالهه آهي. سنڌ کي رڳو سانوڻ يـا ورياڻ جي ضرورت ڪانهي، هرهڪ سنڌيءَ جي ضرورت آهـي، جيڪو سندس آزاديءَ لاءِ سر گهورڻ لاءِ تيار هجي....!"

"بروبر، سچـو آهين. اسان برابر پٽليل آهيون.... اسان کي بخش ڪجانءِ!" ڏاترڏني ڪنڌ هيٺ ڪندي پڪو ڪيو.

ورياڻ وڌي ڪٽي کيس پاڪر پاتو. "ڏاترنا، رڳو اها دعا ڪر تـ اسين سگهو سنڌ پهچون، متان دير ٿـي وڃـي، ۽ هٽ مهٽيندا رهجي وڃون!"

هو ٽڪڙا ٽڪڙا اتان نڪتا، ۽ مختلف ٽهڪاڻن ۾ اسيرن جا ٻيڙ کوليندا، ڪين آٽت ڏيندا، سندن دل وڌائيندا، ڪين مڪ دروازي

جو ڏس ڏيندا وياء ڏاترڏني وريام کي ٻڌايو تہ جانو شاهي دروازي تي وهڻ جو انتظام ڪرڻ لاءِ پويان آهي.

"چگو، توهين هلو باهر، پر پنهنجي سنپال ڪجو. ڏينهن چڙهي آيو آهي. مغلن ۾ ڇوڙول شروع ٿي ويو هوندو تہ هي هيترا سارا اسير ڪيئن آزاد ٿي نڪما، ۽ سڏن پهريدارن ۽ سپاهين کي ڇا ٿيو. هروپرو جهيڙو نہ ڪجو. باقي جي سر تي اچي تہ پوء جهڙي مهل ڏسو تيئن ڪجوا" وريام ڏاترڏني جي ڪمربند مان خنجر ڪيندي، پهنجي ڪمربند ۾ هڻندي چيو.

"۽ تون؟ ڪيڏانهن سبت آهي؟" ڏاترڏني کي وريام جي دل ۾ متل طوفان جي ڄاڻ هئي، پر تڏهن نہ پڇ ڪان رهي نہ سگهيو.

"تون ڳڻي نہ ڪر! وري مغلن جي وَر ڪونہ چڙهندس. مون کي ڪو نياپو ڏيڻو آهي. آڃ ڏهري تائين نہ پهتس تہ اوهين روانا ٿي وڃجوا" وريام پنهنجي يارن ڪان نظرون بچائيندي چيو، ۽ ٽکڙو ٽکڙو هڪڙي پاسي ڪري ويو. ✽

مغلن جو شان، شوڪت ۽ ٻاهريون ڏيڏو اڇو هو، جو عام ماڻهوءَ کي ٻيو ڪجهه سوچڻ جو موقعو ئي ڪونه ملندو هو. هڪڙي پاسي ٻاغ باغيچا، چوڏول ۽ چوٻرجيون، ٻارنهن دربون ۽ محراب تہ ٻئي طرفان مسجدون ۽ مسافرخانا، ڪوهه ۽ لنگرخانا. ماڻهن ۾ اهو مشهور هو تہ هاڻ تہ سچو پچو اسلامي دؤر دوران آهي. شريعت جا صاحب قاضي مقرر ٿيل هٿا، ۽ غريبن کي انصاف پلٽ وجهڻ جا سمورا انتظام موجود هٿا. خود شهنشاهه پنهنجي شاهي محل جي در تي انصاف جو وڏو گهنڊ ٽنگائي ڇڏيو هو، ۽ ڏينهن رات انصاف جا طلبگار اهو گهنڊ وڄائي، شهنشاهه کان ذاتي طرح، روبرو انصاف حاصل ڪري ٿي سگهيا. ملڪ ۾ علم وارن جي بہ ڏاڍي عزت هئي، ۽ کين انعام اڪرامن سان نوازيو ويندو هو. هڪڙي شاعر مغل حڪومت جي اسلام جي خدمت بابت نڪون شاهنامو لکيو تہ کيس خلعت پارائي وئي، ۽ شهنشاهه پنهنجي هٿن سان، فردوسيءَ وانگر، کيس اشرفين جي خرزين ۾ ڀرائي ڏني. شينهن ٻکري هڪڙي ٽي گهات تي پاڻي پي رهيا هٿا. مجال آهي ڪنهن امير يا نواب جي تہ پنهنجي رعيت سان ڪا زيادتي ڪري. البت فقط هڪڙي ڳالهه رعيت تي بہ لازم هئي تہ هو مغل حڪومت يا مغل اميرن جي مڪمل اطاعت ڪن، سائن سينو نہ ساهين. روز وڏن شهرن ۾ ٻڙهو گهمايو ويندو هو تہ اسلامي حڪومت جون سرحدون وسيع ڪان وسيع تر ٿينديون وڃن، ۽ اسلامي حڪومت جي باغين کي بهادر مغل فوج چيپائي ڇڏيو آهي.

شاهي خانن، طوائف گهرن ۽ غلامن جي نيلام گهرن جو چار جيٽن يوءِ تيٽن وڏيڪ ڦهلجندو ويو. مغل شهزادن، امرن ۽ امرزادين

جون بگيون ۽ رٿ شهرن ۾، "هٿو پري، هٿو پري، شاهي سواري ٿي لنگهي-" جي اعلانن سان، ايٿن ٿي ڊوڙيا ڇڻ ته ڪنهن گوءِ ۾ شامل هٿا. ڪٿين ساڻهو انهن جي قيٽن هيٺان چڇرجي مرندا هٿا. هنن کي ڪا جهل پل، ڪانه هٿي. ڪنهن وٽ ڪا چڱي وَٽ ڏنائون، ڪا سهڻي نينگر نظر آين، ته ٻئي ڏينهن اها سندن حرمسرائن جي زينت بڻجي ويندي هئي. جيڪڏهن ڪنهن شڪايت طور ٻڙڪ باهر ٿي ڪيي ته راتو رات هنن جو جڙ ڇڇو رُلي ويندو هو. مٿي بہ مات، مٿي بہ مات، هڪ عام دستور هو. ساڻهو زندهہ رهڻ لاءِ چاپلوسي، خوشامد، فريب، ريا ڪاري، ڪند ڪير سکي پيا هٿا. قاضين مولوين، مفتين، درهارين، محافظن کي وَڏيون ڏيڻ عام رواج هو. سوداگرن سان حصا پتيون ڪرڻ سان امير اُمراءَ شاهي درهار ۾ ڪين خلعتون ۽ رعايتون وٺي ڏيندا هٿا. جاگيرداريون ايٿن وڪامنديون هيون، جٽن عام وڪر وڪامندو هو، رڳو ان جي مٺي شاهي محل ۽ حرمسرائن جي اندر سجيل هوندي هئي. نولکا هار، هيرا جواهر، اطلس ۽ ڪمخواب جي عيوض ڪنهن جي پَڳ لهندي هئي، يا پگ ٻڌبي هئي. راڻين، شهزادين ۽ اميرزادين جي عشقن جا داستان خاص ڪچهرين ۾ شاعريءَ جو موضوع بڻيا هٿا، ۽ اهي داستان ٻڌي سوداگرن، وڻج واپارين ۽ پوءِ-ڏاون جون نينگريون بہ ليلي بڻجي مجنون ڳوليندڙون وتندڙون هيون.

۽ عام انسان اهو سڀ ڪجهہ ڏسي، نٽين سڄ نيون عقوبتون سهڻ جون تيارڙون ڪندا هٿا. جهانگير جي تخت نشينيءَ ڪان پوءِ مغل دٻدٻي جو هڪ نئون نظارو ساڻهن کي ڏسڻ ۾ آيو: سو هو ديوان عام ۾ شهنشاهہ جي ڪلي ڪچهري! آتي گهنڊ وڄائڻ وارن عام فريادين کي انصاف پلٽ پوندو هو، باغين کي سزائون ملنديون هيون، نت نين فتحن ۽ ڪامياٻين تي مبارڪن ڏيڻ وارن کي خلعتون پارايون ويندڙون هيون ۽ شهزادن جي سالگرهن تي قبول پوندڙ تحفن ۽ سوڪڙين جا اعلان ٿيندا هٿا. ساڻهو انهي رونشي ڏسڻ لاءِ هزارن جي تعداد ۾ اچي ميڙاڪا ڪندا هٿا!

اڄ ٻه ديوان عام ۾ ڪلي ڪچهريءَ جو ڏينهن هو. صبح ڪان وٺي هشام ماڻهن جا شاهي قلعي جي ديوان عام ۾ اچي گاهڪ ٿيڻ لڳا هئا. ماڻهن ۾ چوپول هو ته اڄ ڪجهه سنڌي باغين کي درٻار ۾ پيش ڪيو ويندو، ۽ ڪن ترخان اميرن کي حڪم عدولي ڪرڻ تي ٻڌ سزائون ڏنيون ويندينون. امير اُمرا، راڻيون، ٻوگمون، اميرزادين ۽ شهزادا، وقت ڪان اڳي پهچي رهيا هئا، ۽ پنهنجي پنهنجي خاص مسندن تي براجمان ٿي رهيا هئا. آخر ۾ شهنشاهه هند، ظل الاهيءَ جي سواري ٻه اچي پهتي. ظل‌الاهيءَ سان گڏ ملڪهٔ عالم نورجهان بيگم ٻه پنهنجي ڪنيزن جي گهيري ۾ طائوسي تخت تي اچي ويٺي. هن جي پويان ڇتُ جهلينڌرَن سان گڏ خواجه سرائن جو هڪ جٿو اڳهاڙين تراربن سان موجود هو.

شهنشاهه جي اشاري تي، درٻار جي مهتمر، اعتماد الدولہ، اڄ جو فرمان پڙهي ٻڌايو.

"ظل‌الاهيءَ جي ٻاڇي ۾ رهندڙ سموربن قومن تي سلامن ڪان پوءِ، اڄ جي ڪلي ڪچهريءَ ۾ سنڌ جو مسئلو ظل‌الاهيءَ جي سماعت ۽ باغين لاءِ سزا جي اعلان جو منتظر آهي. سنڌ جي صوبيدار رستم بيگ مرزا جو مراسلو پڙهڻ جي اجازت جو طلبگار آهيان!"

ماڻهن ۾ اوچتو ماٺ ٿي ويئي. ماڻهن ڄائين اهي افواهه پهچي چڪا هئا ته سنڌ ۾ مغلن جا ڏينهن اچي پورا ٿيا هئا، ۽ اهو ڏينهن پري ڪونهي، جڏهن مغلن کي هزيمت ۽ شڪست کائي، سنڌ ڇڏي پوندي. ماڻهو اسلامي حڪومت جي انهن باغين بابت خود شهنشاهه جي واڌاڻ فرمان ٻڌڻ لاءِ آنسا هئا. شهنشاهه هٿ جي اشاري سان اجازت ڏني، ۽ اعتماد الدولہ مراسلو پڙهڻ شروع ڪيو:

"ظل‌الاهيءَ تي واضح هجي ته جڏهن ڪان اعليٰ حضرت شهنشاهه هند جلال‌الدين اڪبر جنت مڪانيءَ جي زور بازوءَ سان سنڌ کي مغل سلطنت اسلاميه ۾ شامل ڪيو ويو آهي تڏهن ڪان سنڌ جي سرڪش باغين ڪهڙا ڪهڙا شورشون ڪري، سنڌ جي رعيت کي مملڪت تيموريه جي فيضان کان محروم ڪرڻ جي ڪوشش

ڪئي، ۽ هر پيري سندن سرزنش ڪري ڪين ٿو. تيغ ڪيو ويو آهي. پر هن پيري ڪن نام نهاد عالمن جي چرچ تي باغين وري شورش ڪئي آهي جنهن کي ظل‌الاهيءَ جي فرمانن موجب مڪمل طرح ختم ڪرڻ لاءِ اسلامي لشڪر جي جانبازن مڪمل انتظام ڪيا آهن. پر بدبخت سنڌي ڪافي سخت جان ثابت ٿيا آهن، ۽ اهو اعتراف ڪرڻو پوي ٿو ته جيڪڏهن ترت ظل‌الاهيءَ جي ڪُمڪ نه پهتي ته سنڌين جو فتنو خراب صورتحال اختيار ڪري سگهي ٿو....»

سموري ميڙ تي مات ڇانئجي ويئي. رعبدار لقمن القابن ۽ فارسي زبان جي مبالغي کان ماڻهو واقف هئا، ۽ هن کي پهريون پيرو اهو احساس ٿيو ته سنڌ مغلن جي هٿن مان نڪرڻ واري هئي. جن امين ۽ سوداگرن جا سنڌ ۾ خاص مفاد هئا، تن جي منهن جو رنگ پيلو ٿيندو ٿي ويو، ۽ هو پاڻ ۾ سُس پُس ڪرڻ لڳا.

۽ پوءِ اعتماد الدولہ آخري حصو پڙهندي چيو: «امين خاص طرح سان باغين جو هڪ سرڪردو اڳواڻ، حافظ بلال، جيڪو پاڻ کي عالم دين به سڏائي ٿو، خدمت اقدس ۾ موڪلي رهيا آهيون (جن لاءِ شاهي فرمان موجود آهي ته مٿس ظل‌الاهيءَ جي اجازت کان سواءِ هٿ نه ڪنيو وڃي)، ته ظل‌الاهيءَ جن پاڻ سندس سزا تجويز ڪن. ان کان سواءِ هي به گوش گذار ڪريون ٿا ته ظل الاهيءَ جا معتمد ۽ تابعدار ڪجهه ترخان امير پڻ سلطنت تيموريہ لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪرڻ لڳا آهن، ۽ هنن خسرو خان چرڪس جي سربراهيءَ ۾ ميرزا عبدالعليءَ جي نالي ۾ شورش ڪرڻ جي جرأت ڪئي، تن کي پڻ سزا جي استحقاق لاءِ خدمت اقدس ۾ موڪليو ٿو وڃي!»

مراسلو ختم ٿيو ته شهنشاهہ تخت تان آڻي بيهي رهيو. سمورن درباربن جو ساهہ مٽ ۾ اچي ويو. خاص طرح سان ترخان امين جو منهن لهي ويو.

«خسرو خان چرڪس، مرزا عبدالعلي ۽ سندس سمورن ساٿين کي هڪدم شاهي قلعي جي عقوبت خاني پهچايو وڃي، ۽ کين اهڙي

عمرتاڪ سزا ڏني وڃي، جو وري ڪنهن کي احسان فراموشيءَ جي جرأت نہ ٿئي!"

جهانگير جو آواز ڇهڪ جيان گونجيو. درٻارين ۾ سرگوشيون شروع ٿيون ويون. اوچتو ملڪہ نورجهان بيگم آڻي بيهي رهي، ۽ شهنشاهہ کي ٻانهن کان وٺي، ڪيس وري آڻي تخت تي وهارياٿين، ۽ ڪيس ڪنڌ ۾ ڪجهہ چياٿين.

جهانگير هٿ مٿي کڻي وري چيو: "ملڪہ جي سفارش تي اسين مرزا عبدالعليءَ جي ننديءَ عمر جي ڪري کيس معاف ڪريون ٿا. پر خسرو خان چرکس جي سزا تي هڪدم عمل ٿئي!"

ڪجهہ سپاهي ڪٺهڙي ۾ ٻيئل خسروخان چرکس کي گهليندا درٻار کان ٻاهر وٺي ويا. اعتماد الدولہ هڪ چوبدار کي اشارو ڪيو. چار سپاهي ديوان عام جي ساڄي پاسي واري دروازي کان هڪ قيديءَ کي وٺي آيا.

شهنشاهہ قيديءَ کي ڏٺو تہ وري آڻي بيهي رهيو، ۽ هن جي وات مان نڪتو: "بلال تون؟"

حافظ بلال ڪجهہ وقت شهنشاهہ سان اکيون ملائي ٻيٺو رهيو. ملڪہ نورجهان بہ حيرت مان هن شخص کي ڏسندي رهي، ۽ هن جي منهن تي ڪجهہ ڏسي، سندس هٿ تخت جي ٽيڪ ۾ ڦهي ويا. ان وقت هڪڙي چوبدار زور سان چيو: "بدبخت، جي سر جوخير گهرين تہ هڪدم قدمبوسيءَ لاءِ سجده ريز ٿي وڃ!"

حافظ بلال تي انهن لفظن جو عجيب اثر ٿيو. هن جي ڇپن تي هلڪي مرڪ ڦهلجي ويئي، ۽ هن وڏي آواز چيو: "جيڪڏهن ظل الاهيءَ جو حڪم هجي تہ هيءَ بندو الله کان سواءِ ڪيس بہ سجدو ڪرڻ لاءِ تيار آهي!" هن جي فارسيءَ ۾ اهڙي طنز هئي، جو خود مغل سردار ۽ ايراني درٻاري حيران ٿي ويا.

"تون درٻار ۾ گستاخي ڪري رهيو آهين، بلال! اسان کي قسم آهي ستن آسمانن جو تہ جيڪڏهن اسان کي تنهنجي پراڻي رفاقت جو خيال نہ هجي ها ۽ استاد محترم جو لحاظ نہ هجي تہ اسين

هينئر جو هينئر پنهنجي هٿن سان تنهنجي سسي ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏيون ها! تو اسلامي حڪومت کان سنڌين کي بغاوت تي آپاريو آهي، ۽ خدا جي خلق جي خون وهائڻ جو ذميدار آهين. اسين تو کي کا سزا ڏيون، ان بدران تون پنهنجي پاڻ لاءِ سزا مقرر ڪر. اها رعايت اسين تو کي ان لاءِ ٿا ڏيون، جو اسين تنهنجا دوست رهيا آهيون، هر-سبق رهيا آهيون، ۽ تون اسان جي استاد محترم جو فرزند آهين، جيتوڻيڪ تو هن جي فرزندي۽ جي توهين ڪئي آهي!"

شهنشاهه ڪاوڙ کان سهڪڻ لڳو هو: پنهنجي تلوار جي مٿي تان هٿ هٽائيندي، وري وڃي تخت تي ويٺو.

"اي جلال‌الدين اڪبر جا پٽ، آءُ پنهنجي هر بيان، هر ڪلام کي بسم‌الله الرحمان الرحيم سان شروع ڪرڻ جو عادي آهيان. پر اڄ دل ٿي چوي ته هڙي دربار ۾ الله جو نالو نه ڪڍان، چوته هو پنهي جهانن جو پالڻهار ۽ رب العالمين آهي، پر هي جهان جتي مغل حڪمران هجن يقيناً هن جي نالي تي تهمت ٿيندي!"

حافظ بلال جي لفظن ۾ الائجي ڇا هو، جو دربار ۾ اهڙي ماڻ ڇانئجي وئي جو ڪنهن کنگهڪار ٿي ڪئي ته به ماڻهن کي ڏڪي ٿي لڳي، ۽ سيني هن ڏانهن شوڪي ٿي نهاريو. ماڻهن کي اڃين محسوس ٿيو جڏ ته لفظ هنن جي ڪنن بدران هنن جي دلين تي نازل ٿي رهيا هٿا، ۽ انهن لفظن ۾ پيو بس ڪجهه هو، جيڪو هو سمجهڻ کان قاصر هٿا. ڇا اهو ڪو ٽيڪي۽ جو ڊپ هو؟ ڪو نڙون عرفان هو؟ نڙون ادراڪ هو؟ ماڻهو فيصلو نه ڪري سگهيا.

"ان ڪري الله جي نالي بدران شروع ڪريان ٿو سنڌ جي نالي سان جيڪا ڏاڍي مهربان آهي، جنهن جي مهر کان خدا تو جهڙن سمورن ماڻهن کي محروم رکڻ جي سزا ڏني آهي: جنهن جي ڊڙي ۽ جنهن جي مٽي۽ سان خود ملي مُرسل کي جنت جهڙي ٺڏي هير گهٽندي محسوس ٿي هٿي. ڪا ته گالهه هٿي جو الله جي محبوب کي به سنڌ مان سڳنڌ آئي هٿي. ڪا ته گالهه آهي جو سمورن ظالمن کي ان مهربان سنڌ جي ٽڙ کان محروم رکيو آهي. ها، ظالم

سندس رت ضرور ٻڏندا رهيا آهن، پر هنن کي سندس ڇڄ ۽ مقدس پاڻي نصيب ۾ نه آهي! افسوس آهي جهانگير ته تون هڪڙو شخص آهين جنهن لاءِ مون الله سائينءَ کان دعا گهري هئي ته توکي سندس شفقت ۽ مهر نصيب ٿئي، پر اها تنهنجي تقدير نه هئي. بيشڪ الله پاڪ سمورن انسانن جي تقدير کان واقف آهي ۽ هو نعمتون ۽ برڪتون انهن کي نصيب ڪري ٿو جيڪي ان جا مستحق آهن. تو ان جي بدران ٻين وانگر من جو رت پيتو آهي. خدا توکي معاف فرمائيندو!

"۽ اي جهانگير، تنهنجي هڪڙي ٻي ۽ بدقسمتي آهي ته ظلم ۽ وحشي حڪومت کي تون اسلامي حڪومت سڏي، الله جي غضب کي دعوت ڏيندو رهيو آهين. ياد ڪر اهي ڏينهن جڏهن تنهنجو استاد محترم ۽ منهنجو سنڌي ٻيءُ توکي اهو سبق ڏيندو هو ته اسلام ڇا آهي، سلامتي ڇا آهي، عدل ڇا آهي، احسان ڇا آهي! مون ٻڌو آهي ته تو انصاف لاءِ کو گهنڊ ۾ ٻڌايو آهي ته جيئن فرياد تنهنجي ضمير کي بيدار ڪري، تو کان انصاف جا طلبار ٿيڻ!

"پر واقعي الله سائين ڪن ماڻهن جي دلين تي مهرون هڻي ڇڏيون آهن، سندن اکين تي پردا ۽ ڪنن ۾ ٽاڙيون وجهي ڇڏيون آهن. جيڪڏهن ايئن نه هجي ها ته سنڌ جو فرياد ضرور ٻڌين ها! ياد رک ته سنڌ جي فرياد عرش کي ڪنبائي ڇڏيو آهي: ستن آسمانن ۾ اهو فرياد ٻڌي رهيو آهي. فرشتا به الامان ۽ الحفيظ چوندا رهن انهيءَ فرياد کان ته متان الله جو قهر جوش ۾ اچي، هن سموريءَ ڪائنات کي پسمر نه ڪري ڇڏي! پر نه ٻڌو ته تو نه ٻڌو، نه ٻڌو ته ظالمن، غاصبن، بدنيت مغلن، بي‌ضمير ترخانن نه ٻڌو! پوءِ آءٌ ڪيئن نه چوان ته تنهنجي دل تي الله جي طرفان مهر لڳل آهي!"

لفظ ٿتل ٿيهي وانگر سمورن ماڻهن جي روحن تي ڪرندا رهيا. گهڻن ماڻهن جي اکين مان، نه چاهيندين به لڙڪ لڙي ٻيا هئا. ڪن شهزادين جا سڏڪا به ٻڌڻ ۾ پئي آيا!

"رهي ڳالهه سزا جي! سو، مون ته ٻاڻ کي اڳي ئي سزا ڏيئي

چڏي. تو کي خبر کانهي ته سڀ کان وڏي سزا آهي! اسين سڀ چوندا آهيون ته اسين ۾ ماڻهپو نهيل آهيون، ۽ ۾ ۽ بئيون بڌجي سموري دنيا کي سوڀ، پيار، عافيت، سچائي ۽ ماڻهپو پهچائيندا رهيا آهيون. پر ان جي سزا اها آهي ته اسين سڙندا وگهرندا ٿا رهون. سو تون کهڙي سزا ڏيندين؟ چا ۾ حيان وگهڙ کان وڏي کا سزا آهي؟

"اسين سزا جا مستحق ته تڏهن کان آهيون، جڏهن کان اسان ۾ ماڻهپو آبو آهي. آ، منهنجو بابو مرحوم ۽ پيا ب ڪترا برابر وڏيڪ سزا جا مستحق آهن، جو اسان اهو سمجهيو ته قندارِ بکهڙن، ارغونن ۽ ترخانن جي مقابلي ۾ مغل چگتا آهن چو جو هو شايد وڏيڪ تهذيب يافته آهن ب شايد ان کري جو جلال‌الدين اڪبر جي پيٽ ۾ سندوءَ جو پاڻي پيو هو. ان جي سزا اسان کي ضرور ملڻ گهرجي ته اسان بکهڙن جي سوڻن ماسانن کي بکهڙ نه سمجهيو. اسان کي سزا ضرور ملڻ گهرجي ته اسان شاهه بيگ يا مرزا محمد باقيءَ کان جلال‌الدين اڪبر ۽ سليم جهانگير کي بهتر سمجهيو جيتوڻيڪ بنهي ۾ ڪوبه فرق ڪونه هو. شاهه بيگ جي چولي ۾ جلال‌الدين اڪبر آيو ۽ مرزا باقيءَ جي چولي ۾ جهانگير ويٺو آهي!"

ماڻهن جو ساهه روڪجي ويو. اڪر وچ جيان ڪوندا وڃ. هنن جي روح کي لهسائيندا ويا. عجيب ڪاهه اها هئي ته کنهن کي ب ڪاوڙ نه ٿي آئي. شرمساريءَ جو هڪڙو عجيب احساس هر جيڪو کنهن کوهيري جيان ماڻهن کي ويڙهيندو ويو.

"تون چوندين ته آ انصاف ڪونه ٿو ڪريان! ممڪن آهي ته ائين هجي. شاهه بيگ سڀني نياڻين جا ٿڻ ڪپايا، مرزا باقيءَ سڀني سٽن ۾ ٻليون وجهايون، ۽ جهانگير ٻئي ڪم ڪيا: هڪ ٿي وقت سڀني ٿڻ ڪپايا ۽ پوءِ سڀني چولن ۾ رت چٽ لاءِ جهنگلي ٻليون وجهايون! مرزا باقيءَ سڀني کي هاٿين جي پيرن هيٺان چيٽاڙي ماريو؛ جهانگير سڀني کي ٻن شهزور گهوڙن جي ٻڌن ۾ ٻڌي چيراڻي ڇڏيو! ارغونن ۽ ترخانن سڀني کان ٽ‌شر ۽ خمس جي نالي ۾ ڦرلٽ ڪئي،

۽ هاڻ جهانگير سندين سان عدل جي نالي ۾ اڏو اڏ جو حصيدار آهي.

"ارغونن ۽ ترخانن سندين کي زوري، فارسي ٽي پڙهائي ته سندي ۽ سندن اسلام جي خدمتن کي سمجهي سگهن. گهٽ ۾ گهٽ هنن سندي پڙهڻ کان منع ڪانه ٿي ڪئي. مغلن سندي پڙهڻ کي ڪفر جو درجو ڏيئي، سندي مدرسن کي ٽي بند ڪري ڇڏيو آهي. جيڪي مدرسا باقي آهن، تن جا مهتمم مون وانگر جهانگير جي دربار ۾ سزا لاءِ پيش ٿين ٿا ته اسين مملڪت اسلاميه تيموريه خلاف سندين کي بغاوت لاءِ ٿا اڀاريون! ارغونن فارسي نه پڙهڻ تي اسان جون زبانون ٿي ويون، ۽ جهانگيري عدل ۽ انصاف تحت اسان جون زبانون سندي پڙهڻ جي ڏوهه ۾ ڪپيون ٿيون وڃن!

"ها، برابر، ممڪن آهي ته اڄ مغلن سان انصاف نه ڪندو هجان! اهو انصاف مون جهڙن بدبختن اڳي به ڪونه ڪيو ۽ اسان مغلن کي ارغونن کان بهتر سمجهيو جيتوڻيڪ هو شايد انهن کان بهتر نه پر بدتر هٿا! سو ان ڏوهه لاءِ به اسين سزاوار آهيون."

دربار ۾ سڪوت ۽ سناٽي جو عالم هو. سيني جي دل ۾ هو ته جهانگير هن کي چو نٿو خاموش ڪرائي. ساڳئي وقت سندن دل جي هڪ ڪنڊ ۾ اها آرزو هئي ته هو گهالهائيندو رهي، سندن روحن کي اٿين ٿي سنگسار ڪندو رهي.

"اي هندستان جا بادشاهه، تون اسان کي ان کان وڌيڪ کهڙي سزا ڏيندين ته اسين تنهنجا غلام آهيون. غلامي سڀ کان بدصورت، سڀ کان سنگين سزا آهي. جيڪڏهن اعتبار نه اچئي، ته هنن حبشين کان پڇي ڏس، هنن کنيزن ۽ ٻانهين کان پڇي ڏس! سندن روح ۾ ايڏا زخم آهن، جو جيڪڏهن ڪڏهن هو بيدار ٿيا ته اوهان مان هڪڙي هڪڙي مغل کي، هڪڙي هڪڙي ارغون ۽ ترخان کي، اٿين چيري ڦاڙي ڇڏيندا، جيئن تيمور، بابر، شاهه بيگ ۽ ٻين هنن جي ابن ڏاڏن کي چيريو ڦاڙيو هو! ڏسو انهيءَ ڏينهن کان جڏهن غلامن ۾ غلاميءَ خلاف نفرت جوجبل ڦاٽي، سندن روح کي ڏاري، اٿون اٿيون ڪري ڇڏيندو!

"سنڌين جي روح ۾ به هاڻي هرندڙ جبل ڦاڻي پيو آهي. سندن روح اڻا اڻا ٿي وبا آهن. سنڌي جيڪي ماکيءَ کان مٺا مانهو هٿا سي اڄ زهر کان بـ وڌيڪ ڪڙا ٿـي پيا آهن. سنڌي، جن سڄيءَ انسانذات کي تهذيب سان نوازيو هو، سي اڄ غير مهذب ٿي رهيا آهن. سنڌي، جن کي پيار کان سواءِ ٻئي ڪنهن جذبي جي ڄاڻ ڪانه هئي، تن ۾ هاڻ نفرت جا ڙاهه، دکي پيا آهن. سنڌي، جيڪي هر آئي جو آدرياءُ ڪندا هٿا، سي هاڻ پنهنجن کان به چرڪڻ لڳا آهن. سنڌي هاڻ غلاميءَ مان اهڙا عاجز ٿيا آهن جو ڪنهن به نالي تـي غلامي قبول نہ ڪندا، پوءِ ڪٿي اها غلامي اسلام جي نالي ۾ هجي يا ويندي الله جي نالي ۾! هنن لاءِ هاڻ هـر ڏاربون اوپرو آهي. هو هاڻ ڪنهن جي لاءِ به مهر ۽ چڱائيءَ جا جذبا رکڻ جي عياشي نٿا ڪري سگهن: هـاڻ هـو انسانن منجهان محض ساهوارا بڻجي رهيا آهن ـــ چا انهيءَ کان ڪاوڙي سزا ڪنهن قوم کي ڏيئي سگهجي ٿي!

"۽ جهانگير، آءٌ نہ رڳو تنهنجو باغي آهيان، پرهر ڏارئين جو باغي آهيان جيڪو سنڌ کي غلام بنائڻ جو سوچيندو؛ آءٌ ان اسلام جو به باغي آهيان جيڪو مغل- اسلام جي نسالي ۾ خدا جي خلق سان بيداد ڪندو وتي. سو آءٌ، پنهنجي، جهانگيري عدل جو مان رک، مون کي سزا ڏي. ڪهڙي سزا تجويز ڪندين منهنجي لاءِ؟ آءٌ واجب‌القتل نہ ان ڏينهن کان آهيان جنهن ڏينهن کان سنڌي هجڻ جو احساس مون ۾ ڪَرَ موڙي جاڳي پيو هو. پر قتل نہ نهايت معمولي سزا آهي. منهنجو موت نہ پاڻ منهنجي لاءِ چوٽڪارو ثابت ٿيندو. هي منهنجون اکيون، هي منهنجو روح هاڻ وڌيڪ وقت سنڌ کـي غلام ڏسڻ نٿا گهرن، سو اهـا تـه تنهنجي مون مٿا نيڪيءَ احسان ٿيندو جيڪڏهن مون کي موت جـي سزا ڏين؛ منهنجي رڳو هڪڙي آخري خواهش آهي، روح جي آرزو آهي، منهنجي سموري وجود جي التجا آهي تہ مون کي سزا ڏي، موت جي سزا، پر هتي نہ! مون کي سنڌ جي ڌرتيءَ تي ٽياس تي لٽڪاءِ! ائين جيئن مرزا باقيءَ آخونڊ صالح کي ٽياس تي لٽڪيو هو! گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي ڌرتيءَ جي

هنج ته ملندیم: مرڻ وقت ماڻهه حيجل جي هنج نصيب ٿئي ته ان کان وڌيڪ ٻيو کهڙو بابرڪت موت ٿي سگهندو! سو سيکهه ڪر، متان.... متان....!"

ماڻهن ٻوڌ هڪڙو سڏڪو ٻڌو. هنن ايئن محسوس ڪيو جڻ ته آسمان کان سڏڪو نڪري ويو، جڻ ته خدا کان سڏڪو نڪري ويو هو! ماڻهن کان اوچنگارون نڪري ويون. ڪيترين شهزادين ۽ امیرزادين منهن ويڙهي، اندر طرف هليون. ۽ پوءِ ماڻهن ڏٺو ته جهانگير آٿي ٻيٺو: هن جي اکين ۾ لڙڪ هئا. هو به سڏڪا پري رهيو هو، ۽ هيٺ لهي هن کٿي حافظ بلال کي ٻاڪر وڌو.

"بلال، اسان کي معاف ڪر! اسان کي خبر نه هئي ته اسين ايڏا بد بخت آهيون. اسان پنهنجي مٿن مستيءَ ۾ اهو سمجهندا آياسون ته اسان رعيت کي امن ۽ سلامتي ڏني آهي، پر اسين برملا اعتراف ٿا ڪريون ته اسين تنهنجا ڏوهاري آهيون، اسين سڏ جا ڏوهاري آهيون. اسين سواءِ ان جي ٻيو چا ٿا ڪري سگهون ته سڏ کي آزادي ڏيون. اعتماد الدوله، هڪدم فرمان جاري ڪيو وڃي ته عيسيٰ خان ثاني سيوهڻ مان هڪدم ٿئي پهچي، سنڌين ۽ اسان ۾ صلح ڪرائي، ۽ رستم بيگ پنهنجي فوج سان لاهور پهچي، ۽ حافظ بلال جنهن لاءِ چوي، سڏ جي صوبيداري ان جي حوالي ٿئي!" ❁

وريام جي روح ۾ کهرام مچل هو: هن ايئن محسوس ڪيو جڏ هو ۽ هن شهزور گهوڙن جي وچ ۾ هڪ ٻئي گهوڙا هڪٻئي جي ابتڙ ڇڪي هن کي چيري ۽ اڏ ڪري رهيا هئا. هڪڙي طرف سنڌ هئي، ٻئي طرف نوري هئي. سنڌ کي هن جي ضرورت هئي، ۽ نوريءَ کي به ته هن جي ضرورت هئي! متان مون کي ته نوريءَ جي ضرورت ڪانهي؟ اهو سوال هن جي ذهن ۾ پونڪپ جيان ڏڏڻ لڳو!

هو تهڪانا ڏيندو، محل سراء جي هيٺان اچي پهتو هو. جيڪڏهن محل اندر پهچي ۽ ويو تڏهن ۽ نوريءَ کي الائجي ڪٿي رکيو هوندائون. هڪڙي پهريدار کان خنجر جي نوڪ تي هن سڀ پار پتا ته پڇيا هئا ۽ مغل محلسراء کي اندران هن ڪڏهن ڏٺو ڪونه هو، ۽ وري به دل کي اهو ڏيڊ ڏيندو رهيو ته اندن وڃي ملتان لڏو، سو آڳ ۽ پنهنجي سڙل تي ضرور رسندس. پنهنجي پويان هلڪو ڪڙڪو ٻڌي، هو چپ هڻي ٽمهي رهيو. ڪا ڪنيز پنهنجي ٻارهان سرگوشيون ڪري موٽي رهي هئي. اهوئي موقعو هو، هن سوچيو. هو ٻاهر ۽ پير هلندو اچي متانئن ڪڙڪيو. ڪنيز جو ساهه سڪي ويو. "آقا، رحم، خدا جي واسطي مون تي رحم ڪر!"

"ڇڄ نه، آڳ تو کي ڪوبه ايذاء ڪونه ڏيندس. رڳو مون کي سنڌي ڪنيز جي حجري تائين پهچائڻ ۾ مدد ڪر!"

ڪنيز گهڙيءَ لاءِ دل من هنيو، ۽ پوءِ پنهنجي پويان اچڻ جو اشارو ڪري اڳيان ٽي. ڪيترائي مرحلا ٽپي، هو هن کي نوريءَ جي حجري تائين وٺي آئي.

"هاڻ ته، مون کي ڇڏ. اهو خنجر ته هٽاءِ!" ڪنيز منٽ ڪندي چيو.

پر هن رگهو هٿ جي اشاري سان کيس اندر هلڻ جو اهڃاڻ ڏنو. سامهون پلنگ تي کا زائفان اڇي چادر تائيو ستل هئي، ۽ هڪڙي ڪنيز نماز پڙهي رهي هئي. هن کي ڏسي، هن سلام ورايو. هن جي اکين ۾ اٿاهہ درد جو دريا چولين هڻي رهيو هو. لڙڪ سندس ڳلن تي سڪي ويا هئا.

"وريام، تو کي ڏاڍي دير ٿي وئي!" هن مصلي تان آڻندي چيو.

"چو؟ ڇا ٿيو؟" هن ڪجهہ نہ سمجهندي چيو.

هوءَ ٻہ قدم ڪڍي پلنگ تائين آئي، ۽ نوريءَ تان چادر هٽائي چڏيائين. وريام نوريءَ ڏانهن ڏٺو: ان مرڪ کي ڏٺو، جيڪا هن جي ڇپن ٿي وقت حمان جمي وئي هئي. هن سندس بند اکين ڏانهن ڏٺو. هن اڃان محسوس ڪيو ڇڻ تہ جيتوڻيڪ هن جون اکيون بند هيون پر هوءَ کيس ڏسي رهي هئي، ۽ سندس اکيون ڪليل هجڻ جي باوجود اندريون هيون. هن جي روح اندر ڪا شيءِ ڀڄي پورا پورا ٿي وئي، ۽ هو گهڙيءَ لاءِ پلنگ جي ڪند تي ويهي رهيو.

"هن جي آخري خواهش اها هئي تہ تون سندس مونٿي وڃ، سندس ڪي تنهنجي ضرورت آهي. ڇپائين، ڇڪجانس تہ سندس ڪي پرتين!" هن اکيون ڪڍي ڪنيز جي منهن ۾ نهاريو، جنهن جي اکين ۾ درياهہ وهي هليو هو.

"۽ ٻڌ وريام: مغلن تي ڪوبہ اعتبار نہ ڪجانءِ! نوريءَ جو سنهن آهي تو کي، مغلن تي اصل پروسو نہ ڪجانءِ، متان نوريءَ کان پوءِ سندس بہ وڃائي ويهين!"

هو آٽيو. چوطرف هن کي هر شيءِ مان نوريءَ جي مرڪ ليڪا پائيندي نظر آئي. هن کي پنهنجو احساس پاڻ سمجهہ ۾ نٿي آيو. نوريءَ جي مرڻ جو اعتبار ڪرڻ هن جي وس کان ٻاهر هو. هن کي اعتبار نٿي آيو تہ انهن اکين ۽ انهيءَ مرڪ وارو ماٿو ڪو لاش بہ ٿي ٿي سگهيو. پر هن نوريءَ جا لفظ سڃاتا. "سندس ڪي پرتين!"

هن جي روح جي رڙ ۾ درد جا ٽوهر جمي پيا. هن جون اکيون بہ پوسڙ لڳهون پر هن کين منع ڪري چڏي. "نہ روئڻو نہ

آهي!" اکين جو روڄ ٻاهر اڇڻ بدران هن جي روح ۾ رڙڻ لڳو. "نه، روئڻو نه آهي!"

۽ جڏهن شاهي قلعي جي دروازي تي پهتو ۽ پنهنجي همراهن سان ملمو ته رڳو ايترو چيائين: "هلو تہ هلون: امن جي ڏرتيءَ ڏانهن جتي جنگ اسان جو انتظار ڪري رهي آهي." ❋

سنڌ ۾ گلابن جي موسم هئي. ڪٽڪون پچي راس ٿيون هيون. سنڌ جا سڀئا پکي ٻه سنڌ واسين وانگر سرها هئا: ڇهه ڇهه لائي ڏني هئائون. ڪونجن جون قطارون ڪنهن ڏورانهين ديس لاءِ آسمين هيون. وڻن تي ٻور ڏسي منجهي پيون هيون، ۽ سنڌ جي سڀني آڪاس ۾ پٽي ڦيريون پاتائون. سنڌ سڄي ڪلارجي پٽي هئي. ماڻهن ۾ عجيب اڻهنگ جذبا ۽ اڌما جاڳي پيا هئا. مغلن جتان ڪتان ٽپڙ ٻڌڻ شروع ڪيا هئا. دريا جي پيٽ ۾ به ٻيڙا لهوارا اچڻ بدران اوپارا چڙهڻ لڳا هئا. انهن کي ڪنهن به ڪجهه نٿي چيو. جيڪي قافلا اتر پٽي ويا، تن کي به ڪنهن ڪجهه ڪونه ٿي چيو. نٿي ۾ مغل سودا گرن پنهنجو مال ۽ مڏيون وڪڻڻ لاءِ سنڌين سان گهالهائڻ شروع ڪيو. پر سنڌي اهو سودو ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. ڪن ترخانن کي ڪوڏيون سوديون هيون. الائجي ڇو ترخان به ڏنل ڏنل هئا. سنڌين کي سامهون اچڻ کان لهرائڻ لڳا هئا. نٿي ۾ افواهه هلي رهيا هئا ته رستم بيگ کي به ڪوچ ڪرڻ جو فرمان ملیو آهي.

ساموئيءَ جي ميدان ۾ به مغل چانوڻين ۾ بنهه مات هئي. ايئن ٿي پانيو چڪ ته هو دل من هڻي رهيا هئا ته سنڌين کي صلح جي آڇ ڪجي يا نه. سندن ابتر و نقصان ٿيو هو، جو وڏيڪ ماڻهو مارائڻ ۽ اجاڙ هو. گهالهه رکو اها هئي ته جيڪڏهن لشکر پوئتي موٽ ڪاڏي ته سنڌي نٿي ڄاڻين کين لٽيندا ويندا. هنن هڪ ٻه پيرو ايلچي موڪلي خبر چار وٺڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته سنڌي کهڙن شرطن تي صلح ڪندا. آڻان فقط هڪڙو جواب ٿي آيو. "مغل سنڌ ڇڏي وڃن. رستم بيگ مغل سلطنت پاران آڻ مڃي ۽ شڪست کي تسليم ڪري!"

سانوڻ ۽ پيرو وري سموري ميدان جو چڪر هڻي آيو. هن جي ڏاڙهي وڏي وٻي هئي: هن کي سونهاري ڏاديءَ ٿهي ڏني. همراهن کي ساڻس رکو اها شڪايت هئي ته هن کي هفتا ٿي ويا هٿا پر آرام نٿي ڪيائين، نه ٿي هڪ هنڌ ٽڪي ڪي ٻه گهڙ ٿي ڪاڏائين هڪڙي چيڙي کان ٻئي چيڙي تائين ويندو ايندو ٿو رهي.

"يار، اٿين ته ٿون پاڻ کي اڳهو ڪري وجهندين!" يارل کيس منٽ ڪندين چيو هو.

"ادل، هاڻ اڳهائيءَ جو وقت ويو: هاڻ ته سنڌ سڳهي ٿي آهي، سو آءٌ ڪٽي ٿو اڳهو ٽيان!" هن کلي ڳالهه ٽاري ٽي چڏي.

اڄ ٻه جڏهن سنگت گڏ ٿي، ته پهرين سيني اهائي ڳالهه ڪئي. پر هو وري ٻه لنوائي ويو. "اڄ ته سنڌ جي ڳالهه ڪريون. سياڻي ڏڻو ويندو! منهنجي صلاح آهي ته هاڻ مغلن ۾ دم نه رهيو آهي. ڪو نغارو وڄائي، متن حملو ڪريون ۽ آخري فيصلو ٿي وڃي!"

سيني جي اها راءِ هئي، ۽ فيصلو اهو ٻيٺو ته ٽاڪ منجهند جو جڏهن سج نيزي تي اچي، تڏهن نوبت وڄائجي. اڳيان سانوڻ جو جٿو هوندو، جنهن ۾ هزار ڪن همراهه هوندا. ڪاپي ساڄي کان ٻيا جٿا هوندا. پر پٺ خالي نه چڏبي. اتي وارا همراهه سامهون تيار رهندا متان.... متان ترخان کا حرڪت ڪن.

هو اڃا اٿڻ ٿي هٿا ته گهوڙي جي ٽاپڙ ڪنڌ ٿي پين. سندن ٿي خابرو هو.

"جيئي سنڌ!"

"سدا جيئي!"

"جيئندا، ڏي خبر!"

"سانوڻ، ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي پر مرزا عيسيٰ ترخان ثاني لشڪر سان ٻيو اچي. اڏو اڏ ترخان آهن، ٻيو اڏ مغلن جو آهي. ترخان سيوهڻ کان لٽا آهن. مغل بکر جا ٽا ڏسجن!" جيئندي هيڪندي چيو.

"انهيءَ ۾ سمجهه ۾ نه اچڻ واري ڪهڙي ڳالهه آهي. ترخانن سمجهيو آهي ته مغل پورا ٽيا پيا آهن. سندين ۾ شايد وڙهڻ جو دم ڪونه رهيو هوندو، سو موقعو اهوئي اهي ته سڏ ٿي وري قبضو ڪريون!"

"سو ته برابر، پر...." جيئندو وري به منجهي پيو.

"پر چا؟...." سانوڻ ٽورو ورچي چيو.

"جهنڊو اڇو ڦڙڪائيندا اچن، ۽ حافظ بلال ڳڏ ايندا!" جيئندي کي ايڏا به پنهنجي ڳالهه تي يقين نٿي آيو.

"هان! سو وري ڪيئن؟" سيني کان دانهن نڪري ويئي.

"پيلي، ڳالهه ته ڏاڍي ڳري ٿي. پر خير، نورل پويون محاذ مضبوط رکجو. اڳئين محاذ مان به پنج هزار ڪن همراهه پوئين محاذ تي موڪلجو. اصل ڪنهن بنه قيمت تي، عيسيٰ ترخان جا ماڻهو پنهنجو سنڌو نه ٿين: جيڪو ٿيو، سو وري جيئرو نه موتي!" سانوڻ سختيءَ سان چيو.

هو به منجهي پيو. حافظ بلال تي شڪ ڪرڻ ٿي هن جي دل اصل مڃي ٿي نه. پر حقيقت اکين ۾ پئي گهوريو. هن نڙي سڏ جي مٽيءَ مان ٻڪ پري، ڪيس چمي، پنهنجي وارن ۾ وهائي ڇڏيو. "الله سائين، منهنجي مٽيءَ سڏ کي امان ۾ رکجانءِ!"

ٿوري دير ۾ ڪاڪو گذري ته حافظ بلال به اچي لٿو. سانوڻ کا گهڙي سنڌس اکين ۾ نهاريندو رهيو. سنڌس اکين مان اعتبار هليو ويو هو. هو اڃڻي نه وڌيو ته حافظ بلال جي دل روئي ڏني.

"سانوڻ، پاڻو، مون ۾ ٿو شڪ آئين؟" حافظ جي روح مان رڙ نڪري وئي.

"حافظ، معاف ڪجانءِ، پر هاڻ اسين آتي پهتا آهيون، جتي ٽوري ڇڪ به سڏ کي وري غلام بڻائي ڇڏيندي! سو پلائي ڪري، ٻڌاءِ ته تون مغلن ۽ ترخانن سان ڪيئن؟" سانوڻ ڪوشش ڪئي ته رکو نه ٿئي. پر رکائيءَ کي روڪي نه سگهيو.

"آفرين آهي توتي، سانوڻ! آڃ تو کي ميار ڏيان ته شل ڪنو

ٽي مران... تنهنجو شڪ بجا ٻه آهي، ۽ ضروري ٻه آهي....! پر...."

پوءِ هن سڄي سٽ کي سربستي گهالهه ڪري ٻڌائي.

"عيسيٰ خان رکو مرزا رستم بيگ کان سنڌ اسان جي حوالي ڪرائڻ جو پروانو لکائي ڏيندوءِ لشکر هن ان ڪري آندو آهي ته مغل شهنشاهه خلاف بغاوت ڪن جڏن قندار ۾ ٽيو هوا!"

اڏاڏ ماڻهن آڻي حافظ کي پاڪر وڌا، پر الائي ڇو سانوڻ جي پاڪر ۾ اها گرمجوشي ڪانه هئي.

"تون چئين ٿو ته پوءِ اعتبار ڪرٽو ٿو ٻوي!" سانوڻ اها ٻه بي‌دليو ٽي چيو.

صلاح اها ٻيٽي ته ڏهاڪو همراهه سانوڻ ۽ حافظ بلال سان گڏجي، اڏ پنڌ تي رستم بيگ ۽ مظفر خان وارن سان گڏجاڻي ڪندا. عيسيٰ خان ترخان جي اڳيان رستم بيگ سنڌ جو پروانو لکي ڏيندو. سانوڻ سنڌ پاران مغلن کي امان ڏيڻ جو پروانو ڏيندو. پوءِ مغل لاهور وڃڻ جون تيارپون ڪندا ۽ عيسيٰ خان ترخان مغلن سان گڏجي ملڻي ويندو. سانوڻ پنهنجا همراهه چونڊي، ڏورو ڏٻي مٿي آيو ته هڪڙي پاسي کان رستم بيگ ۽ مظفر خان ٽي آيا ته ٻئي طرفان عيسيٰ خان پنهنجي جهنڊي سان ڪجهه ماڻهن سان ٻئي آيو.

سلام دعا کان پوءِ گهالهيون هليون. سانوڻ جو چوڻ هو ته مغل ڪٿي ملڻي نه وڃن. رستم بيگ جو چوڻ هو ته مغلن جا مال ملڪيتون ڪٿي ۾ هيون، انهن کان سواءِ هن جون حويليون به هيون، سندن حرم ۽ ڪنيزون هيون، تن کي پويان ڪونه ڇڏيندا. گهالهه ته برابر جائز هئي، پر سانوڻ اصل نه مڙيو. نيٺ عيسيٰ خان وچ جو رستو ڪڍيو ته مغلن جا فقط ٻه دستا ڪٿي ويندا، ۽ عيسيٰ خان جا لشڪري کين قافلن ٽاهڻ ۾ مدد ڪندا.

"اوهان جا گهٽا لشڪري ويندا ڪٿي؟" سانوڻ عيسيٰ خان کان پڇيو.

عيسيٰ خان سانوڻ جي گهور کان اکيون بچائيندي چيو: "گهٽا نه، فقط جيترا ضروري هوندا: اڇو هيترا....!" هن هڪ طرف

اشارو ڪيو.

هن جي ان اشاري تي هزارڪن ترخان گهوڙيسوار، پالا هٿن ۾، برق رفتاريءَ سان هنن ڏانهن وڌندا آيا. حافظ گهوڙن جي ٽاپڙ ٽاپڙ ٻڌي، اڳي ٻيهي رهيو تہ سامهون هڪڙي ترخان پالو سندس پيٽ ۾ ڏنبي ڏنو. مغل ۽ ترخان سنڌين تي پالا ٽاڪي ٻيهي رهيا.

سانوڻ اڃا ڪجهہ فيصلو ڪري، آن ڪان اڳ ۾ ٻئي پاسي ڪان ويهاروڪن سنڌي گهوڙن تي نمودار ٿيا. هڪڙو پالو هنن جي اکين اڳيان رستم بيگ جي سيني ۾ ڏنجي ويو، ۽ هو دانهن ڪري ڪري ٻيو.

"سانوڻ، پاڻ سان دولاب ڪيو اٿن.... سنڌ تي قربان ٿي ويندا سون پر سنڌ کي مغلن يا ترخانن وٽ وري غلام بنجڻ نہ ڏيندا سون....!" وريام رڙ ڪئي.

هڪڙو ٻيو پالو عيسيٰ خان ترخان جي نڙ گهٽ ۾ ڪپي ويو. سانوڻ ۽ سندس همراهہ ٻہ هٿيار ڪيڊي پنهنجي سامهون ٻيٽل مغلن ۽ ترخانن سان مقابل ٿيا. مغلن سمجهيو هو تہ ترخان شهسوارن کي ڏسي سنڌي هيسجي ويندا. پر هيلوڪا سنڌي هيسجڻ وارا ڪونہ هٿا.

سانوڻ کي ڇڻ تہ جڻ پٽجي ويو. هن جو پالو ايٿن ٽي ڪڙڪيو ڇڻ تہ منجهس ڪنوڻ لهي پئي هئي. سانوڻ جا همراهہ بہ مڇيل جنگجو هٿا. وريام ۽ سندس همراهن کي ڏسي، هنن جي دل ٻڌي ٽي ويئي. ترخانن جا شهسوار جيسين پهچن تنهن ڪان اڳ رستم بيگ ۽ عيسيٰ خان سان آهل سمورا مغل ۽ ترخان ڪري پيا هٿا. وريام سانوڻ جي سائين کي ٻيلهہ چڙهڻ جو اشارو ڪري، گهوڙن کي موڙو ڏنو. هرڪو سنڌي وريام جي ڪنهن نہ ڪنهن سائيءَ جي گهوڙي تي ٻيلهہ چڙهي ٻيو، ۽ ٻوءِ ترخان سوارن جي نظرن جي اڳيان هو ڊورو لهي ويا.

هو اڃا پنهنجي پاسي لڳا تہ جنگ جي نوبت وڳي.

"سانوڻ، آءٌ تہ ڪو فيصلو ڪري وجهون. تون مغلن وارو پاسو سنڀال، ايئن ٿيئن پاسي ترخانن کي ٽا پچون. هونئن ٽي لابارن

جا ڏينهن ويجها آهن!"

"بسم الله، دلبر بسم الله: جيئي سنڌ، جيئرا رهياسون تہ آزاد سنڌ ۾ ساهہ کڻنداسون، نہ تہ پرتاسون سنڌ کي!" سانوڻ حجت ڪري چيو.

۽ پوءِ رڻ ۾ راڙو ٿيو. سنڌي هڪ پاسي مغلن سان وڙهيا تہ ٻئي پاسي ترخانن سان. سانوڻ، وريام، نورل، حڪرو، جيوڻ، بارل، سنگهار تماچي ۽ سوين هزارين سوديا ايٿن تي وڙهيا ڇن نہ جيڪڏهن اڄ نہ وڙهيا نہ پوءِ ڏاڙهاب ٿي پوندا. مغل ۽ ترخان ايٿن تي ڪريا ڇن تہ منجهن لاڙو پنجي ويو هو...

۽ پوءِ سڄ لهن تي سڄو آسمان خون جو رنگ وڏي ويهي رهيو: ان شفق ۾ سنڌ جو ست رنگو اڀلڻي جهنڊو ايٿن ٿي جهولیو ڇن تہ سنڌين آسمان تي جهنڊو کوڙي چڏيو آهي. ❋ ❋

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ڪتاب

٠١	بين‌الاقوامي قانون ۽ تنظيم	فيروز احمد (ختم‌ٿيل)
٠٢	جيل ۾ ٢٢ مهينا (پاڳو ١)	طارق اشرف (ختم‌ٿيل)
٠٣	اڌ ملاقات (خطّ)	طارق اشرف (ختم‌ٿيل)
٠٤	جيل ڪهاڻيون جن سان	طارق اشرف (ختم‌ٿيل)
٠٥	جيل ۾ ٢٢ مهينا (پاڳو ٢)	طارق اشرف (ختم‌ٿيل)
٠٦	زندگيءَ جو تنها مسافر(ڪهاڻيون)	طارق اشرف (ختم‌ٿيل)
٠٧	٤- مارچ ۽ سنڌي جوڌا	— ٢٠/-
٠٨	بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون	— (ختم‌ٿيل)
٠٩	اونداهي ڏرتي روشن هٿ (ناول)	آغا سليم ٤٥/-
١٠	رات منهنجي روح ۾	غلام نبي مغل (ختم‌ٿيل)
١١	٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (پاڳو ١)	— (ختم‌ٿيل)
١٢	ٽڏا چپ (ڪهاڻيون)	ايشورچندر (ختم‌ٿيل)
١٣	وايون وڻجارن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ (ختم‌ٿيل)
١٤	٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون(پاڳو٢)	— (ختم‌ٿيل)
١٥	بندر بازاريون (سفرنامو)	الطاف شيخ (ختم‌ٿيل)
١٦	ٽڪليون (خاڪا)	عبدالقادرجوٽيجو (ختم‌ٿيل)
١٧	بادگار ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار (ختم‌ٿيل)
١٨	لين دنيا جون ڪهاڻيون	ولي‌رام ولپ (ختم‌ٿيل)
١٩	عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون	— (ختم‌ٿيل)
٢٠	دل اندر درياوَ (ڪهاڻيون)	مدد علي سنڌي (ختم‌ٿيل)
٢١	دل جو بندر (ناول)	ائورل آئيويس/نصير اعجاز (ختم‌ٿيل)
٢٢	رهيل قرض (ڪهاڻيون)	ظفر حسن (ختم‌ٿيل)
٢٣	درد جي خوشبو (ناول)	قاضي خادم (ختم‌ٿيل)
٢٤	ڪنهن سان سور سليان	مرتب: فيروزاحمد (ختم‌ٿيل)
٢٥	فڪر جي آزادي	آسٽيفن زويگ/ابراهيم جويو (ختم‌ٿيل)
٢٦	منهنجوساگر، منهنجوساحل (سفرنامو)	الطاف شيخ ٣٠/-
٢٧	غلامن جوپيڙو(ناول)	ايرڪاربر/دوست محمد پٽي (ختم‌ٿيل)
٢٨	سي ٽي جوين ڏهنهن (سفرنامو)	الطاف شيخ ٥/-

۲۹. عاشي(ناول) هينري رائڈر هڪگرڈ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
۳۰. سي ٻڙبون رکين ٻاجهه سين (سفرنامو) الطاف شيخ -/۲۰
۳۱. سڏارت (ناول) هرمن هيس/فضل احمد بچاڻي -/۲۰
۳۲. جپان رس (کهاڻيون) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۳۳. روح جي ڪولا (ناول) مترجم: فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
۳۴. درد جا ڏينهن، درد جون راتيون طارق اشرف (ختم ٿيل)
۳۵. سانباهو سموند جو (سفرنامو) الطاف شيخ -/۵۰
۳۶. سورج هوندي مرجهابل(کهاڻيون) نجم عباسي (ختم ٿيل)
۳۷. آسيه (ناول) هينري رائڈرهڪگرڈ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
۳۸. قلندر (کهاڻيون) قرت‌العين حيدر/مدد علي سنڌي (ختم ٿيل)
۳۹. الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۴۰. سزا جا سڪ آسڪر وائلڈ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
۴۱. بهترين سفرنامه الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۴۲. للڪار(کهاڻيون) نجم عباسي (ختم ٿيل)
۴۳. ٽڪل‌سريت(کهاڻيون) البرتوموراوبا/وليرام ولپ (ختم ٿيل)
۴۴. لنڊن تائين لفٽ (کهاڻيون) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۴۵. تصويرجو خون آسڪروائلڈ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
۴۶. حليم شو حليم بروهي (ختم ٿيل)
۴۷. هارن جون آکاڻيون الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۴۸. سچون خليل جبران/فضل احمد بچاڻي -/۲۵
۴۹. سفربورپ جي ڊائري(سفرنامو) قاضي عبدالمجيد عابد (ختم ٿيل)
۵۰. آزادي خاطر (کهاڻيون) مرتب: فيروز احمد -/۳۵
۵۱. چاندي، جون تارون (کهاڻيون) ماهتاب محبوب (ختم ٿيل)
۵۲. سس سدا بهارچنبيلي (ناول) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۵۳ پيار کهاڻي (ناول) نجم عباسي (ختم ٿيل)
۵۴. نيگروعشق ۽ بغاوت ڪرسٽوفرنڪول/نصيراعجاز (ختم ٿيل)
۵۵. شرم هوڻي (ناول) گوبند مالهي (ختم ٿيل)
۵۶. اڪي ايئن هياس (جلد ۱) فضل‌احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
۵۷. هرڪ ڪان بهرين (کهاڻيون) ماهتاب محبوب (ختم ٿيل)

۰۵۸	بلندیون (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٹیل)
۰۵۹	رچ ۽ پاچا (ناول)	موهن کلپنا	(ختم ٹیل)
۰۶۰	مون تو کي پيار کيو (کهاڻيون)	پوپٽي هيراننداڻي	(ختم ٹیل)
۰۶۱	آبل ڙي اولاٽا (کهاڻيون)	علي بابا	(ختم ٹیل)
۰۶۲	شاهه لطيف جي شاعري (جلد II)	تنوير عباسي	(ختم ٹیل)
۰۶۳	آپٽي گهوٽ ته نشا ٽيوٽي (سفرنامو)	لوکرام ڏوڏيجا	(ختم ٹیل)
۰۶۴	موهن جو دڙو (ناول)	علي بابا	(ختم ٹیل)
۰۶۵	ادو عبدالرحمان (کهاڻيون)	امر لعل هنگورائي	۱۲/-
۰۶۶	ڏرتي روشن آهي (کهاڻيون)	آغا سليم	۴۰/-
۰۶۷	دارون هن ديواني جو (کهاڻيون)	نجم عباسي	(ختم ٹیل)
۰۶۸	پيغامبر	خليل جبران/ستار	۲۰/-
۰۶۹	هم اوست (ناول)	آغا سليم	۳۵/-
۰۷۰	اداس وادیون (کهاڻيون)	حميد سنڌي	(ختم ٹیل)
۰۷۱	آئيني جي اکيان	۱۷ ساهتکار	۱۲/-
۰۷۲	چند چنبيليءَ ول (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٹیل)
۰۷۳	لهر لهر زندگي (کهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٹیل)
۰۷۴	اٽون ماڻهو (کهاڻيون)	سراج	۲۵/-
۰۷۵	ٻه ننڍا ناول (ٻه ناول)	آغا سليم	(ختم ٹیل)
۰۷۶	اکي ايٽن هياس (جلد ۲)	فضل احمد بچاڻي	۲۵/-
۰۷۷	رڻ تي رم جهم (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٹیل)
۰۷۸	واٽ ويندي	علي احمد بروهي	(ختم ٹیل)
۰۷۹	مڪليءَ کان ملاکا تائين (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٹیل)
۰۸۰	کهاڻي جو قافلو	نجم عباسي	(ختم ٹیل)
۰۸۱	ساهيوال جيل جي ڊائري	شيخ اياز	(ختم ٹیل)
۰۸۲	سنگاپور ويندي ويندي (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٹیل)
۰۸۳	چند جا تمنائي (کهاڻيون)	آغا سليم	(ختم ٹیل)
۰۸۴	پکٽ سنگهه کي ڦاسي	شيخ اياز	(ختم ٹیل)
۰۸۵	ست ٻوکوسلاوياڻي آکاڻيون	جکٽ آڏواڻي	۱۰/-
۰۸۶	ست کشميري آکاڻيون	اختر محمعدبن/انشوز چندر	۱۲/-

۸۷. ٻن ڇڻ ۽ چند (شاعري) آغا سليم ۱۰/-
۸۸. ڪوالالمپورڪجهه ڪوه (سفرنامو) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۸۹. ڪپر ٽو ڪن ڪري (شاعري) شيخ اياز (ختم ٿيل)
۹۰. سڏن متي سڏڙا علي احمد بروهي (ختم ٿيل)
۹۱. ڪانڊي لوئي فشر/نجم عباسي (ختم ٿيل)
۹۲. پگل ڪنيڙائيون خليل جبران/عبدالله الفائز ۲۵/-
۹۳. ماستر هريامجو بٿڪاڪ وڃڻ.... الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۹۴. ڪي جو ٻيجل هوليو (شاعري) شيخ اياز (ختم ٿيل)
۹۵. سرهي سرهي سار (سفرنامو) ماهتاب محبوب ۵۰/-
۹۶. خط، انٽرويو ۽ تقريرون (پاڳو 1) شيخ اياز (ختم ٿيل)
۹۷. دنگيءَ منجهه درياهه (سفرنامو) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۹۸. ڏيئا تيل ڦليل جا علي احمد بروهي ۴۵/-
۹۹. راج-گهاٽ تي چند (شاعري) شيخ اياز ۸۰/-
۱۰۰. موتي جي مهراڻ جا مرتب: فيروز احمد (ختم ٿيل)
۱۰۱. تلاش (ناول) نجم عباسي (ختم ٿيل)
۱۰۲. لڙهو سج لکن ۾ (شاعري) شيخ اياز (ختم ٿيل)
۱۰۳. ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آڪاڻيون الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۱۰۴. مرڻ مون سين آهه (ناول) سراج ۶۰/-
۱۰۵. پڙاڏو سوئي سڏ (ناول) سراج ۵۰/-
۱۰۶. رات وچ ۾ (ناول) بريٽ هيليدي/فضل احمد بچاڻي ۲۰/-
۱۰۷. ٻڌ جي چانوَ اکي کان گهاڻي (شاعري) شيخ اياز (ختم ٿيل)
۱۰۸. اک سور (ناول) رابندر ناٿ ٽئگور ۵۰/-
۱۰۹. جت جر وهي ٽو جال (سفرنامو) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۱۱۰. رني ڪوٽ جو خزانو (ڪهاڻيون) امر جليل ۶۰/-
۱۱۱. ماسترباڻي (ناول) مترجم: نجم عباسي (ختم ٿيل)
۱۱۲. آکن نيرا ڦليا (شاعري) شيخ اياز (ختم ٿيل)
۱۱۳. منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل (ناول) سراج ۲۵/-
۱۱۴. رڻ ۾ رج جو اتهاس (ڪهاڻيون) نورالهدي شاه (ختم ٿيل)
۱۱۵. انقلابي ماءُ (سوانح حيات) مترجم: آزاد قاضي (ختم ٿيل)

۱۱۶.	ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون	شيخ اياز	-/۵۵
۱۱۷.	جلاوطن (ڪهاڻيون)	نورالهدي شاه	-/۵۰
۱۱۸.	جڏهن مان نه هوندس (ڪهاڻيون)	امرجليل	-/۵۰
۱۱۹.	پونر پري آڪاس (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
۱۲۰.	راهون چند ستارا (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	-/۶۰
۱۲۱.	پادبن جي انڊلڪ	الطاف شيخ	-/۵۰
۱۲۲.	جهڙ نيڻان نه لهي (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
۱۲۳.	وقت وٽيون وڇوٽيون (ناول)	ڪلا پرڪاش	-/۲۰
۱۲۴.	شاه لطيف جي شاعري جلد I،II ۽ III	تنوير عباسي	-/۸۰
۱۲۵.	تنهنجي دنيا، سڀ رنگ سانول (ناول)	سراج	(ختم ٿيل)
۱۲۶.	وڇون وسڻ آئيون (شاعري)	شيخ اياز	-/۶۵
۱۲۷.	وندسرمحل جومسافر (سفرنامو)	عبدالجبارجوٽيجو	-/۲۰
۱۲۸.	ڪالهيون آهن ڪچ (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۵۵
۱۲۹.	روس جو سير (سفرنامو)	جواهر لال نهرو	-/۳۰
۱۳۰.	پنهل ڪان پوءِ ۽ جڳ مڙيوئي سپنو	شيخ اياز	-/۶۰
۱۳۱.	منهن تنين مشعل (خاڪا)	تنوير عباسي	-/۳۰
۱۳۲.	فرينچ انقلاب	مترجم: محمد ابراهيم جويو	-/۸۰
۱۳۳.	علم تحقيق	ڊاڪٽر الهداد هوهيو	-/۷۰
۱۳۴.	انهن ڪٽا (ڪهاڻيون)	موهن ڪلپنا	-/۳۰
۱۳۵.	آپر چند پس پرين (شاعري)	شيخ اياز	-/۶۰
۱۳۶.	منهنجي دنيا مرڪهه ترشنا (ناول)	سراج	-/۸۰
۱۳۷.	اي جرني ٽو ٽائلنڊ (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۷۰
۱۳۸.	پٽڻ ٽو پور ڪري (شاعري)	شيخ اياز	-/۵۰
۱۳۹.	مٺي مراد (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	-/۳۳
۱۴۰.	منهنجو ڏس آسمان ڪان پڇو (ڪهاڻيون)	امرجليل	-/۴۰
۱۴۱.	دنيا پنهنجي ديس پرايا (سفرنامو)	اياز لطيف پليجو	-/۳۰
۱۴۲.	سوزيءَ سان پيار	الطاف شيخ	-/۴۰
۱۴۳.	هينڊو ڏاڙهونءَ گل جڏن (شاعري)	شيخ اياز	-/۶۰
۱۴۴.	خطَ، انٽرويو، تقريرون (پاگو II)	شيخ اياز	-/۶۰

۱۴۵.	ڪوٺ لڪپت جو قيدي	رسول بخش پليجو	-/۱۰۰
۱۴۶.	لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ (سفرنامو)	طارق عالم ابڙو	-/۸۰
۱۴۷.	سنڌو منهنجي ساهه ۾	امر جليل	-/۶۰
۱۴۸.	ٽڪرا ٽٽل صليب جا ۽ واڻون ڦلن چانئيون	شيخ اياز	-/۶۰
۱۴۹.	ڪربلا (ڪهاڻيون)	نورالهدي شاه	-/۴۵
۱۵۰.	تاريخ جو ڪفن (ڪهاڻيون)	امر جليل	-/۴۰
۱۵۱.	رهجي ويل منظر (ناول)	طارق عالم ابڙو	-/۵۰
۱۵۲.	پسي ڪاڙها گل (ڪهاڻيون)	رسول بخش پليجو	-/۴۵
۱۵۳.	دل جي دنيا (ڪهاڻيون)	امر جليل	-/۴۵
۱۵۴.	الوداعي گيت (شاعري)	شيخ اياز	-/۴۰
۱۵۵.	خبرون ڪيڙائن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۵۰

گهرائڻ لاءِ لکندا: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
فون نمبر: 610108 ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

272